

# هستيءَ جو
## گم ٿيل ٽڪرو

مشتاق شورو



”مشتاق شورو پهريون ڪهاڻيڪار هو جنهن سنڌي نوجوانن جي فرسٽريشن کي ڪٽي سنڌ ۾ جديد ڪهاڻي لکڻ جي شروعات ڪئي. هن ڪنهن بہ آدرش، نظريي، ويچار، سوچ ۽ واسطيدار حقيقت ۽ سچ کي ان جي سموريت (totality) ۾ قبول نہ ڪيو. هن جو چوڻ هو تہ، ”هر آدرش، نظريي، ويچار، سوچ، فلاسافي، انقلاب، حقيقت ۽ سچ ۾ تمام وڏا سوراخ هئا، جن مان سڀ ڪجهہ وهي ٿي ويو ۽ وري ساڳيو ورجاءُ ٿيندو رهيو ٿي.“ هن جا ڪردار سجاڳپ وڃائي ويٺل شخص آهن. بيڪار، بي مقصد زندگيءَ جو بار ڍوئيندي اڻ ڄاتي ڊپ ۾ گهيريل آهن. هنن جي لاءِ جيئڻ يا آپ گهات ڪرڻ جي چونڊ جو ڇُپندڙ سوال من کي لوڏيندو ڏونڌاڙيندو رهي ٿو.

مشتاق شوري ”ٽڪل جذبن جو موت“، ”من جي مونجهہ ۽ پوسٽ“، ”هڪ بور ڏينهن“، ”هستي جي ٽٽل ٽڪرن جي وچ مان“ جهڙيون جديد ڪهاڻيون لکي سنڌي ادب کي هڪ نئين سمت ڏني. سندس ڪهاڻين جو خاص موضوع زندگيءَ جي ائبسرڊٽي آهي. انساني وجود ڀڳل ٽٽل آهي ۽ ان جو جيئڻ مقصديت کان خالي ۽ بي معنيٰ آهي. مشتاق جي ڪيترين ڪهاڻين جي عنوانن ۾ ٽٽل زندگيءَ جي احساس مان نڪتل ٽٽل لفظ ڪتب آندل آهي، مثال طور: ”ٽٽل - ڊٺل - ٻهندڙ پاڇولا“، ”ڀڳل - ٽٽل ليڪا“، ”ٽٽل سلسلا“، ”هستي جا ٽٽل ٽڪرا“، ”ٽٽل شيشا، ڀڳل عڪس....“

- شوڪت حسين شورو

”دراصل ڪهاڻي اسان جي وقت جي دائري ۾ سماج جو عڪس آهي. جنهن ۾ اُهو سڀ ڪجهہ ٿيندو آهي جو اسان جي سماج ۾ ٿيندو رهندو آهي. مشتاق شورو بہ پنهنجي آس پاس ۾ ٿيندڙ حالتن کي سوچ جي سُٽ سان اُڻيو آهي....“

- ديوي ناگراڻي

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# هستيءِ جو
# گم ٿيل ٽڪرو

## ڪهاڻيون

ليکڪ

## مشتاق شورو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Hasteeya Jo Ghum Thiyal Tukdho

by Mushtaq Shoro

Edited by Devi Nagrani


| | | |
|---|---|---|
| ISBN | : | 978-81-8060-089-3 |
| © | : | Author |
| Cover Design | : | Praveen Rai |
| First Edition | : | 2018 |
| Price | : | 450.00 |
| Publisher | : | KRITI PRAKASHAN<br>4/32, Ist Floor, Subhash Gali,<br>Vishwas Nagar, Shahdara,<br>Delhi - 110032 |
| e-mail | : | shilalekhbook@rediffmail.com |
| Composing | : | Shilalekh Associates, Delhi |
| Printer | : | B.K. Offset, Delhi-110032. |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# فهرست


ٻه اکر - ديوي ناگراڻي 1
مهاڳ (I ۽ II) - مشتاق شورو 4
1. ٽٽل، ڀڄل - ڀڄندڙ پاڇولا 24
2. پڳل ٽٽل ليڪا 39
3. هستيءَ جي ٽٽل، ٽڪرن جي وچ مان 54
4. هستيءَ جو گم ٿيل ٽڪرو 63
5. جيون جيڪو رڙهي پيو 69
6. ٽڏي باهه 78
7. ٽٽل سلسلا 92
8. لٽيل وڃايل اهم ۽ مزو 100
9. ٽٽل هستي 120
10. منهنجي پيڙا 130
11. ٽٽل شيشا - پڳل عڪس 139
12. رڙهندڙ پيڙهي 155
13. گيديپٽي سان پريل جيون 163
14. بيمار آسن جي لوچ 179
15. جيون جو خاليپڻو 184
16. ٽڪل جذبن جو موٽ 200
17. من جي مونجهه ۽ ٻوساٽ 208
18. ويچار ۽ ويچارن جي وچ ۾ لٽڪيل آءُ 214
19. هڪ بور ڏينهن 221
20. ميرا ڳل، ڳاڙها لڙڪ 229
21. جيون جا روئندڙ ٿڪ 235
22. اوندهه جي وهڪ 241
23. ڪجهه گهڙين جو ائبنارمل 244
24. ٽٽل جيون، ٽٽل آس، پيڙا 247
25. جيون - ڪوڪلو سچ 254
26. مئل ماڻهن جي يومي 259




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# جيون جي رنگن جو اِندر تنُشي ڪولاج
# ”هستيءَ جو گم ٿيل ٽڪرو“

لکڻ فقط لفظن جي عمارت اڏڻ ناهي، انسان جي من اندر متل اُٿل-پٿل احساسن جو اهم ڏُهڻ (منٿڻ)، سوچ ۽ شبدن جي سنگم کي تراشي هڪ مڪمل سروپ ڏيڻ آهي. هتي مونکي همانشو جوشيءَ جي چوٽي ياد ٿي اچي.

”لکڻ پنهنجو پاڻ ۾ هڪ تپسيا آهي.“

اڌوري من سان لکيل ساهت اڌورو ئي ٿو رهجي وڃي پڊرو ٿيڻ ڪانسواءِ...!“

لکڻ جو پهريون شرط آهي ته ليکڪ پاڻ کي پنهنجي وهڪري ۾ وهائي وڃي. اهڙي ئي ڪامياب ڪوشش ڪئي آهي، مشتاق شوري پنهنجي هن ڪهاڻيءَ جي مجموعي ”هستيءَ جو گم ٿيل ٽڪرو“ ۾، جنهن ۾ ٢٦ ڪهاڻيون شامل آهن.

هنن ڪهاڻين ۾ جدا جدا پهلو کڻي ڪردارن جي ماڌيم سان ليکڪ ٻاهر ۽ اندر جي دنيا کي جوڙيو آهي. اُن جي ماڌيم سان من جي اُٿل پٿل، تن جي تنهائيءَ جو عالم، سندس من جي پيڙا، بي دلي، بيبسي، لاچاريءَ جي اِظهار کي سامهون آڻڻ جي پر زور ڪوشش ڪئي آهي.

”هستيءَ جو گم ٿيل ٽڪرو“ جي خاص ٻن ڪهاڻين منهنجو ڌيان شدت سان پاڻ ڏانهن ڇڪايو. ليکڪ ”جيون جو خاليپڻو“ ۾ لکيو آهي :-

”مون کي ڪڏهن به سمجهه ۾ نه آيو آهي ته موت ۽ زندگي آهن ڇا؟ حقيقت ۾ ڪائنات جون لڪل آسماني قوتون اِنسان کي ڪڏهن به سمجهي نه سگهيون آهن. شايد سمجهي سگهن ئي نٿيون ۽ ان ڪري ئي انهن جي حملن، ڌڪارن، ڪاوڙ، ڏمر جو رخ اِنسان ڏانهن ئي آهي ۽ اِنسان ۽ انهن قوتن جي وچ ۾ ڪا ڪميونيڪيشن به نظر نٿي اچي ۽ ڪا به ڪميونيڪيشن ممڪن ئي ڪونهي، شايد جيون جي ٽرئجڊي اِها ئي هجي. رستي تي گوڙ، گهٽيندڙ دونهون، مٽيءَ، دز، گرميءَ ۾ هلڻ به ته عذاب آهي، جڻ اها ڪا سزا ئي هجي، جيڪا انسان پنهنجي پاڻ لاءِ ويهي گهڙي آهي. هونئن ته اِنسان جي جنم جي به عجيب ڪهاڻي آهي، پر هن جو هجڻ اڃا به وڌيڪ اِسرارن سان ڀريل آهي، سمورو وجود ئي هڪ وڏي ٽرئجڊي آهي، سمجهه ۾ نه ايندڙ، منجهيل.“

سوچ شبدن جو سهڻو سنگم، لکڻ پڙهڻ ۾ هڪ لئه جا دماغ جي حدن جا فاصلا طئه ڪري دل جي گهرائين ۾ سمائجي وڃڻ جي توفيق ٿي رکي. سچ ته اهو آهي ته ڪهاڻي لکڻ به هڪ تيرٿ ياترا آهي ۽ ان ياترا ۾ پاترن جو گهڙڻ، سماج جي مسئلن ۽ سماڌانن جي واٽن تي اسين به تيرٿ ياترا ۾ شامل ٿا رهون. ريگستان ۾ ڀٽڪندڙ مسافر صحرا جي اُڃ کڻي پريوار واري سنسٽا جو

نرماڻ ٿو ڪري. جا ٻن ڌرين جو هڪ ٻئي تي وشواس جي بنياد تي سچاٽپ ٿو پائي. پر سنگهرش جي طوفانن مان گذرندي ٻيڙيءَ ڇر وڪر ٿي وڃي ته پوءِ ان ڳالهه جي گهٽي اهميت نه ٿي رهي ته ڪناري جي حصي ۾ ڇا آيو؟

زندگي ۽ موت جي وچ جو فاصلو طئه ڪندي، رشتن جي بازار مان گذرڻو پوندو آهي. اهو ئي هر عام ماڻهوءَ جي زندگيءَ جو حصو آهي. جنهن جي ڪوڙاڻ چکڻ ڪانپوءِ اهو جذبو تجربن ۾ شمار ٿو ٿئي جيستائين آدم نوڪرون نه ٿو ڪائي تيستائين اهو ڄاڻڻ ممڪن ناهي ته هو فولاد جو ٺهيل آهي يا شيشي جو.

اڄڪلهه اهو عام طور پيو ڏسجي، شايد مشين جي دور ۾ سفر ڪندي ڪندي انسان جي سوچ به مشين جي پُرزي وانگر پنهنجو ڪم ڪندي رهندي آهي، ۽ بنا اهو ڄاڻيندي ته هن زندگيءَ جي گهاٽي ۾ ٻن پُڙن جي وچ ۾ ڪير آيو، ڪير زخمي ٿيو، ڪنهن جي ڪيڪڙاٽ اڻ ٻڌي رهجي وئي. هن شور غل جي دور ۾ ڪنن تائين انهيءَ رڙ جو پهچڻ ناممڪن آهي. گونگن جي بستيءَ ۾ ٻوڙن کي ٻُڌڻ ۽ سمجهڻ واري ڀاشا اڄا وڪاس جي دور مان گذري رهي آهي. بس سوچ جي رفتار شبدن سان تال ميل نٿي رکي سگهي. شايد اهو ئي ڪارڻ ٽائيم زون ۾ Generation Gap تي ٻڌجندي وڃي. اهڙي ئي زندگيءَ لاءِ منهنجو هڪ شعر

”زندگي ڪو نه مئن تو جي پائي
اُس ني ئي مجڪو هئه جيا جئسي.“

اهڙي دور ۾ ڪال چڪر بنا ارٿ ڪرڻ جي، سوارٿ-اسوارٿ جي دائري کان ٻاهر، ڏک سک جي پرمپرا کي چيريندو، اڳيان وڌندو ٿو رهي.

مشتاق شوري جي ڪهاڻين جي ڪردار وانگر هن تيرٿ ياترا جو ياتري ٻڌجي ها، ڪردار ڪي ٻيا ڪونه آهن، تون، مان ۽ اسان جي چوڌاري وسيل آهن. هنن انساني بستين جا ماڻهو آهن، جي پنهنجي پنهنجي حصي جو صليب پنهنجي ڪلهن تي کڻي هلندا ٿا هلن هن ياترا تي، جنهن جي شروعات ڪهاڻيءَ جو آغاز جو ڪارڻ ٿي ٻڌجي ۽ هڪ ڪهاڻي پوري ٿيڻ کان اڳ ٻي ڪهاڻيءَ جي شروعات ٿئي ٿي. بس پاتر بدلجن ٿا ۽ ڪهاڻيءَ جا عنوان ٿا بدلجن. مشتاق شورو جي ٻي ڪهاڻي ”گيديپٽي سان پريل جيون“ جنهن جي آغاز ۾ ڪو چنبڪ. يا ڪا اهڙي ڪشش آهي جو تنهن کي جيون سان جڙيل حقيقت چوان ته غلط نه ٿيندو ڪهاڻيڪار جي ڪلا جي پڌرائي هن آغاز ۾ خوب جهلڪي رهي آهي.

”زندگيءَ جي ڪا خوبصورتي، ڪو سندر روپ، ڪو حسين پهلو- رخ به آهي ڇا؟

ٿي سگهي ٿو، ڪنِ لاءِ هجي بہ- پر آءٌ ان جيون مان سندر پٺو ڪٽان ڳولهيان، جنهن ۾ جمڻ کان وٺي اڄ تائين رڳو ذلت سان ڀريل ناڪامين ۽ بدصورت شڪستن کي ئي منهن ڏيندو رهيو آهيان. مون لاءِ تہ زندگي، پيار، سونهن، خوشيون تہ رڳو خالي - کوکلا لفظ ئي آهن، جن جي ڪا معنيٰ، ڪو مقصد، ڪو مطلب تہ آهي ئي ڪونہ. مون تہ رڳو هڪ ئي حقيقت-سچائي کي ڏٺو، ڄاتو ۽ پاتو آهي - زندگي جي ڪراهت سان ڀريل بدصورتي ۽ پيار تہ زندگيءَ کان بہ وڌيڪ بدصورت ۽ ڌڪار جوڳو آهي...؟ شايد... هن مڪروهہ ۽ بدبودار زندگيءَ ۾ مون ڪيترائي بي معنيٰ لاڳاپا، بي مقصد رشتا، ناتا - ناهيا، جوڙيا، ڳنڍيا، (ڪي تہ جمڻ سان ئي جڙيل هئا) جيڪي بڪ ۾ جهليل پاڻيءَ جيان آڱرين جي وٿن مان وهي ويا ۽ مونکي سواءِ خالي هٿن جي ڪجھ بہ پلئہ نہ پيو آهي.''

آهہ... ۾... واهہ... واهہ جي سونهن سمايل آهي. جيئن ڪائنات ۾ سونهن جي نرماڻ جي پيڙهہ رکي وئي آهي واهہ واهہ...! در اصل ڪهاڻي اسانجي وقت ڊائري ۾ سماج جو عڪس آهي، جنهن ۾ اُهو سڀ ڪجھ ٿيندو آهي جو اسانجي سماج ۾ ٿيندو رهندو آهي. مشتاق شورو بہ پنهنجي آس پاس ۾ ٿيندڙ حالتن کي سوچ جي سَٽ سان اُڻيو آهي.

هڪ ٻي ڳالهہ بہ لازمي آهي، سماج ۾ رهندڙ ليکڪ بہ سماج جو حصو ئي رهندو آهي ۽ اُن ۾ ٿيندڙ هلچل جو حصو بہ عام انسان سمان آهي، هوُ بہ اُنهن گهٽنائن کان الڳ - الڳ ناهي. لڳڻ ۾ ڪٿي نہ ڪٿي ليکڪ جي جيون ۾ آيل ۽ گذريل وارداتون بہ ساڳئي سَٽ سان اُڻيل هجن هن ۾ ڪو شڪ ناهي.

حقيقت تہ اها آهي زندگي روز هڪ نئون ورق انسان جي سامهون کوليندي آهي. ۽ نہ ڄاڻ ڪيترا تجربن جا در اسان جي سامهون کوليندي آهي. اڄ جي نئين ڪهاڻي پراڻي ڪهاڻين جي ڪڙي آهي جا نئين دور جي نئين آغاز ۽ نئين سنسڪرتيءَ ۾ پئي پلجي ۽ انهن ڪهاڻين جي روشنيءَ ۾ ڄاڻجي ٿو، پريوار جي ٻنڌڻن جي اهميت، ڪردار جي سچائپ، پنهنجي پرائي جي پرک، گردش جون لاهيون چاڙهيون، دک سک ۽ اُس ڇانو لازمي يا ضروري آهي. دنيا جو ڪوبہ قصو اهڙو ناهي جو ٻڌل يا پوڙهيل نہ ٿو لڳي. بس وقت جي چڪرويوهہ ۾ هرڪو پنهنجي پنهنجي ياترا پوري ٿو ڪري.

بس... اڳتي پاڻ پڙهي پنهنجن من پسند ڪردارن سان ملو.

هن ناياب مجموعي لاءِ مشتاق شورو کي منهنجيون شڀ ڪامنائون.

توهانجي پنهنجي

**ديوي ناگراڻي**

# مهڳ

## مون وٽان ڏنل ڪهاڻيءِ آءُ نئين ساهت جي حوالي سان

اڳي جيتري قدر مون کي ياد ٿو اچي، ڪنهن به موقعي تي، ان ڳالهه جي ضرورت مونکي نه پئي آهي ته ڪهاڻي - مون وٽان ڏنل ڪهاڻيءِ آءُ بابت لکان، سببن کي وضاحت جي صورت ۾.

ڪهاڻي آءُ ڇو ٿو لکان، يا لکان ڇو ٿو؟ سبب (؟) ڪارڻ (؟)..... نه، جواب مون وٽ ناهي. صرف سوال آهن، جيڪي مون وٽ آهن، ذهن ۾ آهن. ڪي سوال - شايد منهنجي ذهن ۾ شايد نه به هجن، پين وٽ هوندا. جواب ته مون وٽ مون طرفان اُٿاريل سوالن جو به ناهي، ته ڇا پين جي سوالن جا جواب ڏيئي سگهندس، جي ڪو اُٿاري ته؟

ڄاڻان ٿو ڪهاڻي لکڻ/لکڻ جو ڪارڻ مون وٽ ناهي. جنهن جي هجڻ کي آءُ ضروري به نٿو سمجهان. پر ڪن وٽ هوندا، ضرور هوندا، جيڪي اهي ڪڏهن ڪن موقعن تي پڌرا ڪندا آهن/ڪندا رهندا آهن. سچائي، سينگاري رکيل لفظن ۾ ويڙهيل، پرفيوم ڪيل. گهٽ ۾ گهٽ منهنجي مٽي جو سور اهو ناهي.

مون کي ڏک... شايد عجب... يا شايد ٻيو ڪجهه آهي... ڪجهه به، ته ڪهاڻي ڪڏهن به منهنجي جيون ۾ ڪائڻ، ڏاڙهي لاهڻ، ننڊ ڪرڻ جيان نه آئي. Idealistic attitude لکڻ ڏانهن منهنجو نه رهيو آهي. نه رهندو (؟) سو نٿو ڄاڻان (ماڻهوءَ تي پروسو مون کي ناهي، ماڻهو هجڻ جي حيثيت سان

پروسو پاڻ تي به نه اٿم.)

منهنجي آڏو لکڻ رفيوج ته آهي پر لکندي ڪڏهن به اهو محسوس نه ڪيو اٿم ته ٻار ڄڻي رهيو آهيان، جيئن گهڻا ڪهاڻيڪار ڄڻيندا رهندا آهن. آمريڪا جي ڪهاڻيڪار Jess Stuart نيويارڪ مان ڇپيل ڪتاب ''Modren Short Story in the making'' ۾ ليکڪ هجڻ ۽ لکڻ جي مجبوريءَ کي هن ريت ظاهر ڪيو آهي :

"Story writing is like a Pregnancy. The child has to be born, let me say I love (not like) to write short stories. I have to write stories or I believed I'd die. It comes as natural as shaving, dressing, eating."

رايا مختلف ٿي سگهن ٿا- جي آهن، آدرشي، ڪهاڻيءَ سان، لکڻ سان- بي انتها نينهن- ڏرم جيان پوڄڻ- دنيا کي بدلائڻ جا سپنا. ڪهاڻيءَ وسيلي انقلاب کي گهلي در تي آڻي بيهارڻ. نه، ججمينٽ آءٌ نه ڏيندس، اهڙو اختيار مون کي ناهي. جن پاڻ وٽ رکيو آهي، آءٌ انهن جي باري ۾ ڪجهه به نه چوندس.

اڳ : (نه هتي لفظ شروع وڌيڪ بهتر لڳندو، جيڪو آءٌ بهتر سمجهان ٿو.)

شروع ۾ جا پهرين ڪهاڻي/ڪهاڻيڪار مون پڙهيو، اهو ايشور چندر هو، جو مون کي متاثر ڪري سگهيو. شايد (؟) (آءٌ هتي 'شايد' جي پويان سوال جي اڌڙتي نشاني لڳائيندس) ان ڪري مون لکڻ چاهيو. (ڪارڻ ٻيا به ٿي سگهن ٿا جي پڪ هوندا.)

۽ پوءِ موهن ڪلپنا جي رومانيت، گني سامتاڻيءَ جو پاڻ سان گڏ وهائي ويندڙ، وجود کان بي خبر ڪندڙ لکڻ جو ڍنگ ۽ لال پشپ- شايد ڪجهه ٻيا به (نالا نه لکندس) اثر رهيو- يا شايد آهي. آءٌ اُنهن اثرن کي چيري ڦاڙي ٻاهر نڪتو آهيان يا ڦاٿل آهيان- ڊيم ڪيئر، هاڻي منهنجو ڪجهه نٿو بگڙي.

هڪ دور: آدرشي، نظرياتي، مارڪس ازم جو گهيرو، عظيم ڪهاڻيڪار بڻجڻ جي چاهنا (ذري گهٽ يا بلڪل ٻڌجي ويل جو پيرم) ان ۾ وڏو ڏوهه انهن ڪميونسٽن جو آهي جن طرفان منهنجي ڪهاڻي، 'نينهن سدا ناسور' کي نه رڳو سنڌي ٻوليءَ پر ايشيا جي بهترين ڪهاڻيءَ جو لقب ڏنو ويو. ۽ ان ڪهاڻيءَ کي آءٌ هاڻي ڪنهن به قيمت تي اون ڪرڻ لاءِ تيار نه آهيان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوءِ : existentialism جو گهيرو، سارتر جو اثر. ان کان وڌيڪ سنڌ ۾ نئين ڪهاڻيءَ جي شروعات ڪرڻ جو پيرم. زندگيءَ جو پيرم ۽ آدرش ان واسطيدار حقيقت کي ڄاڻندي، محسوس ڪندي، ٽُٽي پرزا پرزا ٿي ويو ته هيءَ دنيا Chaos آهي. سياڻي جو ڪو وجود ناهي، ڇو ته اسين سڀ مري چڪا هونداسين. هن دنيا ۾ خواهش، آدرش، روشنيءَ ۽ پيرم جي اوچتي ٽٽڻ ڪان پوءِ ماڻهو پاڻ ۾ Outsider محسوس ڪري ٿو. Pascal لکيو آهي :

"The natural misfortune of our mortal and feeble condition is so wretched that when we consider it closely, nothing can console us."

هاڻي : نه- هاڻي ڪجهه به ناهي، آءٌ اجنبين جي وچ ۾ رهان ٿو ۽ اجنبين ۾ به اجنبي آهيان. نه آءٌ ڪنهن جو به پوئلڳ ناهيان، نظرين، آدرشن جي پيڙ کان پري، ڪٽيل اڪيلو. مون ڏٺو آهي، ڄاتو آهي جيتري قدر ڄاڻي سگهيو آهيان، ته آدرش منافقيءَ جو سولائيزڊ نالو آهي ۽ ٻيو ڪجهه به نه. ان ڪري آءٌ نظرين ۽ آدرش جي دٻاءَ هيٺ لکيل پنهنجين ڪهاڻين کي ڊِس اون ڪريان ٿو.

مشهور رومن پرو ورب آهي ته :

World wants to be deceived, so let it be deceived.

ان پرو ورب کي لاشعوري، شايد نيم شعوري، شايد ڪنهن حد تائين شعوري سطح تي ڪٽندي، پاڻ کي اجنبي، لاتعلق ثابت ڪرڻ جي جاکوڙ ۾ ٿڦڙ کائيندي به، آءٌ نالي ۽ مشهوريءَ لاءِ پتڪيو آهيان. تڪراري شخصيت بڻجڻ جي زبردست خواهش هيٺ مون خود پنهنجين ئي لکڻين تي تنقيد ڪرڻ چاهي آهي، سورين ڪرڪيگارڊ جيان جيڪو پنهنجين لکڻين تي پاڻ ئي ڪوڙن نالن سان سخت تنقيد ڪندو هو ۽ مون ائين ڪرڻ، نه ڪرڻ جي Dilemma ۾ محسوس ڪيو آهي، ته هر شيءِ بي معنيٰ ۽ بي مقصد آهي. ڪنهن به شيءِ کي ڪابه اهميت ناهي. نالي کي به نه، ڇو ته شخص موجود ناهي، هو ڪسڪي ويو آهي، وڃائجي ويو آهي، صرف ارد گرد جي حالت موجود آهي- ۽ اسين رڳو هڪ ٻئي سان دغا ڪري رهيا آهيون، ڇو ته اسان سيني سان وڏو دوکو ٿيو آهي. انسان بي وس، هيڻو، بنا ڪنهن ڪارڻ ۽ سهاري جي هن ڌرتيءَ تي

پٽڪڻ لاءِ ڇڏيو ويو آهي.

انسان جي ذهن ۾ پريل پرمن جو هڪ ڏک سان ٽٽڻ جو ڪارڻ، اسان جي واسطيدار دنيا ۾ مذهبي ۽ سياسي آدرشن جو بريڪ ڊائون، ٻاهرين اثرن جو بي رحم ۽ گهٽيندڙ دٻاءُ، Self جو وڃائجي وڃڻ، نظرين ۽ اِخلاق کي زوريءَ مڙهڻ آهي.

نظرين جو بوجهه ڍوئيندڙ انسان ڪنهن به سسٽم ۾ پاڻ کي ٺهڪائي نه سگهيو آهي. آءٌ جو ڪجهه وقت سخت نظرياتي رهيو آهيان سو هاڻي سارتر جي ان ڳالهه سان مڪمل agree ٿو ڪريان ته :

Marxism has a way of explaining man as a product of his economic system, which does not correspond to what I believe.

(هتي منهنجو اشارو پرٽيڪيولرلي ڪنهن خاص نظريئي يا مارڪس ازم ڏانهن ناهي. حوالو ان علامت طور ڏنو اٿم ته هر نظريو انساني ذهن مان جنم وٺي ٿو سو مڪمل-يا مڪمل سچ نٿو ٿي سگهي، ڇو ته خود انساني ڏاهپ ئي محدود آهي.)

نئين جي نالي سان سڏجندڙ ساهت، جنهن سان منهنجو نالو ڳنڍيل آهي/ ڳنڍيو ويو آهي، Unjust and indifferent world ۾ رهندڙ، ٽٽل، وڇايل، منجهيل، ڊنل، هراسيل، نه ڪيل گناهن جي سزا لوڙيندڙ شخص جي ذهن ۾ illusions ٽٽڻ کان پوءِ جنم ورتو آهي.

يورپ جون ٻه مهاڀاري لڙايون ۽ Nuclear weapons جي ايجاد ۽ ان کانپوءِ نيوٽران بم جي ايجاد جي ڇتاپيتيءَ ۾ ڊيموڪلس جي خنجر جيان لٽڪندڙ ٽين مهاڀاري لڙائيءَ جي پوءِ خلاف اڄ جي ليکڪ جو هيٺو بي اثر، بي زور احتجاج اڄ جي نئين ڪهاڻي آهي. جنهن سان اڄ جو ليکڪ سچاتو وڃي ٿو، نئون ادب نه تحريڪ آهي، نه ئي ان جا ليکڪ پنهنجين لکڻين وسيلي انساني ذهنن ۾ ڦيرو يا انقلاب آڻڻ ٿا گهرن. نئون ليکڪ پنهنجو Image ناهڻ نٿو چاهي. هن جو Image هن جو پنهنجو نه بين جو ناهيل آهي.

نئون ليکڪ، وڌندڙ منعتي جيون جي ڏهاڙي جي روٽن جي فيلنگس، وجود جي مقصد ۽ اسان جيڪا زندگي گهاريون پيا ان جي معنيٰ ۽ مقصد بابت

اوچتن ۾ اڻپڇيل سوالن، وقت جو ٽڪرن ۾ بي رحميءَ سان اسان جي جسماني طور ٽٽڻ ڏانهن وڌڻ جي چٽي احساس، بي جان فطرت کي برداشت ڪرڻ جي ڪنٽراسٽ ۾ مختصر انساني جيون جي شعور، وڏندڙ ويڇن، بي اصول ۾ اوچتن موتن، ڏکيين ۾ اڻڪٽ مشڪلاتن ۾ انساني سمجهه ۾ عقل جو ضايع ٿي وڃڻ، لوهي ٿنڀن کان به وڌيڪ مضبوط حڪومتن کي برداشت ڪرڻ جي پيڙا، قانون، جمهوريت، مذهب، سسٽم، ڪميونزم جي نالي ۾ شخص جي قتل کي ذاتي تجربي جي حوالي سان اظهار ڏئي ٿو.

آمريڪا جي ڪهاڻيڪار ۽ ناولسٽ Kay Boyle چيو آهي ته :

I believe the individual was being Persecuted as usual, by the conformist.

يسوع مسيح هڪڙو نه هو جو ڪراس تي چاڙهيو هو پر اڄ نيچر، اسٽيٽ ۽ ايسٽئبلشمينٽ پاران هر شخص مسلسل ڪراس تي چاڙهيو پيو وڃي. ڪامئو Actuelles II ۾ لکيو آهي ته :

Do you know that over a period of twenty five years, between 1922 and 1947, 70 million Europeans men, women and children have been uprooted, deported and killed.

پر هتي سوال اِهو ٿو پيدا ٿئي ته ان سموري حقيقت جو اِظهار ۾ ان خلاف احتجاج ڪنهن جي اڳيان آهي. ڇا اِنهن انڌين، بي جان قوتن اڳيان، جيڪي اسان جي تقدير جو فيصلو ڪن ٿيون ۾ اسان کي اونداهن بيٺن تي ڌڪي رهيون آهن. نه، جيون جي Senselessenss کان argument، فورس، هارڊنيس، Cunning يا National Self-aggrandisement، جيڪو نظريو نازي دور ۾ وجود ۾ آيو، وسيلي پيچي، جان ڇڏائي نٿي سگهجي. ڇاڪاڻ ته human sufferings جي ڪا حد ڪونهي. ڪائنات جي رٿا بي ترتيب آهي، اها ڪنهن سٺاءَ ۾ پلاننگ کان سواءِ وجود ۾ آئي آهي. زندگيءَ جو ڪو مقصد ناهي. رشتن جو ڊونگ ختم ٿي رهيو آهي، پيار جو ڪو وجود ناهي. آءٌ ڪامئو جي ان ويچار سان مڪمل ايگري ٿو ڪريان ته :

It is only on the basis of a collective way of seeing, for which books and legends are responsible, that we give the name love to what binds us to certain human beings.

(حوالو The Myth of Sisyphus تان ورتل)

۽ ڪهاڻي، ناول ۾ انهن جو روايتي مفهوم مري رهيو آهي/مري چڪو آهي. هر شيءِ علم ۽ ٽيڪنالاجيءَ پنيان سُسي، محدود ٿي رهي آهي/ٿي چڪي آهي. نئين ڪهاڻي اِنسان جي مرده، سڙيل لاهن تي ماتم آهي. شخص پنهنجي ڄاڻ، ڪانشسنيس جي ڪري ئي پوڳي پيو. ان ڪري ئي ڪافڪا پنهنجي ڊائريءَ ۾ هر هر ورجائي ٿو:

I am victim of my education.

ڄاڻ جو اِنساني وجود تي Destructive hold آهي، ان سان ئي Self destruction شروع ٿئي ٿي.

Suetonius جي لئيٽن تاريخ ''Lives of the twelve Caesars'' ۾ روم جي سيزر سلسلي جي سلطنت جو ٽيون نمبر سيزر ڪالي گلا انساني تاريخ جو تمام اهم ڪردار آهي، جيڪو AD.37 ۾ 20 سالن جي ڄمار ۾ اقتدار ۾ آيو ۽ AD.41 ۾ ڪيس قتل ڪيو ويو. پهريان اٺ مهنا هو رئيٽولي enlightened ۽ Generous حڪمران رهيو ۽ ان وچ ۾ ڪيس پنهنجي ڀيڻ Drusilla سان بي انتها پيار ٿي پيو ۽ هن ڊروسيلا سان شاديءَ جو اعلان ڪيو. ڊروسيلا جي اوچتي موت ڪالي گلا جي سڄي ڪردار کي تبديل ڪري ڇڏيو. هن پنهنجن ئي ڪيترن ماڻهن کي مارائي ڇڏيو ۽ ڪين سخت ذليل، بي عزتو ڪيو ۽ اذيتون ڏنيون. نيٺ سندس Patricians ٽي سال چار مهنا سخت ذليل زندگي گذارڻ ڪانپوءِ ڪالي گلا جي خلاف ٿي بيٺا ۽ ڪيس قتل ڪري ڇڏيائون.

ڪامئو ان ڪردار کي پنهنجي ڊرامي ڪالي گلا ۾ پنهنجي Ideas پٽاندڙ interpret ڪيو آهي. ڪامئو ڊرامي جي مکيه ڏيکن ۾ ڪالي گلا جي وينس جي لباس ۾ عبادت ۽ موت جي موضوع تي Poeetic Content کي نه ڇهيو آهي. Suetonius جي اصلوڪي Content ۾ ڪالي گلا طرفان خانگي آمدني طور Brothol کولڻ واري رٿا جو ذڪر آهي جنهن کي ڪامئو باءِ د وي ڇهيو آهي، هن پنهنجي ڊرامي ۾ ڪالي گلا جي Restlessness ۽ Insomnia، ظاهري پاڳلپڻي، آرسيءَ جي سامهون grimacing ۽ چنڊ لاءِ wooing کي اهميت ڏني آهي. ڪامئو ڊروسيلا جي موت کي اهڙو تجربو ڪوٺيو آهي، جنهن جي ڪري ڪالي گلا کي اوچتو ناممڪن کي حاصل ڪرڻ جي خواهش پيدا ٿئي

ٿي ۽ هو محسوس ڪري ٿو تہ شيون جيئن آهن سي اطمينان جوڳيون نہ آهن، ڪائنات جي رٿا بي ڍنگي ۽ انسانن جي رهڻ لائق ناهي. ڪالي گلا چوي ٿو، تہ پيار سائيڊ اشو آهي ۽ ڊروسيلا جو موت ان سچ جي علامت آهي، جنهن مون لاءِ چنڊ کي حاصل ڪرڻ ضروري بڻائي وڌو آهي. هو هڪ هنڌ چوي ٿو :

This world has no importance, once man realize that, he wins his freedom.

ڪالي گلا پاڻ کي سڄي روم سلطنت جو آزاد ماڻهو ٿو سڏي. پنهنجي ان آزاديءَ جي اظهار لاءِ هو پنهنجن ويجهن ماڻهن کي مارائي ۽ ذليل ٿو ڪري. هو لامحدود آزادي چاهي ٿو، پر جڏهن کيس خبر پئي ٿي تہ سندس عظيم طاقت جون بہ حدون آهن، چاڪاڻ تہ هو چنڊ کي پڪڙي گهر نٿو آڻي سگهي، تڏهن کان سندس Self destruction شروع ٿئي ٿي.

ڪالي گلا چوي ٿو :

Men die, and they are not happy

ڪامئو ڪالي گلا جي اسٽيج ٿيڻ وقت تعارفي تقرير ۾ چيو هو تہ :

Caligula's story is that of a highminded type of suicide. It is an account of the most human and most tragic of mistakes. Caligula is faithless towards humanity in order to keep faith with himself.

سسيفس جو بيڪار، اجايو بوجھ ڍوئيندڙ اڄ جي انسان جي من ۾ هڪ ڪالي گلا بہ وينل آهي. ان ڪري آءٌ اڄ جي شخص بابت ڪامئو جي ان تاريخي فيصلي سان ڪڏهن بہ agree نہ ڪندس تہ :

I sometime think of what future historians will say of us. A single sentence will suffice for modern man : he fornicated and read the paper.

پر زندگي ان جي بلڪل ابتڙ آهي. اڄ جو وچايل شخص رڳو پيڙا ئي ڀوڳي ٿو، ان جون سڀ راهون موت ڏانهن ٿيون وڃن، ان حالت ۾ انسان ايتري سولي ۽ آسان زندگي گذاري سگهي بہ ٿو؟

سارتر اِنسان جي حالت کي انتظار واري ڪيفيت سڏيو آهي. سارتر چوي ٿو تہ شخص سدائين انتظار جي ڪيفييت ۾ ٿو رهي، جڏهن تہ ڪجهہ ٿيڻو بہ ناهي. شخص جو انتظار ڪجهہ بہ نہ لاءِ آهي.

انتظار جي ڪيفيت ۾ جيئڻ ۽ هجڻ جي پيڙا پوڳيندڙ ليڪ گهٽيندڙ اڪيلائپ جو اظهار عامر رواجي حالت ۾ نٿو ڪري سگهي. انهن حالتن ۾ اظهار لاءِ رابرٽ ميوزل، بيڪيٽ، ساروت، ايلن راب گريلٽ ۽ ٻاٽ نون تجربن کي وسيلو بڻايو آهي. ڇو تہ گونگين ٻولين ۾ ان حالت جي اظهار لاءِ لفظ موجود ناهن، ڀرپور اظهار ممڪن ٿي ناهي. ان ڪري Communication جو Crisis پيدا ٿيو آهي. جا شيءِ جيئڻ ٿي آهي، سا ماڻهن تائين تئين ٿي رسائي حاصل نٿي ڪري سگهي. ان جي مڪمل رسائي ممڪن ناهي ايئن جيئڻ مڪمل اظهار ممڪن ناهي.

ان حوالي بيڪ- گرائونڊ ۾ منهنجي حيثيت؟

سنڌي ڪهاڻيءَ ۾، نئين ادب ۾ منهنجو وجود نہ هجڻ جي برابر آهي. نئين ڪهاڻيءَ ۾ منهنجي ڪاٻہ ڏين ناهي. پر ان حالت ڪي، پنهنجي نہ جهڙي حيثيت کي ڄاڻندي بہ مون ڪهاڻيءَ ڪان پلئہ آڇا نہ ڪرايا آهن، شايد آءٌ اڄ جي پيڙا ڪي، ماڻهوءَ جي Otherness ڪي، اڄ جي انسان جي من ۾ وينل ڪالي ڳلا ڪي، سسيفس ڪي، گهٽيندڙ اڪيلائپ کي پنهنجين ڪهاڻين وسيلي اظهار ڏيئي سگهان. وڇايل شخص، ڪسڪي ويل ڪردار ۽ ارد گرد جي حالت ڪي، ان ٿي حالت ۾، جنهن ۾ اها موجود آهي، ڪهاڻيءَ ۾ آڻي سگهان ان ڪري لکڻ مون نہ ڇڏيو آهي.

ڪامئو پنهنجي ٽرئجڪ موت ڪان ڪجهہ ڏينهن اڳي لکيو هو تہ :

I Continue to be convinced that my work hasn't even been begun.

اسان مان ڪنهن جو بہ اصل ڪمر شروع نہ ٿيو آهي. اسين صرف ٻاهرين سطح تي ٿاٻا ڪائيندا ٿا رهون. اڪيلائپ جي گهٽيندڙ احساس ڪان نڙي ڦاڙي رڙيون پيا ڪريون، اهي رڙيون ڪنهن جي ڪنن تائين، پهچٽيون نہ آهن، جيئڻ دوستووسڪيءَ پنهنجي ڪهاڻيءَ ‘A Gentle Spirit’ جي آخري پئرا ۾ لکيو آهي :

Oh, blind force ! Oh, nature ! Men are alone on earth - that is what is dreadful ! "Is there a living man in the country ?" Cried the Russian hero. I cry the same, though I am not a hero, and no one answers my cry. They say the sun gives life to the univers. The sun is rising and - look at it, is it not dead ? Everything is dead and everywhere there are dead. Men are alone-around them is silence-that is the earth.

مٿي ڏنل عنوان ۽ هيٺ Content جو ڪنهن هنڌ تي ڪٿي ڪٿي رليشن نہ هجڻ، نہ ملڻ، بلڪل علحده، بي ترتيب، سلسلي جو ٽٽي وڃڻ، اچ جي شخص جيان اها ambiguity ڪريئٽ ڪرڻ، سلسلو ڪيترن هنڌن تان ٽوڙڻ منهنجو انٽينشن هرگز نہ هو. انڪانشسلي جو ٿيو آهي، جو جيئن آهي، ان ڪي مٿائي، سچائي سلسلا جوڙي ٻيهر لکي جڙتو بڻجڻ جي صنافتي آءٌ ڇو ڪريان، جڏهن تہ هپوڪريسيءَ لاءِ ڪافي ڪجهہ رهيل آهي.

**- مشتاق شورو**

## II

آد جڳاد کان انسان ڪنهن واسطيدار حقيقت جو سهارو وٺي، ڪنهن خيال کي ڄاڻي، ڪنهن نئين سچ ۽ ڪنهن نئين حقيقت کي پاتو/ڄاتو آهي. اليٽ چوي ٿو ته، ’خيال ۽ حقيقت جي وچ ۾ هڪ پاڇو رهي ٿو.‘ پر سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته ڇا حقيقت خود ۾ به حقيقت رهي آهي يا رهي سگهي ٿي.

اِنسان پنهنجي ڄاڻ/سمجهه/عقل جي هٿان لاچار بڻجي سدائين سچ ۽ حقيقت جي ڳولها ۾ گهراين ۾، اونهاهين ۾ ويندو رهيو آهي ۽ تهن جا تهه اکوڙيندو رهيو آهي. جڏهن به، ڪٿي به، ڪنهن به هنڌ تي، شخص جا پير ڪجهه دير لاءِ ڪِپيا/اٽڪيا آهن ته هن سچ ۽ حقيقت کي پائي/ڄاڻي وٺڻ جو وڏي واڪي اعلان ڪيو آهي ۽ جڏهن به ڪجهه وقت کان پوءِ بي بقا-پرندڙ مٽي سندس پيرن جي هيٺان کسڪي نڪتي آهي ۽ هن جا پير اکڙيا آهن ته هن-خالي خلا ۾، سهاري لاءِ هٿ ۽ ٽنگون هڻندي، رڙيون ڪري، ڇاتي ڪٽي، وار پٽي، پاتل/ڄاتل حقيقت کي، سچ کي پڪڙي-سوگهو جهلي رکڻ جي جاکوڙ ڪئي آهي-پر بي انت پاتال، خلا، وايومنڊل ۾ هن جو هڪ هنڌ تي ٽڪي بيهڻ ممڪن ئي ڪونهي.

ڪابه ڳالهه، ڪابه شيءِ، خود هيءَ ڪائنات خود ۾ مڪمل ناهن، اهي اڌپوريون ۽ بي جوڙ آهن ۽ سچ ۽ حقيقت به نون حوالن مان پيدا ٿيندڙ نئين حالتن جيان هر-هر بدلجندڙ-ڦرندڙ شيون آهن، انهن جو ڪوبه نوس روپ موجود ناهي. انسان صرف پنهنجي هئڻ جي احساس کي تازو ڪرڻ لاءِ-سچ ۽ حقيقت جي سهارن کي پڪڙي هلڻ جي ڪوشش ۾ مٿو پٽ سان هڻي رهيو آهي.

شخص جي اصل ٽريجڊي جي شروعات، اهو ڄاڻيندي ۽ ان احساس کي شعوري سطح تي کڻندي ئي ٿي آهي ته سمورين ڪوششن-جاکوڙ-عقلي اُپائن مان ڪجهه به ورڻو ناهي، شخص هر ڪوشش، هر اُپاءَ، هر جاکوڙ کان پوءِ به پاڻ کي بي وسيءَ ۽ لاچاريءَ واري حالت ۾ پائي ٿو، ڪوبه حل ممڪن نظر نٿو اچي. سڄاڳ شخص جڏهن ان صورتحال جي آمهون سامهون اچي ٿو ته، ’سچ ڪيترو نه اونداهو آهي.‘ تڏهن هو محسوس ڪري ٿو ته، انسان جي موجوده تباهيءَ جو هڪڙو ئي ڪارڻ-علم ۽ ڄاڻ ئي آهي، ان حالت ۾ هن

وت ڪافڪا جيان پنهنجي برباد ٿيل هستيءَ، تباهه ٿيل حالت تي جاڻ خلاف بي اثر احتجاج ڪرڻ کان سواءِ ڪجهه به نه بچيو آهي، اهو ئي شخص جو مقدر آهي.

شخص کي پنهنجي لاچاريءَ، بي وسيءَ جو احساس ڏيارڻ لاءِ سائنس، لاجڪ، ريزن ۽ ائٽمي دور، پربت جيڏيون مشينون، مشيني جيون، اليڪٽرانڪ ايج ۽ ان ۾ رهندڙ غير سلامتيءَ جي دٻپ ۾ ورتل شخص جي حالت جوابدار آهي. شخص اڄ ان چوواٽي تي بيٺل آهي، جنهن جون چارئي ڏسائون بند آهن، واٽون وڃائجي ويون آهن، اڳئين قدمن، روايتن، پرمن، آدرشن جا نشان سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي تيز طوفان ۾ متجي ميسارجي ويا آهن. شخص بند ٿيل غار ۾ قيد آهي، جنهن کي ڪوبه سوراخ ڪونهي. ان احساس کي يورپ جي مشيني دور، اليڪٽرانڪ ايج، ٽين دنيا جي ٽٽندڙ فيوڊل سماجي قدرن، رسمن، رواجن ۽ اِتي جي وڌندڙ شهري/مشيني جيون جي نتيجي ۾ رشتن جي ٽٽڻ جي عمل ۾ لاڳاپن، ورتاءُ ۽ هلت ۾ پريل انتها واري هپوڪريسيءَ ۽ ڪميونزم، ٿيوڪريسي ۽ آپيشاهي دنيا جي ذهني آزاديءَ جي چوگرد ويڙهيل باربيڊ تارن وڌيڪ ۽ اِنتهائي چِتو/پيانڪ بنائي چڏيو آهي.

اڄ جو شخص پنهنجي بيوسيءَ واري حالت ۾ ڏسي پيو ته ٿيوڪريسي، ڪئپيٽل ازم، سوشل ازم، ڪميونزم ۽ سوشل ڊيموڪريسيءَ جا هٿيا شخص کي ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان روڳ ورتل، ٽٽندڙ سماج سان جوڙي رکڻ جي ناڪام ڪوشش ۾ متو پٽ سان هٽي رهيا آهن.

ادب ۾ جتي ساڄيون ويچار ڌارائون (Rightist schools of thought) پنهنجي هپوڪريسيءَ ڪارڻ بدنام ٿي چڪيون آهن، اُتي سمورو نظرياتي لٽريچر سماجي حقيقت نگاريءَ جي اوٽ ۾ گندي پاڻيءَ جيان هڪ هنڌ بيٺل آهي. سرخ ٻلا چنبڙائي -منڊڪائيندڙ ترقي پسند ليڪڪ، پنهنجي مٺان واهه واهه جون پليون اڏجنديون، نالي ۽ مشهوريءَ جا مقبرا نهندا ۽ پاڻ کي لافاني ٻڌجندو ۽ اِنسان ذات جي شيوا جي ڪوڙي پرم کي ڪٽي سرڳواسي ٿيڻ جا سُپنا ڏسندي وات مان ڪتي واري گِگ ڳاڙي رهيا آهن، جڏهن ته ساهت اڳوات گهڙيل، مجي هليل روايتن کي ٽوڙي، نوان وسيلا ڳولهيندي ڪٿي گهگهه اونڌهه ۾ گم ٿيندو نظر پيو اچي. پر ترقي پسند، آدرشي ۽ رومانواد ليڪڪ اڃا تائين

ادب وسيلي انقلاب آڻڻ، زندگيءَ جي جوڙجڪ ۽ اِنساني ورتاءُ ۾ هلت ۾ سڌارو آڻڻ جا خواب ڏسندي، بدصورت جهوٽا کائي رهيا آهن.

اڄ جي ڪلا ۽ ساهت نظريات جي بيڻل پاڙيءَ کان ڪافي اڳتي نڪري ويا آهن، پر پوءِ به ڪلا ۽ ساهت کي پرچار جو هٿيو بڻائڻ جي ڪوشش ۾ نظرياتي ليکڪ پنهنجي ڇاتي ڪٽي، وار پٽي، پار ڪڍي رهيا آهن، جڏهن ته هنن جون اهي اوچنگارون اڄ جي تيز وهڪري واري جيون جي گوڙ، جن جي ڏماڪن ۾ گم ٿي اثر وڃائي وينيون آهن.

ترقي پسند، آدرشي ۽ رومانواد ليکڪن/ويچارڪن طرفان پيدا ڪيل/ ڏنل اهو ڀرم ته ڪلا ۽ ساهت جيون کي ڪو مقصد ڏيڻ، ان کي موڙڻ ۽ جوڙڻ، سنوارڻ جا ڪارائتا هٿيار آهن ۽ اِنسان تي بنا ڪنهن گناهه جي هلندڙ ’ٽرائل‘ ڪلا ختم ڪري سگهي ٿي، اها سسيفس جي بي مقصد پورهئي واري سزا ختم ڪرڻ جي سگهه رکي ٿي، سيميوئل بيڪٽ جو گودوٽ جيڪو ڪڏهن به نه اچڻو آهي، سو ايندو به ته ڪلا وسيلي ايندو ۽ سو سئڪالاجي، ٽيڪنالاجي، اليڪٽرانڪ ۽ بين عملن ۽ شخص جي شخصي حالتن/صورتحال ۽ جن حالتن ۾ هو جيئرو آهي، ان هميشهه هميشهه لاءِ ختم ڪري ڇڏيو آهي.

سڄاڳ شخص/ڪلاڪار/ليکڪ چڱيءَ ريت ڄاڻي ٿو ته جيڪڏهن والميڪي ۽ وياس، شاهه ۽ ڪاليداس، سچل ۽ غلام فريد، ميران ٻائي ۽ ٽئگور، شيڪسپيئر ۽ ملٽن، اليٽ ۽ جيمس جائيس، چيخوف ۽ موپاسان، گستاوُ فلابيئر ۽ زولا، دوستو وسڪي ۽ ٽالسٽاءِ، ترگنيف ۽ گوگول، هرمن ميس ۽ ٿامس مين، ڪافڪا ۽ ڪامئو، هيمنگوي ۽ وليم فاڪنر، رابرٽ ميوزئل ۽ آندري مالرو، لوگي پيرانديليو ۽ بيڪيٽ، پئسترنڪ ۽ سارتر، ايلن راب گريليٽ ۽ جان بارٿ، اگسٽ اسٽينڊبرگ ۽ آئنسڪو نه به پيدا ٿين ها ته به دنيا جي تاريخ، شخص جي حالت، صورتحال ائين هجن ها جيئن اڄ آهن.

اهو نيوٽن ۽ ان جا پوئلڳ ئي هئا جن زور شور سان پرچار ڪرڻ شروع ڪيو ته انسان سائنس ۽ ويزن وسيلي خدا بڻجي سگهي ٿو، پر خود نيوٽن، آئنسٽائين ۽ فرائڊ به ايڪسپلائيٽيڊ پورهيت جيان تعجب جو موت مري ويا.

۽ اها سائنس ۽ ويزن ئي آهن جن اِنسان کي خدا جو درجو ڏيڻ بدران، خود خدا جو سهارو کسي، شخص کي ان سوال جي مُنهان منهن آڻي بيهاري ڇڏيو

تہ ’اِنسان جو وجود ڇا آهي؟‘ ۽ خود ئي ان سوال جو جواب ڏنو تہ انسان جو بنياد رڳو ڪيميڪل پروسيس آهي، ماڻهوءَ جي هستي سواءِ پاڻيءَ جي بدبدي جي ٻيو ڪجهہ بہ ناهي. انسان بہ ڪڪڙ جي چوزي جيان آني مان ڦٽي ٿو. ابتدائي مرحلي ۾ Human Embryo ٽن تهن واري ٽيوب ۾ پڌرو ٿئي ٿو. اندريون تهہ (Viscerotonic endomorph) پراسيس ۾ وڏي پيٽ ۾ ڦڦڙ تيار ڪري ٿو ۽ وچون تهہ (Somatotonic mesomorhp) نسون، جوڙ، هڏ ۽ رت جون ناليون ۽ ٻاهريون تهہ (Cerebrotonic ectomorhp) ٻاهرين کل ۽ نروس سسٽم ناهي ٿو. ڪنهن بہ تهہ جو ڪيميڪل جوڙجڪ ۾ ٻي تهہ کان گهٽ يا وڌ ٿيڻ، سڄي اِنساني شخصيت تي اثر انداز ٿئي ٿو.

خدا ٻڌجڻ جو ڀرم ٽٽڻ کان پوءِ شخص وٽ سواءِ ماتم ڪرڻ جي ٻيو ڪجهہ بہ نہ بچيو آهي. شخص نيوٽن جي ڀرم جيان ديوتان جيان نٿو رهي، پر ان بادشاهہ جيان رهي ٿو، جيڪو هر وقت چاقوءَ سان قتل ٿيڻ جي ڊپ ۾ گذاري ٿو. جيون شخص کي هر موڙ تي مار ڏيئي، ذهني ۽ جسماني طرح ٿڪائي ڇڏيو آهي، هو صرف مار کاڌل، هارايل وجود جو بار ڍوئي رهيو آهي، انهن روڳہ ورتل-پوڙهن گهوڙن جيان جيڪي وڏيڪ بوجهہ نہ سهي، ٿڪي، ٻڌي ڪري ٿا پون ۽ مريو وڃن، ڪجهہ بہ نہ سمجهندي تہ اسين مدت کان گاڏي ڇو ڇڪيندا رهياسين.

اڄ جو ليڪڪ/سڄاڳ شخص جنهن دور مان لنگهي رهيو آهي، ان ۾ جيون جا لڳ ڀڳ سمورا سلسلا، قدر، روايتون ۽ سڀ ڪجهہ جيڪو بہ سڄائي رکيل هو، سو ٽٽي، ٽڙي-پکڙي ويو آهي ۽ هڪ ئي وقت-اوچتو، انيڪ سوال ۽ مسئلا نون حوالن مان اُڀري رهيا آهن. وايومنڊل، سرشٽي، ملڪ، سماج، ڪٽنب، مختلف سياسي ڍانچن، جوڙجڪن جي بدليل حوالن ۾ اهو سڄاڳ وجائي، شخصي آزادي ڦرائي، بي مقصد جيون ۾ اڻکٽ جنگ وڙهڻ لاءِ مجبور ٿي ويو آهي. اڄوڪي دور جو هر پل ڪا نہ ڪا امرجنسي کڻي اچي ٿو ۽ انسان کان نالي ماتر سڄاڳپ بہ کسي وني ٿو.

سڄاڳپ وڃائي ويٺل-بنا ڇهري وارو شخص پنهنجي ليکي مونجهارن جو هڪ ميڙ آهي، جنهن کي حل ڪرڻ لاءِ مئٿاميٽڪس جو ڪوبہ مئٿڊ ڪارگر نظر نٿو اچي. شخص بيڪار، بي مقصد زندگيءَ جو بار ڍوئي ڪنهن خوف،

ڊپ، پوءِ ۾ ونجي اڳتي وڌڻ کان لاچاريءَ واري حالت جي منهان منهن اچي بيٺو آهي ۽ ان حالت انساني قدرن، اخلاقن، روايتن کي ٽوڙي، پچي، ڊاهي ڇڏيو آهي. انڌي گهٽيءَ جي گهگهه اونڌهه ۾ اڪيون ڦوٽاري ڏسندڙ اڄ جي ساهت صرف شخص جي حقيقي اگهاڙين حالت تي نظر وجهي زندگيءَ جي کنورتا جو احساس ڪرايو آهي، پوءِ ڀل ته ساڃي ڌر، مارڪسوادي، رومانوادي ۽ آدرشي متن جا پوئلڳ، جن اخلاق، انساني ڀلائي ۽ ادب جو ٺيڪو کڻي رکيو آهي، سي ان کي نفي درشن چون. پر خود هنن وٽ ئي هاڪاري درشن جي بچاءَ لاءِ زوردار دليل موجود ناهن، جنهن کي کڻي هو نڙي ڦاڙي رڙيون پيا ڪن. گگون ڀاڙڻ ۽ رڙيون ڪرڻ جا اهي ئي عادي بڻجي ويا آهن - ڏوهه ڪنهن ٻئي جو ناهي.

لاجڪ، سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ مان پيدا ٿيل انساني صورتحال اهو پڌرو ڪري ڇڏيو آهي ته نفي ۽ هاڪاري وارا نظريا/ويچار بلڪل کوکلا ۽ اجايا آهن ۽ انساني حالت انتهائي -منجهيل - ڏکي، سمجهه ۾ نه ايندڙ آهي -جو ته شخص ۽ قدرت/فطرت جي وچ ۾ ڪميونيڪيشن ڪنهن به سطح تي ممڪن ناهي - ان ڪري شخص قدرت طرفان ڊڪٽيٽ ڪيل اربٽرري ٽرمس تي رهڻ لاءِ مجبور آهي. ريسيپروڪلزم جو عنصر قدرت ۽ شخص جي لاڳاپي مان ڳم آهي ۽ يڪ طرفي، ظالم قدرت ۽ بي جوڙ ڪائنات انسان کي چوسي - چوسي ڦوڳ بڻائي ڇڏيو آهي ۽ شخص وٽ لاچارگيءَ، ويچارگيءَ، اڪيلائپ ۽ بي وسيءَ واري حالت ۾ رهڻ کان سواءِ ٻيو ڪوبه چارو ناهي، ڇاڪاڻ ته اِنساني جيون انتهائي بي ڍنگي، بدصورت، مڪروه، بنا ڪنهن ڪارڻ ۽ ترتيب جي جنم ورتو آهي.

اهڙي حالت ۾ چاخصي بڻيل، بيمار، مرندڙ، دم ٽوڙيندڙ ادبي تحريڪون، شخص جي حالت ۾ نالي ماتر به تبديلي آڻي سگهڻ جون اهل آهن.

سڪرات جي حالت ۾ پيل بيمار ادبي تحريڪن صرف شخص جو ذائقو ئي بدلايو آهي ۽ انڌا، چسا، بيوقوف ۽ احمق شخص جن انهن تحريڪن کي مذهب جو درجو ڏنو آهي/ڏيئي رهيا آهن سي انهن جي موت کي نه قبولي - وقلي رهيا آهن ۽ غضبناڪ ڪاوڙ وچان پنهنجا وار پٽي ڇاتي ڪٽي رهيا آهن. ان جي ابتڙ اڄ جو سڄاڳ ليکڪ پرمن کي پاسيرو رکي، اگهاڙي سوچ کڻي اچي رهيو آهي. گهٽ ۾ گهٽ هن ڪنهن به آدرش، نظريئي، ويچار، سوچ ۽

واسطيدار حقيقت ۽ سچ کي ان جي سموريت (Totality) ۾ قبول نہ ڪيو آهي - ڇو تہ هو ڄاڻي ٿو هر آدرش، نظريئي، ويچار، سوچ، فلاسافيءَ، انقلاب، حقيقت ۽ سچ جي معنيٰ ۾ تمام وڏا سوراخ آهن جن مان سڀ ڪجهہ وهيو وڃي وري ساڳيو دهراءُ ٿيندو رهي ٿو.

ٻي مهاڀاري لڙائيءَ جي انت تي پنهنجي تباهہ ٿيل وجود جو غير رضامند شڪار بڻيل انساني حالت ۽ مذهب تهذيب جي گهوٽالي شخص کان نوس ڪارگر جيون جو پيرم هٿن مان کسي ورتو ۽ هن لاءِ حقيقي طور تي زنده رهڻ جو دروازو بند ٿي چڪو هو، ان وقت ٽڪرن، ذرن ۾ ورهايل زندگيءَ کي هر - هر جوڙي -مقصد ڏيڻ جي ڪوشش - هستي واد ساهت جي مٿان زور شور سان شروع ٿي. هستي وادين جي خيال ۾ روايت، رسمن ۽ عقيدي کان ڪٽيل شخص کي پنهنجو فيصلو پاڻ ڪرڻو آهي ۽ پنهنجا سچ پاڻ ڳولهڻا آهن، ڇاڪاڻ تہ خدا مري چڪو آهي - خدا جو جاءِ نشين ٿيڻ جو اهل صرف شخص ئي آهي. شخص ئي ڪائنات جي هر قوت کان اعليٰ آهي، انتهائي اڪيلائي ۽ پاڻ تي ڀاڙڻ ۾ شخص جو ڇوٽڪارو آهي، اهڙي ريت ئي شخص واپس پاڻ ڏانهن موٽڻ ۾ ئي پنهنجو اصلي ۽ حقيقي رتبو بحال ڪري سگهي ٿو.

هستي واد فلاسافي ظاهر ڪري ٿي تہ، هيءَ دنيا جيڪا ظاهري طور تي بنا ڪنهن مقصد جي آهي، تنهن ۾ فرد کي زنده رهڻ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ ڪنهن ’ڪارڻ‘ جي ڳولها ڪرڻ گهرجي. هستي وادين جي خيال ۾ ’شخص‘ ڪوڙڪيءَ ۾ ڦاٿل آهي، پر اجا تائين بہ هن وٽ شخصي سڃاڻپ ڳولهڻ ۽ ناڪامين ۾ خوشي پائڻ جا وسيلا موجود آهن.

هستي واد فلسفو ائبسرڊ دنيا ۾ ماڻهوءَ جي اجنبي هجڻ ۽ عام رواجي سماج کان هن جي علحدگيءَ، دنيا کي بي معنيٰ ۽ ناڪاري طور مڃڻ ۽ نتيجي ۾ پيدا ٿيل آئيندي بابت ڊپ ۽ غير يقيني جي روح ڏاريندڙ بار تي زور ڏئي ٿو ۽ اها صورتحال شخص کي پنهنجي حقيقي ۽ غير حقيقي ’پاڻ‘ جي وچ ۾ ۽ هن جي پنهنجي موت سان مقابلو ڪرڻ جي غير معمولي خواهش ۽ جيئري رهڻ کان نفرت جي جذبي جي وچ ۾ فرق سڃاڻڻ جي ضرورت محسوس ڪرائي ٿي.

اُڻويهين صديءَ جي ڊينمارڪ جي هستي واد فلاسافر ڪيرڪيگارڊ هستي

واد متي ڪي، ظالم ۽ فاحش سچ سڏيو آهي، جيڪو نيستيءَ (Nothingness) جي اونڌهہ رات وسيلي روح جي ڪاوڙيل سفر کي ظاهر ڪري ٿو.

سارتر غلاميءَ واري دور ۾ هستي واد فلاسافيءَ کي Resistance ۽ Liberation جي فلاسافي بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ هن جي هستي واد فلاسافيءَ جو مقصد شخص جي حقيقي هستيءَ کي سندس غير حقيقي ’هئڻ‘ جي پڃري جهڙي هستيءَ کان آزاد ڪرائڻ آهي. شخص کي ممڪن حد تائين وڌ ۾ وڌ آزادي ڏيڻ لاءِ سارتر Psychoanalysis جي نئين سر وضاحت ڪئي آهي تہ جيئن، جڏهن ماڻهو پاڻ کي اهو بڻائڻ جي ’چونڊ‘ ڪري جيڪي ’هو‘ آهي تہ سندس هستي حاصل ڪيل آزاديءَ کي برقرار رکي سگهي. سارتر جي نظر ۾ ٻاهرين Phenomena ڏانهن شخص جو ناڪاري ردعمل بہ هن جي آزادي ظاهر ڪري ٿو، ڇاڪاڻ تہ ’نہ‘ چوڻ جي صلاحيت تخليقي ناڪار آهي، جنهن ۾ شخص پنهنجو ’مثاليپڻو‘ ظاهر ڪري ٿو.

ساهت ۾ هستي واد فلاسافيءَ جو اظهار مختلف ۽ گهڻن ئي روپن وارو آهي، ان جا ڪي عنصر شيڪسپيئر، دي ساد، ٽالسٽاءِ، پروست، ڪافڪا ۽ موراويا ۾ بہ ملن ٿا. ساهت ۾ هستي واد اظهار گذريل پنج سؤ سالن کان ٿيندو پيو رهيو آهي، پر اهو مڪمل زوردار فلاسافيڪل هلچل گذريل صديءَ ۾ ئي بڻيو. ٻي مهاڀاري لڙائيءَ کانپوءِ - هن صديءَ جي چوٿين ۽ پنجين ڏهاڪي ۾ هستي واد ساهتڪ هلچل تباهہ ٿيل ذهنن/وجود تي اهڙي تہ گهري ڇاپ ڇڏي جا ٻي ڪابہ ساهتڪ هلچل نہ ڇڏي سگهي آهي، ڇاڪاڻ تہ هستي واد ساهت انهن شين کي پڌرو ڪيو جيڪي سڪون واري ۽ عزت جوڳي ظاهرپڻي هيٺان لڪل آهن. ان وسيلي هستيءَ جي حقيقي رخ ۽ اٿڄاتل گهراين کي قلهوريو ويو ۽ اِنساني ورتاءَ ۽ هلت جي اونداهِن ذہن جي ڳولها ڪئي ويئي.

پر انساني حالت/هستي ايتري تہ منجهيل، ڏکي ۽ ائبسرڊ آهي جو هستي واد هلچل انساني حالت ۾ نالي ماتر بہ تبديلي آڻڻ يا شخص کي آٿت ڏيڻ ۾ تہ پوري طرح ناڪام بڻجي ويئي پر هستي وادين لاءِ ڏرم جو درجو وٺي بيهي رهي آهي. هن صديءَ جي ڇهين ڏهاڪي ۾ هستي واد هلچل جو موت ٿي چڪو، پر پوءِ بہ سارتر سميت سائيمن دي بوائرا، سيميوئل بيڪيٽ، اندري مالرو، سيزو پاريس، اسٽينسلا زيلنسڪي ۽ السي اچينگر ان جي موت کي قبولڻ

ڪان نابري واري پنهنجي ادبي ٺيڪيداري برقرار رکڻ لاءِ چرين جيان رڙيون پئي ڪيون آهن. ساهت ڏانهن هنن جي آدرشي رخ ۾ ڦيرو نه آيو، هنن مان ڪي اجا به هن غير انساني دنيا جي ڪوڙڪيءَ ۾ ڦاٿل هوندي به جانفشانيءَ سان بنا ڪنهن ڪارڻ جي انساني سڄاڻپ جي ڳولها ۾ رڌل آهن ۽ ساهت/ فلاسافيءَ وسيلي انساني حالت ۾ تبديلي آڻڻ جا خواب ڏسي رهيا آهن، جڏهن ته اِنسان جي منجهيل سماجي، ڪائناتي ۽ وجودي ڏانچي شخص جي قدمن جي هيٺان قدرن، روايتن، عقيدَن ۽ ويساهَن کي ٽڏي ڪيڻ سان گڏ شخص جي اڳيان سندس هستيءَ جي بي معنيٰ ۽ اڪارڻ هجڻ جو ڳجهه به پڌرو ڪري ڇڏيو آهي.

ڪوبه سماج، نظام ۽ نظريو، حالت ۽ زندگي مستحڪم ناهي، ان ڪري انهن سان پاڻ کي ٺهڪائي هلڻ اطمينان جوڳو حل ناهي. جتي انساني صورتحال ۽ موت مطمئين هجڻ جي گهر جون سڀ دريون ٻيڇي ڇڏيون آهن، اتي ڇا ڪابه ساهتڪ هلچل ۽ اِنساني سوچ، پوءِ پل ته اها ڪيتري به زوردار ڇو نه هجي، انساني صورتحال ۾ نالي ماتر به تبديلي آڻڻ جي اهل بڻجي سگهي ٿي؟

مذهب، عقل، فلاسافيءَ ۽ سائنس جي ناڪاميءَ کان پوءِ شخص وٽ ڪوبه چارو نه رهيو آهي، سواءِ نيڪالي ڏنل اوڊيپس جيان پنهنجي تقدير کي چاڙهڻ ٻڌائي قبول ڪري ونڻ جي. پر بي جوڙ ۽ اڻنگي ڪائنات ۾ موت سان گڏ جنم ٽيپ جي سزا لوڙهيندڙ شخص ۽ سوفوڪلس جي اروڊيپس ۾ بنيادي فرق اهو آهي ته پوڙهو، انڌو ۽ مايوس اروڊيپس جڏهن اهو محسوس ڪري ٿو ته هڪ ئي پنڌڻ جنهن دنيا سان سندس لاڳاپو قائم رکيو آهي سو هڪ ڇوڪريءَ جو ٽڏو هٿ آهي، تڏهن هو چوي ٿو، ”ڪيترن ئي ڏکيائين ۽ مشڪلاتن جي باوجود منهنجي وڏي ڄمار ۽ منهنجي روح جي عظمت مون کي ان نتيجي تي پهچايو آهي ته سڀ ڪجهه ٺيڪ آهي.“ پر شخص وٽ اهڙو به سهارو ناهي جنهن کي هو دنيا سان پنهنجي لاڳاپي جو ڪارڻ سمجهي، جيون گذاري. شخص ته رڳو ايترو ڄاڻي ٿو ته ڄمڻ وقت مٿس بنا ڪيس هلائڻ جي موت سان گڏ جنم ٽيپ جي سزا جي فتويٰ صادر ڪئي ويئي آهي، جنهن ۾ موت لاءِ وقت مقرر ٿيل ناهي.

اڄ جو شخص نهلزم جي تجربي مان گذرڻ ڪانپوءِ اُڻويهين صديءَ جي هيمليٽ جيان عذاب ڀوڳي ٿو، ڇو ته اُن تجربي مان گذرڻ ڪانپوءِ ظاهري طور تي نظر ايندڙ ترتيب واري دنيا جو بي ترتيبي، بي معنيٰ ۽ ائبسرڊ وارو اصلي روپ ظاهر ٿي پوي ٿو. نه صرف اڄ جي صنعتي تهذيب جي ڇڪتاڻ، ائٽمي جنگ جي لاڳيتي خطري، وڌندڙ مرڪزيت ۽ جذباتي بگاڙي شخص جو گهيرو سوڙهو ڪيو آهي، پر اصل ٽريجڊي ڪائنات جي جوڙجڪ جو غلط هجڻ آهي، جنهن ۾ ڪجهه به صحيح نه ٿي رهيو آهي. شخص جڏهن به خوشي ۽ ڪارڻ جي ڳولها ۾ بي معنيٰ ڪائنات جي ٽڪر ۾ اچي ٿو ته هن جي سامهون ائبسرڊ واري صورتحال ظاهر ٿئي ٿي، جنهن کي ڪامئو ڪائنات جي بي سبب مات ڪوٺيو آهي.

ڪامئو جي ناٽڪ 'ڪراس پرپز' جو مکيه ڪردار 'جان' رت جي رشتي، جذبن ۽ فطري سڀاڻپ وسيلي خوشي چاهي ٿو، پر خوشيءَ لاءِ سنئين سڌي ۽ سادي سودي خواهش جي رستي ۾ رنڊڪون آهن. ڪامئو ان ڊرامي ۾ ائبسرڊ جي انساني تجربي تي زور ڏنو آهي. ڪامئو جي خيال ۾ انسان جو پوري طرح ڪميونيڪيٽ نه ڪرڻ سگهڻ جي بيوسي، اڪيلائي ۽ جلاوطني جي احساس کي وڌيڪ ڇِتو بڻائي ٿي. ڪامئو جي ڊرامي ۾ مارٿا آيل شخص کي ماري ان جو پئسو ڪٽي سمنڊ ۾ سج جي روشني پائڻ چاهي ٿي ۽ جان پنهنجي واقفيت ٻڌائڻ بنا پيءُ ۽ ماءُ کان رت جي لاڳاپي ۽ فطري ڇڪ وسيلي پنهنجي سڃاڻپ چاهي ٿو، پر ٽيئي پنهنجي-پنهنجي رٿا ۾ ناڪام ٿين ٿا، ڇو جو ڪائنات ۾ سمجهه ۾ نه ايندڙ، يڪ طرفيون ۽ ظالم شيون هڪ وقت ئي جنم وٺن ٿيون ۽ شخص جو مقدر بڻجي وڃن ٿيون.

جان بارٿ جو چوڻ آهي ته ساهت جو انت ويجهو اچي ويو آهي. جان بارٿ ۽ ڪرٽ وونيگاٽ، ٿامس پئنبچان، جوسف هيلسرجن جو ائبسرڊ ساهت 1960ع کان پوءِ پڌرو ٿيو تن نه صرف روايتي، نارِرس ۽ اسٽائيل کي رد ڪيو آهي، پر اُنهن جي لکڻين ۾ سينس آف سينس ليسنيس جي ڌارا به نمايان آهي. هنن جي خيال ۾ اسين بي مقصد دنيا ۾ رهيل آهيون ۽ نه خدا، نه اِنسان، نه ٽيڪنالاجي، نه ئي فلاسافي انسان جي حالت ۾ معنيٰ آڻڻ، مقصد پيدا

ڪرڻ جي اهل آهن. ان ڪري پاڻ کي دوکو ڏيڻ، حفاظتي نقاب اوڍڻ يا پيرمن جي سهاري جيئڻ جي ڪا به گنجائش نه رهي آهي.

ائبسرڊ ساهتڪار هن صديءَ جي سڀ کان وڏي ۾ وڏي ٽريجڊي دنيا جي ٻولين جو بي اثر ۽ اڻپورو هجڻ کي سمجهن ٿا، جيڪي ساهت ۾ اظهار جو واحد وسيلو آهن. روايتي ۽ خصي بڻيل ٻولين وسيلي، شعوري، لاشعوري، نيم شعوري سطح تي ٿيندڙ اوچتين، اچانڪ تبديلين، احساس جو پڙڪي سان اٿلڻ ۽ لڳاتار تبديلين کي ان ئي حالت ۾ اظهار ڏيڻ يا پنهنجن تجربن، احساس جي مونجهارن ۽ ردعمل کي چاهيل روپ ۾ اظهارڻ ليکڪ لاءِ ممڪن ئي ڪونهي. ان ڪوشش ۾ ليکڪ ٿابا کائيندي ٻوليءَ سان هٿ چراند ڪرڻ لاءِ مجبور ٿي ٿو وڃي، پر پوءِ به اها هٿ چراند هن کي چاهيل مقصد تائين پهچائڻ ۾ مدد نٿي ڪري.

دنيا جون سموريون ٻوليون سڌي سنواٽي ۽ آسان لهه وچڙ لاءِ سرجيل آهن، انهن ۾ منجهيل ڪامپليڪس سوچ، جذبن، پيڙا، ڏک ۽ بدلجندڙ حقيقتن جي اظهار جي سگهه آهي ئي ڪونه.

اڄ سرجندڙ ساهت جو نه ڪو مقصد آهي، نه ئي معنيٰ. اهو نصيحت نٿو ڪري، راهه نٿو ڏسي، پرچاري ناهي. ائبسرڊ ساهت ۾ انسان جي بيوسي، چِٽ ڪٽائي، فطرت/قدرت جي بي رحمي، نتيجي ۾ پيدا ٿيل نفسياتي ڏوهه، جيڪي بي جوڙ ڪائنات، بي مقصد انساني هستي جي تخليق خلاف انصاف پريو احتجاج آهن، ۽ آئيندي جي پيانڪتا کي مختلف روپن ۾ اظهار ڏنو ويو آهي.

اڄ جي ساهت سان نئين جو پڇ ڳنڍڻ ئي ان سان وڏي ناانصافي آهي. نئين لاءِ چاهه ۾ ڪا به خرابي ناهي، پر ساهت سان 'نئين' اڪر جو پڇ ڳنڍڻ هڪ طرح سان، ان کي گهيري ۾ بند ڪري، مذهب جو درجو ڏيئي پوڄڻ آهي. جڏهن ته نئين جي نالي سان سڏجندڙ ڪنهن به شيءِ جو وجود ئي ناهي، جيئن جيمس جائيس جي يوليسس جو بلوم هر وقت ڳالهين ۾ واقعن جي دهراءَ کان سجاڳ آهي، بلوم جاڳي ٿو وٽس نئين لاءِ چاهه آهي - گڏوگڏ اهو به قبولي ٿو ته سج جي هيٺان ڪجهه به نئون ناهي.

هر شيءِ جا اڄ نئين ٿي پانئجي سا اڳتي هلي دهرايل پئٽرن ۾ قيد ٿي وڃي ٿي. ساهت جي پرک ان ڳالهه تي ٿيڻ گهرجي ته اهو جنهن دور، حالتن، ماحول ۽ جذبن هيٺ سرجي ٿو- ان جي ڪيتري عڪاسي ڪري ٿو. جيئن ترقي پسند ۽ هستي واد ساهت پنهنجي - پنهنجي جڳ جي ڀرپور ۽ زوردار عڪاسي ڪئي آهي.

ان اصول کي ڪٽندي جڏهن سنڌي ڪهاڻيءَ جي پرک ڪجي ٿي ته، جتي دنيا ۾ سڏجندڙ ’نئين‘ ڪهاڻي قوهه جوانيءَ مان ڍرڪي پوڙهپڻ ڏانهن موٽي رهي آهي ۽ ان جي جاءِ ماحول ۽ شخصي حالت ۽ بيوسيءَ جي عڪاسي ڪندڙ ڪهاڻيءَ والاري آهي. اتي سنڌي ڪهاڻي صرف بند ٿيل دروازن جا ڪڙا کڙڪائي رهي آهي. زندگيءَ جي بدليل حوالن ۾ سنڌي ڪهاڻيڪارن جي مٿان ڪنهن به سطح تي حالتن کي پڪڙ ۾ نه آندو ويو آهي. دنيا جي ڪهاڻيءَ ۾ جتي خدا جي موت جي اعلان کان وٺي سک جي ڊونگ جي پڌري ٿيڻ، مئل عورت کي ماڻڻ کان وٺي پنهنجي موٽ جي پوءِ سميت پنهنجي وقت جي شاهديءَ جو ۽ جيون جو اظهار انيڪ روپن تان ڪيو ويو آهي، اتي سنڌي ڪهاڻيڪارن جو ذهن ۽ هنن وٽان سرجندڙ ڪهاڻيون اڄ به رومانٽ ازم جي روڳ ۽ گندگيءَ سان ڀريل آهن. سنڌي ڪهاڻيڪارن لاءِ اڪر ’نئين‘ ۾ به رومانس آهي. هنن جي ڪهاڻين ۾ ڏکن، مايوسين، زندگيءَ جي چٽپٽائيءَ مان به رومانس نظر ايندو آهي. گهٽ ۾ گهٽ مون ته اهڙي سنڌي ڪهاڻي ورلي پڙهي هوندي، جنهن مان زندگيءَ جو ڊونگ، فريب ۽ زهر ڇٽو ٿي بينو هجي، جنهن کي پڙهڻ سان من بيمار ٿي پوي ۽ اندر ۾ انتهائي نفرت، ڏڪار، ڪروڌ پرجي اچي ۽ من اُلٽي ڪرڻ لاءِ چوي.

ان هوندي به آسرو سنڌي ڪهاڻيءَ مان مون نه لاٿو آهي. ڪڏهن سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ اهڙي تخليق اچي سگهي ٿي، جنهن کي پڙهڻ سان نازيا واري ڪيفيت طاري ٿي وڃي، اهڙي اُميد مونکي آهي، لال جي ’هن جي آتم جو موت‘ پڙهڻ کان پوءِ ۽ سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ ڪي. ايس. ٻالاڻي ۽ پريم پرڪاش، ماڻڪ، شيام جئسنگهاڻيءَ جي هئڻ ڪري.

**- مشتاق شورو**

# ٽنل، ٻنل-ڍهنڍڙ پاڇولا

مينهن ٻنڌ ٽيڻ ڪانپوءِ سڀني ماڻهن اسٽيشن ڏانهن رخ رکيو آهي. مينهن پوري ٻارهين لڳي شروع ٿيو ۽ ڇئن ڪلاڪن ڪان پوءِ ڇئين لڳين ڏاري وسڻ بند ٿيو آهي. انهن ڇئن ڪلاڪن جي وچ ۾ مينهن هڪ ڪن لاءِ به وسڻ بند نہ ڪيو آهي. رستن تي گوڏي ڪان وٺي چيلهہ جيترو پاڻي آهي. بسن ۽ ٻي ٽرئفڪ جو هلڻ اٽڪيٽو آهي. بسن جي بند هئڻ ڪري ڪيترن ماڻهن، جي يا لوڪل اسٽيشنس جي پاسي جا رهندڙ آهن يا ان جي ويجهڙ جا آهن يا انهن اسٽيشنس جي اوسي پاسي جا آهن-يا اهي بہ جي گهٽو پرتي جا آهن، ٻي ڪا واهہ نہ ڏسي لوڪل ٽرين تي زور رکيو آهي. سِٽي اسٽيشن ۽ ڪئنٽ اسٽيشن تي ماڻهن جا هجوم آهن. انهن اسٽيشنس جا هڙ ئي پليٽفارم اهڙن ماڻهن سان سٽيل آهن. لڳ-ڀڳ سڀني جا ڪپڙا پنل آهن ۽ پينٽ يا سلوار جا پانچا سيني مٿي ڪٽي چڙيا آهن. جن جون پينٽون سوڙهيون آهن، انهن لاءِ تہ لاچاري آهي، اهي ان ئي حالت ۾ بوٽ هٿن ۾ ڪٽي اسٽيشن تي پهتا آهن.

گاڏيون سڀ ليٽ آهن، ايڪسپريس ۽ پئسينجر گهٽ ۾ گهٽ تي چار ڪلاڪ ليٽ آهن. پر ويندي-ويندي لانديءَ تائين اهي بہ لوڪل گاڏين جو ڪم ڏيئي رهيون اهن. ماڻهو ڏوڪي چڙهي ٿا پون ۽ لوڪل اسٽيشنس تي جتي اهي گاڏيون بيهٽيون ناهن، زنجير ڇڪي لهي ٿا پون. ان ڪانسواءِ ٻي وات بہ تہ ڪانهي. ۽ مال گاڏيون تہ بلڪل بند ڪيون ويون آهن.

ماڻهن جو وڏو هجوم، سٽي اسٽيشن جا سڀ پليٽفارم والاري-ڪيتري دير ڪان لوڪل گاڏيءَ جي اوسئيڙي ۾ بينو آهي. بيني-بيني سڀ ماڻهو ڪڪ ۽ پريشان ٿي رهيا آهن، پر پوءِ بہ اُهي پاڻ ڪي ڀاڳ وارو پيا سمجهن-ليٽ سيٽ گهر تہ وڃي پهچندا نہ-پر اهي ويچارا ڇا ڪندا، جي شهر جي اندرين حصن ڏانهن وڃڻا هوندا، جڏهن تہ بسون آهن ئي ڪونہ ۽ رستن تي چيلهہ جيڏو پاڻي آهي-وڪٽوريا وارا ٽوري پنڌ جا بہ پنجويهہ-ٽيهہ رپيا گهري رهيا آهن. هجوم ڪيتري مهل ڪان بيني ڪڪپائي جو اظهار پيو ڪري. سڀ ماڻهو منجهيل ۽ پريشان آهن-جن ڪي ڪچا گهر يا پونگيون آهن، سي وڌيڪ پريشان آهن. ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي پويان ڪنهن خير جي پڪ نہ آهي. شهر ۾ ڪيتريون

جايون ڏهي پيون آهن ۽ بجليءَ جي تارن ٽٽڻ ڪري ڪيترا ماڻهو مري چڪا آهن ۽ انهن جا لاش به اسپتال يا سندن گهرن تائين پهچي نٿا سگهن. هجوم مان ڪيترن ماڻهن پنهنجي چوڌاري بيٺل ماڻهن کي پڪ ڏياري آهي ته ڪراچي لڳ-ڀڳ ٻڏي چڪي آهي يا ٻڏڻ جهڙي ٿي آهي. ماڻهو هڪ ٻئي کي پڪ ڏيارڻ کان، پنهنجين ڳالهين کي وڌيڪ وزندار ڪرڻ کان اهڙن اکين ڏٺين حادثن بابت ٻڌائين پيا.

- آءٌ بوهري بزار مان آيس پئي ته منهنجي سامهون جاءِ ڪري. گهٽ ۾ گهٽ پنج ست ماڻهو ته پڪ ئي پڪ مئا هوندا. مون ۾ سگهه ڪانه هئي جو اهو نظارو وڌيڪ بيهي ڏسي سگهان. ماڻهن جون رڙيون ٻڌي ۽ رت ڏسي مون کي اُلٽي اچي ويندي آهي. ان ڪري ئي آءٌ اُتان تڪڙو-تڪڙو ڀڄي نڪتس. ايتريون ته الائي ڪيتريون جايون ڪريون هونديون.

اهو هڪ ماڻهو آهي ۽ ٻيو ماڻهو چوي پيو.

- آءٌ صدر پوسٽ آفيس مان نڪري اچا پئرا ڊائيز سئنيما وٽ آيس ئي مس ته منهنجي پويان ڪو آپريٽو مارڪيٽ وٽ بجليءَ جي تار ٽٽي. هڪ سيڪنڊ جو فرق ٿيو نه ته اها تار مون تي ڪري ها. ويچارا ٻه ننڍا ڇوڪرا اُتي جو اُتي مري پيا. ڏاڍو نقصان ٿيو آهي، پڪ نه آهي ته ڪنهن جي گهر ڇا ٿي گذريو هوندو.

- پر ايلفي ته سڄي ٻڏي ويئي؛ دڪاندارن ڏاڍي جاکوڙ ڪئي، پر سائين پاڻي ڪٿي ٿو بيهي، ڏوڪي گهڙي آيو اندر. سڄي ايلفيءَ جا دڪان پاڻيءَ سان پرجي ويا آهن. سڀ مٿي تي هٿ ڏيئي وينا آهن، اڄ ته چرڪ پري اُٿندا ئي، پر سائين گهٽيون راتيون ننڊون ڦٽندن.

اهو ٽيون ماڻهو آهي، پر ٻين کان مختلف، ڳالهه ڪندي خوش‌خوش پيو ٿئي. چڙي هئڻ جي ناتي، اوني کان آجو آهي. پويان گهر ۾ ڪير ڪونهي جنهن جو اونو ڪري.

- انهن کي ته چڱو ٿيو جو نقصان رسيو. ماڻهن کي ڦري-ڦري ڪٽي گهر پريا هئائون.

- ميان خير گهرو، نقصان کان ڪوبه نه بچيو هوندو، خبر ناهي ڪير ڪهڙي هاڃي ۾ هوندو، الله پيو پناهه ڏئي.

اُن جتي ڪان ڪجهہ پرتي، جتي ڪجهہ ماڻهن جو ڀيو جتو آهي ۽ اهي ماڻهون بہ ان قسم جا پاوَ ڪٽي مينهن جي تباهيءَ جون ڳالهيون پيا ڪن. پنهنجن گهرن جي سلامتيءَ لاءِ ويچاري رهيا آهن.

- اهڙو مينهن تہ اڳي رڳو... آءٌ سمجهان ٿو 1967ع ۾ وٺو هو، اُن بہ اهڙا هاڃا هٽي ڇڏيا هئا.

- ها برابر تڏهن ئي وٺو هو، پر سائين هيِ مينهن تہ... پورا چار ڪلاڪ وَسيو آهي.

انهن ۾ هڪ نوجوان جنهن جي هٿ ۾ بوٽ آهي ۽ سوڙهي پينٽ ڪارڻ پينٽ جا پانڇا مٿي ڪري نہ سگهيو آهي، ماڻهن جي ڳالهين جي وچ ۾ پنهنجي ڳالهہ ٻڌائڻ لاءِ آتو پيو ڏسڻ ۾ اچي. هن سمرسيٽ اسٽريٽ تي، جتي پاڻي تمام گهڻو هو، رستي جي هڪ ڪناري ڪان ٻئي ڪناري تائين ٻين ماڻهن سان گڏ ڪرسچن ڇوڪرين کي هنج ۾ کڻي رستو پار ڪرايو هو. هن ڇوڪرين جي لڱن ۽ ڇاتين تان هٿ ڦيريا هئا ۽ زور ڏنا هئا؛ ڇوڪرين ڪجهہ نہ ڪڇيو. اعتراض بہ نہ ڪيو. هو وَجهہ وٺي ماڻهن جي ڳالهين جي وچ ۾ ٽپي پيو آهي ۽ ڪين سڄي ڳالهہ ڏاڍي مزي سان ٻڌائي پيو. ماڻهن کي هڪ- هڪ لفظ مان مزو وٺي ڳالهہ ٻڌائي پيو. چوندي سندس اکيون شهوت مان ڳاڙهيون ٿي پيون آهن.

- ڪرسچن ڇورين جو ڪو جسم آهي ڇا. اصل پٿر آهي پٿر؛ ابا وري انهن ماءُ جي... جا لڱ اهڙا گرم ڇا، ساڳئين ايرڪنڊيشنڊ.

۽ ان ڪان وڏيڪ اهميت ڀري ڳالهہ، جا هن سوچ جي انداز ۾ ٻڌائي آهي.

- ابا هڪڙي ڇوري تہ اصل مون سان نهي ويئي، مرڪي پئي. هيٺ لاٿومانس تہ وري ابا ٿينڪ يو پئي چوي.

ٻين ماڻهن کي مزو آيو آهي يا نہ، پر انهن مان ٻن ماڻهن هن کي ڇنڊ پٽي آهي.

- اوهان... ڪمال آهي. اڄڪلهہ جي ڇوڪرن کي شرم ئي ڪونهي، وڏا بي غيرت آهيو... وڏو ڪارنامو ڪيو اٿئي دلا. پٽ سنڌو ندي ترِي پار ڪئي آهي.

- ميان هر ڪنهن کي ماءُ ڀيڻ آهي، ۽ هن حالت ۾ خبر ناهي تنهنجي ماءُ ڀيڻ سان ڇا ٿيو هجي، تون وَتين ٿو ٻين جي مائرن ڀينرن ۾ اکيون وجهندو. ڪجهہ تہ حياءُ ڪريو؛ وڏا ذليل، ڪميٽا آهيو.

اهڙي دٻ تي هن جي منهن جو رنگ ئي بدلجي ويو آهي. ٻلي ٿي اُتان کسڪي ٽڪڙو-ٽڪڙو هلي انهن کان پري، ٻيءِ ڪنڊ ۾ اڪيلو وڃي ويٺو آهي.

هجوم کي بيٺي-بيٺي ڪلاڪ ديرٿي ويئي آهي، پر ڇا تائين لوڪل گاڏي نه آئي آهي. ٻيو ته ٻيو پر ڪا مين لائين جي گاڏي به نٿي هلي. پريشان، بيچين ۽ مچريل هجوم جي ڪن ٽولن ريلوي اٿارٽيءَ تي ٻاهه چنبڙ شروع ڪئي آهي.

- بس انهن حرامخورن کي شل نه ڪو وجهه ملي، آهي به پلا ڇا. ريلوي جا پتا نه پاٽيءَ کان بڇيل آهن؛ ٿي سگهي ٿو-ر ڳو ڪوئينس روڊ واري پل جي هيٺين پٽن تي ڪجهه پاڻي هجي...

ٻئي ماڻهوءَ پهرئين کي وچ ۾ ڪٽيو آهي ۽ منهن ڦٽائي چوي پيو.

- نه نه، اتي به وري پاڻي ڪٿان بيهندو؛ نيڪال لاءِ هيڏو سارو نالو جو آهي ۽ پوءِ به... مڙئي ٿيو پبلڪ کي پريشان ڪرڻو. مفت جا ٽا پگهار کائين حرامخور.

انهن مان هڪ ماڻهوءَ جنهن ٻڌايو آهي ته هو ڪوئينس روڊ تان پيو اچي ۽ اتي پل جي هيٺ برابر پاڻي آهي، چو ته نالو ايترو سارو پاڻي چڪي نه پيو سگهي؛ نالو به ته ڪيترن هنڌان اُٿلي پيو آهي.

ماڻهن جي انومان کي ڪوڙو ڪندي، جنهن تي هو دليلن سان فيصلو ڏيئي چڪا آهن، هو انهن کي ريلوي اٿارٽيءَ جو چمچو پيو لڳي. دلاگيري ٿو ڪري سالو، هڪ کان وڌيڪ ماڻهون ويچارين پيا.

ماڻهن کي گاڏين جي ليٽ ۽ ڪيتري مهل کان نه هلڻ جي پنيان ڪوبه ظاهري اهڙو ڪارڻ ڏسڻ ۾ نٿو اچي. جنهن کي ريلوي اٿارٽيءَ بهانو بڻايو هجي. سيني ماڻهن جو ويچار آهي ته اهو ائين ڄاڻي-واڻي کين پريشان ڪرڻ لاءِ سانگ رچايو ويو آهي. سيني ان لاءِ ريلوي اٿارٽيءَ کي ڏوهاري ٺهرايو آهي.

ستي اسٽيشن تي بيٺل ماڻهو، انهن ماڻهن کي ڪانئن وڌيڪ ڀاڳ وارو پيا سمجهن. جي ڪنهن نه ڪنهن ريت ڪئينٽ اسٽيشن تي پهتا هوندا، چو ته اتان اهي عوامي ۽ تيز گام رستي نڪري ويا هوندا ۽ هاڻي پنهنجن گهرن ۾ وينا هوندا. پر اهي جي هتي بيٺا آهن، سڀ پڇي ويل ۾ آهن-جن کي اها به سڌ ڪونهي ته پويان سندن گهرن ۾، سندن نه هوندي، اهڙي هاڃي ۾ ڇا وهي واپري چڪو هوندو. انهن مان هر ان ماڻهوءَ، جنهن کي پويان گهر ٻار آهي،

من ئي من ۾ دعائون پيو گهري - خير هجي شل.

سڀ ماڻهو ڏاڍا پريشان آهن، سڀئي جهٽ ڪان جهٽ پنهنجي گهر پهچڻ ٿا گهرن. پر ڪري به ڇا ٿا سگهن. لاچاري آهي. انهن ۾ وڏيڪ لاچار ڪان لاچار ماڻهو اُهي آهن، جن جو ڪو اسٽيٽس آهي. ڪارن ٽيڪسين ۾ ايندڙ، ويندڙ آهن، جتي انهن ڪارون بيهاريون آهن اتان انهن جو ڇُرڻ اڻٽيڻو آهي - ان ڪري ئي هو هيڏو سارو پاڻي جهاڳيندا هتي پهتا آهن - ٻئي ته ڪا واهه به ڪانهي. هو پاڻ ڪان گهٽ ٻين ماڻهن ڪان ڏار، ڪٽيل الڳ ٿي بيٺا آهن - ٻين ماڻهن جي ڳالهين ۾ پاڳو نه پيا وٺن.

هڪ ماڻهو - ٻاهران ذري گهٽ ڊوڙندو اچي هجوم سان گڏيو آهي. هجوم گهڻي دير ڪان اوسيئڙي ۾ بيٺو آهي - ۽ هو گهڻي دير ڪان پوءِ آيو آهي. ٿڪل پيو لڳي ۽ ان ڪان وڏيڪ بدحواس. سنهڙو ۽ هڙباٽين نڪتل آهي. هڪ هٿ ۾ ڪپڙي جي ٿوڪري اٿس - جنهن ۾ ڪجهه سامان پيل آهي ۽ ٻئي هٿ ۾ چمپل. ڪپڙا ٻڇڙي ريت پنل ۽ مٽي لڳل اٿس. هجوم ۾ بيٺل ماڻهن ڪان هو ڪيئي ڀيرا وڏيڪ پريشان پيو لڳي. سندس مٿي تي مختصر وار آهن - اڌ اڇا، اڌ ڪارا. قاتل ڊپاٽيون اکيون ڦيريندو، هجوم مان هو وائڙن جيان اهڙي ريت پيو هلي، جو هر ماڻهوءَ جو ڌيان ڌانهس ڇڪجي ويو آهي. هلندي هن هڪ ڪان وڏيڪ ماڻهن ڪان پڇيو آهي، گاڏي هلي ته نه ويئي آهي - ۽ اڳين گاڏيءَ ڪي وئي ڪيتري مهل ٿي آهي. پڇڻ ڪان پوءِ، جو هن پڇيو آهي يا جو جواب ڪيس مليو آهي، وسري ٿو وڃيس. ور - ور ڏيئي، هڪ - هڪ ماڻهوءَ ڪان ساڳي ڳالهه پڇي پيو. پڇندي هو هڪ ڇيڙي ڪان ٻئي ڇيڙي تائين - هڪ پليٽفارم ڪان ٻئي پليٽفارم تائين ايندو - ويندو رهيو آهي. بلڪل چرين وانگر هلي ۽ ڳالهائي پيو. سڌ ڪيس به نه آهي ته هو ڇا پيو پڇي ۽ ماڻهو ڪيس ڇا پيا چون، گهڻو ڪري هن جيڪي ڪجهه پڇڻ گهريو آهي پڇندي، ان ماڻهوءَ جو ڌيان ڇڪائي، جيڪي پڇي ٿو وسري ٿو وڃيس - هڪ اکر ڇئي - ان ۾ ئي اٽڪي ٿو پوي. هو اکيون ڦوٽاري تجسس يا ڪجهه اهڙي انداز ۾، پاڻ سان ڳالهائيندڙ ماڻهوءَ ۾ نهاري ٿو، ڄڻ هاڻي هو ڪو وڏو انڪشاف ڪرڻ وارو آهي يا ٻئي ڪان اهڙي توقع رکي آهي.

- گاڏي... اون... ها... گاڏي ڪيڏي مهل ايندي؟

هو جتي بينو آهي، اتي پاسي ۾ بينل ڪان جڏهن ور-ور ڏيئي ۽ ڪجهه سيڪنڊن ڪان پوءِ ساڳيو سوال پڇي چڪو آهي، تڏهن هو مڇرجي پيو آهي.

- چيم نه ته مون کي سڌ ناهي، مون کي پلا ڪهڙي ڪَل، آءٌ ڪو غومي آهيان ڇا جو توکي ٻڌايان ته گاڏي ڪيڏي مهل ايندي آءٌ پاڻ تو وانگر بينو آهيان.

- هي ته ڪو صفا چريو ٿو لڳي، تنگ ڪري ماريو اٿس. ٻڌايونس به پيا ته اسان کي ڪَل ڪانهي تڏهن به وري وري پيو پڇي.

اتي بينل ماڻهن کي مٿس وڌيڪ اچرج تڏهن لڳو آهي جڏهن هن ڪين ٻڌايو آهي ته مينهن وسندي هو صدر پوسٽ آفيس ۾ مينهن ڪان لڪي وينو هو ۽ مينهن بند ٿيندي ئي هيڏانهن هليو آيو آهي.

- رستي تي هلندي ڏاڍي تڪليف ٿي-ٿِي.

ماڻهن کي پڪ ٿي آهي ته واقعي چريو آهي.

- تون ته ڪو صفا عجيب ماڻهو آهين، اتان ته ڪئينٽ وڌيڪ ويجهي هئي ۽ اتي توکي ڪا نه ڪا مين لائين جي گاڏي به ملي وڃي ها، هيڏانهن وري انڌو ٿي هليو آهين.

- ڪيڏانهن منهن مرم جو، ڪيڏانهن ٿندو الميار. صدر مان وري هليو آهي ستي اسٽيشن !

- يار آفيس آهي ميڪليوڊ روڊ تي، روز لهان چڙهان هتان، مريو پيو آهيان سو پريشانيءَ ۾ خيال ئي ڪونه آيو. پر اُتان جاءِ به ڪونه ملي ها، هيڏي جو رش آهي... هتي ته... رش ته آهي، پر بيهڻ جي جاءِ ته ملندي نه.

- پوءِ ته اڳوپو وزير مينشن تي هليو وڃين ها- اُتان ته بلڪل آسانيءَ سان جاءِ ملي وڃيئي ها. هيڏانهن هرويرو آئين.

ٻئي ماڻهوءَ کلندي ٽوڪ ڪئي آهي ۽ ٻيا به ماڻهون کلن پيا.

پر هو هڪ هنڌ بيهي نه سگهيو آهي- هلندو هليو آهي. ڪجهه مهل ڪان پوءِ هن ماڻهن کي ٻڌائڻ شروع ڪيو آهي ته ساڻس ڪيڏي وڏي مصيبت ٿي آهي.

- آفيس مان به ائين بنا موڪل جي اُٿي هليو آيس-ويچار ۾ جهٽ ۾ موٽي ايندس-ڊاڪٽر به وري دوائون به اهڙيون لکي ڏنيون جو ملن ئي نه پيون-سڄي صدر ۾ رلي-رلي مس-مس دوائون مليون. ٻارن لاءِ اسڪول جا ڪتاب

وني- اجا آفيس ڏانهن وريس ئي پئي تہ اچي مينهن وٺو- صدر پوسٽ آفيس ۾ ان ڪري وڃي بيٺس تہ اِجهو ٿو مينهن بند ٿئي- پريشانيءَ جي ڳالهہ تہ اها آهي جو منهنجي زال سخت بيمار آهي- اهي دوائون مون هُن کي ترت پهچائڻ ٿي گهريون- سُڌ ناهي گهر جو ڇا حال هوندو.

هن پنهنجي ويڙهن سڃي هجوم ۾ هلندي ڪيترن ماڻهن کي ٻڌائي آهي. هاڻي ماڻهن هن کي نٿي ٻڌو- پر پوءِ بہ هيِ پريشان- بيچين- بدحواسيءَ ۾ پنهنجو پاڻ سان ڳالهائيندو پيو هلي.

- منهنجي زال جو الاجي ڪهڙو حال ٿيو هوندو- گهر جي ڇت بہ ڪمزور آهي، خدا خير ڪندو.

هو چوي پيو، ڪيس سندس انڌيءَ ماءُ جو ڏاڍو اونو آهي؛ اها تہ ويچاري ڪجهہ ڏسي بہ نٿي سگهي. ان ڪان وڌيڪ ٻيبوءَ جي ڳڻتي- جنهن کي وچ ۾ گوڙ ڪان ڏاڍو ڊپ لڳندو آهي. کَل ناهي ڪهڙي حال ۾ هوندا سڀ- گهر بہ اجهورو آهي. هلندي- يا ڳالهائيندي هن جڏهن گهر ۾ گهر جي ڀاتين لاءِ ويچاريو آهي، تہ سندس لڱ ڪنبي ٿا وڃن. متان جاءِ نہ ڪري پئي هجي تہ ! نہ نہ... خدا ڏڪ ڏڪيندو- ائين تہ هيڪاري...

هو اهڙي حالت کي اچي پهتو آهي، جو ڪيترا ماڻهون سمجهن پيا تہ هاڻي اِجهو ٿو رڙيون ڪري. پڪ ئي پڪ ائين ڪندو- ڪپڙا ڦاڙيندو، ۽ پٿر هڻندو. واقعي چريو آهي. ماڻهو ويچارين پيا.

پاڻ کي ڳالهين ۾ رڌل رکڻ لاءِ هاڻي هن ماڻهن کي مينهن جي تباهيءَ جون ٻوائتيون ۽ دل ڏاريندڙ ڳالهيون وڌائي- سڌائي ٻڌائڻ شروع ڪيون آهن. ڪيترا ماڻهو هن جون ڳالهيون ٻڌي ڊڄي ويا آهن. هن جي ڳالهين مان ائين پيو لڳي تہ سڄي ڪراچي تباهہ ٿي ويئي آهي، ڪو گهر سلامت نہ بچيو آهي، ٻيو تہ ٻيو پر ماڻهون بہ سڀ مري ويا آهن. ڪيترا ماڻهو ڊپ ۾ ونجي وڌيڪ پريشان پيا ٿين- اڳي ڪان وڌيڪ. ڪيترن کي تہ پڪ بہ ٿي ويئي آهي تہ پويان ڪجهہ نہ ڪجهہ گذري چڪو هوندو. جڏهن تہ، جن جاين تي ٿيل- جيڪي حادثا هن ٻڌايا آهن- هتي بيٺلن مان ڪيترا اتي موجود بہ هئا، پر هن کي ڪوڙو ڪرڻ جو ساهس ساري نٿا سگهن.

هيڏي ساري پريشانيءَ ۾ ڪيس ٿوري خوشي تڏهن محسوس ٿي آهي،

جڏهن هلندي سندس مڪاميلو هڪ پاڙي جي ڄاڻ سڃاڻ واري ماڻهوءَ سان ٿيو آهي.

- ڪيئن ڀلا ڪر خبر پنهنجي پاسي ڏانهن خير ته آهي نه؟

- سڌ ناهي يار، آءٌ پاڻ پريشان آهيان، ٻارن جي ڳَل ناهي ڪهڙي حالت هوندا. مينهن به ڪو مينهن وٺو آهي.

هن ان ماڻهوءَ کي به پاڻ سان ٿيل ويڌن شروع ڪان پڇاڙيءَ تائين ڪري ٻڌائي آهي.

- پر يار اڃا گاڏي ڇو نه آئي آهي.

- خبر ناهي. ٽرئفڪ ته سڄي هيٺ مٿي ٿي ويئي آهي.

- منهنجي زال ٺيڪ هجي ها ته ڪا اوني جهڙي ڳالهه ڪانهي، پر هوءَ ته هلڻ ڪان هلاڪ - امان ويچاري انڌي اها ڪيئن ٻار سنڀالي سگهي هوندي. ٻيبو خبر ناهي ڪيئن ٿيو هوندو - يار ٻڇندو آهي ڏاڍو. مونکي دير رڳو دوائن ڪرائي نه ته سوير نڪري وڃان ها. يار منهنجو گهر تنهنجو ڏٺل آهي ته ڪيئن...

- ها يار، سڄي پڇي ائين آهي - پر ٻڇيو به ته ڪو ڪونهي، هر ڪنهن کي پوڀان جو اونو آهي.

- مون کي اهڙي هاڃي جي ڳَل هجي ها ته اڄ آفيس ئي ڪونه اچان ها، آيس به ته ڪونه ٿي - پر دوائن جي لاءِ اُتي ڪنهن به اُڌارا پئسا به ڪونه ڏنا. ڀلا مهني جون پويون تاريخون، لاچار پئسن ڪاڻ آفيس آيس - مون ڪان به ٿي وئي، صبح ساڻ ئي آفيس مان پئسا وٺي، هڪ ڏينهن جي ڪٽي موڪل وٺان ها، اسين به وري... لاهه ئي نڪري ويا.

جڏهن ٻنهي وٽ ڳالهائڻ لاءِ ڪجهه به نه بچيو آهي ته هو ٻيهي نه سگهيو، اڳتي هلندو، ٻين ماڻهن سان ڳالهائيندو پيو هلي، جڏهن ته ڪير به ڪيس ٻڌي ئي نه پيو.

هجوم وڌندو پيو رهي. گاڏي ان مهل آئي آهي - جڏهن ڪنهن به پليٽفارم تي پير رکڻ جيتري به جڳهه نه رهي آهي. سڄو حجوم گاڏيءَ تي ٽٽي پيو آهي. ماڻهون درن وٽان ڪو آسرو نه ڏسي، درين مان پيا چڙهن. ڪجهه ئي دير ۾ گاڏيءَ ۾ پير رکڻ جي جاءِ به نه رهي آهي. ماڻهون درن تي لٽڪي پيا آهن. ڪيترا ته اِنجڻ ۾ به چڙهي پيا آهن. بدحواس ماڻهو چڙهي نه سگهيو.

پر هٽي -ڏُٽي هڪ در تي لٽڪي پيو آهي، جتي پير نہ ڪپائي سگهيو آهي، سڄو زور هٿن تي اٿس. پوءِ بہ ڪيترا ماڻهون جي چڙهي نہ سگهيا - رهجي ويا آهن. گاڏي وِسل ڏيئي - هلي آهي. هلندي - هلندي بيهندي ٿي هلي. ڪوئينس روڊ وري پل هيٺان پاٽي آهي - پر ايترو نہ - پٽا صاف ڏسڻ ۾ پيا اچن. ڪئينٽ اسٽيشن تي پهچندي - گاڏي وچ ۾ ڪيترا پيرا بيهي چڪي آهي. پر پوءِ بہ ماڻهن کي آسرو آهي تہ هاڻي گهر پهچنداسين تہ سهين.

گاڏي جڏهن ڪئينٽ اسٽيشن تي پهتي آهي تہ اتي آسري ۾ بيٺل هجوم گاڏيءَ ڏانهن وڌيو آهي - پر پوءِ هار ڪائي بيهي رهيو آهي - ڪيترا ماڻهون پوءِ بہ چڙهڻ جي ڪوشش ڪن پيا، ۽ اَسڦل رهي بيهي رهيا آهن. ڪي آهن جي درين وٽان ٽنبڙي پيا آهن. وڏي ڳالهہ - اها تہ ڪو گاڏيءَ مان لٿو بہ ڪونہ آهي. جيڪا توقع هتي بيٺل هجوم ڪئي پئي.

گاڏيءَ وري وِسل ڏيئي پليٽفارم ڇڏيو آهي. ان ئي ڪمپارٽمينٽ ۾ جنهن ۾ اهو بدحواس ماڻهو لٽڪي پيو - گوڙ مچي ويو آهي. ڪنهن ماڻهوءَ - ڪنهن کي ڳنڍي چور ڪري جهلي ورتو آهي. ڪيترا ماڻهو ڪوشش پيا ڪن، ٽڪ بچو ڪجي - پر ايتري جاءِ ئي ناهي، جو هٿ بہ چوري سگهجي. ان ڪري سڀ ماڻهون رات سان ئي ڪم پيا ٽپائين. جو ماڻهو جهليو ويو آهي - سو سئُنهن قسم پيو کڻي.

- الا جو سوُنهن تہ مون رڳو هٿ چوريو، سوڙهہ ۾ هٿ سمهي رهيو هو. مون ڪنهن جي بہ کيسي ۾ هٿ ڪونہ وڌو آهي، اوهان کي ڀل ٿي آهي.

پر ماڻهن کي ويساهہ نہ آيو آهي.

- اڙي هڪڙي چوري ٻي سينا زورِي - اڙي تو کيسي ۾ هٿ وجهڻ جي نہ پئي ڪئي ڙي.

- اهي بي غيرت هن حال ۾ بہ نٽا رهن. ڊرگ روڊ تي هلي پوليس جي حوالي ڪريوس حرامزادي کي. بڪواس ٿو ڪري سالو. هونئن رڳو هٿ چوريو پٽ. ڏَلو ڪنهن جاءِ جو. اڙي خلاصو هجان تہ هٿ چورڻ سيڪاري ڇڏيانس. پيڻ جي... کي.

- نہ نہ پلي اسٽيشن اچي تہ لاهي مينهوڳيءَ ۾ منجهائنس هٿ تہ کي ٽاريون، انهن تہ اصل ويل ٻاري ڏنو آهي. پهرين تاريخ تي منهنجو بہ کيسو

مارجي ويو هو، پڪ ان حراميءَ ڪٽيو هوندو- منائيل آهي نہ. پر بيهہ پٽ اسٽيشن اچي پوءِ آهن خبرون.

سڀ واري-واري سان ڳالهائيندا پيا هلن. جو جهليو ويو آهي، سو هاٺي مان آهي. هڪ ماڻهو پاڻهن کان وني بيٺو آهيس- بدحواس ماڻهو جو ويچارن ۾ گم آهي. سو گوڙ تي ماڻهن کان پڇي پيو-ڇا ٿيو... ڇا. ۽ پوءِ پنهنجي ڪيسي ڏانهن گهوري ڏسي پيو جنهن ۾ ٽيويهہ رپيا ۽ ڪجهہ ريجو پيل آهي. لاچاري آهي- سندس هٿ قابو آهن. ٿوري دير ڪانپوءِ وري اهو سڀ ڪجهہ وسري ويو اٿس. ٿوري-ٿوري مهل کان پوءِ گوڙ تي ڪن ڏيندي-ڌيان ۾ موٽي اچڻ تي، پڇي ٿو-ڇا آهي- هي گوڙ ڇا جو آهي؟ ماڻهن جي دپ پٽڻ کان پوءِ بہ جڏهن ساڳيو سوال دهرائي پيو، تہ ماڻهن ڪيس جواب ڏيڻ ڇڏي ڏنو آهي. تڏهن بہ هو ڪيڏي-ڪيڏي مهل ساڳيو سوال وري پڇي ٿو وني- جنهن جو جواب ڪيس نٿو ملي.

گاڏيءَ هاٺي ئي اسپيڊ پڪڙي آهي ۽ ان جي ڪجهہ ئي ڪنن کان پوءِ اِن ئي ڪمپارٽمينٽ ۾ رڙيون مچي ويون آهن.

- اڙي... اڙي... بيهاريو... ز... زنجير ڇڪيو - زنجير ڇڪيو.

زنجير ڇڪي گاڏي بيهاري ويئي آهي. ڪيترا ماڻهو هيٺ لهي آيا آهن. جو ماڻهو ڳنڍي چور ڪري جهليو ويو - سو وجهہ ڏسي هٿ ڇڏائي اُٺي ڀڳو آهي.

- ڇا ٿيو؟ - ڇا ٿيو؟ -

ماڻهو هڪ ٻئي کان پڇن پيا ۽ پوءِ ٿوري دير ۾ ڪيترن کي ڪَل پئي تہ ڪو ماڻهو گاڏيءَ مان ڪريو آهي.

جو ماڻهو گاڏيءَ مان ڪريو آهي - سو اهو ئي در تي لٽڪندڙ بدحواس ماڻهو آهي. هٿ ڇڏائڻ وقت هن بچاءَ لاءِ ٻين ماڻهن ۾ هٿ وجهي پاڻ کي جهلڻ جي جاکوڙ ڪئي- ان ڪري ئي رڙو رڙ مچي ويئي. لڳو ائين جڻ هڪ ئي مهل ڪيترائي ماڻهو ڪري پيا هجن- پر جو ڪريو، اهو هڪ ئي ماڻهو آهي.

لاش ماڻهن جي گهيري ۾ گهيريل آهي. جي ماڻهون اڳ لاش وٽ پهتا، انهن ئي گهيرو ٺاهي ڇڏيو آهي ۽ پوءِ آيل ماڻهون اُپڙي اُپڙي ڏسڻ جي جاکوڙ پيا ڪن. اجا بہ ڪيترا ماڻهو هڪ ٻئي کان پڇن پيا.

- ڇا ٿيو آهي؟

جن کي ڪل آهي سي پچنڊڙن کي ٻڌائين پيا.

- هاڻي چئاسين، ڪلاڪ ٻه کان اڳ گاڏي ته ناحق ٿي هلي.

ماڻھن کي سخت مايوسي ٿي آهي، ان جو ڌپيل اظهار-ڌپيل لفظن ۾ پيا ڪن.

لاش جي چوڌاريءَ نهي ويل گهيري کي-گاڏيءَ سان گڏ هلنڊڙ امرجنسي پوليس اچي ٿوڙيو آهي. انهن ڏڙڪا ڏيئي، ڏنڊا ڏيکاري ڪيترن ماڻھن کي پري ڪري ڇڏيو آهي. هجوم پوءِ ٻه آهي. ماڻهو اڃا ٻه پيا اچن-ءِ ڪي موٽي وري ٽولا ٺاهي بيهي رهيا آهن. هاڻي اهي ٻه پيا اچن، جي اهو ويچار ڪري گاڏيءَ مان نه لٿا ته اجهو ٿي گاڏي هلي-ڪجهه کونهي مڙئي ائين بيهي رهي آهي. پر هاڻي ڪو آسرو نه ڏسي اهي ٻه لهي پيا آهن. گاڏي سڄي جي سڄي خالي ٿي ويئي آهي. ماڻهو بيهجي ويا آهن. جي ڊرگ روڊ وڃڻا آهن يا اُن جي آسپاس، سي اهو ويچاري ته گاڏي هاڻي ڪلاڪ ڏيڍ کان اڳ نه هلندي، سي ريلوي جا پٽا ڏيئي اڳتي پيا وڃن-هتي بيھڻ ٽائيم وڃائڻو آهي. ان کان اڳتي ويندڙن لاءِ لاچاري آهي-اهي گاڏيءَ سان گڏ بيهجي ويا آهن. پهرين من ئي من ۾ ان بدحواس ماڻهوءَ کي گاريون ڏيئي-پوءِ ڦاٽي پيا آهن.

- دلو مرڻ کي ته مئو پر بين جا لاهه ئي نڪري ويا، هاڻي ڪيڏي مهل گهر پهچنداسين-رات اچي ٿي آهي. هڪڙي مٿان ٻي مصيبت رکي آهي. ان دلي کي ٻه اتي ئي مرڻو هو. جاءِ جا نه رهي ته پوءِ ائين لٽڪڻ مان فائدو...! هاڻي ته...

- حرامي جيڪڏهن ڊرگ ڪالونيءَ کان اڳتي وڃي مري ها ته گهٽ ۾ گهٽ اسين ته وڃي گهر پهچون ها.

- پر هڪڙي ماڻهوءَ جي مرڻ سان هيترن سارن ماڻهن کي جهلي بيهارڻ جو ڪارڻ (؟) ڪو خون ته ڪونه ٿيو آهي. پوليس بيني آهي-هاڻي گاڏيءَ کي ته ڇڏين. ٻيا ماڻهو ڪو ڦيٿو ڪونه پڙهندا. عجيب واهيا تپٽو آهي...!

گهيري جي وچ ۾ لاش ۽ هڪ هيڊ ڪانسٽبل ۽ ٽي سپاهي آهن. پٽڙن تي لگڻ ڪري مٿو ڦاٽي پيو اٿس. اتي رت جو جميل ڍبو آهي، جو اڃا تازو آهي، ان سان گڏ ڪجهه تڙيل پڪڙيل چندا ٻه. هٿ واري ڪپڙي جي ٿوڪري اڃا ٻه هٿ ۾ مضبوط جهليل آهي. اُن ۾ پيل دوائن جون شيشيون پچي پيون

آهن - دوا وهي ٻاهر نڪتي آهي ۽ ٽوڪري سڄي پسي پئي آهي. ٽيبليٽس ٽڙي پکڙي ويا آهن.
ماڻهن جو گهيرو وري سوڙهو پيو ٿئي ۽ پوليس وارا ڏنڊا سڌا ڪري ماڻهن کي پري پيا ڪن. لاش ريلوي ٽريڪ کان هٽائي پريرو ڪيو پيو وڃي - جيئن پٽن تي ڪا رڪاوٽ نہ رهي. ٻہ پوليس وارا لاش کي ٽنگن ۽ ٻانهن کان وٺي - اتان ڪٽي پٽن کان پري ڪري رکن پيا. رت جي جميل ڍيءِ جي چوڏاريءَ ۽ جيتري جاءِ تي اهو ماڻهو پيل هو، ان جاءِ جي چوڌاري پٿر رکيا ويا آهن. ماڻهن جو ڪجهہ ميڙ اوڏانهن بہ وڌندو پيو اچي - جتي هاڻي لاش رکيو آهي. لاش جي هٿ مان ٽوڪري ڇڏائي، ڪپڙن جي تلاشي ورتي پئي وڃي. ٽوڪريءَ مان پڳل شيشن جا ٽڪر، دوائن ۾ پسيل - ٻارن جي اسڪول جا ڪتاب، ٽيبليٽس، ٻہ پلاسٽڪ جا رانديڪا، ڪجهہ ڪٽمنڙا، ڪاغذ جي پڙين ۾ ٻڌل ڪجهہ مٺائي نڪتي آهي. کيسي مان آفيس جو ايڊنٽٽي ڪارڊ، ڪجهہ ڪاغذ ۽ ان سان گڏ وٽيل - سٽيل بہ ڏهين جا نوٽ، ٽي رپئي جا ۽ ڪجهہ ريجو نڪتو آهي. هيڊ ڪانسٽبل اهي سڀ شيون لکندو پيو وڃي - پر جڏهن سپاهي پئسا ڳڻي کيس ٻڌايا آهن تہ هو بيهجي ويو آهي ۽ وري پڇي ٿو - گهٽا آهن، ۽ پوءِ ڏيکاءُ ائين پيو ڏئي جڻ لکي ڇڏيائين.
اتان ئي ميڙ مان هڪ ماڻهو نڪري وچ تي اچي بيٺو آهي ۽ هيڊڪانسٽبل کي چوي پيو تہ، هو هن کي سڃاڻي ۽ هن جي پاڙي جو آهي. بلڪل لڳولڳہ رهندڙ. پوليس کان هو پئسن جي ڳُهر پيو ڪري تہ جيئن ان مئل ماڻهوءَ جي گهر پئسا پهچائجن. هيڊڪانسٽبل پهرين خارن مان گهوري پيو ڏسي ۽ پوءِ آڏا اُبتا سوال پيو ڪري. انهن سوالن تي اهو ماڻهو منجهي پيو آهي. هبڪي ٿو ڳالهائي يا جواب ئي نٿو ڏئي سگهي.
- اڙي پيڻ جا... ٽڳي ٿو ڪرين. تنهنجي ماءُ... اسان کي ٿو چوتيو ٿاهين. چار سئو ويهہ ٿو ڪرين. اڙي ٻڌوس جوءِ جي... کي.
ٻہ پوليس وارا هن جي مٿان چڙهي ٿا وڃن. اهو ماڻهو رڙيون پيو ڪري. ڪيترا ماڻهو وچ ۾ اچي پيا آهن ۽ منٿون ڪري هن جي جند ڇڏائي اٿن. جند ڇٽندي ئي ائين کسڪي ٿو وڃي، جڻ هو ئي ڪونہ.

جيڪي ماڻھو ويجھا آھن - سي ٻاھرئين نموني - ظاھري ريت - لوڪ پر ٻڌائڻ ڪاڻ ھمدردي ۽ افسوس جو ڏيکاءُ پيا ڪن.

- توبھن - توبھن جڏھن مائٽن کي سڌ پوندي تہ انھن جو ڇا حال ٿيندو؟

- بس ميان اصل ڳالھ ئي نہ ڪر - انھن مٿان تہ ڄڻ اُپ ڪري پوندو. ڦت ڪونھي جو ڇٽي وڃي. شل دشمن تي بہ اھڙو ڏينھن نہ اچي. ڏٺي شل ٻاجھ ڪري.

- مرڻ واري سان گڏ ڪير مرندو ٿورئي. نيٺ روئي پٽي چپ ٿي ويندا.

- جيڪڏھن انشورنس ڪرايل ھجيس ھا تہ پوين کي تہ چڱا خاصا پئسا ملي پون ھا، پر اسان جي ملڪ جي ماڻھن ۾ ايتري ڏاھپ ڪٿي.

اھو ھڪ سوٽيل بوٽيل ۽ ٺاءِ ٻڌل ماڻھو آھي. ماڻھن ڪجھ نہ ڪڇيو آھي، پر اھا ڳالھ ڪري - وِيچاري اھو ماڻھو پاٽمرادو اندر ئي اندر ۾ ٻلي ٿيو آھي. ھن وقت اڙي موقعي تي - اھڙي ڳالھ ڪرڻ نہ گھرجي، ان ڪري پاڻ ئي چڙئي پيو.

- نہ، پر آفيس جي گروپ انشورنس مان تہ ڪجھ پئسا ملندن.

ٻي ٽوليءَ ۾، مئل ماڻھوءَ جي ڄاڻ سڃاڻ وارو ماڻھو، ماڻھن کي ٻڌائي پيو. ويچارو پوسٽ اينڊ ٽيليگراف ڊپارٽمينٽ ۾ ڪلرڪ ھو. چئن ٻارن جو پيءُ ھو. ھڪ بيمار زال جو مڙس ۽ انڌي ماءُ جو پٽ ھو.

- ويچارا بہ پائر ھئا، ننڍو ڀاءُ اليڪٽرڪ سپلاءِ ڪارپوريشن ۾ ھو. اليڪٽرڪ پول تي بجلي ٺيڪ ڪندي، شاڪ لڳس: مٿان ڪريو، اُتي جو اُتي مري ويو. ماڻس ويچاري روئي - روئي انڌي ٿي پئي آھي ۽ اڄ ھي ٻيو پٽ بہ ويو.

- اھا خبر ٻڌي ماءُ جي دل تي ڇا گذرندو - اڳي ھڪڙو پٽ مئو ۽ اڄ ٻيو بہ.

- مسڪين جو سڄو گھر رلي ويو.

ھڪ ٻِي ٽوليءَ ۾ ڪي ماڻھو جيون ۽ موت جي فلاسافيءَ تي ڳالھائين پيا.

- ڪجھ نہ آھي، رڳو موت ئي موت آھي. ھر ڪنھن کي مرڻو آھي. زندگيءَ ۾ ڇا آھي، نہ اڳ جي سڌ نہ پوءِ ڪَل. ھر ماڻھو اُن فلم جي وچ ۾ اچي وينو آھي، جنھن جي شروعات جي تہ ڪَل ڪانھي، پر انت جي بہ ڪَل نہ پوندي.

اُف ''Life is very very short''

- پوءِ ڇا آهي، هرڪو مرندو.

- پل... پل جي بہ ڪَل ڪانهي، جيون تي هڪڙي سيڪنڊ جو بہ ڀروسو ڪونهي، ڪل ناهي اڳيون ڪن ڏسڻ نصيب ٿئي يا نہ...؟ پرائي پساهہ تي ڪهڙو ڀروسو!

- پوءِ ڇا آهي، هرڪو مرندو.

اِن ٽوليءَ ۾ بيٺل نوجوان ائڪٽنگ جي انداز ۾، ٻين جي چيل هر جملي پٺيان، اُهو ساڳيو جملو ڳنڍڻ لڳو آهي. جڏهن هو ڪيئي ڀيرا ساڳيو جملو دهرائي چڪو آهي، تڏهن هڪ ئي وقت ڪيترن ئي ماڻهن ڏانهنس - تيز نگاهُن سان شوڪي ڏنو آهي. هو شڪي تي ڪجهہ دير لاءِ مات ٿي ويو آهي. پر وري بہ چئي پيو.

- ائين ٿو لڳي ڄڻ سڄي ڪراچي مري چڪي آهي - ڪوبہ نہ بچيو آهي. هڪ ماڻهوءَ کي سخت ڪاوڙ لڳي آهي.

- هونئن ڪوبہ نہ بچيو آهي تہ هن گاڏيءَ ۾ وري ماڻهو آسمان مان لهي اچي چڙهيا آهن، اڳي ڪان تہ ٻيٺي رش آهي.

پوليس هاڻي اُن ڪمپارٽمينٽ ۾ چڙهيل ماڻهن ڪان، جنهن مان ماڻهو ڪريو، بيان پئي وٺي، بيان ڏيندي ڪيترا ماڻهو هٻڪيا آهن، لڙڪڙائڻ لڳا آهن. ڊپ ۾ اُبتا سبتا بيان پيا ڏين. ۽ اندر ئي اندر ۾ بدحواس ماڻهوءَ کي پوليس سميت گاريون پيا ڏين.

ماڻهون هاڻي صبر مان نڪري ويا آهن.

- هن حرامزادي کي ڄڻ اسان ڌڪو ڏنو - سڀ آزار ۾ اچي ويا آهيون، ڇڱو ڦاٿاسين.

- پر زنجير ڇڪي ڪنهن، ڪنهن جي مٿي تي بار آيو. ڀلا اسان لهي ڪو هن کي جيئرو ڪريون ها ڇا؟ ماڻهون بہ عجيب آهن، ڇڪي زنجير ويهي رهيا، هاڻي بينا هجن سيئي بہ ٽي ڪلاڪ.

سيني جا منهن ڦٿي پيا آهن.

- اسان کي ڪهڙي ڪَل تہ ڇو ڪريو، پوليس وڃي ٿي پڇا ڪندي، آڏا

اُبتا سوال ڪندي. پئسا جو نہ مِلن تہ گهٽ ۾ گهٽ ماڻهن کي تنگ نہ ڪن !

- پر ڇا ماڻهن کي ۽ گاڏيءَ بيهارڻ سان وري ڪو جيئرو ٿي اُٿندو ڇا؟ مرڻ کي مئو ٻين کي کهڙي ڳتي پَئي جو هتي بيهي ماتم ڪن. هڪڙي اهڙي حالت آسمان پريو بينو آهي، وري ٿو وسي تہ سڀ نهي اٿي هلندا سين.

- پوليس جي تہ ماءُ... وڏا ذليل آهن. پوليس ۽ ڪتو ساڳي ذات آهن نہ پلا ڪتن جا پٽ حرامخور پيٽسان. پلا هنن حرامزادن جي مرضي آهي تہ ڇا اسين جنازي غاز پڙهي لاش قبرستان تائين پهچائيندا سين؟

- مڙيئي آهي سڄي حراماپائي، مئو آهي پنهنجن افعالن جي ڪري، ماڻهو در تي لٽڪي تہ گهٽ ۾ گهٽ بٽ تہ جهلي پنهنجو، ٻيا ڪونہ هئا ڇا؟ اهو هڪ ئي رڳو نواب جو پٽ هو. سڌ ناهي پويان گهر جو ڇا حال هوندو - هتي تہ...!

ٻيا ڪجهہ ماڻهو جي درگ روڊ جا آهن يا ويجهڙ جا، ڪجهہ آسري ۾ بينا، پر هاڻي ڪوبہ آسرو نہ ڏسي اُهي بہ هلڻ لڳا آهن. گاڏيءَ کي بيٺي ڪلاڪ سوا گذري چڪو آهي.

پوليس ريلوي ايمپلائيز سميت ڪيترن ماڻهن کان بيان وٺي فرسٽ رپورٽ ناهي آهي. پوليس جو سڄو ڪم پورو ٿيو آهي، باقي لاش جو پوسٽ مارٽم رهيل آهي - پر هن حالت ۾ لاش پوسٽ مارٽم لاءِ هاسپيٽل ڪٽي وڃڻ اڻٿيڻو آهي، ايمبولنس هيستائين پهچي نٿي سگهي.

ماڻهن جي پيٽ ۾ ساهہ تڏهن پيو آهي، جڏهن گاڏيءَ وِسل ڏني آهي. سڀ ماڻهو وري گاڏيءَ تي ٽٽي پيا آهن. ٽن سپاهين مان هڪ لاش وٽ ڇڏيو ويو آهي، جيستائين ايمبولنس اچي. باقي بہ سپاهي هيڊ ڪانسٽبل سان گڏ گاڏيءَ ۾ چڙهيا آهن. جڏهن گاڏي هلي آهي، تڏهن درن تي لٽڪندڙن سميت سيني ماڻهن سک جو ساهہ کنيو آهي.

# پڳل تتليڪا

- ڪٿي پلجي پئي ڪنهن هنڌ تہ ڪونہ اچي پهتو آهيان.

ويچاري ٿو ۽ چوڌاري ڪجهہ چِتائي، ڪجهہ گهوُري، ڪجهہ جاچي ٿو ڏسي. سيڪجهہ. اهو سيڪجهہ ئي تہ بدليل - بدليل پيو لڳي. هي نہ! ها شايد... اتي ئي هو پريان ڪُسي ويو آهي، يا گهٽو وڌي ويو آهي. ڪو نہ ڪو قيرو تہ منجهس آيو آهي، ان ڪري ائين ٿو لڳي. هيءَ ڪڏ!... اڳي تہ اتي ڪانہ هئي. ۽ گهٽيون گهرج کان وڌيڪ سڪيون ۽ تنگ پيون لڳن. ڪوبہ ماڻهو ڪونهي، لڳي ٿو - اتي جيون ئي ڪونهي. ائين ٿيندو ئي آهي، جڏهن ماڻهو گهڻن ڏينهن کان پوءِ گهر موٽندو آهي، سيڪجهہ عجيب - عجيب لڳندو ئي آهي ۽ آءٌ بہ ٻن ٽن سالن کان پوءِ گهر موٽيو آهيان، ۽ اهو سيڪجهہ ائين لڳڻ سڀاويڪ آهي.

پنهنجي جاءِ وٽ پهچي، اتي ئي پَٽ تي بيگ رکي، ڪي ڪن مُنجهي بيهي ٿو رهي، جانچي - چِتائي ڏسندي، ويچاري ٿو: ڪٿي ٻِي جاءِ تہ ڪا ڪانهي - ان جهڙي ئي، ملندڙ جهلندڙ. جاءِ تان سيمينٽ جا چاپوڙا لهي ويا آهن ۽ اتي ٻاڙهين ڪاڏل سِرن تي ڪجهہ اچاڻ جمي ويئي آهي ۽ متيءَ جا هلڪا، ڪٿي گهرا تهہ بہ. هڪ هٿ ۾ بيگ پٽ تان کڻي، ڏاڪڻ واري هينئين در ڪي ٻئي هٿ سان، ٻڄندي - ٻڄندي، آهستي - آهستي کولي ٿو. ڏاڪڻ ۾ ڪجهہ بہ، ۽ ڪير بہ ڪونهي. مٿيون در اندران بند ٿيل آهي.

- چو نہ هتان بيهي سڏ ڪريان. ٿي سگهي ٿو جاءِ ساڳي هجي ۽ ماڻهو ٻيا اچي ويا هجن.

پر ڪجهہ مهل بيهي سڏ ڪرڻ لاءِ تيار ٿيندي بہ، سڏ نٿو ڪري ۽ آهستي - آهستي ڏاڪا چڙهڻ ٿو لڳي. مٿين در وٽ اچي در نڪائڻ لاءِ هٿ مٿي ڪڻندي - ڪڻندي، ڪچيل هٿ سان ڪجهہ ڪن تہ ائين بينو ٿو رهي ۽ پوءِ ٻڄندي، گهبرائيندي، ڪجهہ عجيب اُڻ تُڻ وچان، پهرين آهستي ۽ پوءِ ان کان ڪجهہ وڌيڪ زور سان، در تي هٿ سان ٺُڪ - ٺُڪ ڪري ٿو ۽ ان ئي ڪن ۾ ڪنهنجي پيرن جو آواز در ڏانهن ايندو ٻڌي ٿو. پاڻ ڪجهہ هٽڪي، ڪجهہ پريرو ٿي، ڪجهہ ڏاڪا لهي، اتي ئي ڏاڪن تي ٻڱہ رکي، بيهي ٿو. ۽ ان ئي ڪن ۾ اندران ڪڙي کلڻ جو آواز بہ ٻڌي ٿو ۽ ان سان گڏ هڪ خوشيءَ سان پريل رڙ جهڙو ئي

ڪجهه. هو پَٽ تان اکيون کڻي مٿي تو ڏسي.

- اَئِي امان ! ادا ننڊو آهي - امان !

- اَئِي امان سچي، نه نه !

جڻ ته ماڻس کي ويساهه ئي نه ايندو هجي. جڻ اها ڳالهه تي ئي نٿي سگهي. ماڻس جو ڪجهه ڊوڙڻ جهڙو ئي آواز ٻڌي ٿو، پر لڳيس ٿو ماڻس جا پير پٽ گهيرجن پيا، تکڙو گسرڻ جو آواز در وٽ. ماڻس کي در وٽ ڏسي ٿو، ان ئي ڪن ۾ سندس اکيون ماڻس ۾ آيل تبديليءَ کي ڏسي تيون وٺن. ماڻس اڳي ڪان وڏيڪ، گهٽي هيٺي تي ويئي آهي. مُنهن جا گهُنج اڳي ڪان وڏيڪ گهرا ۽ چِٽا تي ويا آهن. مٿو هاڻي سڄي جو سڄو اڇو تي ويو آهي، انهن اڇن وارن ۾ هڪ به ڪارو وار نه بچيو آهي. ان ئي ڪن ۾، جنهن ۾ هن ماڻس کي ڏٺو ۽ آيل تبديلي ڏٺي - عجيب احساس، ڪجهه عجب، ڪجهه ششدرپٽي، ڪجهه ڊپ، ڪجهه عجيب بيزاريءَ، بوريت، ڪجهه لاتعلقيءَ وارين گڏيل ڪيفيتن هيٺ هو سراپجي، پنڊپهڻ تي، ڦاٿل اکين سان اتي جمي ويو آهي. ٻن سالن جي ننڍڙي عرصي ۾، سندس نه هوندي هِي سيڪجهه تي ويو. ڪجهه ائين، جو ڪو سهڻو جوان ماڻهو سندس سامهون بيٺل هجي ۽ ساڻس ڳالهائيندي - ڳالهائيندي، سندس ڏسندي - ڏسندي هن جو منهن سڙِي وڃي ۽ اهو سهڻو جوان، بدصورت سڙيل منهن سان ڏانهس نهاري. اهڙو ئي ڪجهه ماڻس کي ڏسي هن کي محسوس تو ٿئي. ماڻس ڏاڪڻ جي پير وارين پٽين تي هٿن ۽ نوننين جي اوٽ سان، لهندي هن ڏانهن اچڻ تي لڳي ۽ اچي ڪيس چنبڙي تي پئي. پاڪر پائي، ڳلن، نرڙ تي چميون تي ڏي.

- اي منهنجا منا ٻچا، آءٌ صدقي وڃان منهنجا ابا... ابا ڏينهن لاٿئي، منهنجون ته اکيون نهاري - نهاري تڪي پيون. منهنجا منا. شل وڏي حياتي ماڻين.

ماڻس جي ٻانهن جي لڙڪيل ماس، جو سندس چوڌاري وريل آهي، مان ڪيس سخت ڪريب تي اچي. چمين مان ڪيس سخت بيزاري - نفرت تي ٿئي، ماءُ جي پاڪرن ۾ پاٽڪي گهُٽجندو، مُنجهندو، ڦٿڪندو تو محسوس ڪري، سندس ساهه پيو مُنجهي. چاهي تو ته، ماڻس هاڻي ڪر چڏيس ته ڪيڏو نه سنو. چمين ڏيندي، ماءُ جا نرم، ڪلڪڙا، ربڙا چپ، جي سندس منهن تي ڦرندي عجيب، ڪريب پريا پيا محسوس تينس، لڳي تو اُلٽي اچي

ويندي. ان ئي ڪن ۾ محسوس ٿو ڪري، تہ ماڻس جي وات مان سڄي ڳِگ نڪري سندس منهن تي ٿڦجي ويئي آهي، سڄو منهن آلو-آلو پيو لڳي. لڳي ٿو هاڻي اها ڳِگ سندس منهن تان ڳڙي پئي. ابڙڪو ايندي-ايندي، پاڻ تي جبر ڪري روڪي ٿو وڃي. ماڻس جڏهن ڪيس ڇڏي، سندس منهن تي-نسن نڪتل هڏائون هٿ ڦيري ٿي، تڏهن هو پاڻ کي ڪيتري نہ قدر آجو ٿو سمجهي. پر منهن تي اهو هڏائون-کهرو هٿ ڦرندو ڪيس سنو نٿو لڳي.

-”امان، پاڻ جي بيگ تہ کڻي هل.“

-”نہ نہ آءٌ پاڻهي ٿو کڻان.“

هو جلدي ۾ جهڪي بيگ کڻي، ڊاڪٽر تان تڪو-تڪو مٿي چڙهي ٿو، ڪجهہ پڇڻ جيان، ڪجهہ ان انداز سان، جيئن سندس پويان هڪ ئي وقت ڪيئي ماڻهو هجن، هي هنن کان پڇي بچڻ چاهيندو هجي. ڊاڪٽر جي مٿئين در مان اندر ٿيندي، پيٽس کي هٿ ڏيئي، تڪڙو، تڪڙو ڪمري ۾ اچي بيگ رکي ٿو. جڻ تہ ماڻس وري جهلي چُمين جو وسڪارو لائي ڏيندس.

بيگ پَٽ تي رکي، بنا هنڌ وڇايل، ٿلهي واڻ واري کٽ جي اِيس تي بي آراميءَ سان ويهي ٿو. سندس پويان ماڻس ۽ پيٽس آهستي-آهستي اچن ٿيون. ۽ ڪيس سڄو گهر، گهر جو ماحول عجيب-عجيب پيو لڳي، ڪجهہ اوپرو-اوپرو، ڪجهہ ڏاريون. ۽ ان ئي مهل، جنهن مهل هو کٽ تي ويهي ٿو، سندس ننڍڙي ڀيڻ ٻاهران ڊوڙندي اچي ٽنگن ۾ ٿي چنبڙيس. سخت بيزاريءَ جي هوندي بہ ڀيڻ کي پري نٿو ڪري سگهي. سندس آنڌ مانڌ هيڪاري وڌي ٿي وڃي، جڏهن هن جي نہ چاهيندي بہ پيٽس ڪڇ ۾ چڙهي ڳچيءَ ۾ ننڍڙيون ٻانهون وجهيس ٿي. ماڻس سندس مُنهن جو بدلجندڙ رنگ پاڻپي ٿي وني، سمجهي ٿي تَڪ ڪري ائين ٿيو هوندو. ٿڪو هوندو ويچارو.

”اَئِي ڇوري، ڇڏ پاڻ جي جند. ڏس تہ ويچارو ٿڪجي آيو آهي.“ ۽ اُن وقت ئي هو ڀيڻ جون ٻانهون ڳچيءَ مان ڪڍي، کڻي ڪڇ مان لاهي ٿو ڇڏي. پيٽس سراپجي، عجب پريل نظرن سان ڪيس ڏسندي، هٽي پري بهي ٿي رهي.

- ”اَئي امان، پاڻ کي هنڌ تہ وڇائي ڏي، ڏکيو وينو آهي. ٿَڪو هوندو ڏاڍو منهنجو پٽ. ابا، تون ڪپڙا مٽائي سولو ٿي ويهہ، اها مُئي پينت تہ مٽائي ڇڏ.“

هو اُٿي بيگ کولي، سامان ڪڍي ٿو. چمپل ڪڍي، ڪرسيءَ تي ويهي، بوٽ ۽ جوراب لاهي، چنپل پائي ٿو، ۽ پينٽ بدلائڻ لاءِ، ڪو ڪپڙو گوڏ ڪرڻ لاءِ، ڪجھ ڳولهڻ جهڙو ٿو ڪري.

- ”اَئي امان، هوءَ پوتي ته ڏي پاڻ کي. گوڏ ڪري...“

- ”نه-نه امان، توال آهي، پر...“

۽ هو اُٿي، بيگ مان وهنجڻ وارو توال ڪڍي، گوڏ ڪري ڪپڙا مٽائي ٿو. ڪپڙا مٽائيندي ئي ماڻس تي پڇيس :

- ”ابا، ماني ڪريان؟“

- ”نه-نه، بک ڪانهي. پيٽ پريو پيو آهي.“

- ”نه-نه اَبا، سچي به تي ڳِرهه ته کاءُ. جهٽ ڪري ٿي وٺان.“

- ”ڇڏ امان، اجايو تڪليف ٿيندي.“

- ”اي ابا، ٻچن لاءِ ڪهڙي تڪليف!“

جاڳيندي به، هرويرو ائين پڇيا ڪري ٿو.

- ”ادا ڪٿي آهي.“

- ”ابا، پاڻُ ويچارو سڄو ڏينهن ٿو آفيس ۾ ڪم ڪري، اهڙي ڪاڙهي ۾ ڪٿان پنڌ ڪري ٿو گهر اچي. ننڍڙو پاڻين ويو آهي اسڪول، ابا اهو به ويچارو معصوم پاڻين، ڪان ڪو تورو اڳ ۾ ٿو گهر اچي.“

۽ اهو ماڻس پنهنجي طرفان پاڻهي ئي ٻڌائس.

- ”ابا ڏسين ٿو منهنجا حال ڪهڙا بڇڙا ٿيا آهن.“

- ”ها، امان ڇو؟“

نه چاهيندي به پڇي ٿو. پڪ ئي پڪ، ڪو نه ڪو ڪارڻ هوندو ئي، پلا جاڻڻ جي ڪهڙي گهرج. پر ماڻس سمجھي نه ته هو ساڻس ڳالهائڻ نٿو گهري يا بيزار پيو ٿئي. ان ڪري ئي پاڻ تي جبر ڪري، زوريءَ ڳالهه ٻڌي ٿو.

- ”بس ابا بيماري. مُئي اگهائي ڇڏي ئي نٿي، هڪڙيءَ مان ٿي اُٿان ته ٻِي. پاڻين ته ويچارو مون مريض جون دوائون ڪري-ڪري ٿڪجي پيو آهي. هاڻي ته ڇوانس ٿي ته ڇڏ ابا مون مڙهيءَ کي ته مري وڃان. اڄ به نيڪ ڪونه هيس. مٿو ٿي سور مان ڦاٽو، پر ابا توکي ڏنو اهيم ته پانيان ٿي ته نئون ساهه پيو آهيم. ابا رڳو سڀ ٻچا شل اکين آڏو هجنم. اڳيون چنچر نه، تنهن

ڪان اڳيون چنچر تي اهڙي حالت خراب ٿي ويم، الا منهنجي توبانهه. ساهه نه ڪٽي سگهان، ۽ نه اُٿي سگهان. نڙيءَ مان آواز نه اُڪلي. هيڪاري ٻارن جون ريهون، رڙيون، بس ابا، چيم ته هاڻي ٿو ساهه نڪري. پر تنهنجي اوَن. ته ڪو ٻچو اڪين اڳيان هجيم. ٻچي کي ڏسي پوءِ مران. بس ابا، هاڻي ماٺهين مُئي پئي آهي.''

ڪنهن قسم جي همدردي، يا عجب، يا ڏک، يا ٻي ڪنهن به اهڙيءَ ڪيفيت جو اظهار نٿو ڪري. جيئن ماڻس سمجهيو. اهڙو ڪوبه جذبو نه ڏيکاري، ماڻس جون ڳالهيون ٻڌندي، ماڻس جي ويچار جي ابتڙ، سخت بيزاريءَ ۽ بوريت جو ڏيکاءُ پيو ڪري. پر ان جو ڪليءَ ريت اظهار نٿو ڪري. من ئي من ۾ ويچاري ٿو ته، ماڻس اُٿي کيس اڪيلو ڇڏي وڃي ته ڪيترو نه سٺو ٿئي. ۽ هو ڪجهه ٻي سُڪائيءَ وچان، پهرين ڪٽ تي ليٽي ٿو، پوءِ بيزاريءَ ڪجهه ٻي سڪائي ڪان پاسا ورائڻ ٿو لڳي. ماڻس کي محسوس ٿو ٿئي ته هو هن جي ڳالهين مان ڪجهه بيزار-بيزار پيو لڳي. ڪجهه ڪن مات ڪري هن جي منهن ۾ نهاري ٿي، ۽ پوءِ هنجي بيزاريءَ کي محسوس ڪندي، ڳالهه جو موضوع بدلائي ٿي.

- ''ابا تون ڪيڏو نه لهي ويو آهين. ابا توکي هتي ڪا نوڪري نٿي ملي؟''

- ''نه امان، ڪٿي آهن نوڪريون، اها به الاجي ڪيئن ملي نه ته...''

هو ڪجهه بيزاريءَ وچان منهن ڦٽائي، جهيڻن، ٽٽل لفظن ۾، ڪجهه خار، ڪجهه ڪاوڙ مان وراڻي ٿو.

- ''ابا، پرديس ۾ ڏاڍو ڏکيو هوندين. پنهنجا حال ته ڏس، الا الا ساڳئين ڪو ٻار وينو آهين. هوٽلن جون ڪنيون مانيون. پگهار به ڇا ٿو ملي ابا، ڏاڍي تڪليف ۾ آهين، رهڻ جو آزار ڏار، بيماري، سيماري آهي، ڪير ڪندو پرديس ۾. ابا ڪو نوڪري نه ڇڏي اچين، رکو-سکو ٽڪر ڪايو پيا هونداسين.''

ان ڳالهه تي تپي باهه تي ٿو وڃي. ڪاوڙ ۾ منهن ڳاڙهو ٿي ٿو وڃيس. هونهه رکو-سکو ٽڪر، من ئي من پڻڪي جک ٿو ڪائي. رڏو رکيو آهي. پر پاڻ تي ڪنٽرول ڪري ڪاوڙ کي دٻائي ٿو ڇڏي، ۽ پوءِ ڪجهه ڏاڍيان بيزاريءَ ۽ خارن مان ماڻس کي جهڻڪي ٿو.

- ''تون ته ڪا چري آهين. سدائين اهڙيون ڳالهيون ڪندي آهين. نوڪري ڇڏ...''

ڪاوڙ ۾ ڪجهه وڌيڪ نه چئي مان ڪري ٿو رهي.
- ”ابا.“
ماڻس وري پيار مان چوي ٿي.
- ”گهر ۾ ڪا شيءِ ٿي اچي، يا ڪو سنو ڪاڏو ٿا رڌيون ته الا ٿو چاٽي ته نڙيءَ تان نٿو لهي، زهر ٿو لڳي. الا، منهنجي ٻچي الاجي ڇا ڪاڏو هوندو.“
هو بوريت ۽ بيزاريءَ کان اُٿي ٿو ۽ ڪتاب کڻي ان ۾ منهن هڻي ويهي ٿو رهي، ماڻس هڪي ٻڪي ٿي، پيشيمانيءَ وچان گوڏن تي هٿ رکي ڪنجهندي اُٿي ٿي، پنهنجو پاڻ سان ڳالهائيندي.
- ”وڃي ٻچي لاءِ ماني تڪر پچايان. ابا بيدو گهرايان، پاڄي سڻي ڪانه ٿي آهي.“
- ”جيڪي وڻيئي سو ڪر.“
هو ڪتاب کڻي ان ۾ اکيون اٽڪائيندي، ورچيل آواز سان وراڻي ٿو. ۽ ماڻس آهستي -آهستي ڪنجهندي، ڪيس ڏسندي رنڌڻي ڏانهن وڃي ٿي. ان مهل، جڏهن ماڻس ڪمرو ڇڏي ويئي، هو پاڻ کي فرحت ۾ محسوس ڪري، ڏکو ساهه کڻي، ڪتاب اڇلائي، پٺ ڏانهن منهن ڪري آرام سان پيو ٿو رهي. ويچاري ٿو : ڇو آيس؟ فائدو. آءٌ به ڇريو آهيان، هرويرو اُٿي پيس، ڪيڏو نه بوريت ٿي آهي. موڪل هئي، گهمان ڦران ها، مزا ماڻيان ها، هرويرو اچي ڦاٿو آهيان. هاڻي اهي به ڏينهن موڪلن جا ڪيئن گذرندا. ڪو بهانو ڪري سياڻي ئي موٽي ويندس.
ماڻس تريل بيدو، ۽ ڪجهه پاڄي اڳيان اچي ٿي رکيس.
- ”ابا ماني کاءُ.“
هو اُٿي ٻاهر هٿ ڌوئڻ لاءِ وڃي ٿو ۽ واپس موٽي اچي ماني کائڻ ٿو ويهي. جنهن مهل ماڻس لاڪانس پاڻي آڻڻ لاءِ گلاس کڻي ٻاهر نڪري ٿي، ان مهل ئي ننڍڙو پاڻس ڪتاب هٿن ۾ کنيو، گهر ۾ گهڙي ٿو.
- ”ابا، ڏس ته ڪير آيو آهي؟ او هن وڏي ڪمري ۾...“ پاڻس تڪڙو-تڪڙو ڪمري ۾ گهڙي، هن کي ڏسي خوشيءَ مان ٻهڪي ٿو اُٿي.
- ”اڙي ادا.“
ڪتاب رکڻ بنا ئي جهڪي پيرن تي هٿ رکي، هٿ ٿو ڏئيس. ڪنهن

خالي جذبي سان هٿ وڌائي ننڍڙي پاءُ سان هٿ ملائي، وري ماني کائڻ لڳي ٿو. پاٽس ڪتاب رکي، بنا ڪپڙن مٽائڻ جي سندس پرسان ويهي ٿو. ڪيس پاٽس جو اُتي ويهڻ سنو نٿو لڳي. پر هو ڪجهه نه ڪڇي-ماٺ رهي، تڙ تڪڙ ۾ ڪجهه ماني کائي، باقي اڌ ۾ ڇڏي، پاڻيءَ جو گلاس پي ٻاهر هٿ ڌوئڻ ٿو وڃي، واپس اچي ٽوال سان هٿ اُگهي، کٽ تي ويهاڻي جي ٽيڪ تي ويهي ٿو. پرسان ويٺل پاٽس کان ائين بنا مقصد جي پڇي ٿو.

- ”ڪيئن پلا، اسڪول ۾ مزو اچي ٿو؟“

پاٽس هاڪار ۾ ڪنڌ ڌوڻي ماٺ ٿو رهي ۽ ڪجهه ڪن ماٺ رهي پوءِ اسڪول جون، ماسترن جون، پڙهائيءَ جون ڳالهيون ۽ پوءِ هِتان-هُتان جون ڳالهيون ٻڌائڻ شروع ٿو ڪري. هنجي لاءِ، انهن ڳالهين ۾ دلچسپيءَ جهڙو ڪجهه ڪونهي. ائين، ڪتاب ۾ اکيون اٽڪائي، پنا اُٿلائيندي، رڳو هون-هان ڪندو ٿو رهي.

- ”چڱو، اُتي ڪپڙا مٽي ماني کاءُ.“

- ”ادا، مونکي بک ڪانهي.“

- ”ڇو؟“

- ”بس.“

پاٽس وڏيڪ ڪوبه جواب نه ڏئي، ڪپڙا مٽي، وري اچي ويهي ٿو. ٻي کٽ تي ماٽس ۽ پيٽس ويٺيون آهن ۽ ننڍڙي پيٽس، ماٽس جي ڪڇ ۾ ويهي حسرت ڀريل نظرن سان ڏانهن ڏسي پئي.

- ”ابا، ٻارن کي تنهنجي اچڻ جي خوشيءَ ۾ ماڳهين ماني نٿي وڻي.“

هو ماٺ رهي، ان ڳالهه جو ڪنهن به ريت، ڪوبه ريسپانس نٿو ڏي. ماٽس جواب نه پائي، وڌيڪ ڪجهه به نٿي ڳالهائي. ننڍو پاٽس ڪجهه لڄ ۽ ڪجهه حجت جي گڏيل ڪيفيت سان چوي ٿو :

- ”ادا، شيءِ ڪونه وني آئين؟“

هو رڳو ناڪار ۾ ڪنڌ ڌوڻي ٿو. پر ماٽس چوي ٿي :

- ”ابا، پاءُ ويچاري وٽ ڪي ٽڪا رکيا آهن، جو شيءِ آڻيندو. اوهين هاڻي سڀو ڏينهن پيا شيون وٺو کائو.“

۽ ننڍڙي پيٽس، ماٽس جي ڪڇ مان لهي سوڙائي-سوڙائي هن جي

پرسان اچي ٻيھي ٿي، ھن کي اھو سڀ سنو نٿو لڳي. ڪيس محسوس ٿئي ٿو، ڇڻ ٻار ڪيس گھيرو ڪيو بيٺا ھجن. سخت بيزاري پئي ٿئيس. جنھن جو اظھار نٿو ڪري سگھي. ان اظھار نہ ڪري سگھڻ ڪارڻ، مونجھہ ۾ ٻوست پئي ٿئيس. ھو ان ڪان ٻچڻ ڪاڻ ڪيسي مان اٺ - اٺ آنا ڪڍي ٻارن کي ڏي ٿو.

- ”اچي وٺو. شيءِ وٺي کائو. ھاڻ وڃو شاباس.“

ٻار نہ چاھيندي بہ، ھن کي بيزار ڏسي اُٿن ٿا.

- ”ابا، ھتي پنھنجي پاڙي ۾، فلاڻي جي گھر جي پرسان ڪونہ ھوءَ پوڙھي رھندي ھئي، سا ويچاري مھنو ڪن ٿيندو مري وئي.“

ھو ماڻس جي انومان پٽاندڙ عجب نٿو کائي. ڪو مري يا نہ مري ان سان منھنجو ڪھڙو سنبنڌ، مري ويئي تہ پوءِ آءٌ ڇا ڪريان، ھو ويچاري ٿو. پر رسمي طور ائين پڇي ٿو.

- ”ھا - ھا، ڇا ٿيس؟“

- ”ابا الاجي. ھُن ويچاريءَ جو ڪير ڪونہ. پنندي کائيندي ھئي. الا منھنجي توبنھہ. شل نہ ڪو اِنسان نڌڻڪو ٿي مري. ھتي ماڻھوءَا اھڙا قاروني، سڀ پچي وجي گھرن ۾ لڪا. ڪير نہ نڪري جو ويچاريءَ جي جوڙيءَ ۾ دفن جي لاءِ ڪجھہ ڪري. نيٺ پوليس لاش کڻي ويئي. ويچاريءَ جو لاش بہ الاجي ڪيئن ٿيو ھوندو. رب شل سڀ کي پنھنجيءَ ھلندي ھلاءِ.“

ڪنھن کي ڪھڙي ڳتي پئي آھي، جو ڪنھنجي لاءِ ويھي ڪجھہ ڪري. امان بہ ڪا چري آھي، ويچاري ٿو. ماڻس کي ڪوبہ جواب نٿو ڏي، ماٺ رھي ڳالھہ ٻڌي ٿو. امان بہ عجيب آھي، ھونھہ. من ئي من ۾ ماڻس تي کلي ٿو.

۽ ان ئي مھل وڏو ڀاڻس گھر ۾ گھڙي ٿو. ھنکي ڏسي عجب ڳاڏڙ خوشيءَ مان چوي ٿو :

- ”اڙي... ڪيڏي مھل آئين.“

ھو وڏي اچي ڀاڪر پائڻ جي ڪري ٿو، انڪان اڳ جو ڀاڻس ٻانھون پکيڙي، ھو خالي ھٿ ڌ گھيري، ھٿ ملائيندي وراڻي ٿو :

- ”گھڻي دير ٿي آھي. مڙيئي ڪلاڪ - ڏيڍ.“

ڀاڻس ڪجھہ ھڪو ٻڪو ٿي، پري ھٽي ڪپڙا بدلائڻ تو لڳي. ۽ پاڻھي ٿو چوي :

- ”ٻہ ڏينهن موڪل آهي، ٻہ ڏينهن تہ رهندين نہ؟“
هو ڪو جواب نہ ڏيئي رڳو هاڪار ۾ ڪنڌ لوڏي ٿو. ويچاري ٿو، سياڻي تہ ڪنهن بہ حالت ۾ هليو ويندس. ڪيس گهر جيل پيو لڳي.
- ”هيترا ڏينهن ڀلا گهر ڪونہ آئين؟“
- ”بس ائين مڙئي...“
هو منهن ڦِٽائي آهستي چوي ٿو. ڄاڻن بہ ٿا، نہ اچڻ جو ڪارڻ چڻين ۾ لڪي چڪو آهيان. پوءِ بہ پڇڻ جو ڪارڻ.
ياڻس هن کي ورچيل ۽ ڳالهائڻ مان بيزار ٿيندو ڏسي، وڌيڪ ڪجهہ نہ ڳالهائي، ماٺ ٿو رهي. هيءُ ڪتاب ويهاڻي جي پرسان رکي، منهن ڦيري سمهي ٿو رهي، پر ننڊ نٿي اچيس. ان هوندي بہ اکيون کولي نهاري نٿو. جڏهن تہ زوريءَ اکيون پوريندي، اکين ۾ هلڪو هلڪو سور پيو ٿئي. وري اجايو ڳالهائڻو پوندو، ٻار تنگ ڪندا، وري اُبتا سبتا سوال. هونهہ ڪيڏو نہ واهياتپڻو آهي، هو ويچاري ٿو.
هن کي سنل سمجهي ماڻس پاڻس کي چوي ٿي :
- ”ابا، پاءُ ويچاري جا حال تہ ڏس. ڪيڏو نہ اَيرو ٿي ويو آهي، رڳا هڏ. ابا هتي نہ ڪا نوڪري مليس تہ ڪري ماني ٽڪر کي سکيو ٿي پوي؛ ٻہ ٿي پئسا بچنس بہ.“
هيءُ ڪوبہ جواب نٿو ڏي. هن کي اهو ٻڌي اندر ۾ باهہ وٺي ٿي وڃي. من ۾ اچيس ٿو تہ اُٿي وڙهي پوي. ادنر ئي اندر ۾ ٻجري ڪاهي، ڪاوڙ کي دٻائيندي، پيو ٿو رهي. اُٿي ڪجهہ ڪڇي نٿو. ننڊ جي ائڪٽنگ ٿو ڪري. ننڊ نہ اچڻ ڪري ٿوڇ-ڪام پئي ٿئيس. ڪيس ڊارياڻپ ۽ اجنبي پڻي جو شديد احساس پيو ٿئي. لڳيس ٿو، انهن ماڻهن سان هن جو ڪوبہ لاڳاپو ڪونهي. ماءُ، پائرن، ڀينرن جو پيار لڳي ٿو، ڄڻ ايڪٽنگ آهي. سڀ ڏيکاءُ آهي، بناوٽي، ميڪينيڪل-جنهن سان ڪنهن نہ ڪنهن روپ ۾ لالچ جو پچ ڳنڍيل آهي. نہ تہ نوڪريءَ کان اڳي بہ تہ رهندو هوس، وڙهندا هئا، نفرت ڪندا هئا، ڌڪاريندا هئا ۽ هاڻي-نہ سڀ ڪوڙ آهي، سڀ ڪجهہ. ماڻس ۽ پيڻس ڪيڏي ڪيڏي مهل ڳالهائين پيون. ڪڏهن هن جي باري ۾ تہ ڪڏهن ٻيو ڪجهہ. ٻار پاڻ ۾ ڪيچل پيا ڪن. گهر ۾ ٻارن جو هيترو سارو گوڙ، ڌمچر، ڪير ڪيئن

رهي سگهندو هتي پلا هن حالت ۾، ان هوندي بہ هو اتي اکيون کولي ويهڻ نٿو گهري، ۽ ماڻس هر-هر ٻارن کي جهلي ٿي :

- ”ابا، گوڙ نہ ڪريو، پاءُ ويچاري جي ننڊ ڦٽي پوندي. ٿڪو هوندو ويچارو ڏاڍو.“

ڪجهہ دير ٻارن جي گوڙ ۾ ناپر اچڻ تي پاڻس کي چوي ٿي :

- ”ابا، اچ پاڻ کي تہ ننڊ ئي نٿي اچي.“

- ”ها امان.“

پاڻس مختصر جواب ڏيئي ماٺ تي ٿو وڃي ۽ پوءِ گهٽي دير تائين ماٺ چانئجي ٿي رهي.

منهنجي اچڻ جي ڪري اهو سڀ ڪجهہ ٿيو آهي. هو ويچاري ٿو. ڪيس لڳي ٿو، جيڪي ڪجهہ ٿيو پئي يا ٿي رهيو آهي، ڪجهہ بہ نہ آهي. اصل ۾ سڀ ڪڪ ٿي پيا آهن. جنهن جي پڌرائي ان ريت پيا ڪن.

ڪافي دير جي ڊگهي ايڪٽنگ کان تنگ ٿي، جڏهن ڪيس پڪ ٿي ٿئي تہ هاڻي اهو سلسلو وڌيڪ هلي نہ سگهندو، تڏهن هو ٻانهن متي ڪٽي واچ ۾ ٽائيم ٿو ڏسي. پنج. هو اهو چپن ۾ هوريان دهرائي اُٿي ٿو. سڀ هن کي ڏسن ٿا.

- ”ابا، ننڊ ڪئيہ.“

- ”هون.“

هو ٻاهر منهن ڌوئڻ لاءِ وڃي ٿو ۽ اندر اچي ٽوال سان منهن اُگهي بيگ مان ڦٽي ڪڍي، ٽڙيل-پڪڙيل وار سنوت ۾ آٽي، پنهنجي وارن جي اسٽائيل کي نيڪ ڪرڻ لاءِ، گهٽي دير تائين ڦٽي وارن ۾ ڦيريندڊو ٿو رهي. آرسيءَ جي اڳيان بيهي ڦٽي ڏيندي، ماڻس ۽ ڀيڻس جي سوالن، ڳالهين جو جواب يا تہ مختصر-ها-هون ۾ ڏي ٿو، يا جواب نہ ڏيئي ماٺ ٿو رهي. ڪيس گهر جو وايومنڊل ڪجهہ عجيب-عجيب پيو لڳي. سڀ عجيب ماڻهو آهن. جڏهن تہ گهر ۾ هن کان سواءِ ٽي ڪمرا ٻيا بہ آهن، پوءِ بہ سڀ اچي، ان ڪمري ۾ گڏ ٿيا آهن، جتي هو وينو آهي. چڻ تہ هو ڪو عجيب غريب يا اڻ ڏٺل مخلوق هجي. اهو محسوس ڪندي هن کي ڪجهہ عجيب-عجيب پيو لڳي. ڪيس لڳي ٿو، هن هتي، هن شهر، هن گهر ۾ اچي وڏي چُڪ ڪئي آهي. منهنجو اچڻ هنن

ڪي سنو ناهي لڳو. ان ڪان وڏيڪ منهنجو اچڻ مونکي بہ سنو ناهي لڳو، ڪَڪ ٿي پيا آهن. آءٌ بار جو ٿي پيو آهيان. انهن جي هر ڳالهائڻي، هر ڪم، هر ايڪشن مان محسوس ٿو ڪري تہ ڪڪ پائي جو اظهار پيا ڪن. ڪيس ڪجھ بہ سنو نٿو لڳي. ڪَڪ ٿي، ڪيس پڪ ٿي ٿئي تہ اچ، سندس ڪيٽري جاڪوڙ ڪندي بہ وارن جي اسٽائيل ٺيڪ نہ ٿيندي. سندس هٿ ۽ ٻانهون ڪنهن ڪم جا نہ رهندا. ان ڪري ئي ڦٽي بيگ ۾ اُڇلي، بيزاريءَ وچان ويهي رهي ٿو.

پاڻس اُٿي ٻئي ڪمري ۾ وڃي، ڪجھ دير ترسي، هٿ ۾ ڪو ڪاغذ ڪٽي موٽي ٿو اچي. ڪرسيءَ تي ويهي، ڪجھ سستيءَ، ڪجھ بيقراريءَ مان، چڻ تہ ڪو بار هجي، ڪيئي پيرا هن جي منهن ۾ نهاري ٿو. ڪجھ اهڙيءَ ريت، چڻ ڪجھ چوڻ گهرندو هجي، جو نہ پيو چئي سگهي. نيٺ منٽ جي انداز ۾ ڪجھ عجيب آواز سان چوي ٿو :

- ”يار هڪڙو ڪم تہ ڪر. آءٌ ڏاڍو ٿڪل آهيان. تون ذراءِ ڪلين تان ڪپڙا تہ ڪٽي آڻي ڏنيم. پاڻ الاهي ڏينهن ڪانپوءِ آيو آهين، شهر جو بہ ٿورو چڪر ڏيئي اچ. تيستائين آءٌ وهنجان ٿو.“

لڳيس ٿو، جبل جي مٿان، چوٽيءَ تان ڪنهن ڌڪو ڏيئي هيٺ ڪيرائي وڌو اٿس. يا ڪنهن اوچتو - اچانڪ، ڪجھ ان طرح سان، جڏهن هو هزارن ماڻهن جي اڳيان معتبر ٿيو بيٺو هجي. سندس وڏي حيثيت ڏسي، زبردست عزت ۽ عقيدت وچان سڀ ماڻهو ڪيس ڏسڻ لاءِ آيا هجن. سڀ مٿانس ٻلهار- ٻلهار ٿي، ساراهہ ڪري رهيا هجن، ان ئي وقت ڪنهن ميڙ مان نڪري ڪيس زوردار ٿڦڙ وهائي ڪڍيو هجي، ماڻهن ۾ ٺهڪڙو مچي ويو هجي ۽ سڀ واپس موٽڻ لڳا هجن. هو پنهنجي زبردست بي عزتي ٿيندي ٿو محسوس ڪري. ڪيس لڳي ٿو اهو سڀ جاڻي واڻي رڳو ڪيس ذليل ڪرڻ لاءِ ڪيو پيو وڃي، جنهن جي پنيان لاچاريءَ جو ڪارڻ ڳنڊيل نہ آهي. ان مهل من ۾ اچيس ٿو، تہ ڪو ناهوڪو جواب منهن تي وهائي ڪڍانس. آءٌ ڪو نوڪر آهيان، يا ڪنهن جو ڪاوان وينو. پر ڪجھ نہ ڪڇي، ڪجھ ڪڪ پائي، ڪجھ ورچ، ڪجھ ذلالت، ڪجھ ششدرپڻي جي احساس سان هو اُٿي رسيد وٺي ٿو. پاڻس پئسن ڏيڻ لاءِ ٻانهن ڊگهيري ٿو.

- ”رهڻ ڏي، مون وٽ ڪليا آهن. آءُ پاڻهي ڏئي ڇڏيندس.“

ائين چوندي محسوس ٿو ڪري ته جيڪا ذلت هن جي ٿي آهي، ان جي احساس ۾ گهٽتائي آئي آهي. پئسا پيري مٿس ٿورو پيو ڪريان. پر ڪجهه ڪنن ڪانپوءِ ذلت جو احساس هيڪاري وڌي ٿو وڃيس. چاهي ٿو ته ساڻس گهر جي ڀاتيءَ جيان نه پر مهمان جيان ورتاءُ ڪيو وڃي، جو ته ٻن ڏينهن کان وڌيڪ ته ڪو آءُ ڪونه رهندس. ويندي ۽ ايندي، ڪيترو ويچاريندي به ان بي عزتي ۽ ذلالت جي احساس ۾ گهٽتائي نٿي اچي. ويچاري ٿو، هليو وڃان. گهر اچي ڪپڙا ڪرسيءَ تي سٽي، کٽ تي ويهي ٿو رهي. ويني-ويني ڪيس مونجهه ۾ ٻوست پئي ٿئي. ياد ٿو پئيس ته ڪنهن ڪيس ٻڌي، سندس مرضيءَ خلاف اهڙي هنڌ اُڇليو آهي جو ڏسڻ ۾ جيل ناهي، پر جيل کان به ڀوائتي جڳهه آهي. ۽ چالاڪيءَ سان اهڙيءَ ڪوٺيءَ ۾ رکيو ويو آهي، جتي اهي سڀ ماڻهو رکيو ڪيس ئي چيڙائڻ، تنگ ڪرڻ، اذيت، ذهني عذاب ڏيڻ لاءِ ڇڏيا ويا آهن، جي واري-واري سان پنهنجو پارٽ پيا ادا ڪن. بي انتها پيار ڏيکاري، اوترو ئي ذليل ٿا ڪن. سڀ ڪجهه سوچيل، سمجهيل رٿا هيٺ ڪيو پيو وڃي. پيار، قرب، سڪ، پنهنجائپ، نه ڪجهه ڪونهي. هو ويچاري ٿو.

پيار-بڪواس.

قرب-بڪواس.

پنهنجائپ-بڪواس.

لڳ لاڳاپا، مائٽي-بڪواس.

بڪواس سڀ ڪجهه. سڀ ڪجهه. خود اِنسان جي هستي به بڪواس. سڀ-ٻار، وڏا بيزاريءَ جو اِظهار نه ڪري سگهيا آهن، ۽ چريا ٿي پيا آهن. ان چريائپ جي ڪري وقلي بڪن پيا. ڪين ڪجهه به سمجهه ۾ نٿو اچي. ۽ آءُ گهر تي بار ٿي پيو آهيان. سڀ مون مان ڪَڪ آهن. چئي نٿا سگهن، ان ئي ڪري اهو سڀ ڪجهه ٿئي پيو.

پيٽس ٿانوَ پئي ملي ۽ وڏو ڀاڻس وهنجي پيو. ماڻس چوي ٿي :

- ”ابا، ننڍڙي ڀاءُ کي ٻاهر الاجي ڪنهن جا چورا مارين ٿا، ويچارو ٻاهر نڪريو ساهه نٿو لهي. ڀاڻين وهنجي پيو، متان ڪير نه ختم ٿي وڃي، ابا تون

نہ ننڍڙي ڀاءُ سان گڏجي وڃين تہ ڀاءُ ڪير وٺي اچي.‘‘
اُن وقت سندس منهن جو پنو ٿي لهي ٿو وڃي. آءٌ رڳو ٻن ڏينهن لاءِ مهمان ٿي آيو آهيان تہ مون سان نوڪرن وارو ورتاءُ ڪيو پيو وڃي. هرويرو اٿين جاڳي-واڳي. ڀلا هيترا ڏينهن جو آءٌ نہ هوس تہ پوءِ؟ ناحق اچي ڦاٿس. مونکي کهڙي ڪَل تہ هي سڀ ڪجهہ ٿيندو. کهڙيءَ ڪتيءَ ڪنيو جو آيس. ۽ ٻري سور مان اُٿي ننڍڙي ڀاءُ ڪان، ڪجهہ قرض جيان لوٽو وٺي ٿو.
- ’’آءٌ پاڻهي ٿو اڪيلو وٺي اچان، پلي ويهي اسڪول جو ڪم ڪري.‘‘
ان ڪان اڳ جو ماڻس ڪجهہ چوي، هو گهر ڪان ٻاهر نڪري ٿو وڃي. ذلت ۽ بي عزتيءَ جو احساس هيڪاري شدت سان زور وٺي ٿو وڃي. رستي تي هلندي، پاڻ تي جک ڪائيندي ڏاڍي ڪاوڙ ٿي اچيس. بي عزتي، ذلت ايتري ناهي ٿي، پر ان جو احساس شديد آهي.
گهر جي اڳڻ ۾ پاڻس کي ڏسي ٿو، جو ڪُکڙ پيو ڪُهي. ڪير جو لوٽو ماڻس کي ڏيندي ڪکڙ کي کهجندو، گهوري ٿو ڏسي.
- ’’ابا، پيٽين هي ڪکڙ سانڍڻ لاءِ ورتي هئي. چٽي پٽي تہ آنا ڪرائيندي‌يسانس، ڪنهن کي کهڻ ئي ڪونہ ٿي ڏنائين. پر اڄ چيائين، ادا لاءِ پلي کهو. ابا پيٽ رڏيون ڪين ٻوڙ.‘‘
- ’’جيڪا اوهان جي مرضي.‘‘
- ’’نہ ابا، جيڪي توکي وڻي سو رڌيان.‘‘
- ’’پَٽ ڪٽي ڪريو.‘‘
چوندي ويچاري ٿو : هونئن ٿورو ٿا ڪن مون تي. پيٽس ڏانهن ڏسي ٿو، پيٽس جي اکين ۾، منهن ۾ ناراضپي، ڪاوڙ کي پروڙي ٿو وٺي. اٿين مونکي نہ‌ٻين ٿا. جڻ سڄو ڪکڙ آءٌ ڪائيندس.
- ’’امان، مونکي اڄ گهٽيون تڙون ڏج.‘‘
ننڍو پاڻس، وڏي ڀاءُ ڪان صاف ٿيل ڪکڙ وٺي ماءُ کي ڏيندي چوي ٿو ۽ وڏو پاڻس، رت سان ڀريل هٿ ڌوئي ٿو.
- ’’ها ابا، ڪکڙ ۾ گوشت آهي ڪيترو، اوهين هاٺي سدائين پيا ڪائو. اڄ ڇڏيو تہ ڀاءُ ڪائي. ٻچي شل ٻن پهرن جو بہ ماني ڪونہ ڪاڌي آهي. چانهہ ڪري

وري ڪکڙ چاڙهيان، ٻچي شل ڪي ٻک هوندي سڄي ڏينهن جي.‘‘

چانهه ڪڙهڻ ڪان چانهه پيئڻ تائين سڀ مات آهن. چانهه پيئندي ڪيس سڀ ڪجهه واهيات پيو لڳي. بي سڪائي، ڪڪپائيءَ جي ڪري چانهه مان ٽيسٽ نٿي اچي. وات جو ذائقو مري ويو آهي يا چانهه جي ئي ٽيسٽ مئل آهي. اڌ ڪوپ پي، اڌ ڇڏي ٿو ڏي. ڪيس هاڻي، هن مهل ڪجهه به سٺو نٿو لڳي. هوا بند ٿي ويئي آهي يا هوا لڳي ٿي ۽ وڻن جي پنن لڏڻ ڇڏي ڏنو آهي. سڄي وايومنڊل ۾ ٻوسٽ ئي ٻوسٽ آهي. ويهندي ڪيس سخت مونجهه پئي ٿئي. هو اُٿي ٿو بيهي. لڳيس ٿو ته جي ڪجهه دير وڌيڪ هتي رهيو ته گهٽجي، ڦٿڪي-ڦٿڪي ساهه نڪري ويندو. جي نه ته پڪ ئي پڪ چريو ٿي پوندو. رت جو داٻ وڌي ويندو، لوندڙيون نڪاءُ ڏيئي ڦاٽي پونديون، دل بيهي رهندي. نه، هتي نه رهي سگهندس. هيڏا اذيتناڪ ڪلاڪ گذارڻ ڪان پوءِ، وڌيڪ ڪجهه سهڻ جي سگهه نه رهي آهي، هو ويچاري ٿو.

هن ماڻس ۽ ٻاڻس کي چيو هو : ته ڏينهن رهندس. پر هاڻي هو ڪنهن وڏي ٻار، ڪنهن ڪڪپائي، بوريت جي شديد احساس ڪارڻ اندر ڪمري ۾ وڃي ڪپڙا مٽائي، بيگ ۾ سامان رکي ٿو ۽ سڀ، سڄي گهر جا ڀاتي عجب ۾ پئجي ٿا وڃن. سندن اکيون ڦاٽي ٽيون وڃن، ائين، جيئن هنن جي ڏسندي-ڏسندي ڪل خوشيءَ ۾ ڪو اچانڪ، دکدائڪ درگهٽنا ٿي پوي. ماڻس عجب ۽ ڪجهه پريشانيءَ مان پڇي ٿي، مئل، گهٽيل، زخمي، ڦٽل، ڦٿڪيل آواز سان. ڪٿي اسان ڪان ته ڪا اهڙي ڳالهه ته ڪانه ٿي آهي.

- ”ابا ڪيڏانهن!“

- ”وڃان ٿو واپس...“

- ”چيو، تو چيو ته ٻه ڏينهن رهندس. پوءِ وري هاڻي...“

هو وڌيڪ ڳالهائي نٿو سگهي. هو ڪو جواب نه ڏيئي ويچاري ٿو ته ڇا چوان. نيٺ ڪجهه ڪنن ڪانپوءِ ڪجهه منجهندي، ڪجهه هٻڪندي چوي ٿو :

- ”اُتي ضروري ڪم ڇڏي آيو هوس. هاڻي ياد پيو آهي. نه ويندس ته لاهه ئي نڪري ويندا.“

ڪيس ئي محسوس ٿيو تہ ڪوڙ جهلجي پيو آهي يا ڪوڙ ڳالهائڻ ئي نہ آيو. نہ، ڪارڻ زوردار نہ آهي. پر نہ. هو ويچاري ٿو. مون وٽ هاڻي ڪابہ ڳالهہ اهميت نٿي رکي، ڇا بہ سمجهن. نيٺ پاڻ بہ تہ ڪڪ ٿي پيا آهن. فرق بہ ڪهڙو ٿو پوي جي ڪارڻ زوردار نہ آهي. بعرحال آءٌ مطمئن آهيان.

- ”ابا، ماني ڪائي وڃ. ڇاڻ رڌي.“

ماڻس جو ٻڏل، ڦٿڪندڙ، اجهاڻل آواز، ويچاري ٿي تہ منٺن سان هاڻي نہ رهندو. هن ماڻس جي آواز مان، ماڻس جي حالت جو چڱيءَ ريت اندازو لڳائي ورتو. پر ان کي ڪابہ اهميت نہ ڏيئي، ائين ئي نماڻو، ڏيکاءُ آهي. سوچي ٿو.

- ”نہ امان، دير ٿي ويندي. گاڏي ڪانہ ملندي. ماني وري ٻي واري ٿي. ويچاري ٿو تہ هاڻي ڪڏهن بہ نہ ايندس. ڇا بہ ٿي پوي.

ننڍڙي پيڻ سوڏائي نماڻين اکين سان اچي پاسي ۾ ٿي بيهيس. هو بيگ بند ڪري، هٿ ۾ ڪٽندي، پيڻس کي هٿ سان ڌڪي ڏيڻ جي انداز ۾ پري ٿو ڪري.

مائٽ عجب ۾ ششدر پٽي جي احساس هيٺ ڏانهس پيا ڏسن. سيني تي لڳ ڀڳ هڪ جهڙي ڪيفيت آهي. ڪو هن کي جهلڻ جي سگهہ نٿو ساري. هو ماءُ جي منهن ۾ نٿو نهاري ۽ ٻئي ڪنهن جي منهن ۾ بہ نٿو نهاري. بنا ڳالهائڻ، بنا موڪلائڻ جي در ڏانهن وڌي ٿو. موڪلائڻ لاءِ ماڻهس ڏانهنس وڌي ٿي، ماءُ کي پاڻ ڏانهن ايندو محسوس ڪندي، ٽڪڙو-ٽڪڙو در مان ٻاهر نڪري ٿو. ماڻس ڏاڪڻ جي منهن تي بيهي هنکي پنيرو ويندو، نظرن کان غائب ٿيڻ جي حد تائين ڏسندي ٿي رهي. لڙڪ اگهندي پنتي موٽي ٿي.

ڏاڪڻ واري در کان ٻاهر نڪري، گهٽيءَ ۾ اچي هو اونهو ڊگهو ساهہ ٿو کڻي، ڄڻ هو وڏي اذيت سان ٻوڙندو آيو هجي، ۽ هاڻي آزاد ٿي مس مس سامت ۾ آيو هجي. گهٽيءَ ۾ هلندي-هلندي هو پاڻ کي هلڪو ۽ آزاد پيو محسوس ڪري. بيگ هٿ ۾ لوڏي مزي-مزي سان هلڻ ٿو لڳي.

# هستيءَ جي تتل، تڪرن جي وچ مان

هن پنهنجي مٿان پاٽي هاريو ۽ لڳن تان وهندڙ پاٽيءَ سان گڏ صابڻ جي گجيءَ کي ترڪندو ۽ لهندو ڏٺو. اڻين - هرويرو، چتائي ۽ گهوري. جسم تي پاٽيءَ پنهنجا وهڪرا ٺاهي ڇڏيا ۽ باقي حصو صابڻ جي گجيءَ جي تهه هيٺ هو. ڪجهه دير لاءِ هو اڻين - خالي ذهن سان، بنا ڪنهن سوچ جي، پنهنجي جسم کي ڏسندو رهيو. پوءِ اوچتو ئي اوچتو، ڪنهن جهٽڪي سان بالٽيءَ مان تڪڙيون تڪڙيون چليون پري جسم تان ڪيرائڻ لڳو. جنهن وقت هو پنهنجي مٿان تيزيءَ سان پاٽيءَ جون پريل چليون ڪيرائي رهيو هو - اُن وقت ڪنهن بئي خيال اچڻ کان اڳ، زندگيءَ ۾، پهريون ڀيرو سندس من ۾ آپگهات لاءِ پازيٽو ارج (Positive Urge) اُڀري. بلڪل اهڙي اَرج جا ڪيس هر وقت ڪنهن (ڇتي قسم جي شهوتي) ڇوڪريءَ سان رات گذارڻ لاءِ اُڀرندي رهندي آهي. جسم مان هلڪن هلڪن سيسڙاٽن جي اُڀرڻ کي محسوس ڪندي، هو تُوال سان، زور زور سان لڳن کي صاف ڪرڻ رڳڙڻ شروع ڪيو. آفيس وڃڻ لاءِ باقي رهيل تياريءَ جو خيال، هن ذهن مان تہ لاهي ڇڏيو؛ پر پوءِ بہ سندس هٿ مڪينڪي انداز سان، اهڙي ريت ڪم ڪندا رهيا، ڄڻ تہ اهي هٿ سندس نہ هئا؛ پر مشينون هيون ۽ هن پنهنجو پاڻ کي، پنهنجي مرضيءَ جي بلڪل اُبتڙ، آفيس وڃڻ لاءِ بلڪل تيار ڏٺو. ڪجهه دير لاءِ هو ڪٽ تي ويهي رهيو، تيار حالت ۾. واچ ۾ ٽائيم ڏسي پوءِ ڇت ۾ گهورڻ لڳو.

آپگهات ڪيس بنا ميڪ اپ جي پيلي منهن ۽ گهرين ۽ اداس اکين، ڪنڌريل وارن واري سنگتياڻي لڳي ۽ هن در کي بند ڪري تالو لڳايو ۽ سامهون رستي تي ويگن جي اسٽاپ جو جائزو وٺي، اوڏانهن وڌڻ شروع ڪيو. هلندي - ڄڻ اڻين ڪا اڻلڪي ڪوٽ محسوس ٿيس ۽ ڪيس ياد اچي ويو - هو نيرن ۽ چانهہ جي لاءِ رستو بدلائي هوٽل ڏانهن وڌڻ لڳو. هن پاڻ کي بلڪل ٺيڪ ٺاڪ نار ۾ وهندڙ ڏٺو محسوس ڪيو، جيڪو صبح جو رستو ڪلڻ وقت اڳ قدمن سان ٺاهيل پيچري تان سونگهندو سڌو نار تائين پهچندو آهي ۽ شام جو نار مان ڪلندي ئي ان ساڳئي پيچري تان وٺاڻ ڏانهن منهن ڪندو آهي، هڪ قدم بہ نہ ترسندو.

ان پيچري تان قدم به هيڏانهن، هوڏانهن نه ڪندو. انهن ئي پيرن جي نشانن تي پير رکندو هلندو، جي نشان صبح جو ٺهيا هوندا. اندر ئي اندر ۾ هن ڪان وڏو ٺهڪ نڪري ويو. اُن وقت هو ريسٽورانٽ ۾ ڪرسيءَ تي ويهي چڪو هو. ويهندي-ويهندي ڪا ڳالهه ياد ڪري هو اندر ۾ ڪليو ۽ ٻاهران هلڪو مُرڪيو. چار-پنج ڏينهن اڳ شام جو هن، هن ئي هوٽل ۾ ڪاڌي جو انوکو ۽ نرالو تجربو ڪيو هو. اُن شام جو ٻاهران رڍئي جا پڪوڙا، اڌ سير انگور وٺي ريسٽارنٽ ۾ اچي چڪن برياني، مٽن مصالي ۽ چئن نانن جو آرڊر ڏنو؛ پر سڀ ڪان عجيب ڳالهه اها آهي، ته هو اهو سڀ ڪجهه کائي ويو، هڪ شيءِ به نه بچي. مٿان وري هن آئيس ڪريم کاڌي. خود بيري به چيو : سائين، اڄ توهان تمام گهڻو کائي ويا آهيو. رات جو پيٽ ۾ سخت پيڙتي ٿي پئي ۽ سڄي رات ننڊ نه آئي، ٻئي ڏينهن ڊاڪٽر وٽ وڃڻو پيو هو. هونئن به نيرن ڪان سواءِ ڪنهن به ڏينهن تي، باقي ويلا هن باقاعدگيءَ سان ڪڏهن به نه کاڌا آهن. سو به هڪ ويلي تي هڪ يا اڌ ماني ۽ موڪلن جي ڏينهن تي نيرن به ڊسترب ٿي ويندي آهي.

آمليٽ کائيندي، هڪ گرهه ۾ آمليٽ ۾ پيل سائو مرچ هليو آيو ۽ چٻاڙ سان وات ڪوڙو ٿي ويو. گرهه اڇلايو هن نه- ڳهي ڇڏيو. آڳهات واهيات قسم جو ڪچو شراب آهي. هڪ اهڙو شراب، جيڪو ڏُڪ پيڻ سان نڪ جي ناسن مان دونهن ڪڍندو، نڙيءَ کي چيريندو هيٺ لهندو آهي.

هو بل ڏيئي ريسٽارنٽ کان ٻاهر نڪري آيو ۽ بلڪل آرام، ڌيرج سان آهستي آهستي هلندو ويگن اسٽاپ تي پهتو. هڪ-ٻه-ٽي-چار-پنج ڪئي ويگنون هن مِس ڪري ڇڏيون. ائين... هرويرو-بنا ڪنهن مقصد جي. تيز رفتاريءَ سان ايندڙ ڪا ويگن، ان موڙ تي ڊرائيور جي ڪنٽرول مان نڪري، فٽ پاٿ تي چڙهي، سندس جسم کي ٻن حصن ۾ چيري، دماغ جو ميڄالو رستي تي ڦهلائي سگهي ٿي. اتفاق. ايڪسيڊنٽ، پوسٽ مارٽم. بچندو ئي ڇا پوسٽ مارٽم لاءِ.

هو ٽپ ڏيئي هڪ ويگن ۾ چڙهي پيو آفيس وڃڻ لاءِ. آڳهات مان سڀ ڪان وڏو فائدو اهو آهي، ته ماڻهوءَ کي اٽوٽندڙ حالت جو اِنتظار نه ڪرڻو پوندو. اڻوٽندڙ، بدصورت، بدبودار ۽ مڪروهه حالتون، جي ڪڏهن به ۽ ڪنهن به وقت انسان تي ڪڙڪي سگهن ٿيون. گهٽ ۾ گهٽ ماڻهو پنهنجو پاڻ ڪان،

اهڙين ولگر حالتن جي حوالي ڪرڻ ڪان بچي ويندو. سڀ ڪان وڏو فائدو اهو آهي، تہ اِنسان آپگهات ڪرڻ سان ئي هڪدم دوستن ۽ واقفڪارن ۾ بهتر ۽ عظيم قسم جو ماڻهو بڻجي ويندو ۽ انهن کي صرف مري ويل جون چڱايون ئي نظر ايندئون آهن، جي هن ۾ نہ هونديون آهن، سي بہ اُن تي مڙهيون وينديون آهن. آپگهات سان دشمنيون هڪدم دوستيءَ ۾ تبديل ٿي وينديون آهن -دوستيون وڌيڪ گهريون ٿي وينديون آهن ۽ ماڻهو مري ويل سان دوستي هجڻ تي فخر محسوس ڪندا آهن، ڇو تہ اهو ترديد يا تصديق لاءِ موجود نہ هوندو آهي. اُن وقت هو آفيس جي ڪرسيءَ تي ويهي چڪو هو. آپگهات ڪان پوءِ انسان تي ڪيترا وڏا قرض ۽ ڪيتري مدي ڪان رهيل قرض پاڻمرادو نبيرجي ويندا، وڏ ۾ وڏ ماڻهو قيامت جي ڏينهن جون ڌمڪيون دل ئي دل ۾ ڏيندا رهندا.

هن ٽيليفون جي رسيور ۾ هٿ وڌو، هٿ ڏانهن ڏٺو ۽ ٽيليفون جي رسيور مان هٿ ڪڍي ڇڏيو. فائيلن ڏانهن ڏٺو-ارجنٽ، اميڊيٽ، ڪانفيڊيشنل ۽ پرارٽي جون ڳاڙهيون، سايون، پيليون ۽ اڇيون چٽڪيون لڳل فائيل. هن جو هٿ وري ائين پاڻمرادو ٽيليفون ڏانهن کڄي ويو. هن رسيور کنيو ۽ پهرين رسيور کي، پوءِ رسيور کي پڪڙيندڙ هٿ ۽ پوءِ ٽيليفون کي، خالي نظرن ۽ خالي دماغ سان ڏسندو رهيو. ڪنهن جهٽڪي سان هن ڪان ڇرڪ پرڻ جهڙو ڪجهہ نڪري ويو. هو هلڪو مرڪيو ۽ رسيور رکي ڇڏيائين.

هن هڪ فائيل کنيو. آپگهات شخص جو ذاتي ۽ نجي موت آهي. اهو انسان جي مڪمل پڪڙ ۾ آهي. هن فائيل اُڇلي ڇڏيو. سندس هٿ بنا ڪنهن سوچ جي گهنٽيءَ ڏانهن کڄي ويو ۽ خود وجايل گهنٽيءَ جي آواز-اوچتي آواز تي ڪانئس ئي زبردست ڇرڪ نڪري ويو. سندس هٿ جهٽڪي سان بيل جي بٽڻ تان کڄي ويو. گهنٽيءَ جي آواز تي پٽيوالو در کولي اندر آيو ۽ سامهون اکين ۾ سوال پري بينو رهيو. ڪافي وقت تائين هو بہ ائين ڪجهہ سوال ۽ عجب ۽ ششدر پٽي وارين ڳاڙهي نظرن سان پٽيوالي ڏانهن ڏسندو رهيو ۽ پوءِ سوچيائين ڪجهہ چوان، پٽيوالي کي ڪو نہ ڪو ڪم چوان، جڏهن بيل وڄي ئي ويئي آهي تہ. جڏهن ڪجهہ بہ ذهن ۾ نہ آيس تڏهن چيائين :

نہ بس ٿيو. جنهن وقت پٽيوالو مڙي دروازو کولي ٻاهر نڪرڻ تي هو، تہ هن کي هڪدم ڪجھ ياد اچي ويو ۽ زور سان رڙ ڪري چيو: اڙي ها، ٻڌ تہ، چانھ ڪٽي اچ. هن اهو ايترو تہ ابهرائيءَ سان، ايترو تہ تڪڙو ۽ ايترو تہ زور سان چيو، جو خود کيس پنهنجو پاڻ تي عجب لڳو، ان ڪان وڌيڪ شرم آيو ۽ هن شرم پرچائڻ خاطر فائيلن ۾ ڏسڻ شروع ڪيو ۽ هيڏانهن، هوڏانهن ۽ پاڻ کي ڏسڻ لڳو. ٽپال ٻارنهين ڪان پوءِ ايندي ۽ هڪ تائين ڊسپوز ٿي ويندي. هن فائيل کنيو، هولڊر مان پين ڪڍي هٿ ۾ جهلي نوٽ پڙهڻ شروع ڪيو. آپگهات سان اسان جي هن دؤر جي عيش عشرت جي حقيقي حقيقت سامهون پڌري پٽ کلي پوندي. آپگهات جي خبر باھ جيان پکڙجي ويندي، اها خبر ڪجھ ئي ڪلاڪن اندر هر ڪنهن جي ڪن تائين پهچي ويندي. ٻن ٽن ڏينهن تائين ماڻهو جو آپگهات ڪري چڪو هوندو، سو ٻين ماڻهن جي مزيدار ڳالهين، نتيجن، هٿ ٺوڪين سببن جو موضوع بڻجي ويندو. فائيل تان نوٽ پهرين اکر ڪان آخري اکر تائين پڙهي چڪو، کيس اکر بہ سمجھ ۾ نہ آيو. سندس ڏيان ئي نہ هو نوٽ ڏانهن، خالي نظرون لفظن تي ترڪي رهيون هيون. هن وري پڙهڻ شروع ڪيو؛ پر ٻہ-ٽي اکر پڙهي فائيل وري اُڇلائي ڇڏيو ۽ هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ لڳو. اُن وقت پٽيوالو چانھ ڪٽي اندر آيو ۽ ٺيڪ هن جي پٺيان سندس ڪلارڪ بہ. پٽيوالي چانھ سندس اڳيان رکي ۽ ڪلارڪ بنا ڪجھ چوڻ جي، فائيل اُٿلائي پٿلائي ڏسڻ لڳو ۽ ڪلارڪ جي هر حرڪت سان هن کي ڪجھ عجب سان ڏسندو رهيو ۽ ڪڇيو ڪجھ بہ ڪين. ڪلارڪ فائيل ڇڏي ڪجھ دير بيٺو رهيو، لڳو ائين ٿي تہ ڪجھ چوندو؛ پر چوڻ بنا ئي ٻاهر نڪري ويو. پٽيوالو ڪاغذن کي ٺاهي، پيپر ويٽ هيٺان رکي رهيو هو. هن سامهون رکيل چانھ ڏانهن ڏٺو ۽ ڪوپ ۾ هٿ وجهندي، کيس ڪنهن شيءِ جي ضرورت محسوس ٿي ۽ ڪوپ رکي ڇڏيو؛ پر کيس ياد نہ آيو تہ کيس ڇا گهرجي. هن سوچيو؛ اُن وقت پٽيوالو فائيل ٺاهي ٻاهر نڪري رهيو هو، ۽ پٽيوالي کي تمام آهستگيءَ سان ۽ منجهيل آواز سان سڏ ڪري بيهڻ لاءِ چيائين. پٽيوالو سامهون ادب سان بيٺو رهيو. هن کي وري بہ ياد نہ آيو ۽ هن چانھ مان نڪرندڙ دونهي کي ڏسڻ شروع ڪيو، ۽ پٽييوالي ۾ سوالي نظرن سان

گهوريندو رهيو ۽ اُن وقت هن کي لڳو، تہ پٽيوالو ڪجهہ بيچيني محسوس ڪري رهيو آهي. چڱو نيڪ آهي پلا، هن ڏيمي آواز ۾ چيو. پٽيوالو ٻاهر نڪري ويو ۽ هن ڪوپ ڪٽي وات تائين آندو ئي ٿي، اُن مهل کيس اچانڪ جهٽڪي سان ياد اچي ويو ۽ هن ڪوپ رکي، گهنٽي وڄائي. گهنٽي ايستائين وڄائيندو رهيو، جيستائين پٽيوالو در نہ کوليو. پٽيوالي در ايترو تہ زور سان کوليو، جو هن ڪان چرڪ نڪري ويو ۽ هٿ ٻٽڻ تان پاڇي ڪجي ويو. هن پنهنجو پاڻ کي ششدر محسوس ڪيو ۽ کيس ڳالهہ وري وسري ويئي.

خبر ناهي ڇا ٿي چيم !؟ هن سوچيو. هن پٽيوالي کي ڏسي وري هيڏانهن هوڏانهن ڏٺو ۽ پوءِ ٽيبل جي شيشي هيٺان لڳل ٽيليفون نمبرن کي ڏسڻ لڳو. پٽيوالو ڪافي دير بيهڻ ڪانپوءِ جنهن وقت موٽي رهيو هو، اُن وقت وري کيس ياد اچي ويو. هن مئل ۽ جهيڻي آواز ۾ پٽيوالي کي پاڻي ۽ سگريٽ آڻڻ لاءِ چيو ۽ وري ٽيبل هيٺان ڪاغذن کي ڏسڻ لڳو. اُن وقت سندس ڪلارڪ وري اندر آيو ۽ فائيل هيٺ مٿي ڪري، اُٿلائي پٿلائي ڏسڻ لڳو ۽ پوءِ فائيلن کي اهڙي ئي بيترتبيءَ ۾ ڇڏي، بنا ڳالهائڻ جي ٻاهر نڪري ويو. ڳالهايو ۽ ڪجهہ پڇيو هن بہ نہ، صرف هن کي ويندو ڏسندو رهيو. آپگهات ڪرڻ وقت ماڻهوءَ کي پاڻ کي مارڻ ۾ تڪڙ ڪان ڪم وٺڻو نہ پوندو. هو بلڪل آرام سان پنهنجي من گهري جاءِ تي، آدم قد آرسيءَ جي سامهون ويهي، سگريٽ جون ڦوڪون پيري، بهتر نموني سوچي سگهي ٿو، پنهنجو پاڻ سان ڳالهائي سگهي ٿو، آرسيءَ ۾ پاڻ کي مارڻ وقت، پنهنجي مرڻ تي پنهنجي چهري ۽ اکين جا تاثر پنهنجين ئي اکين سان ڏسي سگهي ٿو- نہ انتهائي پيانڪ ٿيندو، ماڻهو پاڻ کي اهڙي حالت ۾ نٿو ماري سگهي. اُن وقت، هن کي گراموفون رڪارڊ ٻڌڻ گهرجن. هو آرام سان رڪارڊن مان پنهنجو سڀ ڪان وڌيڪ وڻندڙ رڪارڊ ڳولهي لڳائي، اُن جي لفظن مان مزو وٺندي، پنهنجو انت آڻي سگهي ٿو. اُن وقت کيس رات وائيس آف آمريڪا تان ٻڌل سانگ ياد اچي ويو، ۽ هن هلڪو هلڪو جهونگاريو :

Lady,
When you are with me,
I am smiling,
Give me Vo-Vo your love,

Lady,
Your hands give me up,
When I am Sinking,
Touch me and my troubles away.

اُن سانگ پڌڻ ڪانپوءِ، جيڪڏهن زندگيءَ سان موهه وڌي وڃي ۽ ماڻهو آپگهات جو خيال لاهي ڇڏي ته؟ پوءِ به نقصان ڪهڙو آهي، اهو جذبو ڪڏهن به موت ڪائي سگهي ٿو.

ٺيڪ اُن وقت تي پٽيوالي در کولي پاڻيءَ جو گلاس ۽ سگريٽ کڻي اندر آيو. هن شيشي هيٺان لڳل ڪاغذن مان اکيون کڻي پٽيوالي کي ڏٺو. اُن وقت چانهه جو اڌ ڪوپ خالي ڪري چڪو هو. ڪيس پهرين پنهنجو پاڻ تي سخت عجب لڳو ۽ هن پاڪيٽ کولي سگريٽ دکايو ۽ پاڻي ميز تي ائين جو ائين رکيو رهيو. پوءِ هن کي پٽيوالي تي سخت ڪاوڙ آئي، ڪجهه ياد ڪري؛ چسو، نڪمو، پهرين پاڻي ڏيئي، پوءِ سگريٽ وٺڻ وڃي ها ته ڇا ٿي پوي ها، هيءُ به نه سُڌرندو. پهرين خيال آيس ته ٺاهوڪي ڇنڊ پٽيس، پر پوءِ خيال لاهي ڇڏيائين، هن کي سگريٽ مان ڏاڍو مزو اچڻ لڳو.

آپگهات وقت ماڻهو اهو مزو پوري طرح ماڻي سگهي ٿو. هڪ هڪ ڪش مان. دنيا ۾ جيڪڏهن ڪا سني ۾ سني شيءِ، يا وڏي ۾ وڏو عيش آهي، ته اهو آپگهات ئي آهي. نه ڳالهه زندگيءَ ڪان، زندگيءَ جي ڏکن ڪان، سورن ڪان، محرومين، ناڪامين ۽ نااميدن ڪان وير پاڙڻ جي ناهي. ان ۾ وير جو جذبو قطعي ناهي؛ پر ڳالهه Living instinct کي ختم ڪري، پنهنجو پاڻ کي آزاد ڪرڻو آهي، ان جٺادار آئيندي جي پيانڪتا ڪان بچڻو آهي. انسان جو صحيح ۽ مناسب فيصلو صرف آپگهات ئي آهي، ان ڪان پوءِ رڳو پاڻ کي مارڻ جي طريقي جو فيصلو ڪرڻو آهي، ته ڪهڙو طريقو بهتر يا مناسب رهندو. اڄ آفيس جو ڪم ذرو به نه ٿيو آهي. هڪ فائيل به ڊسپوز نه ٿيو آهي. ڪجهه ته ڪم ڪجي. هو ڪرسيءَ تان اُٿي بيهي رهيو ۽ سگريٽ کي اَش ٽري ۾ چٿي ڇڏيائين. جنهن وقت هو سگريٽ کي چٿي رهيو هو، اُن وقت سندس نظرون آفيس جي ڊائريءَ ۾ هيون. اوچتو- اچانڪ کنهن خيال ڪان سندس سڄو وجود ڏڪي ويو. هن لڳن کي ڏڪندو محسوس ڪيو. هو ڪرڻ جي انداز سان ڪرسيءَ تي ويهي

رهيو. ڪجهه وقت تائين هو سڪرات جهڙي حالت ۾ وينو رهيو ۽ پوءِ وري ڊائري ڏنائين. وڏن بولڊ اکرن ۾ 10th May. اڄ هو چوويهن سالن جو ٿي ويو. پورا چوويهه سال. باقي ڇهه سال، جنهن کان پوءِ ٽيهن سالن جو ٿي ويندو. ماڻهو ٽيهن سالن کانپوءِ پنتي موٽڻ شروع ڪندو آهي. ٽيهه سال پوڙهپڻ جو پهريون ڏاڪو آهي. هن جي نرڙ تي پگهر مڙي آيو. سندس ڏڪندڙ هٿ ائين ٽيليفون ڏانهن کڄي ويو. هن ڪيترا ڀيرا رسيور کنيو ۽ رکيو، خوامخواهه ڊائيل ڦيرايو، پوءِ فائيل کنيا، ڏنا ۽ اڇلائي ڇڏيا ۽ مسلسل گهنٽيون وڄايون. هي ٺيڪ وقت آهي آپگهات لاءِ. هن وقت ئي ماڻهو پاڻ کي پنهنجي ئي مرضيءَ سان ماري سگهي ٿو. پوڙهپڻ ۾ هرويرو به ماڻهوءَ جو روڳي جيون سان موهه وڌي ويندو آهي. هو حياتيءَ کي جوڙ جيان چنبڙي پوندو آهي. آپگهات لاءِ هي وقت ئي مناسب آهي. اهو ڪلارڪ در کولي سندس سامهون ٽپال جو فائيل رکي ويو. ڪلارڪ کي ٽپال جو فائيل کڻي ايندو ڏسي، هن جون اکيون عجب ۾ ڦاٽي ويون. ڪلارڪ ٽپال ڇو کڻي آيو؟ پٽيوالو ڇو نه کڻي آيو؟ ۽ پوءِ هن ياد ڪرڻ شروع ڪيو، ته ڪيترا ڀيرا پٽيوالو ۽ ڪيترا ڀيرا ڪلارڪ ٽپال جي فائيل کڻي آيو آهي. ائين ٿيندو ته آهي. ان ۾ نئين ڪهڙي ڳالهه آهي. هو سامهون رکيل ٽپال جي فائيل کي ائين گهوري گهوري ڇتائي ڏسڻ لڳو. اُن وقت سندس ذهن بلڪل خالي هو. هن چاهيو ٽپال ڊسپوز ڪري. هن فائيل ۾ هٿ وڌو. فائيل کوليو، هڪ-اڌ ليٽر پڙهي باس ڏانهن مارڪ ڪيو ۽ ڪو سپرنٽينڊنٽ ڏانهن ۽ باقي ليٽر رکي ڇڏيا ۽ هو اُٿي بيهي رهيو ۽ آفيس کان ٻاهر نڪري آيو ۽ پوءِ ڪمپائونڊ کان ٻاهر رستي تي. هو رستي تي تڪڙو تڪڙو هلڻ لڳو. ڪيس ڪجهه به غير معمولي نه لڳو. ڪجهه به نئون نه. ائين ٿيندو رهندو آهي. پٽيوالن ۽ ڪلارڪن کي به خبر آهي. هو رستي تي ڪڏهن تڪڙو هلڻ ٿي لڳو، ته ڪڏهن بلڪل آهستي. هن ويچاريو هتان هلي سڌو سپر مارڪيٽ ۾ مرگهلا ريسٽارنٽ ۾ ويهي انگريزي گانا ٻڌان. اها اسلام آباد هوٽل به نهڻ جي ئي ناهي. گهٽ ۾ گهٽ ڏهه سال ته ٿيا هوندس اڏاوت کي. اها هاڻي اسلام آباد جي ڪنسٽرڪشن جوسمبل بڻجي ويئي آهي. ميلوڊي وٽ چاند ريسٽارنٽ ۾ ويهان، اهي واهيات انگريزي ميوزڪ ئي نه هلائيندا آهن. هو ائين، اوچتو،

اچانڪ هڪ گهڙيءَ ۾ چويهن سالن جو ٿي ويو. چويھہ سال ۽ ڪلاڪ ؟ منٽ ؟ سيڪنڊ ؟ هن پنهنجي سيني ۾ ساهہ کي منجهندو محسوس ڪيو ۽ ٽڪڙو ٽڪڙو هلڻ لڳو. باقي چار سال جي رهيل آهن سي بہ ائين... آپگهات ئي انسان جي سڀ کان وڏي پناهگاهہ آهي. جيڪڏهن پنهنجي مرضيءَ سان زندهہ نٿو رهي سگهجي تہ مري تہ سگهجي ٿو، جيئن ماڻهو خود چاهي. جيئڻ جي عادت جا هر عادت تي چانئي پئي آهي، سا ختم ٿيڻ ئي بهتر آهي. ننڍن ننڍن ٽڪرن، ذرن، ائٽم جي ذرن جيترن هستيءَ جي ورهايل ٽڪرن کي سانڍي رکڻ مان فائدو. ڪارج؟

هڪ، ٻہ، ٽي ۽ چار ها لڳ ڀڳ چئن ڇوڪرين کي شاديءَ لاءِ ڏنل آڇ جي نڪرجڻ کان پوءِ... پوءِ ڇا؟ ڪهڙو ٿو فرق پوي ! زندگي ائين آهي، جيئن هئي. فرق تہ ڪوبہ نہ پيو آهي. ڪابہ غير معمولي ڳالهہ ناهي. ڇوڪرين کي، ڪنهن کي ناپسند ڪرڻ جو پورو حق آهي؛ جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ ۾ ڪابہ اهڙي ڳالهہ ناهي. جا ڪا ڇوڪري پسند ڪري، تہ پوءِ ڏوهہ ڇوڪريءَ جو ناهي؛ پر ڏوهہ اُن ماڻهوءَ جو بہ ناهي، جو لاڳيتو ناپسند ڪيو وڃي. آپگهات مهل سڀ کان وڏو فائدو اهو آهي، تہ ماڻهو آپگهات ڪرڻ کان اڳ، پنهنجي پسند جي ڪتابن مان پنهنجي پسند جا بهترين جملا ۽ پئرا گراف بہ پڙهي سگهي ٿو، جڏهن تہ پرائي موت وقت اهڙو ڪجهہ ممڪن ئي ڪونهي. وڏي ڳالهہ تہ هو ان وقت نچي سگهي ٿو، اوچنگارون ڏيئي وڏي واڪي ڳائي سگهي ٿو، ٺهڪ ڏيئي کلي سگهي ٿو، روئي سگهي ٿو، پاڻ کي ۽ ٻين کي گاريون ڏيئي سگهي ٿو. آپگهات بلڪل نجو، ذاتي ۽ پرائيويٽ موت آهي، جڏهن تہ ٻيا موت مڙهيل ۽ پرايا هوندا آهن، جن کي قبول ڪرڻ لاءِ، ماڻهو انهن جي اچڻ وقت تيار نہ هوندو آهي. جيئڻ جو عذاب بي حالت ۾ ختم ٿيڻو تہ ڇا گهٽجڻو بہ ناهي. آيل موت کي قبول ڪرڻ لاءِ، ڪوبہ شخص تيار نہ هوندو آهي، هو پرائي موت کي ڏسي دانهون ۽ رڙيون ڪندو آهي. اهو سڀ کان وڌيڪ بهتر آهي، تہ ماڻهوءَ جو موت پنهنجي هٿان ٿيڻ گهرجي. پرائي موت هٿان چيرجي مرڻ جو انتظار بيوقوفي آهي. جيئڻ جي عادت کي بہ ٻين عادتن جيان ڇڏي سگهجي ٿو.

پاسي کان لنگهندڙ تيز رفتار ڪار جي هارن تي سڄو ڏڪي ويو ۽ هُن هلڻ

جي رفتار گهٽائي ڇڏي. ڪيس ڪجهه به نئون ۽ غير معمولي نه لڳو.

آفيس مان ائين اُٺي اچي مون الائي نيڪ ڪيو يا خراب. ڪيس ڪجهه ڏينهن اڳي سندس باس جو چيل جملو ياد اچي ويو : مسٽر فلاٽا توهان تنگ ڪرڻ ڪان به وڌيڪ تنگ ڪيو آهي، هاڻي آءٌ اوهان جي اينيوئل ڪانفيڊينشل رپورٽ خراب ڪري ڇڏيندس، هاڻي هڪڙو ڪم ڪر ته رپورٽ خراب نه ڪندس. صرف هڪ هفتو پوري ٽائيم تي اچ ۽ پوري ٽائيم تي وڃ. هن ڏينهن ڳڻڻ شروع ڪيا، هڪ... ٻه... ٽي، اڄ اٺون ڏينهن آهي، پورو هفتو ائين آءٌ پنڪچوئل رهيس ! ڪيس پنهنجو پاڻ تي ڏاڍو عجب لڳو: پر جيڪڏهن باس اُن جاءِ تي ڪو ٻيو هجي، سنڪي، جيئن باس ٿيندا آهن، ته پوءِ ڇا نوڪري ڪري سگهان ها ! آڳهات وقت ماڻهو جنهن پوزيشن ۾ ويهي يا سمهي مارڻ چاهي، بلڪل ائين ئي ماري سگهي ٿو.

ڪرسيءَ تي ويهي آرام سان سگريٽ پي، ڪنڌ لاڙي موسيقيءَ جي سرن تي پنهنجي پسند جو موت مري سگهجي ٿو. هن سگريٽ ڪڍيو، دکايو ۽ ٻه ٻه ڪش پيو ڏئي لڳو. سگريٽ جي آخري ڪش تي هن کي اوچتو محسوس ٿيو، ته هن جي جمار هڪدم چار سال وڌي ويئي آهي. هن لڱن ۾ هيڻائي محسوس ڪئي. هو ايگزيڪٽلي ٽيهن سالن جو ٿي ويو آهي. برابر ٽيهه سال. هڪ مهينو، هڪ ڏينهن، هڪ ڪلاڪ، هڪ منٽ ۽ هڪ سيڪنڊ به هيڏانهن هوڏانهن ناهي. ٽيهه سال بلڪل جاميٽريءَ جي ليڪن جيان برابر، ذري به وڌوٽي ۽ ڏنگائي نه. اُن وقت هن پاڻ کي نيڪ پنهنجي گهر واري گهٽيءَ ۾ پاتو. سپر مارڪيٽ وڃڻ بدران هو بي خيالي ۾ گهر هليو آيو. ڪيس نار جو ڏڳو ياد اچي ويو ۽ هن ڪان زبردست ٿڪ نڪري ويو. واپس مڙي سپر مارڪيٽ جو خيال لاهي هو گهر ۾ گهڙي ويو. ڪپڙا بدلائي کٽ تي ليٽي پيو ۽ ڇت ۾ ڦرندڙ پنکي کي گهورڻ لڳو. وقت ڪان اڳ هو پوڙهپڻ جي پهرين ڏاڪي ۾ داخل ٿي چڪو هو. پنکي ۾ گهوريندي ڪيس آڳهات خوبصورت سيڪسي ڇوڪري لڳي جا نخرن ۽ ماڻن سان سڏي رهي هئي. هُن پاڻ کي بي انتها ٿڪل پاتيو.

# هستيءَ جو گم ٿيل ٽڪرو

واٽون ڪيئي آهن، وات اها به هئي جنهن تان هوءَ پلٽجي (آءٌ پلٽجي ٿي چوندس) آئي ۽ وات اها به هئي جنهن تي هوءَ وڃائجي ويئي. جي وڃائجي نه ويئي ته گهٽ ۾ گهٽ مون لاءِ ته وڃائجي ٿي ويئي. واٽون ڪڏهن اوچتو اتفاق سان ملنديون آهن. مليون، ڪجهه ڪن لاءِ ۽ ايترو جلد، ايترو تڪڙو جدا به ٿي ويون. مون چاهيو هو جدا نه ٿين - پر جو ٽيڙو هو، ڇا ان کي آءٌ جهلي ٿي سگهيس. اسان ٻنهي ۾، هن جي وچ ۾، ۽ منهنجي وچ ۾ اهڙو ڪوبه جذبو يا اهڙو ڪجهه ٻيو نه هو جو انهن ڪنن کي جهلي ٻيهاري، اينگهائي. ڪجهه وقت لاءِ ئي سهي، مون ته چاهيو ٿي ۽ ان جو اِظهار به ڪيم. مٿل لفظن ۾ دم ڦوڪي اُنهن کي زوردار نه بڻائي سگهيس. لفظ پاڻمرادو ساهه ڇڏيو مريو وڃن، آءٌ ڇا ڪريان. آءٌ چاهيان ٿو لفظن کي زنده بڻائڻ! جيئرو جاڳندو بڻائڻ - ۽ لفظ ٿي نڙيءَ مان ترڪي، ڳسي، گهٽجي، ٻوساٽجي دم ٽوڙي ٿا ويهن، مرضيءَ جي ابتڙ - جيئن آءٌ نٿو چاهيان.

هوءَ نه رهي آهي، آءٌ آهيان، رهيو آهيان - رهندس...(؟) شايد، نه؛ پڪ ٿي پڪ اهڙي ئي حال ۾، جنهن ۾ هاڻي آهيان يا هن کان به وڌيڪ بدتر.

بستري ۾ اهڙي حالت ۾ ڏچندي جي سوچ هڪ ڪن لاءِ به بند نه ٿي ته ڇا ننڊ ايندي. سوچ بند ٿيندي ڪيئن. گهر ۾ ويليم ٻچيل هوندي الائي نه.

مون ڇيو، ڇيو هو - هنجي پڇڻ تي ۽ هن پڇيو - ڇا تون! (ها ڦُن تون ئي ڇيو) هتي، هن ئي ڪوٺڙيءَ ۾ رهندو آهين. ڪجهه سوچي، ڪجهه ويچاري مون ڇيو: ها، اسان ماڻهو ڄمندا هنن ڪال ڪوٺڙين ۾ آهيون - جيئندا به هنن ڪال ڪوٺڙين ۾ آهيون ۽ مرندا به هنن ڪال ڪوٺڙين ۾ آهيون. مرڻ ڪانپوءِ به بخشيو اسان کي نه ويندو آهي. مٿل مڙهه کي ڪال ڪوٺڙيءَ جهڙي ڪڏ ۾ پوريو ويندو آهي. جنهن جا نشان ڪجهه ڏينهن اندر ئي ميسارجي ويندا آهن. ڀاڳ اسان جو بدلجي ٻيو نٿو ٿي سگهي. يقين ڄاڻ آءٌ پنهنجي جاءِ ڇڏي توکي ٻي ڪنهن جي جاءِ ۾ نه وٺي آيو آهيان.

ڇيم - هن ئي بستري تي، جتي آءٌ هاڻي اڪيلو آهيان. مون سوچيو، ڇيم، اِن چوڻ جي پنيان منهنجي وڏي توقع هئي - همدردي ڪندي - پيار - لفظن جي ڄار ۾ ڦاسي پوندي. نه، اثر نه ٿي. جي ٿيو ته ابتو ئي اثر ٿيو، نفرت،

ڏڪار يا بيزاري، غير متوقع ڪيفيت هيٺ. منهنجي لفظن ۾ جادو نہ هو يا هو تہ اُن تي اثر نہ ٿيو يا لفظ ئي بيمار ۽ ڪرپ ڏيارينڌڙ هئا.
هاڻي هن وقت اها ڳالهہ سوچيندي، پنهنجو پاڻ کي جسٽيفاءِ ڪرڻ لاءِ من ئي من ۾ پاڻ کي ڊگهي ۽ خطرناڪ گار ٿو ڏيان. 'سالي رنڊي.' رنڊين تي لفظن جو ڪهڙو اثر ٿيندو. اجايو لفظن جو زيان ڪرڻو ٿيو. رنڊين جي اڳيان پرپور لفظ بہ جميو برف ٿيو وڃن. بي معنيٰ، اجايا، بيڪار.
ٿيون ڏينهن شايد هڪڙي مينڊريڪس بچائي رکي هئم تہ سهي - الائي...
نہ - ڏک ٻن سئون جي وڃڻ جو نہ آهي، اُهي وڃڻا ئي هئا، ڪنهن نہ ڪنهن ريت. هن ريت نہ تہ ٻي ڪنهن ريت هليا وڃن ها. ٿيو - جو بہ ٿيو - سٺو نہ ٿيو. وري ڪڏهن گڏجندي؟ اثر ڪهڙو بہ وني - ڇا ٿيندو؟ جو مون نہ چاهيو، ڇاڪي واڻي نہ ٿيو، پر جو چاهيو اُهو بہ نہ ٿيو. ڏک اِن جو آهي تہ اُهو نہ ٿيو. اِن اجائي، بي مطلب، بي فائدي، بدصورت دهراءَ مان فائدو؟ نہ تہ پلا ڇا؟ ڪري بہ ڇا ٿو سگهجي.
هن چيو : سائين مال ڪو آهي ڇا، وڏا - وڏا گراهڪ بہ ڇتا ٿيو پون. اهڙو مال تہ ڪو ڀاڳ وارن کي ملندو آهي. توهان جا تہ ڀاڳ ڀلارا آهن. رات لاءِ پورو هزار ٿي وني، ٻن ڪلاڪن جا ڇہ سؤ. سو بہ ڪلاڪ ٻن لاءِ تہ ويندي بہ تہ ڪانهي، پر توهان پراڻا گراهڪ آهيو، توهان سان وري ڪهڙا ليکا.
مون ٻہ ڪلاڪ چونڊيا. چونڊ ۾ ان ڪري جو هزار رپيا ڀري آءٌ نٿي سگهيس، جيڪو منهنجي پهچ کان، پرائي زال جيان، ٻاهر هو. ۽ ڇہ سؤ رپيا ڏيئي بہ ڪجهہ بہ نہ ڪري سگهيس. ڪجهہ بہ نہ؛ هڪ آسرو ڪٽي، بيڪار - اڻ ٿيڻو. سالي پئسي جي پٽ. مجبوري هن جي. ها اها مجبوري ئي هئي جا هنکي مون تائين وٺي آئي. ٻي طرح تہ هن جو يا منهنجو يا اسان ٻنهي جو هڪ ٻئي سان ڪجهہ بہ نہ هو. وٺي مون کي ڏاڍو. مجبوري منهنجي بہ تہ هئي. پر مون اڳتي وڌي وڃي ڪجهہ وڌيڪ ئي گهريو/گهرڻ چاهيم جو پاتل بہ وڃائي وينس.
ٺيڪ ٻن ڪلاڪن ڪانپوءِ رڳو سنڀالي هوءَ اُٿي کڙي ٿي، اهو چئي تہ ٽائيم ختم ٿي ويو - ٻئي پاسي بہ وڃڻو آهي - جلدي آهي. اُن وقت جي گهڙين جا ڪانٽا واپس ڦري اُن ساڳئي ٽائيم تي بيهي رهن ها جنهن تي هوءَ آئي هئي.
نامرد سمجهيو هونداٿين. سمجهي. جيڪي بہ سمجهي. آءٌ ڇا ٿو ڪري سگهان. مون تہ چاهيو - ٻئي جي قابل نہ سهي، ٻين هنڌان نفرت، ڏڪار پرائي،

ڏڄي چا اها وات بہ پڪڙي نٿو هلي سگهان؟ نہ هلي سگهيس، ڏکيو ويس، سا جاڻ مونکي اڄ پئي. ڳالهہ منهنجين وابستہ ڪيل اميدن جي آهي، نہ تہ ٻي طرح ان وات تي آسانيءَ سان هلي سگهجي ٿو.

نہ، پيڙا نہ، پيڙا چا جي، پيڙا چو. ڪجهہ بہ تہ نہ. پر مون پاتو ٿي ڪڏهن جو وڃايم، جنهن جو ماتم ڪريان. مونکي جاڻ هئي، پر پوءِ بہ هڪ اٽلڪي، اٽڇتي، مئل، بيڪار آس کي ساڻ کڻي عذاب پوڳي ورتم. گهاٽي جي چڪر ۾ بہ اهڙو عذاب ناهي.

شايد وري مون وٽ ڪڏهن بہ سؤ رپيا يڪا گڏ نہ ٿين، جي ٿين تہ اها وري نہ ملي شايد، ڪٿي ٻُڪ تي ويئي هجي يا ٻئي ڪنهن شهر هلي وڃي يا مون وٽ اچڻ کان انڪار ڪري ڇڏي. آخر مون کي اهڙو پوتر، اعليٰ ۽ آدرشي. ٻٽڄڻ جي ضرورت ڪهڙي پئي، ان بدصورتي، واهياتپڻي ۽ ذلالت جي بدنما ڏيکاءَ جي. فرق بہ ڪهڙو ٿو پوي. نٿو پوي ڪوبہ فرق، ان هوندي بہ ايڏو ڪجهہ فرق جيڏو چو ٿو ٿئي.

مون کانئس نالو چو نہ پڇيو. پڇڻ سان چا ٿئي ها. نالن سان چا ٿو ٿئي. شايد هن ئي پڇيو هو مون کان منهنجو نالو يا پڇيو نہ هئائين، مون پنهنجي ليکي ئي ٻڌايو هومانس پنهنجو نالو. يا شايد هن نالو پڇيو، مون ڪجهہ نہ ٻڌائي لنوائي ڇڏيو هجي. ڳالهائڻ لاءِ لفظ گهرجن، اصل مسئلو ڳالهہ شروع ڪرڻ جو آهي. ڳالهہ شروع هُن ئي ڪئي، يا ڳالهايو صرف هُن ئي. آءٌ سندس منهن ۾ تڪيندو ۽ ٻڌندو رهيو هوس يا شايد ٻڌي نہ زهيو هوس، صرف تڪي ئي رهيو هوس. نہ رهي آهي هاڻي هوءَ. ائين هلي ويئي، جيئن آئي. وڃڻ جو انداز انتهائي ڀيانڪ، بدصورت، مڪروهہ ۽ بدبودار هئس. بلڪل ٿرڊ ريٽ رنڊين جيان.

ٻانهون سنگمرمر جهڙيون هئس... منهن، ان سان ڪهڙو فائدو ٿيندو هاڻي ائين ان طرح ياد ڪرڻ سان. شايد ڪنهن حيلي سان وڃايل بہ سؤ رپيا ان ريت سڄايا وڃن. چا ماڻڻ کانپوءِ وڏيڪ بوريت نہ ٿئي ها، ڪرپ جهڙو ڪجهہ. مجبوريءَ کي اکيون نہ هونديون آهن، ڪن بہ نہ هوندا آهن، محسوس ڪرڻ لاءِ حواس بہ نہ هوندا آهن. نہ، صرف حواس ئي هوندا آهن مجبوريءَ کي.

پيلي رنگ ۾ سائو رنگ ملائڻ سان جيڪو رنگ ٺهندو آهي، شايد منهنجي منهن جو رنگ هينئر اهڙو بٽيل آهي، پڪ ئي پڪ.

چا آءٌ ٿرڊ ڪلاس شاعر نٿو ٻٽجي سگهان. جيڪڏهن منهنجو اُن سان پيار

ٿي ويو هجي ها يا ٿي وڃي، پوءِ بہ فرق ڪھڙو پوي ها. سھڻي تہ ڏاڍي هئي، سھڻيءَ کان بہ وڌيڪ سھڻي. اهڙي ڇوڪريءَ کي تہ... ڪري بہ ڇا ٿو سگھجي. شادي ڇو نٿي ڪري ويھي رهي. ڪير ڪندس؟ آءٌ...؟ پر مون سان ڪٿي ڪندي. اهڙين ڇوڪرين کي. نيڪ آهي سڀ. ڪجھہ بہ نئون، ڪجھہ بہ غير معمولي، ڪجھہ بہ عجيب نٿو لڳي. مثل، ۾ بدصورت زندگيءَ ۾ ڪاڏل اندر تي ڇا زميني ڏوڏن جو ڪو اثر ٿيندو آهي؟ تڏهن تہ ڪجھہ بہ غير معمولي ناهي. هن جي اچڻ، اچڻ کان وٺي بہ ڪلاڪ رهڻ، ٻن ڪلاڪن جي رهڻ دوران ٿيل ڳالهين کي ورجائڻ، ذهن تي هر هر اها سين وري هلائڻ بھتر ٿيندو، سواءِ بدبودار طريقي سان رڌو سنڀالي اُٿي وڃڻ کي ڇڏي. هن اهو بلڪل واهيات ۽ بي ڍنگي نموني ڪيو.

هن بہ بلڪل واهيات بي ڍنگي نموني سان منھنجو رستو روڪي، ڪذڙن وانگر نخرن ۾ تالن سان چيو: سائين مال واهہ جو آهي، اصل ڳالھہ ئي نہ پڇو، توهان جا تہ ڀاڳ ڀلارا آهن. ماڻھو ڀانئي تہ رڳو وينو ڏسان، هٿ بہ نہ لايانس، متان جسم ميرو نہ ٿي پوي. ننڍ کي آڻڻ جو اهو طريقو تمام بدصورت آهي، ائين ننڊ نہ ايندي، جيئن آءٌ چاهيان پيو. گولي وليم ٿين هئي شايد.

اچڻ مھل هوءَ شرمائي رهي هئي. ڪنوار جيان. نئين ڪنوار جيان. مون هن جو هٿ پھرين پنھنجي هٿ ۾ وٺي سڌو اکين ۾ نھارڻ شروع ڪيو. هن جو هٿ ڏڪيو پئي، ڏڪيو هٿ منھنجو بہ پئي يا شايد وڌيڪ هٿ ڏڪيو منھنجو ئي، يا شايد صرف منھنجو ئي هٿ ڏڪي رهيو هو. بڪواس آهي، لعنت آهي اهڙي ريت سوچڻ تي، منھنجو وس بہ جي هلي نہ.

وري ملي تہ! ڏوڙ پائي. ٻن سؤ رپين جي وڃڻ جو ڏک ناهي، ڏک اِن جو بہ ناهي تہ ٻہ سؤ رپيا ڏيئي بہ ڪجھہ نہ ڪري سگھيس. نہ ڏک ڇا جو، ڏک ڇو؟ ننڊ نٿي اچي. ڇا اها وڏي ڳالھہ ناهي تہ هڪ عورت، ڇوڪري، سھڻي ڇوڪري مون وٽ هلي آئي ۽ ٻانهن ۾ هئي. هن جي رنڊي هجڻ سان منھنجي لاءِ ڪھڙو فرق ٿو پوي. عام عورت ۾ هن ۾ ڪوبہ ظاهري فرق مون تہ محسوس نہ ڪيو. ڇا عام عورتون، جنڪي شريف سڏيو وڃي ٿو، سي ايترا ايڏا، ان جيترا نخرا نہ ڪنديون هونديون ڇا. ڪنديون هجن تہ پوءِ... هن منھنجي ۽ منھنجي ڪونڙيءَ بابت ايڏي دلچسپيءَ سان سوال ڇو ٿي ڪيا، جڏهن تہ ان سان سندس ڪو مقصد نہ هو. ڪيس بوريت ٿي ٿي يا بيزاري يا نفرت يا ڪرپ. يا

ائين هرويرو بي مقصد ڳالھ جاري رکڻ لاءِ، جڏھن ڳالھائڻ لاءِ ڪا خاص ڳالھ نہ هئي. شايد ائين وقت ڪاٽڻ خاطر هن اهڙا سوال ٿي ڪيا. جواب مون طرفان توري تڪي ڏنلن پنيان مقصد هو، ڪيس هميشه لاءِ ڦاسائي وجھڻ جو. نہ ائين نہ هوندو، مون ڪيس پاڻ کان متاثر ڪرائڻ ٿي چاهيو (شايد فلمن جو اثر هجي) عجيب واهيات ڳالھ آهي. هُن لاءِ آءٌ وقت گذارڻ جو ذريعو، وسيلو هوس. هن ائين سمجھيو ٿي. منهنجو ٻيو ڪارج ئي... وليم ٽين يا مينڊريڪس هر وقت گھر ۾ رکڻ تمام ضروري آهي. ڪا نہ ڪا هوندي تہ سهي، ان سان ننڊ آرام سان اچي ويندي نہ تہ بہ حالت ۾...

ڪال ڪونڙيءَ جي تصور ڪي مون رومانٽڪ بڻائڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي، غلطي ڪٿي نہ ڪٿي مون کان ٿي ويئي. پنهنجو جمڻ ۽ مرڻ ان سان ڳنڍي ۽ پاڳ ڪنفائينڊ ڪري مون ڪيس چرڪائي، ڊيڄاري وڌو. ڊپ ان وقت ٿي سندس اکين ۾ لهي آيو يا بيزاري. مون ئي سري کان غلطي ڪئي، مون جيڪو ڪال ڪونڙيءَ جو رومانٽڪ تصور چٽيو، سو هن لاءِ انتهائي ڀيانڪ ۽ دهشتناڪ ثابت ٿيو. هوءَ ڊڄي وئي. ڪڏ ۾ پئي، نہ تہ وري کهڙو ڀلا.

عجيب بڪواس آهي. نيڪ سياڻي نوڪريءَ تي دير سان وڃبو تہ کهڙو اُپ ڪري پوندو. اُپ ڪي جيترو ڪرڻو هو سو ڪري چڪو، ان کان وڌيڪ/اڳتي ڇا ڪرندو.

ان ساڳئي ڇوڪريءَ کي چار ڏينهن اڳ هڪ ٻي ڇوڪريءَ سان ڏٺو هوم، هاڻي ياد ٿو اچيم، تڏهن تہ اچ چهرو ڏٺل ڏٺل پئي لڳو. هاڻي ياد پيو آهي. تڏهن شريف زادي سمجھي، پنهنجي وس کان ٻاهر پائي سندس صورت ذهن مان زوريءَ ڪڍي ڇڏي هيم، ۽ هاڻي سهڻيون صورتون بہ بدروح بڻجي ننڊون ڦٽائينديون ڇا؟

ماڻهو، زندگي، سوچون، پيار، لڳاءُ، عجيب بڪواس آهن. سڀ احمقپائي آهي. صرف مينڊريڪس سان ئي بهتر ننڊ اچي سگھي ٿي. سوچ جي رخ کي جيئن آءٌ گھران ٿو بلڪل ان ڍنگ سان موڙي، هڪ هڪ ڳالھ ياد ڪري ان سان ڀرپور مزو ماڻيان، جيترو ماڻي سگھان ٿو پوءِ، ٻيو نہ تہ بہ سؤ اهڙي ريت وصول ٿي سگھن ٿا. ڇوريءَ جي شڪل شبيهہ، جسم جي انگ انگ جو تصور... ائين ويتر ننڊ نہ ڦٽندي، الٽو ابتو اثر ماڻڻ جو پوڳڻو پوي. ڇا مون کان هڪ بہ مينڊريڪس نہ بچي آهي، هڪ بہ نہ، اڌ بہ ۽ رات...

رڳو پاڻي پيئڻ سان، جيئن پي رهيو آهيان، ڪجهہ بہ نہ ٿيندو. رات جو هر هر خشڪ ٿي وڃڻ، پيٽ ۾ وڏيڪ پاڻيءَ لاءِ جاءِ ناهي. جيڪڏهن مٿي جو پيانڪ سور شروع ٿي ويو تہ پوءِ ڪٿي جو بہ نہ رهندس.

ايٽرن پاسن ورائڻ سان/ورائڻ کان پوءِ سنَڌ جو ذرو ذرو ٻري باهہ ٿي ويو آهي. سلوار جي پانچن کي هر هر مٿي کڻي ستڙن تائين آڻي لاهي ڇڏڻ سان ڇا ننڊ اچي ويندي. مڙيئي بيزاري... هيءَ رات بہ ٻين انيڪ راتين جيان... رستي تي وري ملي ويئي تہ سڃاڻندي سهين. يا لنوائي ويندي. مون کي ڳالهائڻ جي همت ٿيندي. هاڻي تہ پانيان ٿو... اهو پڙوو بہ وڏو حرامي آهي. سڀ کان بهتر اهو آهي تہ ماڻهو خود ئي پڙوو بڻجي وڃي يا آپگهات ڪري. انهن رنن جو پڙون سان الائي ڪهڙو روَيو هوندو؛ زال مڙس وارو يا... اجايو-بڪواس. ڇوري هئي واهہ جي.

جيڪڏهن پنکي جي اسپيڊ فل کان بہ اڳتي وڌي سگهي تہ ڪيڏو نہ سٺو. يا صرف مونکي ايتري گرمي تي لڳي. گرميءَ جي ڳالهہ تہ هُن بہ ڪئي هئي تہ سهين.

ذهن ايڏو مڏو، ٿڪل ۽ بيمار ڇو آهي. جي ان فرسٽريشن مان وري ڊپ شروع ٿي ويو ۽ ڊپ خواهشن، محرومين، پريشانين تي ڇانئجي وڃي ۽ هر شيءِ ڊپ هيٺ دٻجي وڃي تہ پوءِ. پوءِ پڪ ئي پڪ چريو ٿي ويندس. عذاب آهي زندگي. هرويرو بيمار ذهن سان رئپ ڪرڻ جي ضرورت ڪهڙي آهي.

نہ ملندي هوءَ هاڻي. واندي ٿوري هوندي جو ويٺي هجي منهنجي لاءِ، جيئن آءٌ ڇاهيان ٿو.

ها هڪ وليم ڪيٽ ۾ هينئين تاڪ تي رکي تہ هيم، هوندي ضرور.

جي لفظن جي جار ۾ ڦاسي رات ئي رهي پوي ها تہ! ياڪرن ۾ ڇميون، پر... هي شايد پاڻيءَ جو اٺون گلاس آهي. بڪواس آهي، پاڻيءَ جي گلاسن ڳڻڻ مان فائدو؟ فائدو-فائدو، فائدو نيٺ آهي ڇا. اها آخر بڪواس ڪهڙي آهي.

هنڌ ڏاڍو گرم ٿي ويو آهي. ويهڻ/سمهڻ جي لائق نہ رهيو آهي. جي اٿين ويٺي ويٺي ڪرسيءَ تي ننڊ اچي وڃي تہ. هنڌ تي پوءِ...؟

هو شايد منهنجي لاءِ سٺو امپريشن کڻي ويئي هجي! پڪ ئي پڪ!؟؟؟...

# جيون جيڪو رڙهي پيو

ڏاڪڻ تان ٽپ ڏيئي لهندي ئي بوٽ جون کھيون ٽٽي پيون. ٽپ ڏيڻ ڇڏي، ٽپ ڏيڻ واري ڪني عادت تي خار ٿو ڪاوان. نه، بوٽ جي کھين ٽٽڻ جي ڪابه پيڙا نه ٿي، کھيون ته ٽٽڻيون ئي هيون، رڳو ٻن-ٽن ڏاڱن ۾ ته ڳنڍيل ئي هيون. ورتي به ته ڇهه مهنا ڪن ٿيا هوندا. يا لڳ ڀڳ ايترائي، ته ڇا پوءِ ٽٽنديون نه ته جڙيون ئي رهنديون. ڇهن مهنن کان پوءِ به !

رستي تي، فٽ پاٿ تي هلندي، پيرن جو بوٽ مان هر وک تي نڪري وري پئجي وڃڻ ڪري، منهنجي هلڻ جي ڍنگ ۾ فرق پيو آهي. فرق ٻن قسمن جو آهي- هڪ هلڻ جي رفتار گھٽجي ويئي آهي، ٻيو هلڻ جي چال بدلجي ويئي آهي. بدلجي ڪجھه ڪجھه عجيب ٿي ويئي آهي. پيرن جون ڪڙيون هر هر، پير مٿي ڪڻڻ سان، بوٽ مان نڪري وري پئجي ٿيون وڃن. بوٽ به چنل آهي ۽ چتين لڳل به.

۽ منهنجي هن ميري ۽ خميس ڪي کيسو به آهي، جنهن ۾ پندرهن پئسا پيل آهن. آخري پندرهن پئسا- آهن ته سهين نه، ٻيو نه ته گھٽ ۾ گھٽ آڌت ته آهي نه- کيسو خالي ناهي. ۽ اڄ ستاويهين تاريخ آهي- باقي چار ڏينهن، انهن چئن ڏينهن ڪانپوءِ ديا جو دان ملندو. ها- دان ئي ته ڪندا، بکين ڪتن کي هڏيون ڏيندا، ڪتا پڇ لوڏي لوڏي ٿورا مڃيندا.

رستي تي هلندي تڪليف پئي ٿئي، ويچاريان ٿو- بوٽ لاءِ کھيون وٺان. کيسي ۾ پندرهان پئسا آهن. آفيس ۾ سڄو ڏينهن مٿو هنيو آهيم ۽ باس جا دڙڪا سَنا اٿم. مٿو آهي جو سڄو سور سان ڦاٽي ٿو. چانهه پيئان- ڪنهن ايراني ۽ جي هوٽل تي يا گھر وڃان بس ۾ چڙهي، گھر هتان ڇهه ميل پري آهي. جي چانهه پيتم ته ڇهه ميل پنڌ ڪرڻو پوندو. ڇهه ميل پنڌ به ڪري سگھجي ٿو جي بوٽ جون کھيون ٽٽل نه هجن. جي بوٽ جون کھيون وٺان ته باقي بچندا ٿي پئسا- ۽ انهن ٽن پئسن مان ڇا ملندو؟ ڀڳڙا ملندا؟ نه؛ ڀڳڙا به نه. ملي سگھن ٿا پر جي ٻار هجان. يا فٽ پاٿ تي؛ يا ڪنهن بس اسٽاپ تي ننڍڙا ڇوڪرا بسڪوٽ ۽ ڪٽمنڙا ڪٽي ايندا آهن ۽ چنبڙي پوندا آهن، وٺڻ

لاءِ منٿون ايلاز ڪندا، پلاند وجهندا. اڄ ٿن پئسن مان انهن ٻارن کان ڪٿمنڙا وٺندس ۽ چوسيندو گهر پنڌ ويندس. نہ، بوٽ لاءِ کهيون نہ وٺندس نہ ڪٿمنڙا- چانهہ پيئندس. پاڪڙه هوٽل ۾ چانهہ پيئندي وڏي ماڻهو ٿيڻ، ڪنهن ڇوڪريءَ سان پيار تي پوڻ جا سپنا لهندس- سک ماڻيندس ۽ ٻاهر نڪري بوٽ لاهي هٿ ۾ کڻندس- گهر پنڌ ويندس. نہ ايئن نہ ڪري سگهندس. ائين ڪرڻ لاءِ ر ڳو ويچاري سگهان ٿو- پر حقيقت ۾ ڪري نٿو سگهان. نيٺ منهنجي بہ ڪا حيثيت آهي، ڪي يار دوست آهن، ڄاڻو- سڃاڻو آهن، رستي تي هلندڙماڻهو آهن، ڏسندا، ويچاريندا. ڇا چوندا؟ برو ئي سوچيندا. ڪا نہ ڪا غلط راءِ ئي قائم ڪري ويهندا- اجايو. ۽ ان روپ ۾، جڏهن چنل بوٽ هٿن ۾ هجي ۽ پير اگهاڙا هجن- ڪو آفيس جو پٽيوالو ڏسي وٺي تہ! ڇا آفيس ۾ اُن جي سامهون اک کڻي، اُن تي ڏونس ڄمائي سگهندس. نہ، ايئن تہ ڪندس- اجايو اِميج ڪري پوندو. نہ، ائين ڪرڻ منهنجي وَس کان ٻاهر آهي.

ٻالهہ ياد ٿي اچي ۽ خار ٿا لڳن. نہ رڳا خار پر جڪ بہ ٿو کاوان ۽ من ئي من ۾، من جي ٻاهہ چنڊڻ لاءِ، هن مئنيجر جي ٻچي کي دل کولي ٿو گاريون ڏيان. منهن تي ڏيئي نٿو سگهان، ٻين جي اڳيان بہ نہ ٿو ڏيئي سگهان- متان ڪَل نہ پئجي وڃي. ڪالهہ حرامزادي کي چيم:

- يار ٻڌ تہ- مون وٽ ٽڪو بہ ڪونهي، پگهار مان ڏهہ رپيا ايڊوانس تہ ڏي.

پهرين ڏنائين- ڪجهہ ان انداز سان، ڄڻ بيک گهري هجيم، يا ڪيس ڇمات واهي ڪيدي هجيم، يا اڃا بہ وڌيڪ ڪا ڏکي- خطرناڪ گار ڏئي ڪيدي هجيم.. پوءِ مرڪي، ٺوڪ جهڙي مرڪ وارو باندر جهڙو منهن کڻي، ڪنڌ لوڏي، ڏسٽي آڱر ۽ آڱوني سان مڇن کي جهلي پٽڻ جهڙي نموني سان چيائين، ٻن- ٽن لفظن جي ديا ڪندي.

- يار اڄ تہ اڪائونٽ ۾ پئسو بہ ڪونهي. سڀاڻي وٺج پلا.

- چڱو- نيڪ آهي.

چيم مئل آواز سان مرٽينگ وکون کڻندو ٻاهر نڪري آيس.

۽ اڄ چيائين:

- يار آئون ڇا ڪريان- مان تہ توکي ڏيان پيو، پر سائين جهلي ڇڏيو آهي.

درخواست لکي سائينءَ کان ”سگنيچر“ (Signature) وٺي اچ تہ حاضر ڏيانءِ.

سائينءَ ڏانهن نہ ويس، ڪير ويندو پنهنجي بي عزتي ڪرائڻ هن سوئر جي پٽ وٽ... ۽ چپ ڪري ٽيندر نوٽيس جا پروف پڙهڻ لڳس. وري ڏهن روپين لاءِ درخواست ويهي لکان. ۽ پلا سائين بہ ڪو ماڻهو آهي-سوئر جو پٽ حرامي ڪتان جو. سدائين آڱوٺي جهڙو منهن ڪڍيو هلندو گهمي. روز ٿو دڙڪا ڏي ۽ دٻائي. ها، اجا ڪالهہ ئي پنل پادر جهڙو منهن ڪڍي، مون وٽ آيو ۽ هٿ ۾ پروف هئس. پڇيائين :

- پروف تو ڏنو آهي.

ڪا نہ ڪا چوڪ رهجي ئي ويئي هوندي. ڌپ ۾ ها ڪيم. منهن ڳاڙهو ٿي ويس ۽ ڏڪندي چيائين.

- هي... هي پروف ٿو پڙهين-هي تہ ڏس، ٿي سؤسٽ چڪون اٿس. ائين ڪم ڪونہ هلندو. سمجهيئي.

هبڪي چيم :

- سائين هي تہ فرسٽ پروف آهن، سيڪنڊ پروف ۾ اهي چڪون بہ نڪري وجن ها.

- اڙي اخبار ۾ ڪي فرسٽ سيڪنڊ پروف ٿيندا ڇا. هتي هڪ ئي پروف ٿيندو آهي. پر هتي ڪو تنهنجا نؤڪر وينا آهن ڇا، جو تنهنجي لاءِ سچو ڏينهن وينا پروف ڪيندا، باقي اخبار جا ڏوڙ نڪرندي. ڏيان سان پڙهندو ڪر نہ تہ ڳالهہ نہ ٺهندي. ٻڌئي.

۽ آفيس ۾ وينل سيني جون نگاهون ڪاغذن تان کڃي مون ۾ ۽ هن ۾ اٽڪي پيون، ايستائين-جيستائين هو هليو نہ ويو.

ڏڪندي اچ بہ آيو-هڪ هٿ ۾ بتر پروف ۽ هڪ هٿ ۾ پائيپ ڪڍي.

- هي پروف ٿو پڙهين. توکي سؤيرا سمجهايو اٿم تہ خيال سان پڙهہ-پر ڪا ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي ٿي. اڙي پر انڌو آهين ڇا، هيڏيون چڪون توکي نظر نہ آيون.

... شرم پرچائڻ ڪاڻ پروف وٺي ڏنم ۽ فرسٽ پروف ميز تان ڪڍي خوشيءَ ۾ پرجي چيم :

- سائين ڏسو نہ مون تہ سڀ چڪون ڪيون آهن پر ڪمپازيٽر ڇڏي ڏنيون آهن.

- پوءِ سيڪنڊ پروف ڇو نہ پڙهيئہ.

آءٌ جو ڪجھہ چوان، اهو ٻڌڻ کان اڳ، پاروتي واڳڻ جهڙو منهن ڦيري، ڪنڌ مٿي ڪري، ڇاتي ڪڍي، جسم کي اڇلائيندي، لڏندي ڪڏڙن جي چال هلندي هليو ويو.

هاڻي ٻڌو سائين - انڌير نگري، چرٻٽ راجا. پلا ان ۾ منهنجو ڪهڙو ڏوهہ. ويچاريان ٿو، اهڙي ذليل نوڪري ڇڏي ڏيان ۽ حيدرآباد هليو وڃان. هون، حيدرآباد ۾ وري مون لاءِ رڌيو رکيو آهي جو وڃي کائيندس. سک نہ حيدرآباد ۾ آهي ۽ نہ ڳوٺ. ڪراچي لاچاري آهي، نوڪري بہ لاچاري آهي. ۽ ان کان بہ وڌيڪ لاچاري جيئڻ ۾ آهي. جيئڻ سڀ کان وڏي ذلالت آهي. نہ رهان، هتي هن ديس ۾ نہ رهان. جاکوڙ ڪري پاسپورٽ نهرائي ٻاهر هليو وڃان، لنڊن، نيويارڪ، بون، جنيوا يا ٻئي ڪنهن هنڌ. پاسپورٽ نهرائڻ لاءِ بہ پئسا گهرجن ۽ ٻاهر وڃڻ لاءِ بہ پئسا گهرجن، ۽ پئسا مون وٽ ناهن، ٿيندا بہ نہ. شايد سڄي ڄمار ۾ پئسو نہ اچي. شايد نہ. پر پڪ ئي تہ پڪ سڄي ڄمار، مون وٽ پئسو هلي نہ ايندو ۽ نہ آئون پئسي تائين پهچي نہ سگهندس. پگهار گهٽ ٿي ملي ۽ ڏڙڪا وڌيڪ ٿا ملن. پگهار مان پورت نٿي پوي، پوري آفيس ۾ آئون ئي هڪڙو آهيان جو گهٽ، سين کان گهٽ پگهار ٿو کڻان. من جي ٻاهہ ڇنڊڻ لاءِ پرپٺ ڌمڪيون ڏنم ۽ وڏائي ڏيکاريم. نہ ڪندس هي واهيات نوڪري، ڇڏي ڏيندس، ڪير هتي ايتري پگهار تي ذليل ٿيندو. چيم. ۽ ان چوڻ مان سک ماڻيم يا من کي آٿت ٿي ڏنم. ڪنهن چمچي اها ڳالهہ اُن حرامزادي تائين پهچائي ۽ اُن سوئر آفيس ۾ گهرائي خوب دٻ چاڙهي.

- اڙي تون ماڻهن سان نوڪري ڇڏڻ جون ڳالهيون ٿو ڪرين. ڪم وري ڏوڙ ٿو اچيئي. لکي ڏي ريزينيشن تہ ٻيو ماڻهو رکان. مون ٻئي ماڻهوءَ جو بندوبست ڪري ڇڏيو آهي. تو جهڙي چٽيءَ مان جند ڇٽي پوندي. اڙي پر اسي رپين جي پگهار تي تون پاڻ راضي ٿيو هئين يا مون توکي منٿ ڪري گهرايو هو.

۽ مون منٿون ٿي ڪيون، سونهن، قسم ڪنيم.

- سائين ويساهه ڪريو، مون اهڙي ڪا به ڳالهه ڪانه ڪئي آهي.

نه مڃيائين. ڳالهائيندو رهيو، ايستائين، جيستائين ٽڪو نه، ٽڪجي مات ٿيو ۽ ٻاهر وڃڻ لاءِ چيائين. آئون ٻاهر نڪري پروفن ۾ منهن هڻي ويٺس.

نه، ڏک نه ٿيو. ڪاوڙ به نه لڳي. ڏک ۽ ڪاوڙ جهڙي ڪا به ڪيفيت مون تي ان وقت نه هئي. اڪيون پروفن جي اکرن ۾ اجهيل هيون. ويچاريم، ڪٿي ٻئي هنڌ ان ڪان گهٽ پگهار واري ئي ڪا نوڪري ملي وڃي ته هيءَ نوڪري ڇڏي ڏيان. ڪلڻ ته پري رهيو پر روئي به نه نٿو سگهجي. اندر جي ٻاهر ڪڍڻ ۾ پلا کهڙو ڏوهه. ان ڏينهن ڪان وري چپ رهيو آهيان ۽ ڪجهه به نه ڪڇيو آهيان.

هان وتو، بي خياليءَ ۾ هلندو هلندو اچي لائيٽ هائوس سئنيما وٽ به اچي پهتس، مڙان ٿو، پنتي مڙندي -ميونسپل ڪارپوريشن جي ٽاور تي لڳل گهڙيال ٿو ڏسان، ساڍا ڇهه. ڏسو ساڍا ڇهه به ٿي ويا. صبح جو اٺين ڪان وٺي شام جو ڇهين تائين آفيس ۾ هڻ هڻان ڪريان، پوءِ به چون ڪم جو جڏو آهيان. پلا پروفن ۾ چڪون ٿيون ٿين ته اُن ۾ منهنجو ڪهڙو ڏوهه. سڄي اخبار ۾ هڪڙو ته پروف ريڊر آهيان - انسان آهيان، مشين ته نه آهيان - ذهن اٿم، منهنجو به نڪ آهي ۽ وات آهي، چهرو اٿم، احساس اٿم، جذبا اٿم، پاوناڻون اٿم، اميدون اٿم. نه ڪجهه به نه آهي. مون کي ڪو به چهرو نه آهي. ذهن ناهي، ويچار ناهن، حواس ناهن، جذبا ناهن، پاوناڻون ناهن، ڪجهه به ته ناهي ۽ آئون مشين ۾ فٽ ٿيل پرزو آهيان، زوريءَ فٽ ڪيو ويو آهيان، اتي ئي گسي گسي ڦٽي، خراب ٿي ختم ٿي ويندس، اڇلايو ويندس ۽ منهنجي جاءِ تي وري ڪو نئون پرزو فٽ ٿي ويندو.

بيهي ئي رهيو آهيان، بيهجي ويو آهيان - لائيٽ هائوس جي سامهون ۽ ايراني ريسٽورنٽ جي اڳيان. اُتي ئي، ريسٽورنٽ جي پرسان، لائبرس چيمبرس جي پاسي ڏانهن، پٽ تي رکيل اخبارون ۽ رسالا ڏسان ٿو. اخبارن جون هيڊنگس ايرننگ پيپرس جون جڙتو عِباسٽڪ هيڊنگس، جڙتو، بناوٽي نيوز، بليڪ ميلنگ، ڪريل ۽ گندي ذهنيت جو غاءَ، ۽ رسالا، ڪتاب، ڪوڙ، ڪور جا چٽر. پوز. ڇوڪريون - سهڻيون ڇوڪريون. جنسي ڪتاب. ”سيڪشوئل پرابلمس.“ اڌ ننگيون ڇوڪريون -

يا لڳ ڀڳ ننگيون- جنسي ڪتابن جي ڪَور تي، جانچي ڏسان ٿو ۽ پهرين ڪجهه سڪ ماڻي پوءِ بور ٿي هٽي پري ٿِي ٿو بيهان. بکين، محروم، مايوس ماڻهن کي ڦرڻ جا ڍنگ. ٻانهون ڇاتيءَ وٽان ٻڌي، هڪ ٽنگ جي زور تي بيهي- سامهون سئنيما جا پوسٽر ٿو ڏسان. پندرهن پئسا جي کيسي ۾ پيا آهن، انهن کي ڪيئن خرچ ڪريان.

لائيٽ هائوس جي پرسان، لنڊا بزار مان چادري پاتل، جوان فقيرياڻي نڪري ٿي ۽ روڊ پار ڪري، هن پار اچڻ لاءِ سگنل ڳاڙهو ٿيڻ جو اوسيئڙو پئي ڪري. بيٺي آهي ۽ بيٺي بيٺي، ايندڙ ويندڙ اڳيان هٿ پئي ڊگهيري. ٽريفڪ بيهجي- ٿمجي ويئي آهي. سگنل جي ڳاڙهي ٿي وڃڻ سان. اجهو هوءَ به روڊ ڪراس ڪري آئي آهي موچاري. جسم ته واهه جو اٿس- سخت، نوس، پٽر جيان. هاڻي ٻارهن پئسن مان بوٽ جون کهيون وٺندس. نه، هتان پنڌ ڪري صدر مان بس تي چڙهندس- ڏهه پئسا بس جو ڀاڙو ڏيندس، ۽ پنج پئسا فقيرياڻيءَ کي دان ڏيندس. ماڻهن ڪان هٽي پريرو ٿي، اڪيلو، ڏار ٿي، رعب جهڙي شڪل ٺاهي، منهن تي ديا آڻڻ لاءِ ڦلڙو منهن نيڪ ٿو ڪريان يا ڪرڻ جي ڄاڪوڙ ٿو ڪريان ۽ ان ڄاڪوڙ ۾ اکين ۾ پاڻي پرجي ٿو اچي ۽ پانيان ٿو منهن نهڻ جي بدران ويتر بگڙجي، ڦٽي، ڪجهه عجيب صورت اختيار ڪئي آهي، روئڻ جهڙي يا اُن ڪان به بڇڙي ۽ هن روپ ۾ ڪو چتائي ڏسي ته پڪ ئي پڪ ٺهڪ ڏيئي ويهي ۽ منهنجي منهن ۾ چا رهي. پاڻ کي نيڪ ڪرڻ ۽ ساڳئي روپ ۾ آڻڻ جي ٿو ڪريان. ڪنڌ مٿي ڪري آسمان ۾ ڏسي، پير ۾ پيل ڍلي بوٽ سان پٽ تي ٺڏا ٿو هڻان. فقيرياڻي هڪ هڪ جي اڳيان هٿ ڊگهيريندي، ماڻا ڪندي اچي پيئي. فقيرياڻي ايندي هٿ ڊگهيريندي ۽ گهُر ڪندي. سندس منهن ۾ واسنا پريل اکين سان ڏسندس ۽ کيسي مان پنج پئسا ڪڍي تريءَ تي رکندومانس ۽ هٿ- هٿ ۾ جهلي زور ڏيندومانس. نه، پنج پئسا نه ڏيندس، سندس ڊگهيريل هٿ کي هٿ ۾ جهلي زور ڏيئي چوندوسانس، هل مون سان گهر ته ڏهه رپيا ڏيانءِ. هلندي هونئن ئي ڪانه- ۽ ائين ئي هٿ کي هٿ ۾ جهلي زور ڏيڻ جو مزو مفت ۾ ماڻي وٺندس. پاسي ۾ اچي بيٺل ماڻهوءَ تي جڪ- ڪائي- من ئي من ۾ گاريون ڏيئي، ان ڪان هٽي پري ٿِي ٿو

بيهان ۽ پاڻ کي اهو ڪجهه ڪرڻ لاءِ تيار پيو ڪريان. هوءَ اچي پيئي، هڪ هڪ ڪان گهر ڪندي. ۽ مون وٽ اچي پهتي آهي. منهنجي اڳيان بيهي ٿي، ڏسي ٿي، شايد جائزو ٿي وٺي. اجهو هٿ ڊگهيريندي ۽ گهر ڪندي. هان بيٺي ۽ هلي ويئي - گهُر نہ ڪيائين. شايد سڃاڻي ويئي - يا مون کي بہ ڪو پينو سمجهيائين؛ يا مون تي ديا ڪري، ڪجهہ نہ گهريائين. ڏسندو ٿو رهانس، هٿ ڊگهيريندو بين جي اڳيان.

ڇا هيترن سارن ماڻهن ۾ رڳو آئون ئي هڪڙو گهٽ آهيان يا ٻاجهہ جهڙو آهيان، يا آئون دان نہ پئي ڪري سگهيس، يا منهنجي ڪا حيثيت ڪونهي. ڇيم نہ تہ منهنجو ڪو چهرو ڪونهي، ڪا پاونا ڪونهي، ويچار ڪونهن، جذبا ڪونهن. پرزو آهيان جو مشين ۾ فٽ ڪيو ويو آهيان. ۽ جيون آهي، جيون بہ آهي يا نہ. نہ، آهي. جيڪو گذري پيو گذارڻو آهي، جيون سان نباهڻو آهي. نباهڻ ڪانٽرتا آهي - ۽ آئون ان ڪانٽرتا، ان گيديپڻي سان نباهيان پيو - بنا ڪنهن ڪارڻ جي. جيون گهارڻ جا بہ ڪي طريقا آهن؛ ها ڪيئي طريقا آهن، روئندي بہ گذرندو ۽ کلندي بہ - يا شايد کلندي گذري ٿو. روئندي رڙهي ٿو. جيون پينوءَ جيان فٽ پاٿ تي بہ گذاري سگهجي ٿو، يا ڪنهن پارڪ جي بينچ تي بہ، يا مون جيان بند اونداهي ڪال ڪوٺڙيءَ ۾ بہ. جيون ڪار ۾ چڙهي گهمندي بہ گذرندو. گذرڻ تي تہ فٽ پاٿ تي رُلندي، روڊ ڪراس ڪرڻ لاءِ سگنل جي ٻاڙهي ٿيڻ جو اوسيئڙو ڪندي، سٽيل بس جي فٽ بورڊ تي پير اٽڪائي لٽڪندي، جيون جي گهرجن سان اڪ ٻوت ڪندي بہ گذرندو. نہ گذرندو ناهي - بانبڙا پائي رڙهندو آهي.

ڪرڻ ۽ ٿي پوڻ بہ هڪ ڏار ڳالهہ آهي. نہ، آئون پينو زندگي گذاري نٿو سگهان ۽ فٽ پاٿ تي سمهي نٿو سگهان. ڪار ۾ گهمي نٿو سگهان. ڪار ۾ چڙهي گهمڻ جي شديد خواهش کي دٻائي فٽ پاٿ تي ئي گهمان ٿو. هڪ ڳالهہ جا ڪري نٿو سگهان، بي ڪرڻ نٿو گهران. ڇيم نہ تہ ڪجهہ بہ نہ آهيان. ڪو چهرو ڪونہ اٿم، ڪا حيثيت ڪونهي، ڪا اهميت ڪو نہ اٿم. فقيرياڻي نظرن کان اوجهل ٿي ويئي هاڻي.

ٽڪاءُ، سٽ ٽڪاءُ. هان، ونو سٽ بہ ٿي ويا. وقت آهي جو ڊوڙندو ٿو وڃي،

وچي- پل تہ ڊوڙي منهنجو ڇا وڃي اِن ۾. منهنجو ڇا وڃائيندو وقت، وڃائي بہ ڇا سگهندو. وقت جو وڏي پيو، يا وقت ناهي وڏيو- آءٌ وقت ڏانهن وڏي ويو آهيان، يا وقت ڪان بہ اڳتي وڏي ويو آهيان، يا وڏيو نہ آهيان- ڏڪڄي پنتي رهجي ويو آهيان، وقت ڪان ايترو تہ گهڻو پري رهجي ويو آهيان- پنتي رهجي، وقت جي اهميت مون وٽ نہ رهي آهي. يا وقت جي پابندين جون حدون اورانگهي ويو آهيان ۽ وقت مون وٽ پنهنجي اهميت وڃائي ويٺو آهي. پل پل ۾ الجهيل ناهيان، مڪت- آهيان- وقت پل ڊوڙندو رهي.

هِتان چران ۽ ڪنهن سهٽي ڇوڪريءَ جي پويان لڳي پوان- ان جي پويان هلندي، ان بابت ويچاريندي، ان جي سونهن جي احساس ۾ پنڌ جو احساس نہ ٿيندو. ائين هڪ ٻن ڇوڪرن جي پويان لڳي، صدر تائين پهچي ويندس. هلان ٿو ۽ اچانڪ پيرن جو بوٽ مان نڪري وڃڻ ڪري- بوٽ جي کهين جي ٿتل هئڻ جو احساس ٿو ٿيم. نہ، ڪنهن ڇوڪريءَ جي پويان لڳي، ان جي رفتار سان هلي نہ سگهندس. ڇوڪريون آهستي نہ هلنديون- آءٌ تکو هلي نہ سگهندس !

پندرهن پئسا آهن، جي کيسي ۾ پيا آهن. ٻارهن پئسن مان کهيون ملنديون. مٽي ۾ سخت سور آهي- پندرهن پئسن ۾ چانهہ ملندي ۽ ڪجهہ بہ نہ بچندو کيسي ۾. ۽ گهر هن حالت ۾ ڇا پهچي سگهندس. پر جي چانهہ نہ پيئان ۽ کهيون وٺان گهر پنڌ ڪري وڃان- سخت مٽي جي سور سان، ٿڪي ٽٽي چور ٿي، پوءِ ڇا ماني رڌي سگهندس يا ماني نہ رڌيان تہ ڇا بکيئي پيٽ تي سمهي سگهندس. کهين وٺڻ ڪان پوءِ ٽي پئسا بچندا ۽ ٽن پئسن مان ڇا ملندو؟ سواءِ ان جي تہ ٽي پئسا پيا بہ هجن تہ پگڙا ملندا. نہ، ڪوبہ فيصلو نٿو ڪري سگهان. هلان ٿو ويڪري بوٽ ۾ پير ڪپائي، آهستي- ڪجهہ عجيب چال سان- گيهر جندو. لائيرس چيمبرس وٽان، بوتل والي گليءَ مان فريئر روڊ ڏانهن پيو وڃان.

ڏپ آهي. ها، هن گهٽيءَ ۾ ڏپ ئي تہ هوندي آهي. ڪني اٽوٽندڙ ڏپ. تکو هلي نٿو سگهان. پر ڪڇهرو روڊ ڇڏي- هتان هن سوڙهيءَ گهٽيءَ مان ڇو پيو وڃان؟

سامهون ٺئي دوڪان مان، دوڪاندار سوٽليءَ جو ٽڪر ٻاهر اُڇلي ٿو. ڪٿان؟ ٻوٽ ۾ ڪهيون ڪري وڃهان؟ ڏسان ٿو - چوڏاري. نه، ماڻهو گهٽا نه آهن - ٿورا آهن. مون ڏانهن ڪنهن جو به ڌيان ڪونهي - ڪٽي ونان، ٻاراهن پئسا بچي پوندا. سوٽليءَ جو ٽڪر ڪڻڻ لاءِ وڌان ٿو. وڏي سوٽليءَ وٽ اچي جهڪڻ جي ٿو ڪريان. آءٌ جهڪان ٿو جهڪي سوٽليءَ ڏانهن هٿ وڌايان - ان کان اڳ، ميرن ڪپڙن وارو، ڪارو اڌ اگهاڙو ڇورو ڊوڙندو - جهڪي پٽ تان سوٽليءَ جو ٽڪر ڪٽي هٿ جي آڱرين تي ويڙهيندو ڊوڙندو ٿو وڃي. آئون ڦڪو ٿي منهن پڪو ڪري ڪجهه اهڙي طرح ٻٽجڻ جي ٿو ڪريان ڇڻ مون ته اهو سوٽليءَ جو ٽڪر ڪڻڻ نٿي گهريو؛ مون بس ائين... خوامخواه ٺئي... ائين. ڪجهه مايوس، ڪجهه ڦڪو ٿي ڦلڙي منهن سان - ڇنل - ويڪري - ٻنا ڪهين جي ٻوٽ سان گيهر جندو، ڪجهه عجيب چال سان، اڳتي پيو وڌان.

گهر ويندس، ڇنل اسپنچ جي چمپل کي ٽاچٽي هٽندس ته سياٽي آفيس ۾ اها پائي ايندس، ٻوٽ نه پائيندس. هلندي بي خياليءَ ۾ ڇئن ڏينهن جي وڌيل ڏاڙهيءَ تان هٿ ڦيريان ٿو، ڏاڙهيءَ جي وڌيل هئڻ جو شديد احساس ٿو ٿيم. ڪپڙا به ته ميرا آهن ته ڇهن ڏينهن کان وهنتو به نه آهيان. ٻوٽ جون ڪهيون به نه وٺندس ته بس ۾ به نه چڙهندس. گهر پنڌ ڪري ويندس - ٽڪجي، ڇوُر ٿي، ميونسپل جي نلڪي اڳيان ويهي رهندس ته پاسي واري ملباريءَ جي هوٽل تان چانهه پيئندس. ننڍ واهه جي ايندي. اڄ هنڌ ڪڍي ٻاهر روڊ تي وڇائيندس. پر جو هن ٻوٽ جي ڪهين ٽٽڻ ڪري يا تڪليف پئي ٿئي هلڻ ۾ اُن جو ڇا ڪريان. ڇا ان حالت ۾ گهر پهچي سگهندس. ٻوتل والي گليءَ مان نڪري فريئر روڊ تي اچي ٻيهي ويچاريان ٿو. پندرهن پئسا جي ڪيسي ۾ پيا آهن ڪڍي اُڇلائي ڇڏيان ته ان پيڙا کان جان ڇڏائي مڪت ٿي هلندو رهان. ته منهنجي سمجهه زخمي ٿي پئي آهي - لڳي ٿو ڪجهه ائين - ائين. بينو آهيان لاچار، بيوس.

# ٿڌي باهه

هنن جي ڪافي هائوس ۾ گهڙڻ کان اڳ، اتي ڪو به ماڻهو نه هو، جنهن وقت هو گهڙيا، اُن وقت به ڪير ڪونه هو. هو ٻئي هڪ ڪنڊ جهلي، ٽيبل فين جي پرسان ويٺا. ڪائونٽر تي ويٺل ماڻهو، جيڪو پهرين آهليو پيو هو، سڌو ٿي وينو. هو اُن وقت ئي سڌو ٿي وينو، جنهن وقت هو لانگ بوٽن کي زور سان پٽ تي هڻندا اندر آيا.

ٻئي ڪجهه پريشان، ڪجهه منجهيل، ڪجهه بيزار، ڪجهه بيچين، ٿي نظر آيا. لڳو ٿي ان حالت جو ڪارڻ هڪڙو ئي هو، پر ٻئي ان جو اظهار الڳ الڳ نموني ڪري رهيا هئا. سندن خاڪي فوجي وردي، ٽوپيءَ ۽ بوٽ سميت ڪافي ميري هئي. هنن ٽوپيون لاهي اڳيان ٽيبل تي رکيون. هنن مان هڪ ڇڙو جنهن جي شڪل باندر جهڙي هئي سو خالي دماغ ۽ اکين سان ائين - هرويرو ڇت ۾ گهورڻ لڳو. ٻيو- جنهن جو منهن گهوڙي جي منهن جهڙو هو سو پهرين، ڪافي هائوس ۾ وڄندڙ گانن تي ڪنڌ لوڏڻ لڳو ۽ ڪجهه دير کان پوءِ ذري گهٽ جهومڻ لڳو. هن جي منهن ۽ حرڪتن مان لڳو ٿي تي هن اها حالت زوريءَ پاڻ تي مڙهي رکي آهي، جڏهن ته هو خود ان حالت ۾ ناهي.

بيري کان هنن ڪافي هائوس ۾ موجود سيني شين بابت پڇا ڪئي ۽ پوءِ پاڻي آڻڻ لاءِ چيو. گهڻي دير تائين ٻنهي جي وچ ۾ بحث هلندو رهيو ته چا کائجي؟ ڪجهه پيٽيس، سينڊوچز يا ٻيو ڪجهه اهڙو لائيٽ ريفريشمينٽ. جي نه ته چا پئجي. ٿڌو يا ٻيو ڪجهه.

- ڪوڪا ڪولا نيڪ رهندي.

- نه واهيات آهي، ڇڏينس.

۽ هنن بيري کي چانهه آڻڻ لاءِ چيو، پوءِ ڪرسين تي آهلجي پيا.

جنهن جي شڪل گهوڙي جي منهن جهڙي هئي سو قد جو ننڍو هو ۽ مڙهيل پريشانيءَ جو اظهار هر ايڪشن مان ظاهر ڪندي به ڪجهه ڪلمڪ ٿي لڳو. ۽ جنهن جي شڪل باندر جهڙي هئي، سو ڪارو ۽ ڏکو هو. سندس هٿ خوفناڪ حد تائين وڏا هئا ۽ هو ڏسڻ ۾ سوئر ٿي لڳو. ويني ويني هن خوفناڪ

هٿن جون منيون پڪوڙي، هر هر هينيون چپ ڏندن ۾ ٿي ڏنو. ڪيڏي ڪيڏي مهل سندس هٿ چيلهه سان ٻڌل ريوالور ڏانهن کڄي ٿي ويا. لڳو ٿي هو حد کان وڌيڪ پريشان آهي ۽ اها پريشاني هن جي پنهنجي آهي. هن ڪيترا ڀيرا بي سڪائيءَ وچان ڪرسيءَ تي پاسا بدلايا.

ڪافي هائوس ۾ گرمي نه هئي، پر باندر جهڙي ڪٻي هٿ جي ڏسٽي آڱر سان نرڙ تان پگهر اگهڻ جهڙو ڪجهه ڪري ڇنڊيو- جڏهن ته هن جي نرڙ تي پگهر هو ئي ڪونه، نه ئي ڪيس آڱر تي پگهر محسوس ٿيو، پر پوءِ به هن ٻه ٽي ڀيرا ائين ڪيو.

- گرمي آهي نه؟

هن چيو. گهوڙ-منهن ڪنڌ هاڪار ۾ لوڏيو، ڪجهه ان انداز سان ته، يا ته هن ڳالهه سمجهي نه، يا سمجهي پر هرويرو ڳالهه کي ڊگهو ڪرڻ کان لنوائي پنيرائي ڪيائين.

باندر جهڙي خميس جون ٻانهون ڪنجي ڏورن تائين آنديون-۽ چاتيءَ جا بٽڻ کولي، ڪنڌ وٽان خميس کي پوئتي ڪري ڇڏيو. خميس جون ٻانهون ڪنجي ڏورن تائين گهوڙ-منهن به آنديون ۽ ڳانن تي مست ٿي ڪنڌ لوڏي، جهومڻ لڳو، ان سان گڏ هٿن جي ترين ۽ آڱرين سان ٽيبل وڄائي ڳاني جي ڌن سان ڌن ملائڻ لڳو.

ڪافي هائوس ۾ ڳانن جي آواز کان سواءِ سڀ سانت هو. ان وقت به سانت هئي، جنهن مهل بيري چانهه ٽيبل تي اچي رکي ۽ ان کان ڪجهه ڪن پوءِ به سانت رهي. اها سانت ان وقت ٽٽي جڏهن باندر جهڙي، جهومندڙ گهوڙي-منهن کي چيو :

- يار چانهه ته ٺاهه، ٿڌي نه ٿي وڃي.

۽ باندر جهڙي ٻچيل ڪير کي سڄو پنهنجي چانهه ۾ اوتي ڇڏيو.

مانٽ وري به چانئجي ويئي ۽ هو سِپ سِپ ڪري ڪوپن مان چانهه پيئڻ لڳا.

- سچ ٻڌاءِ ڳالهه پڪي آهي يا توکي مڙيئي ڪنهن ائين هٽي ڇڏي آهي.

اها ڳالهه ٻڌي باندر جهڙي کي ڏاڍي چڙ لڳي، پر ڪاوڙ پي ويو. ڪاوڙ

دٻائڻ ڪري جا اذيت، جو عذاب ڪيس ٿيو پئي اھو سندس منھن ڪان بکيو پئي. ھن ڪوپ کي اڇلڻ جي انداز سان ساسر ۾ رکندي، ڦٿل منھن سان چيو:

- نہ تہ، ائين رڳو... منھنجي ڪر نہ تہ اھڙي حالت ھجي.

ان ڪان وڌيڪ، گھٽي ڪاوڙ دٻائڻ ڪري ھو ڪجھہ ڪچي نہ سگھيو. شايد ان خيال ڪري تہ متان وات مان ڪو گٿو اکر نہ نڪري وڃي. اھي اکر بہ سندس وات مان منجھي منجھي نڪتا. ان ڪان اڳتي گھوڙي-منھون بہ ھن جي حالت جو اندازو لڳائي ماٺ ٿي ويو. باندر جھڙي ان ئي ڪن ۾ سوچيو. ڳالھہ اھڙي ڪونہ ھئي، مونکي تہ ھرويرو چڙ لڳي، جڏھن ان ۾ ڪاوڙ جھڙي ڪا ڳالھہ ئي نہ ھئي.

ٻنھي لڳ ڀڳ ڏڏ ڏڏ ئي چانھہ پي پوري ڪئي. ٻنھي جي وچ ۾ ماٺ ھئي، ڪنھن بہ ڪنھن سان ڪجھہ بہ نہ ٿي ڳالھايو. باندر جھڙي سوچيو تہ ھن کي پاڻ سان ان لاءِ وني آيس جو مون اڄ ڳالھائڻ ٿي چاھيو، پر بيزاريءَ ۽ پريشانيءَ ۾ ڪيس ڪجھہ بہ سمجھہ ۾ نہ ٿي آيو ۽ ھو ماٺ ھو.

ويني ويني، چت ۾ گھوريندي، ڪجھہ ويچاري، ائين اٺچاٺائيءَ ۾ باندر جھڙي بيري کي سڏڻ لاءِ وڏي رڙ ڪئي. رڙ پوائتي ٻڌجي، سڄي ڪافي ھائوس ۾ پکڙجي ويئي. ڪائونٽر تي وينل ماڻھو، چرڪ پري، ذري گھٽ بيھي رھيو ۽ بيرو تڪڙو تڪڙو ڊوڙندو آيو. ڪائونٽر تي ٻينل ماڻھو ڦاٽل اکين سان ھنن ڏانھن نھارڻ لڳو. چرڪ تہ گھوڙي-ماڻھو ڪان بہ نڪتو ۽ ھو رڳو عجب پريل اکين سان ڏسندو رھيو. باندر جھڙي کي ان عجيب حرڪت تي پنھنجو پاڻ تي اچرج لڳو ۽ ھو کلڻ لڳو. گھوڙي ماڻھوءَ بہ منھن تي مرڪ آندي پر ڪچيو ڪجھہ بہ نہ.

- چانھہ جا ٿانوَ اڃايا پيا آھن، خراب نٿا لڳن.

- ھون.

- بيرا ھيءُ ٿانوَ کڻ، ميز صاف ڪر.

بيرو صافو ڪٽي تڪڙو-تڪڙو ٽيبل کي صاف ڪرڻ لڳو ۽ ڪوپ ڪتلي ٽري ۾ رکي وڃڻ لڳو. جنھن وقت ھو وڃڻ لڳو تہ پويان وري باندر جھڙي سڏ ڪيو. بيرو بہ-ٽي قدم پنتي ھلي، سڌو ٿي، وري ھنن ڏانھن موٽي آيو ۽

جهڪي بيٺو.

- سگريٽ گهرايون.

- پلي.

هن بيري کي پنهنجي پسند جا به سگريٽ ۽ چالو ماچيس آڻڻ لاءِ چيو- ۽ وري ڪيتري دير تائين ماٺ رهي. باندر جهڙو وري ڇت ۾ گهورڻ لڳو. هن جو ڳانن ۾ خاص انٽريسٽ نٿي لڳو، پر جي ڳانن ۾ سندس چاهه نه هو ته ڪڪ به نٿي لڳو. پيو نه ته ائين ئي وڄندا ئي رهن. پر گهوڙي-منهون ڳانن ۾ مست هو.

هنن کي ڪافي هائوس ۾ ويٺي جي ايترو گهڻو وقت نه ٿيو هو ته به ٿوري دير به نه ٿي هئي. پر ان وچ ۾ ڪافي هائوس ۾ ڪوبه ماڻهو، هنن کان سواءِ نه آيو. اهي اڪيلا ويٺا هئا. گهڻي دير کان پنهي پاڻ ۾ ڪجهه نه ڳالهايو هو. ڪافي هائوس، جنهن ۾ هو ويٺا هئا، سا شهر کان بلڪل پري ۽ ڪئنٽومينٽ جي بلڪل ڇيڙي تي، ٻين جاين کان الڳ ٿلڳ هئي، سامهون هڪ ننڍڙو پارڪ، هڪ ڪڏ ۾ برسات ۽ جهرڻن جي پاڻيءَ جو نالو هو، جنهن تي پل نهيل هئي. رستي تان رڳو فوجي گاڏيون ڪيڏي ڪيڏي مهل لنگهيون ٿي. اڳتي وڏا پربت جيڏا جبل هئا ۽ ڪافي هائوس کان پريان ڪابه اڏاوت نظر نٿي آئي.

ڪافي وقت کان ماٺ هوندي به پنهي مان ڪنهن به ڳالهائڻ جي شروعات نه ڪئي. سگريٽ جا تڪا سوٽا پريندي ٻئي هڪ ٻئي کان بي تعلق ٻڌجيو ويٺا هئا. باندر جهڙو لڳاتار ڇت ۾ گهوريندو رهيو ۽ گهوڙي-منهون ڳانن تي جهومي رهيو هو. ڪجهه دير ڪانپوءِ ناپسند جو ڳانو وڄڻ تي هن جهومڻ ڇڏي، ڇت ۾ نهارڻ شروع ڪيو ۽ اُن سان گڏ آس پاس به.

هنن بنا ڳالهائڻ جي وري سگريٽ گهرايا، دڪايا ۽ پيئندا رهيا. گهوڙ منهين سگريٽ منٺ ۾ جهلي، دگهيون، اونهيون ڦوڪون پيري، چپٽي وڄائي ڦلهار ڇنڊيو ٿي. چپٽي وڄائڻ مهل هن ٻانهن کي سڌو ڪري جهليو ٿي، ان سان گڏ هن جو سڄو جسم به آڪڙجي ٿي ويو. باندر جهڙي ٻن آڱرين جي وچ ۾ سگريٽ جهلي هڪ خاص انداز سان ڦوڪ پيري، ڪنڌ مٿي ڪري، چپ سوڙها ڪري دونهون ٻاهر ٿي ڪڍيو، پوءِ ان دونهين کي ڦوڪ ڏيئي پکيڙي ٿي ڇڏيو.

گهوڙ-منهون جيڪو ڪجهہ دير ڪان سڄي ڪافي هائوس کي چتائي ڏسي رهيو هو، سو ڪا ڳالهہ سوچي ڦرين ڇپن ئي ڇپن ۾ مرڪيو ۽ پوءِ هلڪو ڪلي ڇوڙ لڳو :

- ڏس تہ يار هيءَ ڪافي هائوس، ساڳئين جنگي لاري.

باندر جهڙي جو منهن، اها ڳالهہ ٻڌي، ٽامڻي هڻي ويو. ڪجهہ نہ ڇئي هن ڪاوڙ کي دٻائڻ جي ڪوشش ڪئي. گهڻي ڪاوڙ دٻائڻ ڪري هن جي لوندڙين ۾ سور پئجي ويو. ڪجهہ وقت تائين هو آڱوٺي ۽ وچين آڱر سان لوندڙين کي زور ڏيندو رهيو ۽ پوءِ گهور ڪري خارن مان گهوڙ-منهين جي منهن ۾ ڏنائين ۽ چيائين :

- ڏس توکي سؤ ڀيرا جهليو اٿم تہ مون سان جنگ، فوج، نوڪري، هٿيارن تي نہ ڳالهائيندو ڪر. توکي خبر بہ آهي تہ مونکي انهن ڳالهين کان ڪوفت ٿيندي آهي. بئرڪون، جنگي لاريون، ٽرينچز ۽... ۽ جڏهن اهڙي شين جا نالا ٻڌان ٿو تہ الٽيءَ جو خيال ٿو اچيم.

گهڻي ڪاوڙ هوندي بہ، ڳالهائڻ وقت لڳو پئي تہ، چڻ وڏي تڪليف وچان هو ڪاوڙ کي دٻائي رهيو هجي، ان ڪري هو اکر اکر تي منجهي، اٽڪيو ٿي. اهڙي چند ۽ ان کان وڌيڪ هن جي منهن جو بدلجندڙ رنگ ڏسي، گهوڙ-منهين جي منهن جو پنو ئي لهي ويو. پر پوءِ بہ شرم پرچائڻ خاطر زوريءَ مٺل، ڦڪي مرڪ مرڪيو ۽ ڪجهہ ڪن ڪان پوءِ چيائين :

- يار، هيءُ ڪافي هائوس، آهي ڏاڍو سنو. گوڙ-هنگامي کان پري، سڪون واري جاءِ تي. هتي ويهڻ سان مزو اچيو وڃي، وري گانا بہ ڏاڍا سٺا ٿا هلن.

باندر جهڙي کو جواب نہ ڏيئي سوچيو ۽ ڪيس اڳ ڏنل پنهنجي سخت جواب تي ڪجهہ غلطي ۽ پشيمانيءَ جو احساس ٿيو. هن کي پنهنجو رويو غير واجبي لڳو. خبر ناهي ڇو هرويرو مون کي سولي ڳالهہ تي بہ سخت چڙ وٺيو وڃي. پاڻيان تہ ڪوبہ نہ ڳالهائي. جيڪي ڪجهہ ٿيو نيڪ نہ ٿيو، ڪجهہ بہ نيڪ نہ ٿي رهيو آهي، مرضيءَ جي ابتڙ. ان ئي ڪن ۾ ڪيس احساس ٿيو تہ هن، ڪافي هائوس ۾ ٻئي سان گڏ اچي وڏي غلطي ڪئي آهي. اڪيلو رستن تي رلڻ گهرجي ها، ائين خوامخواهہ، يا شهر ڏانهن هليو وڃان ها. پر ان وقت ڪيس

ضرورت محسوس ٿي رهي هئي ته ڪو ساڻس گڏ هجي، اڪيلائي وڏيڪ پيانڪ ٿي لڳي ۽ هن سڀ ڪجهه اوتي ڇڏڻ ٿي چاهيو، هڪ ئي ساهيءَ ۾. ان لاءِ هن، هن ڪي ئي چونديو. ۽ هاڻي ڪيس هن جي هر ايڪشن، چرپر، ڳالهه ۽ خود وجود مان سخت بيزاري پئي ٿي. سڀ ڪان وڏيڪ بهتر اهو آهي ته ماڻهو پنهنجي روئداد، ڪنهن غير واقف، اڻڄاڻ ماڻهوءَ کي پنهنجي واقفيت ٻڌائڻ ڪان سواءِ ئي ٻڌائي ڇڏي. ۽ هن چيلهه وٽان ريوالور ڪڍي، هٿن ۾ جهليو، پوءِ آڱرين ۾ ڦيرائڻ شروع ڪيو ۽ رکي ڇڏيو. وري ڪڍيو ۽ وري رکي ڇڏيو. ائين هن ڪيترا ڀيرا ريوالور ڪڍيو ۽ رکيو ۽ ان کي چتائي چتائي، هر پاسي ڪان ڏٺو.

هنن وري سگريٽ گهرايا ۽ پاڻي پيتو. اهو سڄو ڪم هنن ماٺ ۾ ڪيو، هڪ ٻئي سان ڳالهايو ڪجهه به نه.

گهوڙ-منهون جيڪو ڳانن سان سر ملائي جهونگاري رهيو هو. سو من ۾ ڪا ڳالهه اوچتو ايندي سڌو ٿي، آڪڙجي وينو؛ خوشي سندس منهن مان بکي پئي. ڪجهه چوڻ لاءِ پهرين هبڪيو پر پوءِ، هڪ ساهيءَ ۾ چئي ويو.

- جي ائين مڙيئي ڪا ڳالهه ٿي پوي ڪابه غير معمولي جو توهان جي بٽالين رکجي وڃي. فلاڻي علائقي ۾ نه موڪلين، هتي ئي هيڊ ڪوارٽر ۾ رهائي ڇڏين.

اها ڳالهه ٻڌي هن کي سخت ڪاوڙ لڳي. هن گهوڙ-منهن جي ڳالهه ختم ٿيندي ئي هن ردعمل ظاهر ڪيو.

- تون سدائين بيوقوفيءَ جون ڳالهيون ڪندو آهين. پلا هاءِ ڪمانڊ جو آرڊر ڪيئن ڪئنسل ٿيندو. ڪا مسخريءَ جي ڳالهه آهي. ائين پلا ڪڏهن ٿيو آهي. تون به صفا ڪو اڌ مغزي آهين.

پر ڪجهه ڪنن ڪانپوءِ، هن پاڻ ان ڳالهه تي ويچارڻ شزوع ڪيو. اتفاق سان جيڪڏهن ائين ٿي پوي. ڪيتري دير تائين هو ان ڳالهه تي ويچاريندو رهيو. ان سان ڪيس هلڪي هلڪي خوشي محسوس ٿيڻ لڳي. سندس بوريت، بيزاريءَ، پريشانيءَ واري ڪيفيت ۾ ڪي قدر گهٽتائي اچي ويئي. چهري تي ڪيئي رنگ لهندا چڙهندا رهيا. هن پاڻ ۾ اچانڪ ٿيندڙ تبديليءَ کي گهرائيءَ سان محسوس ڪيو. هڪ ٿلهو، سڪٺو، بي معنيٰ، ڪوڪلو، ويچار پر دل لپائيندڙ،

دلفريب، بہ ڪڏھن ڪڏھن ماڻھوءَ ۾ ايتري - ايڏي خوشي ڀري ڇڏيندو آھي. اھو ويچاري ھن کي ڏاڍو عجب لڳو. ھن اکيون ڀوري، ڪنڌ پويان لاڙي ڇڏيو. ڳاڻن مان ھاڻي ڪيس مزو اچڻ لڳو. سخت گرم ۽ تپندڙ ڏينھن ۾ مينھن پوڻ کان پوءِ ھوا ۾ جا وٽندڙ، سرور واري ٿڌڪار ھوندي آھي - ھن کي ويچاريندي من ۾ اھڙي ٿڌڪار محسوس ٿي.

- اڙي ھن فلاڻي کي سڃاڻين.

گھوڙ - منھين جميل مات ٽوڙيندي چيو.

- ڪھڙو...؟

گھوڙ - منھون جيڪو ڳاڻن پڏڻ ۾ مست ھو، تنھن سوال پورو سمجھيو ڪونہ، ذھن تي زور ڏيندي جڏھن ھن سوال کي اڌ ڳابرو سمجھيو، تڏھن خود اکين ۾ سوال ڀري، ھن جي منھن ۾ نھاريندو ئي رھجي ويو.

- اڙي يار، ھو ڪونہ آھي ڪارو، جيڪو نئون ڳارڊ ٿيو آھي.

گھوڙ - منھين جي منھن جو رنگ بدلجي پيو ۽ ھن جسم سيٽي - ترت وراڻيو:

- اڙي ھا ھا اھو ڪارو لبوس. سو...؟

- وڏو ذليل، ڪميڻو انسان آھي. ڪم...ظرف ڪريل انسان. مون سان تہ چڱي خاصي ياري ھئس، ڪالھہ مون کي گيٽ تان موٽائي ڇڏيائين. ڪرنل سان ملڻ ئي نہ ڏنائين. چيائين تہ تنھنجي وردي ميري آھي. گھٽو ئي سمجھايومانس ۽ منٿون ڪيومانس پر... جرنل جو پٽ ٿو سمجھي پاڻ کي. پر ٻڌ تہ ان جي زال ڪرنل سان نھيل اٿئي. رن ڪا آھي چا ! حور آھي حور، جسم ڪو اٿس چا، ماڻھو چئي تہ ھٿ نہ لايانس متان ميرو نہ ٿي پئي. ھيءُ پيٽڻسان ڪارو، بدشڪل، بڇڙو زال جي نوڪر ٿيڻ جي بہ لائق ناھي. اھڙي سھڻي رن ھن بڇڙي وٽ ائين چپ ڪري ڪيئن ويھندي. تون وجينس گھر - متان ڪم ٿي پوي.

- ڇڏينس وچي ڪڏ ۾ پئي.

ڪجھہ سوچي باندر جھڙي وري چيو.

- نيڪ آھي، ھڪ ڀيرو گھر وڃي ڏسندو سانس تہ سھين.

اڳتي ڪجھہ نہ چئي ٻئي مات تي ويا. ڪجھہ دير سانت رھڻ کان پوءِ

گهوڙ-منهين وري چوڻ شروع ڪيو.

- ڪرنل جي ڌيءَ جيڪا ڪاليج ۾ نه پڙهندي آهي، سا ان ڪئپٽن سان نهيل آهي، جيڪو هاڻي ٽرئيننگ ڪري نه آيو آهي. هو نه آهي سهڻي جهڙو، ڇوڪرات نالو به ڇڱو اٿس. يار جيڪو هاڻي ٽرئيننگ تان موٽيو آهي. باقي ڪرنل جي ڌيءَ به آهي پريءَ جو ٻچڙو.

بادنر جهڙي ان ڳالهه جو ڪوبه ريسپانس نه ڏنو ۽ چپ رهيو. گهوڙ-منهون هن وٽان ريسپانس نه پائي وري ڳانن سان گڏ ڪنڌ لوڏي جهومڻ لڳو.

باندر جهڙو ڇت ۾ گهوريندي، ان خالي-سڪٽي پيرم جي سچي ٿيڻ لاءِ ڪي ڪارڻ ڳولهڻ لڳو. اهو پيرم ڪو سچو به ٿي سگهي ٿو. اهو ٿيڻ ممڪن ته ناهي. اهو ڄاڻيندي-سمجهندي به هو ڪارڻ ڳولهي ۽ پيرم کي سچو ٿيندو، محسوس ڪندي، من ئي من ۾ خوش ٿيڻ لڳو، پر اهو سڀ ڪجهه ڪيس، ڪجهه عجيب ئي لڳو. هن هاڻي دل کولي ڳالهائڻ تي گهريو. سندس ذهن ۾ ڳالهائڻ لاءِ ته ڪافي ڪجهه هو، پر ان جي اظهار لاءِ کيس لفظ نٿي مليا. جي لفظ هئا ته کيس سمجهه ۾ نه پئي آيو ته شروعات ڪيئن ڪري. ڪافي دير تائين هو ويچاريندو رهيو ۽ پوءِ چيائين :

- حرامزادا ايم.پي (ملٽري پوليس) وارا به وڏا ذليل آهن، سوئر جا پٽ پيٽسان.

گهوڙ-منهون عجب وچان رڳو هن جي منهن ۾ ئي نهاريندو رهيو، پر ڪڇيو ڪجهه به نه. ۽ هن به ٿي ڪن ترسي وري چيو.

هڪ ڀيرو ته مون کي جهلي وين ۾ به ويهاريو هئائون، پوءِ مڙيئي منٿن ميڙين سان نيٺ پنجاهه رپين تي راضي ٿيا... ڇا ڪجي يلا... پر هاڻي سنگتي ٿي ويا آهن-ٻين کي جهلين پر، منهنجو نالو ئي ڪونه وٺن-سچو وئشالو مزي سان گهميو، ڦريو اچان.

اها ڳالهه ٻڌي گهوڙ-منهين جو منهن جنسي عجب جي نشاني بڻجي ويو. ڪجهه گهڙيون ته هو بي حرڪت بڻجي ويو، پر پوءِ حواس ٺيڪ ڪندي بدليل آواز ۾ چيائين :

- تون وئشالي ويندو آهين ڇا؟ پر مون کي ته تو ڪڏهن به نه ٻڌايو...

ڪمال آهي.

ڪجهه پلي ٽيڻ جهڙو ٿيندي، ٻاندر جهڙي چيو:

- بس، مڙيئي ائين ڪڏهن ڪڏهن بوريت متاثڻ ڪاڻ نه ته... پر تون ته هميشهه ويندو رهندو آهين.

- آءٌ ته خير ان جي ته توکي سچي خبر آهي، پر يار...

ان وقت گهوڙ-منهين جي سچي هلڪڙائي، خوشمزاجي ۽ غاٽائي، سدنس نرڙ ۾ پيل هٿرادو گهنجن ۾ گم ٿي ويئي. هو گنڀير بڻجي ويو. سندس چهري تي ڪاوڙ، ڏک، غير اطميناني ۽ جا رنگ لهندا ۽ چڙهندا رهيا. ڪجهه ڪنن لاءِ هو بلڪل سن ٿي ويو، هن سوچيو ۽ ڪيس لڳو ساڻس دوکو ڪيو ويو آهي. آءٌ ته ڪا ڳالهه پيٽ ۾ رکان ئي ڪونه، هر ڳالهه هن کي ٻڌايو ڇڏيان، هو مون کان هر ڳالهه لڪائيندو رهيو آهي-ڪوڙ ڳالهائي آءٌ ئي چوتيو آهيان، پر دوستيءَ ۾... پر پوءِ ڪجهه سوچي هو وري ساڳي حالت ۾ اچي ويو. جڻ ته ڪا ڳالهه ٿي ڪانه.

- ڪهڙيءَ وٽ ويندو آهين؟

گهوڙ-منهين پڇيو، ۽ پڇي، هن جي منهن ۾ جواب لاءِ تڪڻ لڳو. ڪجهه ڪنن لاءِ ته هو هڪو ٻڪو ٿي ويو-پوءِ چيائين.

- ائين اڪثر هڪ وٽ نه، ڪڏهن ڪنهن وٽ ته ڪڏهن ڪنهن وٽ. رڳو هڪڙي وٽ وڃڻ مان فائدو؟ ڪو پيار ٿورو آهي، هر نئين شيءِ ۾ وڏيڪ ڇڪ هوندي آهي.

پڇاڙيءَ وارو جملو چوندي، هن کي محسوس ٿيو ته هن بهترين ڳالهه چئي آهي، اهڙي جا هرڪو نٿو چئي سگهي، ويچاري به نٿو سگهي.

- اهي وري ڪهڙيون نيون آهن، پراڻين کان پراڻيون گنل پينل. صفا خلاص ته هونديون آهن. واهه اسان جي ٻي ڪانهي تڏهن مڙيئي-نه ته...

هن وٽان اهو جملو ٻڌي، ڪيس پنهنجو چيل جملو ڪوڪلو هلڪو ۽ بلڪل بي وزن لڳو. هن وڏيڪ ڳالهائڻ بند ڪري ڇڏيو. سوچڻ لڳو هڪ ماڻهو-ٻئي ماڻهوءَ کي دليلن سان لاجواب ڇو نٿو ڪري سگهي. هڪ ماڻهو، ٻئي ماڻهوءَ جي سني ڳالهه کي به رد ڇو ٿو ڏئي. ماڻهو به عجيب يا عجيب کان وڏيڪ...

واهيات آهي. ڪيس لڳو تہ هو اصل ڳالهہ تان بلڪل ٿڙي ويو-جڏهن تہ سڀ ڪجهہ ٻڌائي ڇڏڻ جو موقعو هو.

ان ئي ڪن ۾ ڪيس اوچتو خيال آيو تہ مان شايد ڇاڻو ئي فوج ۾ ڀرتي ٿيڻ لاءِ هوس، جڏهن تہ ان ڏانهن منهنجو لاڙو ئي ڪونہ هو-شروعات ڪان ئي سڀ ڪجهہ غلط ٿي ويو. مرضيءَ جي خلاف. ڪيڏي نہ واهيات لائن آهي، هي... ٻئي هنڌ تي ماڻهو گهٽ ۾ گهٽ پنهنجي آفيسر سان منهن تہ ڏيئي سگهي ٿو، وڙهي سگهي ٿو، هتي تہ... بہ پيرا ڪورٽ مارشل تي ڇڪو آهي. سڄي زندگي ئي اذيت ۽ ذلت بڻجي ويئي آهي. ٽريننگ دوران گاريون، بي عزتي، دڙڪا ۽ الائي ڇا ڇا... جنگ، گوليون، ڊسيپلين. دنيا ۾ جيڪڏهن ڪا خراب، ان ڪان بہ وڌيڪ بدترين، مڪروہ بدصورت، اذيتناڪ شيءِ آهي تہ اها ڊسيپلين آهي. انسان هر حالت ۾ رهي سگهي ٿو، پر ڊسيپلين ۾ نٿو رهي سگهي. ماڻهوءَ جو ذهن بہ الاجي ڇا آهي. سڀ واهيات ڳالهيون آهن.

ائين بنا ڪنهن سبب جي، خوامخواہ سندس دماغ، سوچ، موڊ، ڇهري جا رنگ ٿوري دير اڳہ واري ڪيفيت ڏانهن موٽڻ لڳا. اها بہ ڪا نوڪري آهي-ذليل. هن سوچيو ماڻهو آخر اهو ڇو ناهي، جيڪو اهو چاهي ٿو. هر شيءِ، سڀ ڪجهہ مرضيءَ خلاف ۽ مڙهيل ڇو آهي. جيڪڏهن هئين ٿئي تہ اسان جي بٽالين پهچڻ ڪان اڳ ئي ان علائقي تي باغين جو قبضو ٿي وڃي، يا اسين اُتي وڃي گهيري ۾ اچي وڃون، جتي ڪاٺ لاءِ ڪجهہ بہ نہ ملي گوريلا اوچتو حملو ڪري ڏين. نہ مون کي پسند ناهي اجائي، هرويرو جي جنگ وڙهڻ. منهنجي ڪا دلچسپي ناهي، صرف پگهار خاطر گوليون وسائيون. اُتي ڪنهن کي ماريو، خالي اگهاڙن جبلن ۾ گوليون وسائيون. هن سوچيو. رات جي اونداهي ۾ ائين، هرويرو هوا ۾، ۽ چوڌاري اسٽين گن سان فائر شروع ڪري ڏجن. سڄي ميگزين خالي ڪري ڇڏجي.

رات جي خاموشي ۽ اوندهہ ڏاڍي ڊيڃاريندڙ آهي. انتهائي ڀيانڪ. اسٽين گن تي گوڙ تي مات ۾ مانڌاڻ مچي ويندو. ذهن ڪجهہ سوچي نہ سگهندو. پر ميگزين ۾ هڪ گولي ڇڏي ڏجي. انسان کي هر وقت، ڪنهن بہ حالت ۾ هڪ گولي، پاڻ سان رکڻ گهرجي جيڪا پنهنجي لاءِ هجي ۽ هر وقت ان گوليءَ

کي ان احساس سان ڏسڻ گهرجي ته مون اها گولي صرف پنهنجي جسم مان پار ڪرڻ لاءِ سانڍي رکي آهي. اها واقعي عجيب ڳالهه آهي ته اهي ماڻهو جيڪي هميشه ٻين کي گوليون هڻندا رهن سي خود پنهنجي هٿ مان ڇٽل گوليءَ جي بک بڻجي وڃن. ڪيس اهو ويچار پيانڪ ۽ ديڄاريندڙ ته ڏاڍو لڳو، پر ڪجهه اهڙو به جنهن کي لفظن ۾ نالو نٿو ڏيئي سگهي.

هن به تي پيرا گهوڙ-منهين جي منهن ۾ ڏنو. هو ڳانن ٻڌڻ ۾ مست هو ۽ ڏانهس ڌيان نه ڏنائين. هن سوچيو، آءٌ ڪجهه وقت اڳي بنا ڪنهن سبب جي، ننيڙڙي ڳالهه تي خوش ٿي ويو هوس-هن چاهيو ته وري ڪا اهڙي ڳالهه ٿئي جو سندس من ۾ خوشي پيرجي وڃي. ان ڳالهه تي سوچيندي، هن کي خيال آيو ته هاڻي، سڄي ڳالهه ٻڌائي ڇڏيان. هن ڳالهه شروع ڪرڻ لاءِ لفظ ڳولهڻ شروع ڪيا. لفظ نه مليا، تڏهن هن خالي دماغ سان گهوڙ-منهين جو ڌيان پاڻ ڏي ڇڪايو.

- ٻڌ ته...

اهڙي ڳالهه جيڪا هو هيل تائين سيني ڪان لڪائيندو رهيو هو سا ٻڌائڻ جي ڪندي، ڪيس هبڪ محسوس ٿي. هن زوريءَ منهن تي مرڪ آندي ۽ ڀيت ڏني. گهوڙ-منهون اکين ۾ سوال پري لاڳيتو هن ڏانهن ڏسندو رهيو. هن کي گهوڙ-منهين جون اهڙيون اکيون ۽ نهارڻ جو ڍنگ ڏاڍو خراب لڳو. هيڪر هن ڳالهه ٻڌائڻ جو خيال لاهي ڇڏيو-پر پوءِ چيو:

- يار ڳالهه دراصل هيءَ آهي...

ڪجهه ڪنن لاءِ هو، سمجهه وڃائي، منجهي پيو ۽ چپ ٿي ويو. پوءِ بنا سوچڻ جي ڳالهه جي ٻي ڍنگي شروعات ڪئي.

- هوءَ ڇوڪري آهي ته... هوءَ-سا مون سان ڏاڍو نهي ويئي آهي، مون تي مري ٿي. آءٌ به ان ڪان سواءِ نٿو رهي سگهان.

ان ئي ڪن ۾ گهوڙ-منهين جو منهن ڀهڪي اُٿيو ۽ تڙ تڪڙ ۾ پڇڻ لڳو.

- ڪير... ڪير آهي اُها؟... ڪٿي.

هن جي وات ۾ لفظ خوشيءَ ۾ منجهڻ لڳا.

باندر جهڙي هاڻي ڪجهه حوصلو سنڀالي چيو:

- يار آهي، اُتي وئشالي ۾. ان وٽ ئي ويندو آهيان. مون سان ڏاڍي ٿي محبت ڪري. پئسا بہ ڪونہ وٺي. ائين ڪڏهن زوريءَ ڏيئي ڇڏيندو آهيانس نہ تہ...

اها ڳالهہ ٻڌڻ ڪان پوءِ گهوڙ-منهين جي اکين ۾ تري آيل خوشي گم ٿي ويئي. هو ماٺ ٿي ويو. ائين ئي هن هيڏانهن-هوڏانهن نهارڻ شروع ڪيو، جيئن سندس من ۾ گهڙي آيل ساڙ جي خبر باندر جهڙي کي نہ پوي. ان ڪري هن هرويرو، ڦٽل منهن تي مرڪ کي روڪي-مڙهي رکيو. هن ڪاري، ڪني کي ڪيئن لفٽ ملي ويئي اُتي. هن سوچيو مونکي تہ سڀ ذليل ٿيون ڪن، جنهن وٽ بہ ويو آهيان. سولو ويهڻ ئي ڪونہ ڏين. ٽڪڙ لاهيو ڏين.

باندر جهڙو، هن جي اندر جي ڳالهہ پروڙي، خراب اثر نہ وٺي، اهو سوچيندي هن باندر جهڙي ڪان مرڪي پڇيو.

- پلا اها ڪهڙي پاسي وينل آهي؟

- نہ اهو نہ ٻڌائيندس في الحال؛ پوءِ ٻڌائيندس، تون وڃي ڏسي اڇجانءِ.

- اڇا پلا نالو ڇا اٿس.

باندر جهڙو ان سوال تي ٿورو منجهي پيو.

- يار نالو تہ مونکي بہ ڪونہ ٿو اچيس ڪڏهن پڇيومانس ئي ڪونہ.

پوءِ هو ٺهڪ ڏيئي کلي وينو.

- عجيب ڳالهہ آهي نہ، مون کي هن جي نالي جي خبر ڪونهي.

گهوڙ-منهين سوچيو، حرامي ڪوڙ هڻي ٿو، مٿان نالي مان سمجهي وٺان. باندر جهڙو وري ماٺ ٿي ويو ۽ سوچڻ لڳو؛ نالن کي آخر ايتري اهميت ڇو آهي؟ ڇا نالي کانسواءِ ماڻهو ڪجهہ بہ ناهي، بلڪل ڪجهہ بہ نہ! ماڻهو آخر نالن لاءِ ايترا پريشان ڇو آهن. هڪ سال اڳ جڏهن ڪيس پٽ ڄائو هو، تڏهن سڄي گهر جا ڀاتي سندس ڀيرين ٻار لاءِ نالو ڳولهڻ واسطي پريشان هئا، هنن ڇيو پئي تہ نالي سان ٻار جو ڀاڳ ٺهي ٿو. هن کي اهو سڀ عجيب لڳو، ڪل جهڙو. هاڻي بہ ڪڏهن ڪڏهن ڪانئس پنهنجي پٽ جو نالو وسري ويندو آهي. لڳ ڀڳ ڏهن مهنن ڪان هن پٽ کي ناهي ڏٺو، ڪيس پٽ جي شڪل بہ چڱيءَ طرح ياد ناهي. ڳوٺان خط ايندا رهندا آهن تہ تنهنجو پٽ اڪثر

بيمار ٿو رهي- ٿي سگهي ٿو هيل تائين مري به ويو هجي؛ پر ڪهڙو ٿو فرق پوي. هاڻي شايد ڪي سال پيا به ڳوٺ نه وڃي سگهان يا شايد وڃي ئي نه سگهان. هن سوچيو؛ ماڻهو ائين بي دريافتو مريو وڃي، اوچتو.

- تو سان ڪا اجا تائين وڻشالي ۾ ڪانه لهي آهي ڇا؟

هن گهوڙ-منهين کان اچانڪ پڇيو. گهوڙ-منهين وڻشالي وڃي، اُتي ذليل، خوار ٿيڻ ڪي ډپائيندي، مڙيئي ائين رعب ويهارڻ خاطر ڇيو.

- ها ڇو نه. آهي هڪ. اها به مون تي مري ٿي. پر رنڊي نيٺ رنڊي، ان جي ڪهڙي محبت. سؤ ڇٽا ته روز ان تي چڙهندا هوندا.

- نه ائين ته ناهي هرويرو، رنڊي پيار نه ڪندي آهي، جي ڪندي ته شدت سان ڪندي، جيڪو ڪو ٻيو نٿو ڪري سگهي.

گهوڙ-منهون، وڏيڪ بحث ۾ اُلجهڻ کان لنوائي، ان ڳالهه جو جواب نه ڏيئي، صرف مرڪيو. پر باندر جهڙي خود ئي ڇيو.

- ٿي سگهي ٿو تون صحيح هجين. اسان سان به پلا ڪنهن ڪڏهن محبت ڪئي ڪونه. پيار جو رڳو نالو ٻڌوسين. اسان سان ته زال به محبت نه ڪئي.

ائين چوندي کيس شرم ڏاڍو آيو. ان ڪري هو ٻهرين مرڪيو ۽ پوءِ وڏو ٽهڪ ڏنائين ڳالهه کي مذاق ثابت ڪرڻ لاءِ.

- تو سان ڪهڙي ٿهيل آهي؟

گهوڙ-منهين کان ان اوچتي، اچانڪ سوال تي ٻهرين ڇرڪ نڪري ويو. پوءِ هن سوچيو-ڪهڙي چوان نيڪ آهي ڪا نه ڪا ڇئي ٿو ڇڏيان، پنهنجي وري ڪهڙي ويني آهي. مڙيئي...

- هوءَ نه آهي، وچ چوڪ تي پان ٻيڙيءَ جي مانډٽيءَ جي پاسي ۾. هوءَ گوري جهڙي سهڻي پناڻي، جنهن جي منهن تي ٿورا موهيڙا آهن. اڪيون به وڏيون اٿس. قد جي پوري پني آهي؛ مانډٽيءَ واري سان بلڪل لڳو لڳ.

باندر جهڙي جي منهن جو رنگ بدلجي وڏيڪ ڪارو ٿي ويو. هن جي اکين ۾ وحشانه نفرت تري آئي. کيس لڳو ته ڪنهن کيس جبل جي چوٽيءَ تان ڌڪو ڏنو آهي ۽ هو ڪري رهيو آهي. مسلسل، پاتال ۾، هن چاهيو ته ان ڪيفيت

ڪي لڪائي. ڳالهہ ۾ ڪجهہ بہ ناهي، آءٌ بہ هرويرو - ڪهڙو ٿو فرق پوي. آخر... هو ان ڪيفيت ڪي لڪائي نہ سگهيو. هن اکيون پوريون - ڪيس لڳو سندس لوندڙيون نڪاءُ ڏيئي ڦاٽي پونديون؛ گهوڙ - منهون هن جي حالت جو اندازو بلڪل نہ لڳائي سگهيو، چيائين.

- هوءَ مون تي مري ٿي صفا. وعدا ڏاڍا ڪندي آهي. پر پنهنجو چيا آهي، مڙيئي پيو ڪم نڪري.

باندر جهڙي ڪوبہ جواب نہ ڏنو، هن ڏانهن نهاريو بہ ڪونہ، ڄڻ ڪجهہ ٻڌائين ئي ڪونہ. صرف من جي ولوڙ کي لڪائڻ جي زبردست ڪوشش ڪندو رهيو.

گهوڙ - منهون وري ڳانن ٻڌڻ ۾ ڳم ٿي ويو، ۽ باندر جهڙي هر هر نرڙ تان هٿ ڦيري منهن کي ٻنهي هٿن ۾ جهليو ٿي. بي خياليءَ وچان هن پستول ڪڍيو ۽ ان کي تيز تيز آڱرين ۾ ڦيرڻ لڳو. نيڪ اُن وقت ئي نڪاءُ ٿيو - گوليءَ جي نڪاءَ سان سڄي ڪافي هائوس ٻري اُٿي. ڪائونٽر تي وينل ماٺهوءَ ڏپ ۾ ڪائونٽر اندر گهڙي ويو. بيري جو وات سڪي ويو، اکيون ڦاٽي ويون ۽ ٽنگون تيز تيز ڏڪڻ لڳيون، هو لاڳيتو ڳيتون ڏيئي رهيو هو. گهوڙ - منهون جنهن ڪان زبردست ڇرڪ نڪري ويو هو، سو هاڻي خالي نظرن سان هن جي منهن ۾ گهوريندو ئي رهيو، بت جيان. باندر جهڙو ششدر پٽي وچان سن ٿي ويو پر پوءِ ڪلي وينو.

- اتفاق سان ڇٽي ويئي، ريوالور لوڊ ٿيل هو، مون کي خبر ئي نہ پئي. اُٿ تہ هلون.

هنن بيري کي سڏ ڪري بل آڻڻ لاءِ چيو. ڪائونٽر وارو جيڪو ڪافي دير ڪانپوءِ اُٿيو، سڄو ڏڪيو پئي. هن ڇوڏاري ڇتائي ڏنو ڪجهہ ٿيو تہ ڪونہ. سپ ائين جو ائين هو. هن کي اطمينان ٿيو ۽ بل لکندي سندس هٿ ڏڪيا پئي.

هو بل ڏيئي تڪڙا تڪڙا ٻاهر نڪتا. رستي تي ٽڪا ٽڪا هلڻ لڳا. باندر جهڙو ايترو تہ تڪڙو ٿي هليو جو گهوڙ - منهين کي هن سان گڏجي هلڻ لاءِ ذري گهٽ ڊوڙڻو ٿي پيو.

# ٽٽل سلسلا

ٽرين. ٻوڙ. ٽڪي ٻوڙ. اسپيڊ. ٽرين هلي رهي آهي. ٻوڙي رهي آهي. ٽڪي ٽڪي. رات. اوندهه. اوٽيهن جي گهگهه اوندهه. ڪاري ٻاٽ، ٻاهر، پري پري تائين، ٽرين واري لائيٽ جي جهڪي سوجهري جي، ڪاري ڪاري ٻاٽ آهي. ڪير نه آهي. اڪيلو اڪيلو، پوري ڪمپارٽمينٽ ۾ ماٺ، گهري ماٺ. موت جهڙو سناٽو. ڪوئي ناهي ۽ آواز. جهيڻو آواز به، ڪنن به، ٻڌڻ ۾ نٿو اچي. آواز آهي، ٽرين جي هلڻ جو، نه ته ماٺ آهي، گهري ماٺ. ڪوئي ناهي، جي آهن ننڊ ۾ آهن. موت جهڙي گهري ننڊ. پيرن ۾ چادر تاڻي، منهن ڍڪي، ڪونگهرا هڻي رهيا آهن. اڪيلو وياڪل. ويڳاڻو. ويچار. ويچارن جو تڪو، اٽڪت وهڪرو. ويچارن جا زنجير. جيون : نلهي. خالي ولوڙ. ڦٿڪاءُ، لوڇ، ڪامر. آنڌ مانڌ. گهُٽ ٻوساٽ. ڏکيا اونها ساهه. ڪجهه نه آهي، ننڊ نه آهي، ننڊ نٿي اچي. اچڻ گهرجي. سڀ ستا پيا آهن. سگريٽ، سگريٽ ۽ سگريٽ پوري ٿيڻ ڪانپوءِ ٻيو سگريٽ. نڙي : سڪل-ٺوٺ، ٿُڪ ڳورڻ جي جاکوڙ. سور، نڙيءَ ۾. وات ۾ ٿڪ آهي ئي ڪونه، سڪي ويئي آهي. سگريٽ پورا ٿي ويندا پوءِ؟

دريءَ ڪان هٿي پري ٿي. سمهڻ جي جاکوڙ. ويچار. ٿڌي هوا، لڱن ۾ سياٽا وجهي پئي. دري بند. سيٽ، خالي. سمهي، اکين کي زوريءَ پورڻ جي جاکوڙ. اَسقل. زوريءَ پوريل اکين ۾ هلڪو سور. چا آهي. جيون ۾، ڪجهه نه آهي. جيون : منڌي، جنم. پڇاڙي، موت. وچ خال. خال. خال... ڪجهه نه آهي. خالي. نلهي جيون ائين گذري رهي آهي، گذرندي ۽ گذري ويندي. ڪجهه به نه ٿيندو.

ٽرين جا پٽا، گهگهه اونداهي ۾، ڏسڻ ۾ نٿا اچن. هوندا؟ آهن، تڏهن ته ٽرين هلي ٿي. پٽا جي ڪٽان ٽٽل، ڪٽيل يا اُکڙيل هجن ته پوءِ؟ يا ائين ئي ٽرين پٽن تان لهي وڃي ته؟

ننڊ. ننڊ نه آهي. اچي ڇو نٿي؟ ويچار، بيڪار، بي سود. لوڇ، ڪامر. پڇر، سڪ ڦٿل. سمهي، ليٽي پاسن ۾ سور. ليٽندي من ۾ ولوڙ : آنڌ مانڌ. دري ڪليل.

هوا. ٿڌي هوا. ٽڪي. لڳن ۾ سياٽا. دري وري بند.

ٽرين. ٽڪي. ڊوڙ. ويچار، ٽرين سان گڏ. ٽرين ڪان به ٽڪا. ڪير نه آهي. ٻاهر اونداهي ۾ ڇا هوندو؟ ڇا ٿي سگهي ٿو؟ ڪجهه به هجي، ٽرين ڊوڙي رهي آهي. ڪٿي بيني نه آهي. بيهندي؟ بيهي ڇو نٿي؟ اسٽيشنون هونديون؟ ٿي سگهي ٿو هجن، نه به هجن. هونديون ته ننڍيون هونديون، انهن تي نه بيهندي. بيهي يا نه، ڪنهن جو ڇا ٿو وڃي. ڪنهن کي ڪهڙو ڇيهو ٿو رسي. ٿي سگهي ٿو، ڪو پئسينجر اوسيئڙي ۾ بيٺل هجي ۽ گاڏي نه بيني هجي. هو اُتي ئي رهجي ويو هجي. نه ائين نٿو ٿي سگهي.

رات. اونداهي. ڪاري ٻات، سچ. ڪير نه آهي. اڪيلو اڪيلو، ويڳاڻو، جاڳ. ننڊ لاءِ جاکوڙ، هار. ڦاٿل اکيون. ويچار. ٽرين جي رستي تي ڇا هوندو؟ ڇا ٿي سگهي ٿو، شايد پٿر هجن، رستو، ٿي سگهي ٿو، جبل يا ٽڪرين مان هجي. ٽرين ٽڪي ڊوڙي رهي آهي، ڪو گاڏيءَ مان ڪري پئي ته پوءِ؟ ڪير ڪري سگهي ٿو؟ پٽڪيل. بي سود. اجايو ويچار.

هان، چرڪ، هوءَ بيني آهي، ڇو؟ جاءِ ناهي ان ڪري. ويهي ڇو نٿي. هان، هوش ۾، ڪير؟ اکيون مٿي ڪنيل، ڇوڏس ڦرندڙ اکيون. اٿي هتي، هُتي نظرون گهمندڙ. ڪوچ. هتي ته ڪير به نه آهي. وهم وسوسا. ٽرين ڊوڙي پئي. ڪير ٿي سگهي ٿو؟ ويچار هو، هوءَ نه هئي.

هان. اُبهاسي. پٽيل-ڊپ واريون اکيون. دل جي ڌڪ-ڌڪ، تيز. ڇاجي رڙ هئي. ڪير ڪريو ته نه! يا ريل ڪنهن تان چڙهي ته نه وئي !! يا هوءَ... ويچار، ذهن تي زور. رڙ وري به. ڏکو ساهه. سامت. لاڳيتا ڏگها ساهه. ساهه ۾ سامت. سڪل چپن تي، سڪل زبان. دل جي ڌڪ-ڌڪ اڃا به ٽڪي. ٽرين جي سيٽي هئي، مانيٽي سمي کي ٽوڙي هانوَ ڏاري ويئي.

ڪجهه نه آهي. ننڊ ڇو نٿي اچي. ٻين کي ننڊ ڪيئن آئي آهي. هو ڪيئن سمهي سگهيا آهن. ماڻهو سک سان ڪيئن سمهي ٿا سگهن؟ سمهڻ گهرجي. پر ڪيئن؟ جاکوڙ. دريءَ ڪان پري. بينچ. ڪاٺ، سخت. اکين کي زوريءَ پورڻ جي جاکوڙ. نٿيون پورجن. پورڻ سان پٽجيو پون. من ۾ آنڌ مانڌ.

خالي سيٽ. دري ڪليل وري بند. ڇا ڪجي. ٽرين مان لهجي. ها، ٺيڪ آهي. لهڻ گهرجي. هن ٽڪي ٽرين مان! جا ڪٿي به بيٺي نه آهي. بيهي ڇو نٿي؟ ٽڪي ٽرين مان ٽپو ڏجي. نه نه ائين ڪيئن ٿو ٿي سگهي. اونداهي. ڪاري رات، رستي تي پٿر هوندا. ڪل ناهي ڪٿي ڪرجي ۽ پوءِ...

وڏيل آنڊ مانڊ، بي سڪائي. هاءِ، ڇا ڪجي؟ ڪو اُٿي. ڇو؟ ڇا جي لاءِ؟ سگريٽ، تيلي، ماچيس، شماع. باقي به سگريٽ. ڪڙو دونهن. سڪل زبان. دونهن. نڙيءَ ۾ ساڙو. ڳيت. سڪل ٺوٺ چپ. نڙيءَ کان دونهن لهي نٿو، ڇڻ وڏي پيو. سگريٽ پٽ تي، مٿان پير. پٽ تي پيل سگريٽ، زور سان چلهجي، چيرجي ويل.

اُٿندي. ويهندي. هلندي، بت ۾، لڱن جي سَنڌ سَنڌ ۾ سور. لڱ ڪڙهن پيا. هيٺو، نبل. ڪمزور، بت. سڪل لڱ. ڪراهت اچڻ جهڙا لڱ. ساهه ڪٽڻ ۾ مونجهه. گهُٽ، ٻوسات. ڪاوڙ. پنهنجو پاڻ تي جڪ. آنڊ مانڊ. ڏپ. ڇا ڪجي. ڏاراڻپ. پنهنجائپ ڪٿي به نه آهي. هر هنڌان نفرتون. آسون گهائل، چيپاٽيل، مئل. هر وک تي، جيون جي هر وک تي اسڦلتا. پيار، پريت ڪٿي به نه آهي. رڳي آس. جيون ۾، ڪنهن وٽان به پريت نه ملي آهي. هيٺا، ڪمزور لڱ، ڪراهت اچڻ جهڙا. هن روپ ۾، ڪير پريت ڪندو. ڌڪارڻ جوڳي کي ڪير پنهنجو ڪندو. سک نه آهي. آنڊ مانڊ، گهُٽ، ٻوسات، ولوڙ، لوڇ. ڇا ڪجي، سڀ ستا پيا آهن. ڪو اُٿي هن روپ ۾ ڏسي ته... نرڙ تان، منهن تان. لڱن جي انگ انگ تان پگهر جا ريلا. وري دريءَ وٽ. ٿڌي هوا. سڪي ويل پگهر ۽ رهيل پگهر جي ٽڪي ڪني ڏپ. ٿڌي هوا. لڱن ۾ سياٽا. دريءَ کان هٽي. آهستي ننڊيون وکون، در وٽ، بند در. درجي هينڊل ۾ هٿ. در ست سان کلي ويل. هوا جا تکا جهوٽا. ٽڪي هوا ڌڪي آيل. هوا جي زور تي، هيٺا، ڏبرا لڱ پٺتي هٽي ويل. ڪري نه پئجي. ڪرڻ جو ڏپ. هوا جي زور تي ٿاٻڙجندڙ پير. بند در.

گاڏي اڃا نه بيٺي آهي، رات اونداهي پوري نه ٿي آهي. سڄ نه اُڀرندو؟ ويچار، لڳي ٿو جڳن کان گاڏي ايئن هلندي آئي آهي ۽ اونداهي رهندي آئي

آهي. سک نہ آهي. ڪٿي ويهڻ گهرجي؛ بيني، بيني ٽنگن ۾ سور جون سوٽون پيون اُيرن. ويهڻ سان بي سڪائي. ساهہ ۾ ولوڙ. آنڊ مانڊ، ڄڻ ڪوئي ساهہ کي ٻنهي هٿن سان نپوڙي پيو. گاڏيءَ مان لهي وڃجي، هن زنجير کي ڇڪي گاڏي بيهاري پوءِ لهجي. هيٺ ڇا هوندو؟ ڪجهہ بہ هجي، ذهني عذاب نہ هوندو. هٿ وڌيل زنجير تائين. وڏي زنجير تائين اچي بيهجي ويل. من ۾ هاهاڪار ڇڪجي يا نہ؟ ها، ها ها، نہ نہ نہ، ها ها، نہ نہ. موُنجهہ ٻوسات، من جو هاهاڪار ۽ پيڙا، هٿي ويل هٿ. تان تي ڪريل سيٽ تي. مٿو ٻنهي هٿن ۾.

ڪجهہ سمجهہ ۾ نٿو اچي. گاڏي بيهي چو نٿي. ٻئي هٿ مٿي تي، مٿي ۾ سور. دماغ جون رڳون ڪڙهن پيون. لڳي ٿو دماغ جون رڳون ڪوئي ڇڪي ٽائيٽ ڪري رهيو آهي. سڄي بت ۾ سور، اکين ۾، وات ۾، ڏڙاهن وٽان سور. سور جون اُيريل سوٽون. مٿو سور کان ڪڙهي پيو. پير ٿڌا. جسم جو انگ انگ، ڄڻ ساهہ ڇڏيندو پيو وڃي. نستو، نٻل، بي ڀڄت، هيٺو بت.

ويچار، منجهيل ويچار. ڪجهہ سمجهہ ۾ نٿو اچي. من ۾ ويچار، رڙيون ڪجن، نڙي ڦاڙي، ڪپڙا ڦاڙي، گاڏيءَ کي مکون هٽي، رڙيون ڪجن. سڀ ستا پيا آهن. اُٿي پوندا. ڇريو سمجهي، ڌڪا ڏيئي، هلندڙ، تکيءَ گاڏيءَ مان ڪيرائي نہ ڇڏين ! سڪل نوٽ جيءَ هر هر سڪل ڇپن تي ڦرندي رهي ٿي. ڄڻ ڪا شيءِ نڙيءَ ۾ اٽڪي پئي آهي. ويچار - ”... شڪل تہ ڏس مئا سلهہ جا مريض !“

گاڏي ايترو وقت ڇو پئي هلي؟ ڪٿي بيهي ڇو نٿي ۽... مان... مان... گهٽيل آواز. ساهہ ۾ هانيارو دٻ وچان ڦاٽل اکيون. لڳو ڪي هٿ نڙيءَ ڏانهن وڌندا آيا. نظرون هيڏانهن هوڏانهن دٻ وچان ڦرندڙ. ڪجهہ بہ نہ آهي. گاڏي ڊوڙي پئي، سڀ ستا پيا آهن. ڪنهن کي اُٿارجي پر ڪيئن. سگريٽ جي بهاني يا ماچيس لاءِ. بہ ڀڃاڙيءَ وارا سگريٽ بہ پورا ڪري ويا آهن. ڪو اٿارڻ سان ڪاوڙ ۾ اچي ڳچيءَ ۾ هٿ وجهي تہ پوءِ... دل جي ڌڪ ڌڪ تيز، تکا تکا ساهہ. ساهہ ۾ وڌيل هانيارو. ڦٽل سک. ولوڙ. ڪنهن اٽڇاٽل دٻ کان لڱن ۾

رڦٽي، سڄو بت ڏڪي رهيو آهي. اُٿجي. گاڏيءَ کي بيهڻ گهرجي. اونداهي ڪاري ٻاٽ. سج چو نٿو اُڀري. رات ايڏي ڊگهي ڇو آهي؟

جواب؟

جواب. ڏيڻو ئي پوندو، نه ته سوالن ڪان مڪتي نه ملندي. ذهن سوالن ۾ الجهي لڇندو رهندو. ڦٿڪندو رهندو. جواب نه آهي. ويچار. ويچارن جو تنگ ڄار. من جا ڪندر. پٽڪڻ، رلڻ، تڙپڻ. ڪجهه نه آهي.

سڪل زبان، ثوت. پاڻي پيئڻ گهرجي. مٿان پوءِ ننڊ اچي. پاڻيءَ جا چنڊا منهن تي ۽ اکين تي هڻجن، اکيون سڙن پيون. لئٽرين جو در، کلي ۽ بند. هتي اچڻ جو ڪارڻ، ويچار. ڇو؟ ها! اُڃ. سڪل، ثوت زبان. منهن تي پاڻيءَ جا چنڊا هڻڻ گهرجن. هيٺان ڏر، مٿان لڳل بلب جو سوجهرو. هيٺ پٿر، اڻ چٽا ڪاٺ جا پٽا. ريل جي تکي ڊوڙ. ڌرتي ڊوڙي رهي آهي. هڪ هنڌ نظر نٿي ڄمي. مٿي ۾ چڪر، ڦيري. اکين ۾ سور، آءِ... مٿي ۾ ڦيري، بدليل من. ڇا ڪبو پاڻي پي ۽ منهن ڌوئي. منهن ۽ اکيون سڙن پيون. سڄو منهن ۽ بت ڇڻ ٽاندا. نلڪي ۾ هٿ، ڏڪندڙ هٿ. نلڪو ڪليل، هٿ پاڻيءَ لاءِ نلڪي جي هيٺان. هان... ڇا...؟ ...؟ ...؟... اُڀا، تيز تيز ساهه، ساهه ۾ هانيارو، نلڪي وٽان هٽي ويل هٿ. رڙ، ڪير هو؟ هوءَ ته نه...؟؟؟ نلڪي مان وهندڙ پاڻي. پاڻي. سرڙات. رڙ وري به. ها... ڊگهو ساهه. دل جي ڌڪ ڌڪ ۾ڇا به تيز. سامت. ريلوي جي وِسل هئي. ريل سيٽي ڇو ٿي وڄائي، بيهي ڇو نٿي. سڪل چپ، سڪل ثوت چپن تي. ويچار. ڇو آيس هتي، لئٽرين ۾. نلڪي مان پاڻي وهي پيو. ٻاهر اونداهي. ڪاري ٻاٽ. رات ڇو نٿي گذري، گاڏي بيهي ڇو نٿي؟ ڪا اسٽيشن ڇو نه آئي آهي؟ گاڏي ايترو تکي ڇو ٿي هلي؟ جواب؟؟...

ڏر ۾ نظر، ذهن ٻئي ڏس ڦيرائڻ لاءِ. مٿي ۾ ڦيري. هٽيل اکيون. نلڪي مان پاڻي خوامخواه پيو وهي. منهن تي چنڊا هڻڻ گهرجن.

وڏو نڪاءُ. ڏڪي ويل سڄو بت. دل جي ڌڪ ڌڪ وري تکي، قاتل اکيون. لئٽرين جو زور سان کليل در. ڪيئن کليو؟ بند ٿيل هو. ڪنهن کوليو ته نه؟ پاڻهي ڪيئن کليو. شايد هوا تي کليو هجي. ويچار، ذهن تي زور، ڪڙو ته

اندران ڏنل هو، هوا تي ڪيئن ڪليو؟ هان. ڌپ. وڏي ويل ڏڪ ڏڪ. ڦاٿل اکيون. دل ٽپ ڏيئي وات مان نڪري ايندي. ڏڪندڙ ٽنگون. رڦندڙ لڱ. من ڪي آٿت. اَجايو ويچار آهي. ڪڙو ڏيڻ وسري ويو هوندو. ها ائين ئي هوندو. در هوا تي لڏي هر هر ٺڪاءُ ڪري رهيو آهي. بند ڪجي. منهن تي پاڻيءَ جا ڇنڊا هڻجن. نڙي سڪي ويئي آهي. ٽڪ نٽي ڳورجي. نلڪي جي هيٺان هٿ. منهن تي پاڻيءَ جا ڇنڊا. ٻڪ ڀريل پاڻيءَ جو ڇپن تائين آندل، پاڻي ٻاڙو آهي. نلڪو بند.

هان ڪير؟ ڪنهن جو پاڇو هو؟ ڪير هو پرسان. هوءَ ته نه هئي. نظرون ڇوڏس ڦريل. هتي ته ڪير به نه آهي. هوءَ هتي ڪيئن اچي ٿي سگهي. ڪير آهي هوءَ؟ ائين ڇِت تي ڇو چڙهي ويئي آهي. اجايو وسوسو. بي سود، نلها، سڪٽا ويچار. ڪير ڪونهي. ڪوئي نه آهي. هوءَ مري ويئي.

هان... هان، وات مان، ڌپ وچان نڪتل هلڪي، دٻيل، پوائتي رڙ. ڦاٿل اکيون، سڄو هيٺ جهڪي ويل، ٻئي هٿ مٿي تي. لڱو ڪا شيءِ وڏيءَ ڇپ جهڙي، مٿان ٽڪائيءَ سان اچي رهي هئي. نظرون مٿي. هتي ته ڪا به اهڙي شيءِ ڪانهي. ڪجهه به ڪونهي. مٿان فين تکو ڦري رهيو آهي. پوءِ ڇا هو؟ ائين ڇو ٿيو؟ هتي ته ڪجهه به نه آهي. هتان ٻاهر نڪرڻ گهرجي. هتي ويهڻ جو ڪارڻ؟ در ڪليل، ٻاهر. وري بند.

سڀ ستا پيا آهن. ڪوئي ناهي جاڳيو. ڪير جاڳي ڇو نٿو؟ سگريٽ ڪونهي، ٻاڙ. ڪو اتي دڪائي ته گهرجيس. دريءَ وٽ ٿڌي هوا. خالي سيٽ، سمهجي. ٻانهن مٿي هيٺان ڏيئي سمهڻ جي جاکوڙ. زوريءَ پوريل اکيون. نٽيون پورجن. اندر ۾ لوڇ، ڪامر، پڇر، ولوڙ. اتي وينل وري به.

ننڊ ڇو نه ٿي اچي. ٻيا ڪيئن ستا پيا آهن. انهن کي اٿڻ گهرجي، ڇو ستا پيا آهن؟ ها سڀين کي اٿارجي. هون. ڇا؟ بي سود، پٽڪيل، اجايا ويچار. ذهن کي اڳوٽي ساڳيءَ حالت ۾ آڻڻ جي جاکوڙ. ويچارن مان پلئه آجا ڪرائجن. نه ويچارجي اکيون پوري سمهي رهجي. جاکوڙ، سمهڻ جي، نه ويچارڻ جي اَسقل، اَسقل.

هوءَ بيني آهي. هان ڇو بيني آهي؟ ڪٿي؟ پٽيل اکيون. هان، ڇا؟ هتي ته ڪير به ڪونهي، هوءَ، ڪير؟ هون ڇڏ. اجايا ويچار، بي سود، ويچارن مان

جند چو نٿي ڇٽي؟ هتي ڪير نہ آهي، پوءِ اهي ويچار ڇو ٿا اچن. سڪل نوٽ زبان، سڪل چپ. مٿي ۽ منهن ۾ سور، سخت سور. سڄو بت. لڱ، لڱن جو سَند سَند سور. سور ڪان ڪڙهن پيا. مٿو سور ڪان ڦاٽي پيو. تڏا پير جهڙي برف، لڱ، منهن چڻ ٽانبا. ڇا آهي؟ ڪجهہ بہ سمجهہ ۾ نٿو اچي. اکين اڳيان ترورا. وقل.

لڱن تي نظر، هيٺائيءَ جو ڀرپور احساس، ٻانهون جهڙيون ڪانا. سنهڙيون. هٿ، اپريل نسون. آڱريون، سنهڙيون ڪراهت جهڙيون، هيڏا نونهن، رڳا هڏا، سنهڙي ماس جي پردي ۾ ڦاٽل هڏا. هڏائون پڃرو. ڇاتيءَ جا هڏا ٻاهر نڪتل. ڪراهت. نفرت. پنهنجو پاڻ ڪان ڏڪار. ماٺهو ڏسي، منهن ڦيري ٿا ڇڏين. هر هنڌان نفرت، جيئڻ جهڙو ڪجهہ نہ آهي. ڪجهہ نہ رهيو آهي. بار، دنيا تي، جڳ وارن تي، ان ڪان وڌيڪ پنهنجو پاڻ تي. عذاب، عذاب. نفرت، ڏڪار، بڇان. ڏڪار هر هنڌان.

اهڙي روپ ۾ ڪير گهرندو پنهنجو ڪرڻ. منهن، هڏائون هٿ، ڦرندڙ منهن تي، رڳا هڏا آهن، ماس ڇڻ آهي ئي ڪونہ. اُپريل، هڙٻاٽون ٻاهر نڪتل. هٿ نڙ گهٽي تي اچي، جلدي ڪڄي ٿو وڃي. بڇان پنهنجو پاڻ ڪان. نفرت، ڏڪار هر هنڌان. ڪٿي بہ پنهنجاڻپ ناهي. ويچار، ويچارن جو وهڪرو، مٿو ڪڙهي پيو. سور سڄن لڱن ۾. بت جو انگ انگ ساهہ ڇڏيندو پيو وڃي. نستا، نبل، هيٺا، ڏٻرا لڱ ۽ ويچار، ويچار ۽ ويچار.

شڪل تہ ڏس مئا سلهہ جا مريض، مر گهيل! هليو آهي پٽ پيار ڪرڻ. مئا ڪنهن جو ڀاڳ ڦٽو آهي جو تو سان پلئہ اٽڪائيندي.

ويچار، ذهن ۾ ڇيندڙ لفظ ڏٻرن لڱن ۽ بڇڙن مهاندن جو شديد احساس. احساس هيٺ دٻيل. پيڙا، اَشانتي، ولوڙ، آنڌ مانڌ.

لڳي ٿو. لڱ، هيٺا. ڏٻرا لڱ اڃا وڌيڪ سسندا وڃن. ڏٻرا، هيٺا ۽ نستا ٿيندا ساهہ ڇڏيندا وڃن. شديد احساس. احساس جي پيڙا. لڱن تان پگهر جا ريلا، سڪل زبان، سڪي سوڙهو تي جيتامڙو بڻجي وڃڻ جي احساس جو وڌيڪ اڳي ڪان بہ وڌيڪ وڌڻ. آنڌ مانڌ، ذهن ۾ تيز، تيز لڳندڙ هٿوڙا. ذهن ڪي غير يقيني ڪيفيت مان موٽائي، ساڳئي حالت ۾ آڻڻ جي جاڪوڙ. آٿت، من ڪي ڪوڙو آٿت، وهم آهي. ڪجهہ نہ آهي. ڇا؟ ائين ڇو ٿو لڳي، آٿت جو ٽٽڻ،

وڏيڪ ننڍي ٿيڻ جي احساس جو وڌڻ، تيز اُپا ساھہ، ساھہ ۾ هانپارو. سڄڻ ڏہرن لڳن ۽ منهن تان پگهر جا ريلا، آنڌ مانڌ، لوچ ڪام، پڇر. هر هر سڪلن، ڏہرن لڳن تي نظر، هٿ ڦيري ان احساس ڪي مٽائڻ جي جاڪوڙ. اَسڦل وڏيڪ آنڌ مانڌ، بي سڪائي. اُٿي هينئر ڦاڙي رڙيون ڪجن، مڪون هڻجن. ماڻهو ستا پيا آهن. ٿلها ٿنيرا، ڏٿا مٽا. ڪونگهرا. اُٿي سيني جي ڇاتيءَ ۾ زور سان مڪون هڻجن. اونها، تيز، ڏگها ساھہ. آنڌ مانڌ، بي سڪائي، ولوڙ. ڦٿل سڪ. هاڻي ساھہ ڪٽڻ ۾ ڪرٽو بہ.

ويچار، ويچارن جا چار، ريل ۾ چڙهڻ جو ڪارڻ؟ ريل ڪيڏانهن پئي وڃي؟ بيهي ڇو نٿي؟ لهڻ گهرجي، ها لهڻ ئي گهرجي، پر... ريل جي. تڪي سپيڊ. ٻاهر اونڌاهي، گهگهہ اونڌاهي، ڪاري ٻاٽ، ڇا هوندو ڪاري ٻاٽ ۾؟ رستي تي، رستي جي آس پاس پٿر هوندا. ولوڙ من ۾، آنڌ مانڌ. ويهندي، بيهندي سڪ نٿو اچي، سڄي بت تان پگهر جا ريلا، لوچ ڪام. ڪجهہ بہ سمجهہ ۾ نٿو اچي.

در وٽ، در ۾ هٿ، چڪ، ڪلي ريل در، هوا جي تڪي جهوٽي سان ڏہرو، هيٺو بت پنتي ڌڪجي ويل. در جي هينڊل ۾ هٿ، پير بلڪل هينئين تختي تي اچي بيهجي رهيل. تکي هوا ڌڪي پئي. ريل ڊوڙي پئي. ٻاهر اونداهي آهي، ڪاري ٻاٽ، ڇا هوندو ان ۾، ڪاري ٻاٽ ۾ اکيون ڪپائي ڪجهہ ڳولهڻ جي جاڪوڙ. جهٽڪو. خالي هينڊل. خالي تختو. ڪليل در. اندر هوا ڌوڪي آيل. سامهون سٽل جي منهن تان هٽي ويل چادر: جاڳ، اُٿي ٿڙندي ٿاٻڙندي، اڌ ننڊ، اڌ جاڳ ۾ در وٽ، در بند، وري منهن تي چادر تاڻي سٽل.

ٽرين. ڊوڙ. تکي ڊوڙ. اسپيڊ، ريل گاڏي هلي رهي آهي، ڊوڙي رهي آهي. تکي تکي. رات. اونداهي. اوٺيهن جي گهگهہ اوندهہ. ڪاري ٻاٽ، ٻاهر، پري پري تائين، سواءِ ريل واري لائيٽ جي جهڪي سوجهري جي، ڪاري ڪاري ٻاٽ آهي. ڪير نہ آهي، پوري ڪمپارٽمينٽ ۾ ماٺ، گهري ماٺ، موت جهڙو سنهاٽو. ڪوئي ناهي، آواز جهيڻو آواز بہ، ڪنن بہ ٻڌڻ ۾ نٿو اچي، آواز آهي، ريل گاڏيءَ جي هلڻ جو. نہ تہ ماٺ آهي گهري ماٺ، ڪوئي ناهي، جي آهن، ننڊ ۾ آهن. موت جهڙي گهري ننڊ. پيرن ۾ چادر تاڻي، منهن ڍڪي ڪونگهرا هڻي رهيا آهن.

# لٽيل وڃايل اهم ءِ مزو

پي رسپيٽ تي سگنيچر ڪري - سائين ٽيل پي رسپيٽ اڪائونٽنٽ کي موٽائي ڏيندي - ان ئي هٽ سان پئسا وٺي پڪ ڪرڻ ڪاڻ، اتي ئي بيٺي - بيٺي ڳڻي ٿو - پورا ادائي سؤ ۽ هو آرام سان پئنٽ جي پوئين کيسي ۾ پئسا وجهي - فارمل مرڪ سان اڪائونٽنٽ کي خوشامدي وش ڪري ٿو. اڪائونٽنٽ ڪنهن جذبي کان خالي - ڦڪي - بڇڙي - مڪروهه منهن سان ڪنڌ لوڏي - اکيون ڪاغذن ۾ اٽڪائي ٿو ڇڏي. اڪائونٽنٽ تي جڪ ڪائيندي، اڪائونٽس برانچ کان ٻاهر نڪري، بدليل موڊ سان، پنهنجي سيٽ تي اچي ويهي ٿو. ’سنکي سالو.‘ من ئي من ۾ پڙڪي ٿو. ڪيترا ڀيرا پکو پهه ڪري ٻه چڪو آهيان، سامهون ميز تي ڊسپيچ جي ڪم کي نظرن سان توريندي ويچاري ٿو، ائين اجايو هن حراميءَ تي پنهنجي مرڪ نه وڃائيندس. ائين بنا ڪنهن گيسچر جي ٻاهر نڪرندس، پر پوءِ به... پئسا وٺندي الاجي ڇو... ڄڻ ته خيرات وٺندو هجان ڪا !

۽ اڄ ڪم رواجي جي پيٽ ۾ ڪجهه گهٽو پيو لڳي. ڪم ڪندي - سدائين جيان ٽيندڙ پهرين تاريخ واري پروگرام کي من ئي من ۾ ورجائي ٿو. نيم پٽاندڙ آفيس مان سويل پرو اُٿي - پر پاسي واري ڪنهن نه ڪنهن سئنيما تي ڪنهن انگريزي فلم جو ميٽني شو ڏسي، سئنيما مان نڪري، بوهري بزار مان شيو جو سامان، پيسٽ ۽ بيون ڪٽل شيون وٺندس. اڄ ڪو سستو ڪولون ۽ آفٽر شيو لوشن به ڪٽي وٺان. اتان سڌو ڪيفي نيوپارڪ تي ويندس ۽ ڪنهن نه ڪنهن سنگتيءَ سان ويهي يٽ شٽ هڻندس، ان مهل ته ڪو نه ڪو اُتي هوندو ئي. اڄ چانهه جو بل به آءٌ ڀريندس. اهو ڳالهه سوچي هو خوشي محسوس ڪري ٿو. اتان جلدي اُٿندس، ايلفيءَ تي به - ٽي ابتا سبتا چڪر ڏيئي، ڇوريون ڏسي، بڪ اسٽال واري سنگتيءَ سان ڊاڙ - نڪاءُ هڻي، فريئر اسٽريٽ تي اچي - گاننيا، مرمريا، پڳڙا، بوهي مڱ ۽ بيون اهڙيون شيون وٺي، فريئر اسٽريٽ تي ڪرسچن ڇورين کي تاڙيندو، ونرس بار ۾ ٽي - چار پيگ وسڪيءَ جا چاڙهي - لالي وٺان ڪڙاهي گوشت کائي، امپيرس مارڪيٽ وٽان گهر لاءِ بس ۾ چڙهندس.

گهر جو ويچار ايندي ئي ڏاڍي بچاءَ تي اچيس - ان ڪال ڪوٺڙيءَ بند اونداهي ڪوليءَ ۾ بند ٿيڻ کان، پر ان ڳالهه تي گهٽو ڏيان ڏيئي پهرين تاريخ جي مزي کي وڃائڻ نٿو گهري. جلدي جلدي ۾ ڊسپيچ جو ڪم پورو ڪري - رجسٽر بند ڪري - ڪجهه ڪوٽيشن ناهي، باقي سپاٽي لاءِ رکي ٿو ڇڏي. اُن وقت ياد ٿو اچيس تہ سپاٽي سيٽرڊي آهي ۽ ڪيس آفيس ۾ رڳو اڌ ڏينهن ويهڻو پوندو. هلڪي، اڻڇتي خوشي محسوس ڪندي، هو ڪرسيءَ تان اُٿي، پهرين ٿوري دير لاءِ بيهي، ويندڙن جو جائزو وٺي ٿو. سپني جا ڪنڌ هيٺ فائيلن ۾ جهڪيل آهن. ڪنهن جو بہ ڏيان ڏانهس نٿو وڃي، سواءِ ٽيليفون آپريٽر ڪئٿرائين جي، جا هن کي نهاري مرڪي ٿي ويهي. هي بہ مرڪي، ڪنڌ ڦيري، آهستي - آهستي هلندو اچي ڊسوزا جي ٽيبل جي پرسان بيهي ٿو ۽ مرڪي رسمي جملو چوي ٿو، جيڪو هو آفيس ۾ صبح کان وٺي الائي ڪيترا پيرا چئي چڪو آهي.

- هيلو، ڊسوزا - هاءُ آر يو؟

- پرٽي گڊ، (ڊسوزا ڪنڌ مٿي کڻي مرڪي، هن کي نهاري چوي ٿو.) هاءُ اباوٽ يو؟

- ويل، سو فار سو گڊ. (هو گنل - پينل جواب ورجائيندي پڇي ٿو) واٽ از ٽائيم؟ مسٽر ڊسوزا -

ڊسوزا پنهنجي ڏبي جهڙي واچ کي آڱوٺي ۽ ڏسڻي آڱر سان جهلي - اکين جي ويجهو آڻي وراڻي ٿو.

- اون... ٽين پاسٽ ڦري.

ڪجهہ دير ترسي ڊسوزا جو منهن جڻ ڀڪي ٿو اُٿي، کلي چوي ٿو.

- او آءِ سي، ٽو ڊي از فرسٽ.

هو ڊسوزا جي ان ڳالهه تي خالي مرڪي ٿو. چوي ڪجهہ نٿو، مات ۾ رهي ٿو. وري خود ڊسوزا ئي چوي ٿو.

- انجوائي - انجوائي ماءِ بواءِ. اِٽس هاءِ ٽائيم فار يو ٽو انجوائي، وين يو ول ميري اينڊ هيو اَ چلڊرين دين يو وڊ رئلائيز دئٽ هائو ڊفيڪلٽ از ٽو لِو

دئٽ اگلي ايند مزوبل لائيف. اٽس يور ايچ ايند ٽائيم ٽو انجوائي. انجوائي ايئز مچ ائيز يو ڪين، ڊونٽ ٿنڪ اباﺋوٽ ٽومارو، ٽومارو ول نيور ڪم ان اور لائيف. يو مسٽ لو ايچ پاسنگ مومينٽ ٽو دي فل. يو نو ماءِ باءِ، لائيف ايند لَو آر ايڪسيلنٽ پرفيڪٽ انسٽرومينٽس آف ٽارچر.

ڊسوزا ٿڌو ساهه پري، ڪرسيءَ تي ڍرڪي، ڇت ۾ گهورڻ ٿو لڳي. هن کي ڊسوزا جا اهي اُپديس نه وڻندا آهن. پوڙهپڻ به عجيب خواري آهي. هو ويچاري ٿو-پوڙهپڻ ۾ ماڻهو اجايو پاڻ کي اگنور ٿيندو ڏسي، ٻين کان پاڻ لاءِ عزت ۽ احترام وڃڻ ۽ پاڻ کي نوبل ۽ مارڪڊمين مڃائڻ جي اجائي بيڪ پنندو ٿو رهي. ڊسوزا کي ڪوبه جواب نه ڏيئي، ان کي ڇت ۾ گهوريندو ڇڏي، هو اُتان هلي ڇيڙي تي ٽائيپسٽ هيلن وٽ اچي بيهي ٿو، ۽ ايوننگ پيپر ڏانهن هٿ وڌائي چوي ٿو.

- مي آءِ سي اِٽ پليز؟

- او يس يس، واءِ نات.

هيلن مرڪي، خاص انداز سان چوي ٿي.

هو ٻاهرين پيج کي ڏسڻ بنا ئي، اندرين پيج تي فلمن جا اشتهار ڏسڻ لڳي ٿو، ۽ هيلن چوي ٿي.

- يو نو دس ٽائيم فلسٽينيننس هيز هائيجيڪڊ نيويارڪ باﺋونڊ پلين آف ائير فرنس، يو نو وٽ فارٽي ايٽ جيوز آن بورڊ آءِ ٿنڪ عربس ول نيور ليٽ ديم گو. دي ول ڪل آل آف ديم.

يَئس، آف ڪورس، دي ڊو.

ڪيس پنهنجو اهو مختصر جواب بلڪل وائڙو، اڇاترو ۽ ان ڊفرنٽ ٿو لڳي. ڪجهه وڌيڪ به چوڻ ڪپندڊو هو، ڪا ٽيڪا ٽپڻي، هو سوچي ٿو ۽ نيڪ ان مهل سندس نظر هڪ اشتهار تي اٽڪي بيهي ٿي رهي. ’مندم بوناري‘ ريو سئنيما، ۽ هو پيج ورائي آخري صفحي تي پنهنجي اچوڪي ڏينهن جو هار اسڪوپ پڙهڻ ٿو لڳي، ’گڊ دي فار لِو افئيرس، آئوٽنگ وڊ بي ايڪسيلنٽ، اوائيڊ فرام لانگ جرنيِ ائيز ديئر از پاسيبليٽي آف ايڪسيڊنٽ. فئملي اَفيئرس ول بي ٽينسو، بٽ ٽرائي ٽو ايڊجسٽ. ڊسڪشن وٽ فرينڊس وڊ ليڊ ڪئرال. هيئر

از برائٽ چانسز ان انويسٽمينٽ. بارومني.'' هو اخبار رکي، مرڪ سان هيلن ڪي ٿئنڪس چوي ٿو ۽ هوءَ بہ جواب ۾ مرڪي ٿي. اُتان هلندو هو پنهنجي باس وٽ اچي پهرين ٿوري دير لاءِ ٽيبل جي اڳيان بيهي ٿو. پوءِ انتهائي، نماڻائيءَ سان، پولائيٽلي موڪل گهري ٿو. سندس باس ڪاغذن مان ڪنڌ مٿي کڻي ڏاڍين خارن مان ڏسي، ڪجهہ وقت جڪ ڪائڻ ڪانپوءِ، ڪنڌ سان ها چئي، اکيون ڪاغذن ۾ کپائي ٿو ڇڏي.

ڪئٿرائين کيس پنهنجي باس هٿان بي عزتو ٿيندو ڏسي، هن کي نهاري، مخصوص انداز ۾ دبيل شرارتي مرڪ، مرڪي پئي ۽ هو ٽڪڙو ٽڪڙو هلندو ڪئٿرائين تي جوابي مرڪ اُڇلائيندو، در کان ٻاهر نڪري ٿو اچي. کيس بي عزتو ٿيندو ڏسي ڪئٿرائين اکين ئي اکين ۾ جيڪا دبيل شرير مرڪ، مرڪندي آهي، سا کيس ڏاڍي وڻندي آهي. سوچي ٿو، هوند مونکي بہ اهڙي مرڪ واري ڪا محبوبہ ملي. هيءَ زندگي بہ ڪيڏي نہ ذليل آهي، آءٌ وري ڪهڙو ٿو ڪو مونالزا جي مرڪ واري محبوبہ جي خواهش ڪريان. اها ننڍي آس بہ... ان ئي مهل کيس احساس ٿو ٿئي تہ رڳو آءٌ ئي اڪيلو آهيان سڄي آفيس ۾ جنهن کي واچ ناهي، جڏهن تہ پٽيوالن وٽ بہ واچون آهن. وري سوچي ٿو، ڪا بہ ڇوڪري هڪ وقت ٻن ماڻهن سان بہ تہ پيار ڪري سگهي ٿي. ان سان ڪهڙو فرق پوندو. ڪئٿرائين مون سان بہ پيار ڪري تہ جيڪر... يا رڳو مون سان ئي پيار ڪري، سندس بواءِ فرينڊ کان تہ آءٌ وڌيڪ سهڻو آهيان.

ڪراچي اليڪٽرڪ سپلاءِ ڪارپوريشن جي بلڊنگ وٽ اچي اهو خيال ايندي ئي ٽڪڙو-ٽڪڙو هلڻ ٿو لڳي تہ نئين فلم آهي-اڄ پهريون شو آهي، متان ٽڪيٽ نہ ملي. هو ظفر ماربل وٽان ڊوڙي رستو پار ڪري ٿو ۽ ڪيفي نيويارڪ تائين ذري گهٽ ڊوڙندو ٿو هلي. اتان ئي سئنيما جي اڳيان ماڻهن جو تمام وڏو انبوهہ ڏسي ٿو، ٻاهرين گيٽ تائين. هيٺئين درجي جي ٽڪيٽن جون قطارون. قطارون چيريندو، گئلري جي ٽڪيٽ وندو ڏانهن وڃي ٿو ۽ سولڊ آئوٽ جو بورڊ پڙهي، کيس سخت قسم جي مايوسي ٿي ٿئي. هو ٿڪل قدم کڻندو، حسرت ڀرين نظرن سان ڏهين-ڏهين قطارن کي ڏسي ٿو. جنهن مهل هو وائڙن جيان ڏسندو، سئنيما جي ڪمپائونڊ کان ٻاهر نڪري ٿو، ان ئي

وقت - قطارن کي ڏندن سان سڌو ڪري بيهاريندڙ مڪراني وڏي اچي ڪيس چوي ٿو :

- راجا ٽڪيٽ ڪپي چا؟

بنا ڪجھ ڪڇڻ جي ڪنڌ لوڏي ها ڪري ٿو.

پندرهن رپيا - ڊريس سرڪل، ڪپي تہ وٺي اچان.

ڪجھ ڀڙتر ڪان پوءِ هو - ڪيسي مان پندرهن رپيا ڪڍي مڪرانيءَ کي ڏئي ٿو ۽ اتي ئي ٿهلڻ ٿو لڳي، جيستائي مڪراني ڪيس ٽڪيٽ آڻي ڏئي ٿو. هو هلندو، رش ۾ چيپاٽجندو - سئنيما هال ۾ اچي سڪ جو ساھ کڻي ٿو، ۽ شوڪارو پري سيٽ تي ويهي، خميس جون ٻانهون ڪنجي مٿي ٿو ڪري. اجايو گوڙ ۽ هنگامون ڪيس سخت اذيت ڏيئي رهيو آهي. ڪيڏو نہ گوڙ آهي، ويل مٿو پيو آهي. ڪنن جا پڙدا ٽا ڦاٽن، هو ويچاري ٿو. اهو گوڙ ان وقت جهڪو ٿئي ٿو، جڏهن هال جون لائيٽس آف ٿين ٿيون ۽ اشتهاري ۽ ڊاڪيومينٽري فلمن هلڻ وقت بلڪل ناپر ٿي وڃي ٿي. انٽرويل ۾ وري ساڳيو گوڙ، هنگامون رڙيون - ڪيس پنهنجو مٿو ڦاٽندو ٿو لڳي. هيڪر ويچاري ٿو - اُٿي وڃان، پر پاڻ تي جبر ڪري، اڪيون پوري وينو رهي ٿو. هال ۾ وري ان وقت ماٺ چانئجي وڃي ٿي جڏهن انٽرويل ڪان پوءِ اصل فلم شروع ٿئي ٿي. ٽائيٽل ڏيکارڻ وقت هو اُچار ڪري نالا پڙهڻ ٿو لڳي ۽ چپن ئي چپن ۾ پٽڪي ٿو. گوڙ بند ٿيڻ جي ڪري ڪيس آرام محسوس ٿي رهيو آهي. فلم شروع ٿيڻ ڪانپوءِ مٺڊم بوناري جو ڪردار ڪندڙ چوڪريءَ کي ڏسي ويچاري ٿو، ڊائريڪٽر چوريِ تہ واھ جي ڪنئي آهي - چوريِ ڪا آهي چا ! قهر جي سهڻي آهي ! ڪيس لڳي ٿو تہ سندس هٿ ڏکن پيا ۽ سڄي جسم ۾ هلڪي ڏڪاڻي آهي ۽ هر هر سيسڙاٽ پيا اُيرن. چوريءَ جو جسم ڪو آهي چا ! ابو. حور ان ڪان وڌيڪ هوندي چا ! چا تہ چوريءَ جون سٽرون ۽ ڇاتيون آهن ! سوچي ٿو، اچ پهريون شو آهي تڏهن ان سينسرڊ ٽڪرا پيا ڏيکارين. ريو وارا ائين ڪندا آهن - اچا بہ شايد لاسٽ شو ۾ وڌيڪ ڪجھ ڏيکارين.

هو فلم جي پڇاڙيءَ تائين، ائين بنا سوچ ۽ چرپر جي ٽڪ ٻڌيو پردي ڏانهن ڏسندو ٿو رهي. آخري سين ۾ بوناري جي اذيت ناڪ حالت ۾ آپگهات

مهل هو سڄو ڊسٽرب ٿي ٿو وڃي. ٻاهر نڪرندي، ڪيس لڳي ٿو- سندس جسم مان سڄو ست نڪري ويو آهي. دماغ بلڪل خالي پيو لڳي. لونڊڙيون سور مان ڦاٽڻ ٽيون ۽ وات سڪي ويو آهي، هو هر هر ٽڪ ڳيهي ٿو. ڪاڌيءَ جي جوڙن ۾ سخت سور محسوس ڪري ٿو. خالي دماغ سان- بنا ڪنهن ويچار جي، ڪجهه وقت تائين هو به سئنيما مان نڪتل انبوهه، پيڙ ۾ گهلجندو، ٺڏجندو ٿو هلي. ۽ پوءِ ائين بنا ڪنهن ارادي جي، ڪجهه ويچارڻ جي، سمجهڻ جي، بي خياليءَ ۾ ان رستي تي مڙي ٿو، جيڏانهن سئنيما مان نڪتل ماڻهن جو رخ ناهي. ڪيس خبر ۽ سڌ ان وقت پئي ٿي، جڏهن هو هلندو- هلندو اچي وڪٽوريا روڊ جي ڇيڙي تي ميوزيڪل ڦوهاري وٽ اچي بيهي ٿو. ڪيس هاڻي خيال اچي ٿو، ڪجهه سوچيندي، ڪجهه ياد ڪندي ته نيم پٽاندڙ بوهري بازار مان خريداري ڪري، ڪيفي نيويارڪ تي ويٺو هو، جتي نه وڃي هيڏانهن هليو آيو آهيان، ويچاري ٿو هاڻي وڃان. ان مهل ڪجهه دير لاءِ اوڏانهن وڃڻ جو خيال لاهي ٿو ڇڏي ۽ سوچي ٿو، ڪجهه دير هتي بيهي پوءِ ويندس. ميوزيڪل ڦوهاري مان هوا جي جهوٽن تي ڪيڏي-ڪيڏي مهل گهلجي ايندڙ هلڪا، سنها پاڻيءَ جا ڇنڊا ڪيس سرور ڏين پيا. ڪيس پاڻيءَ جي هلڪن ڇنڊن جو منهن تي لڳڻ ڏاڍو وڻي ٿو. ٿوري دير لاءِ پنهنجي بيوسيءَ، مجبوريءَ، جلن، حسد واري حالت وساري، ڦوهاري مان نڪرندڙ پاڻيءَ کي عجب مان ڏسڻ ٿو لڳي. ڪيفي نيويارڪ تي وڃي ويهڻ جو خيال بلڪل بدلائي ٿو ڇڏي.

فلم جو ذهن ۾ ايندي ئي سندس اڳ واري حالت موٽي ٿي اچي. ڪيس ڪجهه به سٺو ۽ نيڪ ٿيندو نٿو لڳي. هو شدت سان محسوس ٿو ڪري ته آءٌ ڪيڏو نه پرورٽيڊ آهيان، نه پرورٽيڊ جي ڪئٽيگري ۾ آءٌ نٿو اچان. ڊپرائيوڊ آهيان، سيڪشئولي، جو ايتري ڳالهه تي، ان حد تائين ڊسٽرب ٿي ويو آهيان. ذليل سوسائٽي، گندي، مڪروهه، ڪيس پنهنجو پاڻ تي ڏاڍو رحم ٿو اچي.

اچانڪ هو محسوس ڪري ٿو، سندس پير مان تيز رفتار ڪار لنگهندي، جتي هو بيٺو آهي، سا جاءِ بيهڻ، ويهڻ لاءِ نيڪ ناهي، بيهڻ جوڳي ته بلڪل ناهي. هن چوڪ تان پنجن ڏسن ڪان ٽرئفڪ اچي، هلي ٿي. چوڌاري رش آهي، ڪارون، ٽئڪسيون، ٽرڪون، بسون، رڪشا، اسڪوٽر- نه ڪٽندڙ سلسلو-

وهندڙ دريا. اُتان روڊ پار ڪري، ريڪس چيمبر جي سامهون واري پيٽرول پمپ جي ڪنڊ واري ننڍڙي پارڪ ڏانهن وڃڻ جو سوچيندي، چاهيندي به، ان ساڳئي هنڌ تي اٽڪيو بيٺو آهي، جتي ڪجهه دير اڳ بي خياليءَ ۾ اچي بيهجي ويو هو. ڪجهه ان انداز سان جڻ پاڻ ۾ ڦوهاري جو ئي ياڳو آهي، جڙيل، ڳنڍيل، نه ڏار ٿيندڙ. ڪيڏو نه سنو ٿئي، هو ويچاري ٿو، جي ائين هجي، ماڻهو اچن، ڏسن، هٽ ڦيرين - آءٌ ائين ئي اٽ ئي پهر بيٺو رهان، بنا ڪنهن سوچ جي، خيال جي، پيڙا جي. چنتا جي، بي جان، بي حس. بتن ڪي، مورتين کي نيٺ چنتا ڇا جي، چنتا ڪهڙي؟

ڪيترا پيرا رش جهڪي ٿي آهي، روڊ آسانيءَ سان پار ڪري سگهجي ٿو، پر ڪجهه سستي، ڪجهه بيوسي، ڪجهه فيصلو نه ڪري سگهڻ، ڪجهه - ڪجهه به نه جي ڪارڻ بيٺو آهي - ائين، خوامخواه، هرويرو، آءٌ به ڪو وڏو ذهني مريض آهيان، نيورو سائيڪو پيٿڪ، ويچاري ٿو - ڦوهاري مان نڪرندڙ پاڻيءَ کي گهوريندي، دماغ ۾ نوس فيصلو ڪٽي سئنيما مان ٻاهر نڪتو هوس، جو اڳ ۾ طئه ٿيل هو... نه ائين ناهي سئنيما مان بلڪل خالي دماغ سان نڪتو هوس، فيصلا سڀ اڳ جا ٿيل هئا - نيم آهن، اڄ ئي نيم جي اُبتڙ ائين ٿي ويو آهي، ۽ هاڻي بوريت ۽ ذهني عذاب ۾ ڪجهه به سمجهه ۾ نٿو اچي ۽ ڪيڏانهن جي سوال ۾، ۽ ڇا جي لاءِ - جي ٻئي سوال ۾ اُلجهي، منجهي هڪ هنڌ تي بيهجي ويو آهيان، جڏهن ته پروگرام سڄو تيار ٿيل آهي ۽ سڄي سلسلي سان ياد آهي، جنهن تي عمل ڪرڻ تي دل ئي نٿي ٿئي. ائين ته وڃڻ تي ڪيڏانهن منهن واهه به ڪري وڃي سگهجي ٿو، هتي بيهڻ پنيان اهڙي لاچاري، ڪو ڪارڻ به ته ناهي. هو ويچاري ٿو گهٽ ۾ گهٽ ڪو مڏو، انڌو، چسو ڪارڻ ئي هجي، جنهن کي ڪٽي من کي آٿت ڏيئي، بيهڻ لاءِ پاڻ کي جسٽيفاءِ ڪري. بيو نه ته گهٽ ۾ گهٽ ٿوري دير لاءِ ته سک سان بيهي سگهجي. نه ته بي حالت ۾ ته... نه سک ملٽو ناهي، ڇا منهنجي هجڻ کي ڪو ڪارڻ آهي، هو ويچاري ٿو، پوءِ به زنده چو آهيان. نه، ناهي ڪارڻ جيئري رهڻ لاءِ به. پر آءٌ به ته ليونگ ايڊڪٽ آهيان، ڊرگ ايڊڪٽ جيان نه چاهيندي به - ساڳي جاءِ تان چري نٿو - بيٺو آهي، لاچاري، بيوسيءَ جي حالت ۾، آوازن،

انيڪ آوازن جي وچ ۾ منجهيل قاتل. ڪيس لڳي ٿو پيرن ۾ ڏارڻ پئجي ويا آهن جو چرن نٿا - دماغ ۾ پيرن جي وچ ۾ نسن جو سلسلو ٽٽي ويو آهي. نہ ڏسڻ ڪپي ها اهڙي فلم جنهن سڄي هستي ڏوڏي، محرومين، ناڪامين، نااميدين، رجيڪشنس، ذلتن، اذيتن ڪي سامهون آڻي بيهاري ڇڏيو آهي.

جنهن وقت هو ان اذيت ناڪ حالت ڪي محسوس ڪندي بيوسيءَ مان، خالي خالي نظرن سان هيڏانهن - هوڏانهن ڏسي رهيو آهي، ان وقت سندس نظر اوچتو رئڪس چئمبرس وٽان ايندڙ ڇوڪريءَ تي پوي ٿي. هٿ ۾ لٽڪندڙ پرس، اڌ منهن ڍڪيل، گهيريدار برقعو، ڇيلهه وٽان سوڙهو-ڪجهہ ڍڳهي، ڪجهہ سنهڙي، هلڻ جي چال عجيب، ڪجهہ موهيندڙ. ٻانهن جي پٺ طرف ڪجهہ عجيب اُڇل. پويان لڳانس، سوچي ٿو. هلندي ڪٿي متان نهي پوي. پوءِ وليج يا گرانڊ ريسٽارنٽ ۾ ويهاري اڳهہ طئہ ڪيانس. سڀ ڀڳهار ڪپائي پوءِ ڇا پنندس وجي ڇا؟ سڄو مهنو پيو آهي. ڇڏ اجايو-وري اها بہ ٻي بوريت پاڻ تي مڙهجي. پاڻ ڪي آئت ڏيارڻ لاءِ ويچاري ٿو، نهندي ٿورئي- ان لاءِ بہ ٽئڪٽس گهرجن. ڦاسائڻ، هلندي رستي تان وڏو فن آهي.

ڇوڪري هاٿي گهٽو اڳتي نڪري نظرن کان اوجهل ٿيڻ جي حد تائين وڃي پهتي آهي. نيڪ آهي هتي اهڙيون ڇوڪريون تہ اينديون ئي رهنديون آهن. هيءَ ڪا حور پري بہ تہ ڪانهي.

نہ ڏسان ها فلم -اجايو-بڪواس-بوريت. ڪجهہ بہ ڪيس سمجهہ ۾ نٿو اچي تہ ڇا ڪجي؟ ذهن تي هلندڙ فلم جا ان سينسرڊ ٽڪرا-عذاب، پيڙا-حرامزادن کي پڳهار بہ اڄ ئي ڏيڻو هو. اڄ نہ تہ... ڪا اهڙي ڳالهہ ٿي پوي ها-ٽڪيٽ نہ ملي ها-اهو مڪراني بہ ماءُ جو... ائين-آنڊ مانڊ ۾، بنا سوچ جي، اٽڃاٽائيءَ ۾، تيز ٽرئفڪ جي وچان، ٽڪڙو-ٽڪڙو روڊ ڪراس ڪري فٽ پاٿ تي اچي ٿو. ڪنهن گاڏيءَ جي هيٺان اچي وڃان ها ائين تہ... اهو ويچاريندي سندس لڱن جا وار ڪانڊارجي ٿا وڃن، ۽ هو فٽ پاٿ تان لهي نِنڍڙي پارڪ جي چبر تي اچي، بيهي چوڏس، گهوري ۽ ڇتائي ڏسي ٿو. چبر تي ڪي ماڻهو تاس کيڏي رهيا آهن ۽ ڪندن وارين ٽنهي ٻئنچن تي پوڙها ٽنگون ٽيڙي ستا پيا آهن.

اوڏي مهل سندس من ۾ طارق روڊ ڏانهن وڃڻ جو خيال ٿو اڀري. اُتي چوريون جام آهن، ڪا هٽ ڪريان، پر وٺي ڪيڏانهن ويندس- ان ڪوليءَ ۾. سندس ذائقو بدلجي الُٽيءَ جهڙو ٿي وڃي ٿو. هو ڪراهت مان ٽڪي ٿو ۽ هلندو ٻين ڪان پرپرو ٿي، چپر تي ويهي رهي ٿو. گوڏن جي چوڌاريءَ ٻانهون وڪوڙي. لونڊڙين وٽ رت جو وڏيل داٻ، مٿو ڦاٽي ٿو چڙ. وڃان ! ڪيڏانهن جو سوچي، من جي الُجهن ٻچڻ ڪاڻ هو ٽنگون سڌيون ڪري، پويان هٿن جون ترئيون ڪوڙي ايزي ٿي ويهڻ جي ڪري ٿو، ۽ پوءِ مٿي هيٺان هٿ ڏيئي سڌو ٿي ليٽي ٿو پوي. بي معنيٰ آهي، سڀ ڪجهه-بي مقصد، ارٿ هيڻ، سيڪس، سونهن، احساس، جذبا، خواهشون، پيو ته پيو-آءٌ پاڻ به، جيون، جيون لاءِ بدصورت، مڪروه چاهه. جيئڻ جو مواليپڻو-سڀ موالي آهن، جيئڻ جا.

مونجهه، بيچيني ۽ آنڌ مانڌ ڪان تنگ ٿي پهرين اُٿي ويهي ٿو، گوڏن کي ٻانهن ۾ وڪوڙي، ۽ پوءِ اُٿي بيهي ٿو رهي. اُٿيس ته سهي، سوچي ٿو، اُٿيس ان ڪري جو، ويهي. سمهي، ليٽي نه سگهيس ۽ هاڻي ڪيڏانهن وڃان. بهتر ٿيندو، ايلفيءَ تي وڃان، بڪ اسٽال تي بيهي، پٽ شٽ هٽي؛ چوريون ڏسي موڊ ٺيڪ ٿي ويندو ۽ پوءِ سڌو ونرس بار ۾ وڃي، وسڪيءَ جا ٻه ٽي پيگ چاڙهي- گهر هليو وڃان. واهيات-ڪچو شراب خالي پڳڙا.

پهرين تاريخ جي هر نيم جو اڻين ٽٽندو، ذرا-ذرا ٿيندو ڏسي ڪيس سخت نراسائي، عذاب، پيڙا-ٿئي ٿي. پر ڪري ڪجهه به نه نٿو سگهجي. اڻين ماڻهو پنهنجو پاڻ اڳيان ايترو هيڻو، بيوس، ڪمزور ڇو ٿو ٿي وڃي. زندگيءَ ڪان وڌيڪ بدصورت ۽ بدبودار شيءِ ٻي ڪانه هوندي. ڪيس لڳي ٿو-هن وشال ڌرتيءَ تي آءٌ ئي آهيان اڪيلو-ڪٽيل، جمڻ ڪان وٺي ڏک ڍوئيندو رهيو آهيان، شايد نه پر پڪ ئي پڪ مرڻ تائين ڏک ڍوئيندو رهندس-ڪو اذيت ناڪ موت مرندس.

فٽ پاٿ تي جتي هو بيٺو آهي، ان ڪان پرپرو، ڪجهه ويجهو، هڪ سهڻو جوڙو اڀي بيٺو آهي-ٽئڪسيءَ جي انتظار ۾. ڳاڙهي رنگ جي ساڙهيءَ ۾ اوڀيل ڳوري حسين ڇوڪري. ننڍي آهي، لڳي ته اڻين ٿو. پنهنجي اٿس. يار، محبوبه هوندس. خوشنصيب آهي ڇورو. هن کي سخت ساڙ لڳي ٿو. من ئي من ۾ جلي، ڪامي، پڇري-عجيب قسم جي مونجهه وڃان-ڇوڪريءَ جي

باري ۾ انتهائي گندي ۽ ولگر نموني سان سوچي ٿو. سندس من ۾ زوردار خواهش اُڀري ٿي تہ ڪجهہ دير تائين ٽئڪسي نہ ملين - بينا هجن تہ... اها ڇوري ڪو مون سان گڏ هجي تہ ڪو...

هن جي ڳالهائڻ مهل، ڳالهين جا ڪي ٽڪرا، ڪٽيل - ڦٽڪندڙ، اڳ يا پوءِ جا ٽڪرا، ڪنهن مهل اُڏامي هن جي ڪنن سان ٽڪرائجن ٿا. هو لاڳيتو تڪ ٻڌيو، ڇوڪريءَ کي نهاريندو ٿو رهي. ڇوڪريءَ جي مرڪ، ڇهري جا پاءُ ٺهڪ- جڻ ڪنهن مڌر سنگيت جيان. ڇوڪريءَ جو هر انداز - ايڪشن سندس اندر ۾ چير پيو وجهي - اهو ڪتي جو پٽ ڪو اتي مري پوي تہ - اهو ويچاري ڇوڪريءَ کي ڏسندو ٿو رهي. ڪيس پنهنجي هستي ڏڏندي، لڏندي، ٽڪرا - ٽڪرا ٿيندي محسوس پئي ٿي. هو منهن ڦيري ٻئي پاسي ڪرڻ جي ۽ ڇوڪريءَ جو خيال دل تان لاهڻ جي جاکوڙ ڪري ٿو، پر سڀ اجايو - بيڪار.

نيڪ اُن مهل خالي ٽئڪسي اچي بيهي ٿي، هو ٻئي ٽئڪسيءَ ۾ چڙهي ميري ويدر روڊ ڏانهن وڃن ٿا. هن جون نظرون، نظرن کان گم ٿيڻ جي حد تائين ٽئڪسيءَ جو پيڇو ڪنديون رهن ٿيون. اکين ۾ ڦرندڙ ڇوڪريءَ جو من موهيندڙ سهڻو ڇهرو.

هو بي خياليءَ ۾، سمجهہ ۾ نہ ايندڙ چڪ تي، روڊ ڪراس ڪري، ميوزيڪل ڦوهاري وٽان ٿيندو - ميري ويدر روڊ تي اچي چرچ جي پاسي کان، آهستي - آهستي ان طرف وڌڻ ٿو لڳي، جيڏانهن ٽئڪسي ويئي آهي. ميٽروپول هوٽل واري چوڪ تي اچي، پنهنجو پاڻ ۾ موٽندي، وري بہ ڪيڏانهن - کهڙي پاسي وڃڻ جي چڪر ۾ مُنجهي بيهي ٿو رهي ۽ سوچي ٿو، ولبيچ ۾ وڃان، چانهہ پيئان ۽ ميوزڪ ٻڌان. جنهن مهل هو اها ڳالهہ سوچي ٿو - ان مهل اچانڪ جهٽڪي سان سندس نظر ايپز ريسٽارنٽ جي ويجهو بينل هڪ عورت تي پئي ٿي. هن جي بدن مان سيسرات نڪري ٿا وڃن، هلڪي ڏڪاٽي محسوس ڪندي، سندس هٿن تي پگهر مڙي ٿو اچي ۽ وات خشڪ ٿِي ٿو وڃيس. چالو آهي، بيهڻ ۽ نهارڻ جي انداز مان ئي صاف ظاهر آهي. پر متان ڪنهن جي انتظار ۾ نہ هجي. سندس قدم پاڻهي - جاڻي سندس مرضيءَ جي خلاف عورت ڏانهن وڌڻ لڳن ٿا ۽ ٽنگن ۾ رفتار تيز ٿيندي محسوس ڪري ٿو، لڳيس ٿو تہ، ٽنگون ڄڻ پنگ گهوٽي رهيون هجن. عورت جي ويجهو ايندي - ايندي ڪيس

لڳي ٿو، منهن ڳرو ٿي ويو آهي- اکين تي بار پيو لڳي. پڪ سچو منهن ڳاڙهو ٿي ويو هوندو، ڪن جي پاپڙين جيان، جن مان ڇڻ باهه پئي نڪري. جيئن ئي هو عورت جي سامهون اچي ان کي نهارڻ جي ڪري ٿو ته سندس قدم ۽ دل جي ڌڙڪڻ بئي تيز ٿي وڃن ٿا. ڪجهه هٽي پري ٿيڻ جي ڪري ٿو ته عورت خود ئي مرڪي، هن کي اک هٽي، ڪنڌ ۽ اکين جي اشاري سان سڏي ٿي. ٺيڪ ان وقت ڪيس لڳي ٿو، دل ٽپ ڏيئي ٻاهر نڪري ايندي. سندس هانوَ ٻڏڻ ٿو لڳي- پر پوءِ به سندس قدم پاڻهي بيهجي ٿا وڃن ۽ رڦندڙ لڱن کي سنڀاليندي ڳيتون ڏيندي، گهٽيل، ڏڪيل، رڦندڙ، ڦٿڪندڙ لفظ نڪرن ٿا.

- ڏي خبر- ڇا حال آهي؟

- ٺيڪ آهي.

عورت مختصر جواب ڏيئي، هن جي منهن ۾ تڪي مرڪڻ ٿي لڳي. ڪيس عورت جي مرڪ چٽڙ واري لڳي ٿي. مون تي ۽ منهنجي حال تي کلي ٿي شايد. ٿڪ ڳيهندي، ڳيتون ڏيندي به ڪيس ڪجهه به سمجهه ۾ نٿو اچي ته ڪيئن ڳالهايان. ڇا چوان؟ ڪيئن شروعات ڪريان؟ زبردست آنڌ مانڌ مان، ڪجهه نه سُجهندي، بي اختيار سندس وات مان ٽٽل لفظ نڪرن ٿا.

- گهڻو- گهڻو وٺندينءَ. (ڪيس احساس ٿئي ٿو ته هن غلط ڳالهايو آهي، بلڪل بي ڍنگو سوال ! ڇا سوچيندي.)

- هلڻو ڪٿي آهي. (عورت ساڳي ڦڪي- مڙهيل مرڪ سان پڇي ٿي.)

- پير- پير ڪالوني- اُتي منهنجو گهر آهي. (ڪيس اهو اضافي جملو اجايو ٿو لڳي، عجيب چوتيو آهيان، هڪ عورت جي سامهون- هو پاڻ ۾ قوت ۽ ڦڙتي آڻڻ جي ڀرپور جاکوڙ ڪري ٿو- پر سڀ بيڪار.)

- چاليهه رپيا ڪلاڪ جا. (عورت مڪينيڪل انداز ۾ کلي وراڻي ٿي.)

- ها ٺيڪ آهي. (ان ڪانپوءِ ڪيس ڪجهه به سمجهه ۾ نٿو اچي ته هاڻي ڇا ڪرڻو آهي.)

- ٽئڪسي ڪر يلا.

عورت، عجيب واهيات نخري سان چوي ٿي ۽ هن جو وڏي ۾ وڏو مسئلو حل ٿي ٿو وڃي. اهو ئي ڪرڻو آهي هاڻي- اهو ويچاري، هو ٽئڪسيءَ لاءِ هيڏانهن- هوڏانهن گهتون هڻڻ ٿو لڳي. ڪيس ڪجهه وقت اڳ ڏٺل جوڙو ياد

اچي وڃي ٿو ۽ هاڻي هو به پاڻ کي خوشنصيب ٿو سمجهي.

عورت خود ئي هڪ ٽئڪسيءَ کي هٿ جي اشاري سان بيهاري، پويون در کولي-در ۾ هٿ وجهي بيهي ٿي رهي، اندر ويهي نٿي. جڏهن هو سِري ويجهو اچي ٿو ته عورت چوي ٿي.

- ڏي چاليهه رپيا.

- هتي ڏيان-نه نه اتي هلي ونج-گهر ڏيندس هلي. (هو عجب ۾ ڪجهه ڊپ پريل اکين سان عورت کي نهاريندي چوي ٿو.)

- نه، پئسا هتي ڏي، پوءِ جيڏانهن تنهنجي مرضي ٿئي اوڏانهن وٺي هل، پر پهرين پئسا ڏي.

ٽئڪسيءَ واري جون نظرون، هلندڙ ماڻهن جو پوَ عورت جو ضد، هن جو سڄو بت پگهر مان شل ٿي وڃي ٿو. وڌيڪ گيهه-پيهه کان بچڻ لاءِ پريشانيءَ وچان، کيسي مان پئسا ڪڍي ڳڻي چاليهه رپيا عورت کي ڏئي ٿو. عورت پئسا وٺي، ٽئڪسيءَ ۾ وهڻ جي بدران، ٽئڪسيءَ جو دروازو زور سان بند ڪري، فٽ پاٿ وٽي ٽڪڙي ٽڪڙي وڃڻ ٿي لڳي. هن جو سڄو هانو ٻڏي ٿو وڃي. جسم سيٽجي ٿو وڃي ۽ مٿس عجيب قسم جي وحشانيت سوار ٿي-ٿي وڃي ۽ دماغ جون رڳون-هٿن جون نسون تاڻجي ٿيون وڃن. هو ڊوڙي ست ڏيئي عورت کي چوٽيءَ کان جهلي، هڪ هٿ پرس ۾ وجهي ڇڪيندي، عجيب وحشانيت واري آواز ۾ دٻيل-گهٽيل غير انساني رڙ ڪري ٿو.

- پئسا واپس ڪر حرامزادي، پيڻ جي...

عورت خوفناڪ-پوائتي ريهه ڪري سڄي ڦري ٿي اچي ۽ هڪ هٿ سان چوٽي ڇڏائيندي، ٻئي هٿ سان هن کي ڳل تي، ڪن وٽان زوردار چماٽ وهائي ٿي ڪڍي. هن جا ٻئي هٿ، چوٽيءَ ۽ پرس مان نڪري ٿا وڃن ۽ لڳي ٿو ڌرتي، آسمان ڦرڻ لڳا آهن. هر شيءِ ناچ ڪندي نظر ٿي اچيس، ڪيس محسوس ٿئي ٿو، هو ابتو ٿي سڌو ٿي ويو آهي. هن کي ڪجهه به سمجهه ۾ نٿو اچي ۽ هوش وڃائي خطا ٿي-پوري سگهه-زور سان ڊوڙڻ ٿي لڳو. ان ئي ڪن ۾ ڪيس لڳي ٿو سخت ڌڪاٽيءَ جي ڪري، ڪري پوندو. موڙ-مڙندي-رفتار گهٽائي-پنيان مڙي ڏسي ٿو، پويان ڪير به ڪونهي. هاڻي ڪيڏي مهل تيز ۽ ڪيڏي مهل آهستي هلندو واپس ميوزيڪل ڦوهاري ڏانهن وڃڻ ٿو

لڳي. اڳتي وڌندي، گوڏن ۾ زبردست سور محسوس ڪري ٿو. ڪيس لڳي ٿو هر وک تي، هاٺي ئي ڌهي ڪري پوندس. ٽنگون جڻ وڍجن پيون.

وڏي اذيت، پيڙا ۽ ٽنگن ۾ سخت سور مان به تي وکون کٽي، هڪ وڻ کي ٽيڪ ڏيئي بيهي ٿو رهي. سندس سڄا لڱ ڏڪن پيا ۽ دل تيز تيز ڌڙڪي پئي. لڳيس ٿو، هاٺي بيني - بيني ڪيرو ٿي ڪري پوندس. ٽنگن مان ست صفا نڪري ويو آهي، جڻ ته ڪاٺ جون ٺهيل هجن. سڄو جسم ساٺو - نستو ٿي ويو آهي. تيز اُڀا ساهه کڻندي ويچاري ٿو - الاهي ماٺهن چا ڏنو هوندو - لڳو ٿي ته ڪجهه ماڻهو هليا پيو اُتي، ٽئڪسيءَ وارو به... جي جهلن ها ته موچڙا هڻن ها ! مون کي الائي چا ٿي ويو - پئسا وچي ڪڏ ۾ پون پر... بر اهو ايترو جلد، ايترو تڪڙو ٿيو جو ڪنهن جو به ڌيان نه ويو هوندو - جي ويو هوندو به ته هو سمجهي نه سگهيا هوندا. ڪجهه به پر پاڳ پلا هئا بچي ويس.

تيز ساهه کڻندي، ساه اندر مان، چاتيءَ مان، ڪجهه سڙڻ ۽ نڙيءَ کي وڍڻ جي انداز ۾ نڪري ٿو. دل جي ڌڪ ڌڪ اجا به تيز. هو اُجهامڻ تو لڳي. هن ئي ڪن ۾ ڪري پوندس ڪيرو تي - بيهوش، سڄو ڪنبي ٿو وڃي. پاڻ کي سنڀاليندي، جبر ڪندي، ڪنٽرول ڪندي، ڍنل، ڦاٿل، لڳ پڳ لڙڪن سان پريل اکيون ٽمڪائيندي، سڄو وڻ تي ڍرڪي ٿو پوي، سندس سڄو بار وڻ تي آهي ۽ پيرن تي زور اڳي کان وڌيڪ آهي. پيرن جي ترين مان جڻ ٽانڊا پيا نڪرن.

آهستي - آهستي، رستي تي، جاين تي، هلڪو - هلڪو انڌوڪار پکڙجي رهيو آهي. سج شڪست کاڌل، قتيل سپاهيءَ جيان ٻڏي رهيو آهي. جاين جا پاچولا وڏي وڏا ٿي ويا آهن ۽ سج جي مرندڙ روشني، جاين جي چتين کي، چنبڙي، آهستي - آهستي ڍرڪڻ لڳي آهي، هن جيان، هن جي ساهن جو سهڪو اجا به تيز آهي. ساهه - سينو - نڙي چيري ٻاهر نڪري ۽ اندر وڃي پيو. پر پوءِ به اڳي واري حالت ۾ ڪجهه، ڪي قدر سامت محسوس ڪري ٿو.

ڪيڏانهن وڃان؟ ويچاري ٿو. بس اسٽاپ تي وڃي گهر لاءِ بس ۾ چڙهان. نه هاٺي - رش هوندي، پير رکڻ جي به جاءِ نه ملندي. چاليهه رپيا مفت ۾ هليا ويا. هلي، ڪيئن هلي سگهندس، سڄو مهنو پيو آهي.

هاٺي ٿيل ذلت جي ٽنل ٽڪرن جو ذهن تي هر - هر دهراءُ ٿيڻ سان هو پاڻ کي سخت بي عزتو، ذليل ۽ ڪريل محسوس ڪري ٿو. وير پاڙڻ لاءِ ذهن

۾ هر- هر عورت کي مارڻ ۽ هُن کي اذيت ناڪ نموني رئيپ ڪرڻ جي فلم ذهن تي هلائي ٿو، هر- هر، بار- بار، عورت کي ڦٿڪندو، رڙيون ڪندو، ليلڙاٽيون پائيندي ڏسي ٿو. پر پوءِ به ذلت جي احساس ۾ گهٽتائي نٿي اچي. ويتر وڌندو ٿو وڃي، اهو ذليل، ڪنو، گندو احساس. پوليس ۾ هجان ها جيڪر، ٿاڻي تي وٺي وڃي سيني سپاهين، قيدين کان رئيپ ڪرايانس.

وڏيل اونڌهه سان گڏ ٽرئفڪ ۾ آيل واڌ ۾ هو وڻ تي ٽيڪ ڏيو بيٺو آهي. ساڳي حالت ۾. وڃان بڪ اسٽال تي ئي وڃان، پورنوگرافي وارا رسالا وڃي ڏسان، وري اها ئي مصيبت وڃي پرايان، هرويرو.

حرامزادو، ڪتي جو پٽ، گستاز فلابيئر- سالو ناول جو آخري حصو لکندي بيهوش ٿي ويو هو- سنو ٿيو، ذليل. ان کان به وڌيڪ ذليل جان اسڪاٽ جنهن فلم ڊائريڪٽ ڪئي. اهڙي سهڻي ڇوري- ذليل ڪنو- گنجو واپاري- ان ڪردار لاءِ ڪو بيو ماڻهو نٿي ملي سگهيو. ڇوريءَ اهڙو ڪنو ڪردار ڪنيو ڇو. آءٌ به عجيب ڇوٽيو آهيان- بيوقوف- احمق.

پاڻ کي سنڀاليندي، وڻ کان هٽي، آهستي آهستي ميوزيڪل ڦوهاري ڏانهن وڌڻ ٿو لڳي، جنهن ۾ پاڻيءَ جو پريشر اڃا به تيز ٿي ويو آهي ۽ هاڻي اسٽريٽ لائيٽس به ٻري ويون آهن. هتان هلي ڪيفي نيويارڪ تي ويهان، چانهه پيئان، متو سچو سور سان ڦاٽي پيو. ڦاٽندڙ لوندڙيون ويچاري ٿو، پر هاڻي هن مهل، هن حالت ۾ ڪيفي ۾ ويهي ڪنهن دوست سان ڪچهري ڪرڻ بلڪل سنو نه لڳندو. سخت ڪوفت ٿيندي، وڌيڪ بوريت، بيزاري، عذاب. اتي ويني چانهه پيئندي ابڙڪي سان جي الٽي ڪري ويهان ته... سڀ ڪجهه ٻاهر نڪري ويندو، سچو گند. ويچاريندو، آهستي- آهستي هلندو ۽ ڪنهن مهل ٽڙندو، ٽاٻڙجندو ميوزيڪل ڦوهاري واري چوڪ تي پهچي ٿو وڃي. دل ۾ زوردار خواهش ٿي ايريس ته ڪيفي تي وڃان ۽ اتي جيڪو دوست ملي، تنهن کي گاريون ڏيان، ذليل ڪريان. چانهه جي صلاح هٽي، چانهه گهرائي اڳيان رکان، جنهن مهل هو ڪوپ چپن سان لڳائي، ڪوپ ڦري، بي عزتو ڪري، ذليل ڪري، گاريون ڏيئي، هانو ڦاڙي رڙيون ڪري اٿاري ڇڏيانس. ان ئي مهل خيال ٿو اچيس ته هتي وچ رستي تي بيهي، زور، زور سان دانهون ڪري، گاريون ڏيان، مٿي هوا ۾ ٽڪون اُڇلايان.

هو هلندو- هلندو خيالن ۾ وڪٽوريا روڊ تاس ٿيندو، ريگل بس اسٽاپ تي اچي بيهي ٿو- تڏهن ڪيس پاڻ تي عجب لڳي ٿو ته، نه چاهيندي به، پاڻهي جاڳي بنا خيال جي بس اسٽاپ تي هليو آيو آهيان، هاڻي بس اسٽاپ تي اچي ويو آهيان ته ڇو نه گهر هليو وڃان، اهو ويچاريندي، هن جي نظر ڪمند جي رس واري وٽ ماڻهن جي ميڙ تي پوي ٿي. هن کي ڪمند جو رس پيئڻ جي خواهش ٿئي ٿي ۽ ڪمند جي رس واري وٽ اچي، گلاس وٺي يڪي ڍڪ سان پي ٿو وڃي. ڏاڍو ٿڌو هو، اندر ٺاري وڌائين، ٻيو به پيئان. خالي گلاس موٽائي ڏيندي اچانڪ سندس من ۾ نيپئر روڊ تي وڃڻ جو خيال زور وٺي ٿو وڃي. هن حالت ۾، هوئن رات گذارڻ عذاب ٿي پوندو. نيپئر روڊ تي گهٽ ۽ گهٽ اهڙو ڏوکو ته نه ٿيندو. ڪا نه ڪا ڇڱي رن ملي ويندي.

هو ڳل تي هٿ ڦيري ٿو، جنهن ۾ اڃا به هلڪو سور آهي، پڪ نير پئجي ويو هوندو، چمڙي ڪجهه سخت پئي لڳي، ماڻهن ڇا سوچيو هوندو،، اڃا به ڪلندا هوندا- پنهنجن دوستن کي اهو واقعو وڌائي- سڌائي ٻڌائيندا هوندا. اهو ويچار ايندي ئي هو سچو وسامي ٿو وڃيم نرڙ تي پگهر مڙي ٿو اچيس، تڪڙ ۾- ان خيال ۾ شرم کان جان ڇڏائڻ لاءِ لي مارڪيٽ جي بس ۾ چڙهي ٿو پوي. هڪ هٿ مٿي ڏنڊي ۾ وجهي، ٻيو سيٽ جي مٿي کان رکي ٿو، بس ۾ وينلن ۽ ٻينلن جو جائزو وٺي ٿو. ليڊيز سيٽ وٽ ٻينل ٻن ماڻهن کي هر- هر پاڻ ڏانهن ڇتائي نهاريندو ڏسي، ويچاري ٿو، اهي ائين ڇو پيا ڏسن مون ۾، ڪٿي اهي، ان جاءِ تي ته ڪونه ٻينا هئا، جتي مون کي چماٽ لڳي هئي. هڪ وار من ۾ اچيس ٿو ته بس مان ٽپو ڏيئي لهي پوي. پر پوءِ بس جي تيز اسپيڊ جو سوچي، پاسو بدلائي ٻي طرف نهارڻ ٿو لڳي. ڪيس لڳي پيو ته اهي ماڻهو اڃا به منجهس گهوري ڏسي رهيا هوندا. هو هلي اچي بلڪل بس جي آخرين ڇيڙي تي بيهي ٿو. پوءِ به گهٽي آنڌ مانڌ جي ڪري من ۾ اچيس ٿو ته لهي وڃان. اليٽ سئنيما وٽ سگنل ڳاڙهي هجڻ ڪري، بس بيهي ٿي ۽ هو تڪڙو- تڪڙو بس مان ٽپو ڏيئي لهي وڃي ٿو ۽ ٻوڙندو روڊ اُڪري، ڪي.ايم.بي. اڳيان فٽ پاٿ تي هلڻ ٿو لڳي. من تان بار ته هلڪو ٿيو، ويچاري ٿو، هنن مون ۾ ڪونه پي ڏٺو، آءٌ به هرويرو... پر پنڌ به ته ايترو ڪونهي. سيشن ڪورٽ جي ڪنڌ وٽ اچي ويچاري ٿو، هتان مڙي وڃان، نگار

سئنيما وٽان ناڪر گهٽيءَ ۾ وڃان، يا ڪمار سئنيما جي سامهون واري حصي ۾

نگار سئنيما وٽ پهچندي، سندس لڳن ۾ رقاٽي وڌي ٿي وڃي ۽ وات سڪي ٿو وڃيس. هر-هر زبان چپن تي ڦيري وات ۾ ٿڪ گڏ ڪري، وات کي آلو ڪرڻ جي ڪوشش ڪري پيو. ڪيس لڳي ٿو، ڏڪاٽيءَ جي ڪري، ڪجهه ٿڙي، ڪجهه اٿڙي هلي پيو. چوڪ ڪراس ڪندي، ذري گهٽ ٽئڪسيءَ جي اڳيان ايندي-ايندي بچي ٿو وڃي.

ناڪر گهٽيءَ جي مهڙ تي ئي ڪي ماڻهو ڪيس وڪوڙي ٿا وڃن. ڪو ڪيس ٻانهن کان، ڪو ڪلهي کان جهلي ٿو.

- راجا، واهه جو مال آهي، سچي عمر ياد ڪندين. صبح کان وٺي ائين وڃي آهي، ڪو ٻيو گراهڪ اچي ويو ته پڇتائيندين.

هو، هنن کان بچندو، ڇڏائيندو، ناڪر گهٽيءَ ۾ گهڙي ٿو.

- راجا هلي ڏس ته سهين نه، نه وٽي ته زور زبردستي ٿوريئي آهي. توسان ڪهڙا ليکا ڪبا.

ان تي هو دل جهلي پڇي ٿو.

- وٺندي گهڻو پلا ؟

- راجا ڇا وٺندي،، پندرهن رپيا-پندرهن رپيا وري ڪهڙي شيءِ آهن. داڻو آهي داڻو. هڪ ڦيرو ويندين ته روز پيو ايندين هل مٿي، هلي ڏس.

هو هن جي پنيان سوڙهي، ورن-وڪڙن واري ڏاڪڻ چڙهڻ شروع ڪري ٿو. هر ڏاڪي چڙهڻ سان سندس دل جي ڌڙڪڻ تيز ٿيندي ٿي وڃي. نيٺ ڇيڙي واري جاءِ جو ٻيڪڙيل در کولي کيس هلڪي اونداهي ۽ بدبودار ڪمري ۾ وٺي ٿو اچي، جتي ٻيا ٻه ڏهه-ٻارنهن ماڻهو بئنچ تي ۽ هڪ پوڙهي کٽ تي ويٺي آهي.

- راجا ڏينس، پندرنهن رپيا هن پوڙهي کي.

پَر ڇوڪري ڪٿي... (هو ڏنل ۽ دٻيل آواز ۾ پڇي ٿو ۽ دل ۾ اڇيس ٿو، لهي پڃي وڃان.)

- اڙي راجا تون ته خوامخواه گهبرائين پيو. اندر گراهڪ سان آهي نه، هن پوڙهي کي پئسا ڏي ته هن جو وات بند ٿئي، گراهڪ نڪري ته پوءِ وڃج. تون پنهنجو ماڻهو آهين، توسان دغا ٿوري ٿيندي.

هو ڪجهه ششدر پٽي وچان، پندرهن روپيا ڪڍي ڏي ٿو. پر کيس ڪجهه به سنو ٿيندو نٿو لڳي. غلط جاءِ تي آيو آهيان، سوچي ٿو. مڪراني ڪانئس پئسا وٺي پوڙهيءَ کي ڏيندي، بئنچ جي ڇيڙي تي در وٽ ويٺل ماڻهوءَ کي اک سان اشارو ڪري ٿو ۽ هو رڙ ڪري چوي ٿو.

- لڳائون دس نمبر.

هو پهرين گهبرائجي وڃي ٿو ۽ هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ لڳي ٿو. مڪراني کيس بئنچ تي ويٺل ماڻهن جي آخر ۾ ويهڻ جو اِشارو ڪري، هيٺ لهي ٿو وڃي. هو بئنچ تي ويهندي ڊنل، گهبرايل، هيسيل، هراسيل اکين سان هيڏانهن-هوڏانهن نهارڻ ٿو لڳي. هڪ ماڻهو-در کولي ٻاهر نڪري ڪنڌ جهڪائي، ڦلهڙي منهن سان، تڪڙو-تڪڙو ڏاڪڻ ڏانهن وڃي ٿو، ۽ در وٽ ويٺل ماڻهو، بئنچ تي ويٺل پهرين ماڻهوءَ کي اندر وڃڻ جو اشارو ڪري ٿو. ان وقت کيس سڄي ڳالهه سمجهه ۾ اچي ٿي وڃي. کيس سخت ڪريب، نفرت ٿي ٿئي. ڏڪار، مونجهارو، آنڌ مانڌ، هانو ڪڇو، من ۾ اچيس ٿو، اٿي هليو وڃان. هي گند، واهيات کيس التيءَ جو خيال ٿو اچي، ۽ هاڻي سندس وارو آهي. ماڻهوءَ جي اشاري تي اٿي ٿڪل، هراسيل وکون کڻندو ڪمري ۾ وڃي ٿو. کيس لڳي ٿو پيرن ۾ مڻن جو بار آهي. در پٺي جيئن ئي اندر گهڙي ٿو ته سندس دماغ مان نڪاءُ نڪري ٿا وڃن ۽ قاتل، ڊنل، هراسيل اکين سان ڏسڻ ٿو لڳي. هلڪو انڌاهو ڪمرو، ڊلي ڪٽ، ميرو بدبودار بسترو ۽ ان تي پيل ٿلهي پناڻي عورت، ٽڙيل ٽنگون، گوڏن ۾ قاتل سٽڻ، عورت جون تکيون، ڪاوڙ پريل نظرون. هنجا پير هڪ هنڌ ڄمي ٿا وڃن، تيز بدبوءِ جي ڪري دل ڪچي پئي لڳيس. مٿس عجيب، سمجهه ۾ نه ايندڙ ڪيفيت طاري ٿي، ٿي وڃي ۽ بي سرت ٿي، بت بنيو بينو ٿو رهي.

- جلدي ڪر، ڏسين ڇا ٿو؟ اڳي ڪا عورت ڪانه ڏٺي اٿئي ڇا؟ جلدي ڪر، هي ڌنڌي جو ٽائيم آهي. ڪپڙا لاهي.

عورت جي تکي، ڪاوڙ پريل دڙڪي تي هو پاڻ سنڀالي اڳتي وڌي ٿو. عورت جون ڪاوڙ پريل اکيون پاڻ ۾ کتل ڏسي، جلدي-جلدي ۾ بوٽ لاهي، جوراب لاهڻ بنا ئي پئنٽ لاهڻ ٿو لڳي. کيس لڳي ٿو هر شيءِ سندس مرضيءَ

خلاف پاڻهي جاڙي ٿي رهي آهي. پاڻمرادو-مڪينيڪل انداز سان، بنا ڪنهن جذبي جي. پئنٽ ڪٽ جي پيرانديءَ کان رکندي، جورابن سميت، مٿل نموني سان ڪٽ تي چڙهڻ جي ڪري ٿو تہ، عورت ٽنگون سوڙهيون ڪندي، مڪروه مرڪ مرڪندي چوي ٿي.

- پهرين بخشش تہ ڏي. وڌيڪ مزو ڪرائيندي سانءِ.

هو بنا ڪجهہ ڪڇڻ جي، بي دليءَ سان پئنٽ ڪڍي پنج رپيا ڪڍي عورت کي ڏي ٿو، عورت پئسا وٺي ويهاڻي هيٺان رکي ٿي ۽ هو عورت جي ٽڙيل ٽنگن جي وچ ۾ اوڪڙو ٿي ويهي ٿو ۽ ڪيس ڪجهہ بہ سمجهہ ۾ نٿو اچي تہ ڇا ٿي رهيو آهي. ڏپ کان سندس ساهہ پيو ٻوساٽجي. اکيون سڙن پيون.

- ڏسين وري ڇا ٿو گانڊو، جلدي ڪر نہ. نامرد آهين ڇا پڙوا.

ان وقت سندس سڄي مردانگي مري ٿي وڃي، پاڻ کي ٿڌو-ٿڌو برف جهڙو ٿو محسوس ڪري ۽ ائين ئي بي سرت ٿيو وينو ٿو رهي. ڪيس هوش ان وقت ٿو اچي جڏهن عورت وڏي رڙ سان گار ڏيندي، ڪيس ڇاتيءَ ۾ زور سان لت واهي ٿي ڪڍي. هو توازن وڃائي، گيلاتي کائي، ڪٽ جي پيرانديءَ وٽان پٽ تي وڃي ڪري ٿو ۽ ان ئي ڪن ۾ ڦڙتيءَ ۽ ڪرنٽ جي جهٽڪي جيان تيزيءَ سان اٿي ڪڙو ٿئي ٿو ۽ ڏڪندڙ هٿن سان تڙتڪڙ ۾ پئنٽ پائي ۽ بوٽ ۾ پير ڪپائي، عورت ڏانهن ڏسڻ جي بنا ئي وچ جي وراڪي جيان در کولي ٻاهر نڪري ٿو وڃي ۽ ڏاڪڻ ۾ اچي پاڻ کي ٿورو سنڀالي ٿو. اتي بوٽ ٺيڪ طرح سان پائيندي، خميس پئنٽ اندر ڪندي، ڏاڪا لهڻ ٿو لڳي. لڳي ٿو سندس هڪ هڪ پير مڻ جو ٿي ويو آهي، گوڏا ۽ سنڌ ونجي ويا آهن، پاڻ کي اندر دٻجندو پيو محسوس ڪري. ڏاڪڻ جي اڌ تائين عورت جون گاريون سندس پيڇو ڪنديون ٿيون رهن. وچڙيل ٽنگن سان ڏاڪڻ لهي، هيٺ رش ۾ ڦاسي، ڇيپاٽجندو پاڻ کي دلن کان بچائيندو،، نيپئر روڊ تي اچي ٿو.

سندس مٿي ۾ ٽڪاءُ سان سور پئجي ويو آهي، لوندڙين وٽ رت جو وڏيل داٻ. باهہ-سڄو جسم ٻري پيو. مٿي تي هٿ ڦيري ڏسي ٿو، ڦاٽي تہ نہ پيو آهي، متان ڳنڍيو نہ نڪري آيو هجي. بدليل ذائقو وات جو-اٻڙڪا الٽيءَ جو خيال. ٽنگون، گوڏا ونجي ويا آهن صفا. ٽنگگون ڇڻ سور کان وڍجن

پيون. منڊڪائيندي هلندي، دل ڪچي پئي لڳي. سوچي ٿو، هتان نڪري، ڪنهن سچي گهٽيءَ ۾ ڪاڪڙي ۾ آڱريون هٽي الٽي ڪريان. ڪراهت، نفرت پنهنجو پاڻ ڪان. هلڻ ۾ تمام گهڻي تڪليف محسوس ٿو ڪري. مٿو سور مان چڻ ڦاٽي پيو. ڪيس سخت ڪني ڊِپ جو احساس ٿئي ٿو. ڊپ ڪني، گندي. ڊپ جو زور ونڻ، گهٽيندڙ بدبوءِ. ساهه ۾ مونجهه. هو تيز تيز اُڀا ساهه ڪڻڻ ٿو لڳي. ڊپ هتان ڪٿان ڪنڊ پاسي مان ته نٽي اچي. ڪو ڪتو- ٻلو ته مئل ناهي هتي يا ڪو گند جو ڍير. هو تيز - اونها ساهه ڪڻندو هلندو اچي نگار سئنيما وٽ بيهي ٿو. ڊپ گهٽجي نٽي، وڌندي ٿي رهي. نڪن جي ناسن ۾ ويجهي ويئي آهي شايد اها ڊپ. بيوسي، لاچاري، جلن. اها جلن ڪٽي، سهندي - بيوسيءَ ۾ بينو آهي. ڪيس لڳي ٿو، هو ڪنهن وڏي، ڪني، بند گٽر ۾ اڇلايو ويو آهي. سڙي، ليٽڙجي پيو ان گند ۾. ڪراهت. اٻڙڪو. نه، الٽي نه آئي. اچي ها ته سٺو.

هو هلندو- بس اسٽاپ تي اچي بيهي ٿو. جسم ساڻو، نستو. ساهه سيينو چيري نڪري پيو. نفرت، ڏڪار، ڪراهت، ورچ-هر ڳالهه ڪان، هر شيءَ ڪان ۽ گهٽيندڙ ڊپ جو احساس.

چوڌاري ماڻهن جو هجوم، گوڙ-ٽرئفڪ جي آواز سان وچڙيل، اجهاٽل، مئل، جهيڻا، ڦٽڪندڙ، ٻڏندڙ آواز ماڻهن جا ۽ سندس جذبا ۽ هو پاڻ به ڪيس لڳي ٿو- پاڻ جوني پاٽل، استعمال ڪيل، ڦٽي ڪيل ڪنهن شيءِ جيان آهي.

سڄي مهيني جي پگهار، سڄي بجيٽ آفسيٽ ٿي ويئي. مهينو ڪيئن گذرندو. ڊپ چو آهي، اهڙي ڪني. ڪيس لڳي ٿو، ڊپ ٻاهر ناهي. اندر ۾ آهي. سڙيل، روڳ ٻڌيل، مئل وجود، احساس، خواهشن، اميدن جي بدبوءِ، گند، روڳ، ڍوندي، (مئل ڪتو اندر ۾)

ايٽ سي. بس ۾ چڙهي گهر وڃان. ڦٽ پاٽ، پيرن هيٺان ڪسڪندڙ رستو. بيمار وچڙندڙ رڪون، ڊپ پٽ نٽي ڇڏي، ان حالت ۾ الٽي به ته نٽي اچي، هيءَ دنيا رهڻ جهڙي نه رهي آهي. ويچاري ٿو، يا آءٌ هن دنيا ۾ رهڻ جهڙو نه رهيو آهيان. پهرين تاريخ جو سڄو مزو هليو ويو. سڄي بجيٽ. ڪيس سڙندڙ، ڪامندڙ، پڄرندڙ ڏک ٿئي ٿو.

بس جي پاسي ۾ بيهندي ڪيس لڳي ٿو، هن ڪن ۾، هن ڏپ ۾، اهڙي اذيت ناڪ حالت ۾ ڏهي-ٽٽي ڪيرو ٿي ڪري پوندس. هڪ بس هلي ويئي آهي ۽ هاڻي ان جي جاءِ تي ٻي بس اچي بيٺي آهي. ڪيس لڳي ٿو، هو پنهنجي بڪايل خيالن سان وڙهي وڙهي، ڦٽجي پيو آهي. زخم، ڦٽ، سڙي گندا ٿي روڳ ڪري ناسور بڻجي ويا آهن ۽ ڏپ انهن سڙيل، ڪنن ڦٽن جي آهي. ڦٽيل خيالن جي.

گهر نه وڃان، ويچاري ٿو، ته پوءِ ڪيڏانهن وڃان ! اڻ ٽانيڪو، منجهيل ذهن، فيصلي ڪرڻ جي سگهه مئل. وڃڻو به ڪٿي آهي، ڪيڏانهن. فيصلو ڇا جو ڪجي -ڪيڏانهن جو؟ چوندڙ لاءِ رهيو به ڇا آهي. ڪابه چوندڙ منهنجي نٿي بڻجي. عذاب بڻجي ٿي وڃي. ٽڪ-جسم ٽٽي پيو.

هو ڪجهه به فيصلو نه ڪري سگهڻ جي ڪري، ائين بيٺو ٿو رهي ۽ پوءِ بي خياليءَ سان، آهستي آهستي رڙهي، بس ۾ چڙهي ٿو ۽ ڪنڊ واري سيٽ تاڙي ان تي ويهي رهي ٿو. ڪجهه ئي ڪنن ڪانپوءِ مرٽينگ ايٽ-سي. بس هن جيان لڏندي، جهٽڪا ڪائيندي هلڻ لڳي ٿي.

ڪنڊيڪٽر ڪان پير ڪالونيءَ جي ٽڪيٽ وٺي، وري به دريءَ وٽ لڳل لوهي شيخن تي مٿو ٽڪائي، اکيون ٻوٽي ڏرڪي ٿو پوي. لعنت هجي، سڄي پهرين تاريخ بيڪار هلي ويئي. ضايع ٿي ويئي. اجائي.

گانڌي گارڊن کي ويجهو ايندي، سندس من ۾ گهر نه وڃڻ جو خيال زور وٺي ٿو وڃي. صدر وڃان-ونرس بار ۾. سڄا پئسا ختم ٿي ويا، مهينو ڪيئن گذرندو. نه، هو ويچاري ٿو، سڀاڻي نه ايندو-سڀاڻي ايندو ئي ناهي. ماضي ناهي، مستقبل ناهي، غير يقيني. حال مئل ۽ مرٽينگ آهي-اندر، هستيءَ، وجود جيان گانڌي گارڊن وٽ ڦڙتيءَ سان بس مان لهي، سيون-ڊي ۾ چڙهي، صدر ڏانهن وڃي ٿو.

# ٿلهستي

ٿوري - هلڪي اڌ سڄاڳي... سڄاڳيءَ ۾ ايندي.

ٿورو اڳي جا ڪي عڪس... ٿلهه عڪس... چٽر... يادون... ٿلهه ذهن ۾ ايندي - پهرين ڏي - ڏي... ڏنڌلا - ڏنڌلا... ۽ پوءِ آهستي - آهستي... ڪجهه اُٽچٽا... ڪجهه چٽا... بلڪل چٽا ٿي ويل. ٿلهه عڪس... ڏنڌلا چٽر - پر ٿلهه... يادون ٿلهه... ذهن ٿلهه.

چوڌس اوندهه... گهري اوندهه...

ڪاري ٻاٽ ۾ اڪيون ڪيائي ڪجهه ڏسڻ جي جاکوڙ... پر سڀ... سڀ ڪجهه ئي نسقل... اجايو... بيڪار... چوڌاريءَ کان رڙيون... ڪنجهون... ڪوڪرا... ريهون - پوائٽيون - دل ڏاريندڙ ريهون... پوائٽي وايومنڊل ۾... وايومنڊل ڪي وڌيڪ پوائٽو بڻائيندڙ - دل ڏاريندڙ رڙيون - جيون - موت جي وچ واري چڪتاڻ - ٿلهه ذهن تي زور... پاڻ کي جانچي ڏسڻ جي جاکوڙ.

ڏسڻ ۾ ڪجهه به نه... ٽنگون... ٻنهي ٽنگن تي ڪو بار - ڳرو بار... هڪ ٻانهن ڪنهن ڳوري شيءِ هيٺان چيپيل... ٻي ٻانهن... ڪجهه... ڪي قدر آجي... چورڻ جي جاکوڙ - پر اَسقل

آهي (؟) ٿي سگهي ٿو... يا لڳي ٿو ڪجهه ائين... ائين - نه رهي... ڪنجي ويل (!) ڪجهه به ته نه رهيو...

پڪ ڪرڻ ڪاڻ - ٻي ٻانهن ران جانچڻ لاءِ...

ڳري بار هيٺان چيڀجندڙ ٻانهن ۾ سور... تيز - تکي اُيريل سوٽ. سوٽ ٻانهن مان اُيري - سڄن لڳن ۾ پکڙيل. لڳ - سور... ڪڙهندڙ... جڙ... سڙندڙ. ٿلهه ذهن ۾ ڏنڌلا ٿلهه عڪس... ٿلهه چٽر... يادون... چٽا ٿيندي... ٿيندي وري ڏنڌلا پئجي - چٽا... چٽا تي ڏنڌلا... ڏنڌلا ۽ چٽا... چٽا ۽ ڏنڌلا... ڏنڌلا... چٽا ٿيندا پيا رهن. سلسلو ٿلهه... جڙيل... ٿلهه... ڪٽان ڪٽيل... ڪٽان جڙيل... جڙندي... ڳنڍجندي... ڪٽيل.

مٽي - پٿن هيٺان پٿر... يا لڳي رهيا آهن. مٿو... پنا چيرجن پيا... وڍجن... چيندڙ - نوڪدار پٿر - پٿن - مٽي ڪي وڍيندا... چيريندا - اندر... اندر ۽ اندر پيهندا پيا وڃن. لڳ... انگ... انگ ڪڙهندڙ... سڙندڙ سور کان. نه - ان ۾ نه چڙهجي

ها. بس اسٽينڊ تائين پهچندي-پهچندي رڳو هڪ منٽ... نه اڌ منٽ ئي سهي ليٽ ٿئي... اڄوڪي رات رڳو نلهي صلاح هنئي وڃي ها : (اڄ نه سياڻي وڃڃ) يا ڪجهه ليٽ... رهجي پوي ها. هڪ رات سان فرق (؟) هي سڀ ڪجهه... هڪ بس مس ٿئي ها-اڳ... ٻه بسون اڳ پهچي... هي سڀڪجهه... ٿيو-ٿي گذري ويو... هاڻي... (!)... (؟)...

چوڏاري ڪان ٿيندڙ ريهون. ٻارن... پوڙهن... عورتن... سيني جون گڏيل. نڙي ڦاڙي... ڪيڪون. ڪيڪڙاٽ. ريهن-رڙين جو واليوم ڪنن تائين پهچندي... ڏيون... تيز... هيٺ... مٿي... هيٺ ۽ مٿي... مٿي ۽ هيٺ... لاڳيتو-وچ ۾ ڪٿي ڪو اسٽاپ... شارٽ بريڪ ناهي. لڱن ۾ سور... ڪڙهن پيا. عذاب... پيڙا... ڪجهه وڏيڪ ئي پيو لڳي. ريهون ڪجن... ٿي سگهي ٿو-ڪجهه عذاب گهٽجي. ٻين ڪي... ٻين سان...

جاڪوڙ... جاڪوڙ ڪندي-ڪيئي پيرا وات پٽيندي ۽ پوريندي... پوريندي ۽ پٽيندي. زور. زبان ڦيريندي... زبان کي هيڏانهن ۽ هوڏانهن ڦيريندي. ٻاهر ڪڍندي... هلڪي... وات مان بلڪل هلڪي ريهه به نه...

نه نڪتي... پيڙا... سور... عذاب... ذهني عذاب... گهگهه اوندهه...

ڪجهه ڏسڻ جهڙو نه رهيو آهي. ڪجهه نه ڏسندي-ڪاري ٻات ۾-هيڪاري، اندر ۾ وڏيل آنڌ مانڌ... مونجهه. لوچ-ڪام. لڇڻ جي جاڪوڙ... لڱن جو ڪو پاڳو آجو نه رهي-لڇڻ جهڙو نه رهيو آهي... وس ۾ نه رهيو آهي. مٿي... پنن هيٺان آيل پٿر... پٿرن جو دٻاءُ... عذاب. ڪرنٽ سان لڳ چيرجن پيا... چيرن مٿان لوڻ-مرچ ٻرڪيو ويو آهي. جسم سڄو سڙندڙ... جنسي ٻرندڙ... ٻڌي-چرڻ ڪان لاچار-ڏٻندڙ ڪوري ۾ اڇلايل. سيءُ آهي... (؟) نه رڳو آهي-پر سخت... ان ڪري ئي اهو ايترو. الاڻ... ٽڏاڻ... (؟)... پيشاب وهي نڪتو آهي. شايد... پڪ ئي پڪ ان مهل ئي وهي نڪتو... جڏهن اهو ڪجهه ٿي گذريو هوندو !...

پلا اڄ وڃڻ جو خيال ناهي چا. بهتر آهي سويل ئي چڙهه نه ته وري رات جو دير سان پهچندي. ڪنهن نه ڪنهن ريت وري ساڳي ... بي هوشي ٿي وڃي... ڪيڏو نه سنو... ڏڪندڙ... ڪنبدڙ... لڏندڙ... ٿرڪندڙ رستو-نظر نٿي جمي ڪيئن ٿو هلائي. ڌپ... تڪو... چيندڙ... پوائنٽو احساس. اڪ اسپيڊ جي ڪانٽي تي-اسي... نوي... اسي... نوي. سنڌي نائٽ رواجي جي پيٽ ۾ ٽرئفڪ

جو گهٽو وڏيڪ دٻاءَ... روڊ جا رڳا بہ ٽريڪ... اوورٽيڪ ڪندي اوچتو... اچانڪ... اهڙي حالت ۾... ٻي بس کي اوورٽيڪ ڪرڻ جي جاکوڙ... بت... ٽنگن ۾ ڏڪاٽي ڏڪاٽيءَ جو زور ٽنگن تي... قاتل اکيون. ماڻهون... لڳ ڀڳ سڀ ماڻهو ماٺين پيا... هن حالت ۾. ٺوٺ چپن تي سڪل زبان... هر هر ڳيت ڏيئي ٽڪ ڳورڻ جي جاکوڙ... مٿان ڪجهہ ٿئي. تيز رفتار بس... بس جي تيز رفتاريءَ جيان دل جو دهڪو. ڊرائيور جي پوئين سيٽ تي ويٺل سهڻي ڇوڪري پوڙهي سان نهار... دل جو دهڪو جاري... ڏاڍي سهڻي آهي... دهڪو جاري... ان جي ويچارن ۾ گم ٿيڻ جي جاکوڙ... ائين ڪڏهن ڪڏهن سفر ۾ پريت بہ ٿي ويندي آهي... ڪيڏي ڪيڏي مهل نهاري تہ ٿي... بس جا ٽائيرس نڪري وڃن...(؟) اسٽرنگ تان ڪنٽرول... ڪنٽرول نہ رهي... پوءِ...(؟) من ۾ آنڌ مانڌ ٻي سڪائي... پيانڪ... پوائيتا ويچار... سيءُ هوندي بہ پگهر... جسم ۾ سئين جي چڀن. پيشاب وهي نڪرندو... هٿ سٿرن جي وچ ۾ وجهي- سٿرون سوڙهيون ڪرڻ جي جاکوڙ- ڪجهہ ڦڙا وهي نڪتا پوءِ بہ... وهي نڪتا... هاڻي... نہ ان ئي مهل ئي سڀ وهي نڪتو... مسواڙ وارو بہ- ٽي چڪر ڏيئي پوءِ ڇا ڪندو (؟)... اوسيئڙو ڪندو...(؟)... سامان ڪيڏي ٻاهر اُڇلائيندو... سامان... اولڊ اسپائس هڪ پيرو واپري وٺان ها... هاڻي... وٺان نہ ها... مسواڙ وارو ڪٽي ويندو... واپرائيندو... ڪهڙو ٿو فرق پئي... اهميت بہ ڪهڙي رهي آهي... ايمبولنس پهچي... رستي تان لنگهندڙ ڪا بس بيهي... اونداهيءَ مان ڪنهن ريت تہ ڇوٽڪارو ملي... بس کي ڇا ٿيو... ڇا ٿيو... لڏي. ڀريون جهٽڪو... پوءِ بہ سڌ ناهي. ٽائر نڪتو (؟) يا ڊرائيور (؟) ڪَل ناهي... ڊرائيور کي ڪل هوندي. جهٽڪو... واويلا... هاءِ گهوڙا... ڊرائيور سالو پناڻ هو... حرامخور... هو... هي پناڻ سڀ حرامي... يهودين جو ناجائز... وحشي... ذليل ڪميٽا... بي غيرت... خوني... ٻارن جا چور... نسل ئي پورو ڪري ڇڏجي... وس پڄي تہ ڏرتيءَ تي هڪ پناڻ بہ جيئرو نہ ڇڏجي... هي سڀ ڪجهہ... ماڻهو ريهون- رڙيون پيا ڪن هاڻي ءَ بس ۾ تہ!

ڇتر... ٽٽل... ڏنڌلا... يادون ٽٽل... هتان- هتان جون... ڪيڏي ڪيڏي مهل ٽٽل ذهن ۾... سور... عذاب... لاڳيتو پيڙيندڙ پيڙا... سڄي جو سڄو ڇچريل... وڍيل... ڪٽيل. ٻرندڙ ڪوري ۾ پڇندڙ... جسم ياٽنجندڙ ڪجهہ ائين- ائين.

لاچاري هرويرو اهڙي به نه هئي. ٻي هنڌ به ڪٿي ٽڪي ٿي... هڪڙيءَ ئي رات جو سوال هو... يا سويل پرو نڪرجي ها. عجيب بيوقوفي... احمقپائي... پلا ڪهڙي چاڻ تہ هي سڀ ڪجهہ... ايڏيون رڙيون ڇو ٿا ڪن. هينئون ڦاڙي. ڇا ان مان...(؟) عجيب آهي.

رڙين-واڪن تي عذاب... پيڙا ۾ وڏيڪ واڌ...

ڪيڏو نہ سنو ٿئي جي اوندهہ نہ هجي! جهلي پلا ڪير ٿي سگهيو... اڳ... نہ-هاڻي جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي. آٿي ٻين ماڻيو پئي. ٽرڙا... اوورٽيڪ ڪرڻ تي تاڙيون. عجيب غريب آواز. ڪيڪڙات. ڊرائيور کي اپاريندڙ ماڻهو... هي استاد زبردست آهي. ڪلاڪ ۾ پهچائيندو. سڀ خوش...(؟) ماڻين پيا (؟) اوندهہ-هلڪي اوندهہ... رستي کي وڏيڪ چٽي ڏسڻ ڪاڻ اندريون بتيبون وسايل... پوئين حصي ۾ ڪجهہ ٻرندڙ... هلڪو سوجهرو... سيني جي ڇهرن جا پاؤ... نٿا ڏسي سگهجن... اڻ ٽيڻو آهي... شايد... اٽڃاتل ڊپ جي ڪري بہ پاؤ ڏسڻ نہ ايندا هجن. ڪجهہ بہ هجي... هڪ ئي... نٿو ماڻي. ان مان، جيڪي ماڻهون ماڻين پيا. ٿي سگهي ٿو ڪي هجن ٻيا بہ (؟) اهو ٿي ئي رهيو... پر ٿيو ڇا...(؟) سڀ ئي هوندا-ڦٽيل ڇچريل... رت هوندو... ڏپ بہ آهي. ڪوبہ سگهو نہ بچيو هوندو. هستي ٽٽي چڪي آهي سيني جي. سڀ پوڳيندا هوندا. انهن ۾... پاڳ وارا آهن... جي مري ويا هوندا يا بيهوش هوندا... گهٽ ۾ گهٽ پيڙا تہ نہ هوندي... عذاب جسم جو ڪڙهڻ... محسوس ڪرڻ جو حواس مري وڃي. دماغ لڱن جي وچ ۾ ڳنڍيل سرشتو... ڪميونيڪيشن سسٽم... اهو ختم ٿي وڃي... پوءِ (؟) ويچار... ويچارن جو سلسلو فنڪشن ۾ نہ رهي(؟) ٽٽل هستي... شايد ڪي ڪن پوءِ اها ٽٽل هستي بہ نہ رهي-وڃائجي وڃي.

احساس... تکو-چيندڙ... لاڳيتو پيڙا ڏيندڙ.

بچڻ جي وات... ڪجهہ وسارڻ لاءِ-ريهون ڪجن، نڙي ڦاڙي-پيڙا رهندي... شايد نہ رهندي... شايد نہ رهندي. هي ڦٽيل لڱ جي پوءِ جي ڪن ۾ هستيءَ ۾ نہ رهندا. ڪجهہ ماڻي ونجي (؟)

زور... زبان کي حرڪت ۾ آڻڻ جي جاکوڙ... ڪيتري جاکوڙ... ان جاکوڙ کان پوءِ ريهہ... پهرين هلڪي-پوءِ وڏي... تيز... تکي... وڌيل واليوم. بناوٽي پڻ جو احساس.

ڪجهه... ڪجهه... لڳو ريهه بناوٽي... بلڪل... جڙتو... ٻين جون ريهون(؟) ريهن سان گڏ ڪنجهه... ڪوڪ. رڳو... نلهي ريهه... شايد ڪيڪڙات... ڪنهن مار ڪاڏل ڪتي جيان. ٻچان، ڪاوڙ. احساس... ڪو سمجهي... چبرا ٿو ڪڍي- ڇٽر ٿو... ڪل-پنهنجو پاڻ تي ڪل من ئي من ۾ هن مهل... هن حالت ۾-جيون ۽ موت جي وچ واري چڪتاڻ ۾ ڪو ائين ڪيئن سمجهندو... بس مان ٻاهر ڪيئن؟ ڊانچي ۾ ئي دٻجي (؟) ٻيا ڪيئن نڪتا... ڪيئن نڪري سگهيا؟ عجيب آهي... عجب ۾ وجهندڙ. سڀ اندر هئا ۽ هاٽي... (!) ڦرين... ڦرين جهٽڪي مهل... سيٽن تان اُٿيل سڀ... هٿوراڙيون ڏيندڙ... زور در ڏانهن. اندر ڪجهه اڳ... اِنجڻ تي ويني دل جو دهڪو... سڪل نوٽ جپ... اچ (؟) پاٽيءَ جي ٽانگهه نه هوندي... نه گهرندي به، تيز رفتار بس مان اٿڙندو سوڙهه مان گس ٺاهيندو... سيٽن جي ٽيڪ تي-آيل در وٽ لڳل پاٽيءَ جي ٽانڪيءَ وٽ... جهٽڪو آيو... پوءِ؟ اهو ڪجهه ٿيو. اڌ سجاڳيءَ ۾ بس مان ٽپو...(؟) ٿي سگهي ٿو. ڪجهه به هجي... ڇا به... پري هي حالت...(؟) ڪنهن ريت اها ٻي ٿي نٿي سگهي...(؟) بدلجي. چوڪري ڏاڍي سهڻي هئي... ان سان... مري ته نه...(؟) وري سرت ڪيئن ٿي... سجاڳي ڇو ٿي (؟) ٽيڻ ڪان پوءِ دماغي ڪيفيت ساڳي (؟) پاڳلپڻو يا ٻيو ڪجهه (؟) ڏک گهٽا نه لڳا آهن شايد (؟) سواءِ ٽنگن ٻانهن جي... يا ائين لڳي ٿو... بت ڇچريل... سواءِ ذهن جي. ذهن ٽٽل... مٽي- پٽن هيٺ آيل پٽر... اهو نه هجي. نه هجي. ڪيڏو نه سنو ٿئي. رڳو اهائي واڌ نه هجي. ڪري به ڇا ٿو سگهجي... ڪنهن حيلي اٿلي پاسو بدلائي سگهجي.

يادون... ٽٽل يادون... چٽر... ٽٽل چٽر... عڪس... چٽا... صاف... پازيٽو... نگيٽو... پازيٽو ۽ نگيٽو. ٽٽل ذهن... ۽ سڀ ڪجهه ئي ٽٽل... سڀ ڪجهه ئي ته... سيٽر ڊي نائٽ... بيوقوف... احمق... باسٹرڊ... سن آف بِچز... نه سن آف سوائن... اهي به ڏينهن رهيا آهن ماڻڻ لاءِ ڇا ڪندا هوندا (؟)... ڪندا هوندا... ڪيبري... اسٽپ ٽيز... پارٽيز... سيڪس... هوئن نه (؟) ٻيا ڏينهن(؟) بيڪار وينا هوندا (؟) هپوڪريسي... منافقپڻو...

پيڙا آهي... لاڳيتي پيڙا... سور وچان ڦٽڪاءُ. جڪ. ريهون... رڙيون.

حرامي... ترڙا... رڙيون پيا ڪن. ڪيئن نه، خوش پيو ٿيا-ماٽيائون پئي... ٿيو ڇڱو ئي ٿيو.

بين سان ٿيندڙ عذاب محسوس ڪري هلڪو... ڏنڊلو... اٽڪيتو سڪ.
نہ ٿئي ها- پر ٿيو- نيڪ ئي ٿيو... ٿيڻ ڪپندو هو. خبر پئي سيني ڪي.
اسپيڊ مان ماٺيائون پئي... سيني ۾ هاٺي (!) انيڪ پيرا سچي بس ۾ باجھہ
جھڙيون نظرون ڦيري... من ڪو چوي ڊرائيور کي... ميان گاڏي ڪجھہ آهستي
هلاءِ... سلو ڪرڻ لاءِ چوي... زور پري... سڀ ماٺ... انيڪ... انيڪ... ۽ انيڪ...
پيرا... ٻيا نٽا چون... ڊرائيور کي ئي چئجي- گاڏي سلو ڪرڻ لاءِ... جاڪوڙ...
ڪيئي پيرا... ڪجھہ چوڻ جو ساهس ئي نہ... هڪڙي ماٺهوءَ کي کهڙي
اهميت ان جي چوڻ کي... ٻيا ماٺ آهن... جو اڳيان ويندڙ بس... ٻي... ٽرڪ
کي اوورٽيڪ ڪندي... لڏي... سنڀاليندي... دونهن ۾ وڪوڙيل... ڇا ٿيو...
بس کي- باهہ لڳي اٿس. شايد. بس ڪجھہ پرتان... ڪجھہ سلو... هل- هل اڳتي
هل... پرزا- پرزا ٿيل ڏٻي گاڏي... بس ڏٻي گاڏيءَ تان چڙهي ويل... دونهن
جھڙو لڳو- ڏٻي جو رت- ڦوهارا ڪري نڪتل. هيسيل... ڊنل... گهبرايل ٻار... ڪي
ڪريل. چچريل ڏٻي جو جسم- بس جي ٽائر هيٺان اچي پري تائين گهلجي
ويل. اُبڙي- اُپڙي ڏسڻ جي جاکوڙ... مئو تہ ڪو ناهي... ٿي سگھي ٿو... نہ نہ
ڪو مئو تہ ناهي- بچي ويا... چڱو ٿيو ساهہ بچي وين... ويچارن جو هزارن
جو نقصان ٿيو آهي.رُلي ويا ويچارا مسڪين... ميان جان بچين لک ڪٽيائون-
ڏٻا ٻيا بہ ٿي پوندا- حياتي وري نہ موٽندي... بس ساڳي اسپيڊ ۾... اهڙي
هاڃي ۾ بہ... ماٺين پيا (؟) ڊرائيور کي چئجي ڪٽي- گاڏي بيهاري... لهي
وڃجي... هن حالت ۾ سفر نہ ڪري سگھبو... من ۾ مونجھہ... رڦندڙ لڱ...
ڏڪاٽي... سچ چوڻ لاءِ تيار ٿيندي... مڪمل... زبان چورڻ جي جاکوڙ... چوڻ
جو ساهس... مئل... اکيون پورجن... ننڊ اچي من... سڀ اَسقل... بيڪار.
چوڪريءَ کي ڏسندو رهجي... سهڻي آهي ڏاڍي- اڳتي هلي متان... پر سڀ...
سڀ ڪجھہ ئي اَسقل. اکيون اٽڪيل... رستي تي... اسپيڊ جي ڪانٽي تي...
ڊرائيور تي. اچڻ جو ڪارڻ... ڪارڻ ڪوئي خاص ڳنڍيل ناهي... رڳو چيو وڃي
ها... هڪ رات... بہ ٿي منت ئي سهين... ڇا ٿي پوي ها. هن پيري براٿيل
۾ رنون واهہ جون... نيون آيون هونديون... ڪجھہ نہ بچيو ڪيسي ۾... اچڻ
جو ڪارڻ اهو ئي تہ... اُتي بہ آهي... مانگهو ۽ گندو... هوٽل جي پٺئين پاسي
واري پناٺي... ڏاڍي سهڻي... ڪجھہ پئسا وڌيڪ هجن ها تہ ماٺي وٺان ان

مان... ٻي واري جو ويچاري... هاڻي... اُن سالي وٽ نہ وڃي ان پناڻي وٽ وڃان ها... ناهي اهميت هاڻي... بس موڙتان مڙي... مڙندي ئي بيلنس ۾ نہ رهي. رڙيون... واڪا. ڊرائيور بريڪ (؟) هڻي نہ سگهيو هوندو... لڳو نہ هوندو يا اوچتو اسپيڊ ۾ زور سان بريڪ هڻڻ ڪري ئي... ڪلٽي... سينس نہ رهيو... ڪنهن بہ. ان مهل ماڻهن جي ڇهرن جا پاؤ... ڪيڏو نہ سنو ٿئي... اهي پاؤ ڏسڻ ۾ اچن ها... ڪلچي ها-وڏا-وڏا ٺهڪ ڏيئي، انهن تان... ٻيو نہ تہ گهٽ ۾ گهٽ مرڪي ونجي ها. سڀ ڪجهہ ٽٽل... ڊنل. ٽٽل قتيل ماڻهون. ڪنجهہ... ڪوڪ... دانهون. عجيب آهي... سچ پچ عجيب... جا ڪيفيت بس ۾ هئي. بس جي ڊوڙڻ مهل... عذاب... پيڙا... پؤ نہ رهيو آهي. اهڙو ڪجهہ بہ ٻيو جذبو-ڊپ نہ رهيو آهي. هاڻي هن مهل عذاب... پيڙا... لوچ ڪام-اهو سڀ ڪجهہ اڳي جهڙو نہ رهيو آهي. ائين... اچانڪ ئي اچانڪ... اوچتو-گهٽجي ويو آهي... يا گهٽ لڳي رهيو آهي. مٺي پنن ڪي چيريندڙ پٿر... رواجي... ڪجهہ... ڪجهہ رواجي پيا لڳن. ايئن ٿيندو رهيو آهي. جائي جم ڪان وني اها ئي حالت رهي آهي... رهندي. پويان ڪجهہ نہ... اڳيان ڪجهہ نہ. ائين پئي-پئي مري وڃبو. پڪ ئي پڪ ائين ئي ٿيندو. ڪي ڪن پوءِ شايد هستي نہ رهي. دل-دماغ جسم جي وچ ۾ ڳنڍيل سرشتو ٽٽي پوي. جذبا... امنگ نہ رهندا! جيڪي هاڻي آهي... آهي هن مهل نہ رهي شايد پوءِ... ڪڏهن بہ نہ... ڪجهہ بہ نہ رهندو. پوري سگهہ سان... سچي سگهہ لڳائي وڏا وڏا ٺهڪ ڏجن... هن ٽٽل هستيءَ مان ڪجهہ... ڪجهہ ئي سهي-جو بچيو آهي، ماڻي ونجي. جيون جو انت ڪل جهڙي واهياتپڻي سان ٿيڻ گهرجي. واهياتپڻي جو انت واهياتپڻي سان... اهو ٿيڻ گهرجي.

جاکوڙ... ٺهڪ ڏيڻ جي-ٺهڪ ڏيئي ماڻڻ جي. زور... پريشر نڙيءَ تي... نہ ڪاڪڙي تي... ڪجهہ تارونءَ تي بہ. پٽيل وات... جاکوڙ...

هي هي هي... ها ها ها... ها ها ها...

ڊبيل ٽنگون بار هيٺان لڏندڙ... هلڪيون لڏندڙ-ٻانهن پيير ۾ هلڪي لوڏ... ها ها ها... ها ها ها... ڏڪاڻي.

مٺي ۾ سور. اکين مان رت اچي نڪرندو... ها ها ها... يا نڪري رهيو آهي. ٿمندڙ-ڳاڙهو رت ڳلن تان... ها ها ها-بند نٿي ٿئي... گهرندي... عجيب آهي اهو. جاکوڙ... بند ٿئي-پيڙا... عذاب.

هاڻي حالت... اها ئي رهندي (؟)

وات بند ڪرڻ جي جاکوڙ... جاکوڙ... جاکوڙ...

نٿو پورجي... ڇڻ ڦِٽ ٿي ويو آهي هڪ هنڌ ڪپي - ڇمي ويو آهي... ڪل بند... وات ڪليل. پورڻ لاءِ جاکوڙ... زور... ڪنڌ جي لوڏ سان... ٽڪراءُ... ڏندن جو...

پڳا ته نه. پوريل ته هو ئي اڳي. رڙيون ڪري نٿيون سگهجن... ڪلي به نٿو سگهجي. ڪجهه به نه... ڪجهه به نه ٿو ڪري سگهجي. لاچاري... بيوسي... ناممڪنپڻو... هر ڳالهه... وس ۾ ڪجهه به نه... ٿڪ نه هٽا... هينگون... ڄڻ ڳڏهه جون... هينگي - هينگي ماٺ... سانت. ٽٽل... بي معنيٰ هستيءَ جو بار - بي معنپڻو... رڳو بي معنپڻو ئي ڪل جي جاکوڙ... جاکوڙ ۾ ڦٿڪندي... لڱن کي ڦيريندي... لڏندي... هيڏانهن هوڏانهن ٿيندي - وڃيل، ڦٿيل لڱ وڏيڪ... اڳي ڪان گهٽو رڙن پيا. ٻرندڙ ٽانڊا ڦٿن تي اڇي ڪريا آهن. عذاب... پيڙا... ساڙو... ڪي ڪن پهرين ڪجهه رواجي... هاڻي غير رواجي ڪيفيت. آنڌ مانڌ... مونجهه سڄا لڱ... لڱن جو انگ انگ ڇڻ... ڇڻ ساهه ڇڏيندو پيو وڃي هاڻي... ڦهلاءُ... پئرالسزز جو ڦهلاءُ سڄي بت تي. نستو. بي پڄت. ڪجهه ٿيندو... ٿي رهيو آهي. ڪجهه... شايد... پڪ ڪجهه ٿي رهيو آهي. ڊپ هراس. اڳي ته... (؟) نه اڳي نه پئي لڳو اهڙو... ڪجهه نئون... ڪجهه مختلف... ڪجهه نرالو... ڪجهه غير يقيني ڪيفيت. ساڻا ٿيل لڱ... ساهه ڇڏيندڙ. تڪا - تڪا، اپا ساهه... ساهه ۾ هانپارو... ساهه کڻڻ جي تڪائيءَ ۾ وڌيڪ تڪائي... ايئن ٿيندي... ٿيندي ساهه ڄمي ويندو... بيهي رهندو. ڊپ. ساهن ۾ تڪائي. دل جي ڌڪ... ڌڪ تکي... تکي... تکي... وات مان اڇي نڪرندي - ٽپي سان. آنڌ مانڌ... ڇاتيءَ ۾ سور... ڄارو... داٻ... ٽاڻيل نسون نڙيءَ وٽان... ڦاٽندڙ لوندڙيون. نڪ... وات مان هڪ ئي مهل ساهن جي اچ وڃ... ڪرٽو... ساهه ۾ وڌندڙ ڪرٽو... ساهه... لڳي ٿو... ڪجهه... ڪجهه نڪ ڪي... نڪ جي ناسن ڪکي وڌيندو پيو نڪري. آواز ريهه. ڪنجهه ڪرڪ. رڙيون... گهٽ... وڌ... گهٽ... وڌ... واليون هيٺ مٿي ٿيندڙ.

ڇوڪري آهي (؟) ڇوڪري ئي... ويجهي... يا ويجهي لڳي پئي.

ڪرٽو جاري... ذهن ڦرڻ سان - ساهن جي تڪائيءَ ۾ گهٽتائي. متان اها هجي... ڊرائيور واري پوئين سيٽ تي وينل. اڳ ۾ ته آواز... ڪو نه ٿي آيو (؟)... (!) يا آيو ٿي - ٻڌڻ ۾ ڪونه ٿي آيو... يا ڌيان نه هو... (!) هستي ٽٽل... ٽٽي رهي

آهي. ڪي ڪن پوءِ نہ رهندي... ٽٽل اها بہ ڇوڪري سهٽي... رڳو نہ... پر سهٽي ڪان بہ وڌيڪ سهٽي.

ساهہ... ڪرتو... ڏيان ڇوڪريءَ ڏانهن... عذاب پيڙا... پيڙا ۾ گهٽتائي پائڻ جي حد تائين.

وڏي-رسڪيرڙهي جاڪوڙ ڪري ان تائين رسي... پهچي-ڦتيل... ڪپيل... ڇچريل ٻانهون... ڦتيل... ڇچريل لڱن جي ڇوڏاريءَ ورائي سوگهو ڪري... سڪل ٺوٺ-چپ چپن ۾ پچائي... چڪ... چوس...

هلڪو هلڪو مزو... سيسڙات. وڏيل ڪرتو... ساهن جي تکائي... رڦاٽي... ڏڪاٽي. جيون اٿيي... ايوڳي... ڪوري... ڪجهہ نہ ماٺيل... ماڻڻ جي آس... ڇچريل... ڦتيل. ڦتيل هوندي پٽڙاٽيندي... نہ. هيڏانهن هوڏانهن نہ ٿيندي... پڇندي نہ... پڇي نہ سگهندي. رڙيون (؟) لڳي ننڊي ٿي... ٿي سگهي... نہ ماٺيو هجيس اهو ڪجهہ. ڦتيل ڇچريل لڳ... ڦتيل ڇچرييل لڱن سان ملندا. مزو (؟) رات... اوندهہ آهي. ڪاري ٻات. ڪجهہ ڏسڻ ۾ نہ ايندو. وٺڻ يا نہ وٺڻ جو (!) هستي نہ رهندي... ڪنهن جي بہ. ٿيڻ گهرجي اهو ڪجهہ ان ڪان اڳ ۾.

جاکوڙ... رڙهي اوستائين پهچڻ لاءِ مٿا مونا. جاڪوڙ. ڦرڻ. اٿلڻ جي جاڪوڙ. اَسقل. ٽنگون ٻار هينان ڪيڻ لاءِ زور.

سور... پيڙا... عذاب... ماس روڙهجي لهي پيو ٽنگن تان... ڇچرجي. زور لاڳيتو... گهٽو... سور... وڃن پيون (!) جاڪوڙ... جهٽڪو... ڪجهہ حصو... پاڳو رهجي ويو اتي ئي... لڳي ٿو. وڏيل سور... پيڙا. ٻانهن تي زور. چري ڦري تہ پئي. چٽل آهي.

اٿلي پيٽ ير... پيٽ ير رڙهڻ جي جاڪوڙ ٺونٺيون ڪوڙي پٽ تي. مٿي ٿيندي پئينت ۾ ٻار... ڪجهہ... اوپرو... ٽڏو... پريل...

ڇا...(؟)...(؟)... گونهہ... گونهہ... نڪري ويو آهي... ڪيڏي مهل نڪتو...(؟) ڏپ... بدبوءِ... اٿوٽندڙ... ڪنهن ريت پئينٽ لهي وڃي.

رڙهندي هينان آيل پٽرن جون ڇپون. رت جا چميل دٻا... گهيرت... ٺونٺيون رت جي دٻن ۾. ڪجهہ اڳتي... اٽڪاءُ... رڪاوت... پيل ماٽهو.

رڙيون نہ ٿو ڪري... مئل هوندو... پڪ ئي پڪ... مٿان چڙهي... ڇا ٿيندو... ٺيڪ آهي.

ٺونٺيون ڪوڙي... اٽڪائي. زور... رڙهي مٿي... رڙيون... چنگهون... واڪا... ڏڪو... ٻي پير پٽ تي ڪرندي... چنبا ڌرتيءَ تي ڪپيل... چنبا رت جي ڍبي ۾... ٺونٺيون ڪوڙي... ڪجهه اڳتي... پويان واڪا... رڙيون. مٽيءَ گاڏڙ رت مان پيريل چنبا... ڪجهه ننڍڙيون پٽريون لڳل... ڪرچ... ڪرچ... چنبڙندڙ هٿ... سوگ... ذائقو خراب... الٽي... زالٽي آواز جي ويجهو... پرسان... ڪجهه هٽڪ... هچڪ. گهبرات. ڪرٺو... ساهن جي ٽڪائي... آهستي آهستي رت گاڏڙ هٿ وڌائي منهن تائين. منهن تي... رڙين ۾ واڌ... چينگهه ڪنجهه...

اها... نه... نٽي لڳي... ٻلون چپ ڪجهه... مٿل ماس... رٻڙا... پوڙهي... ٻي... هوءَ ڪٿي هوندي؟

ڪنڌ جي لوڏ پٽڙات... هٿايل هٿ...

ان مان ئي نيڪ آهي... فرق به ڪهڙو ٿو پوي... رهندو به ڇا... ٿيڻ گهرجي ان مان رٻڙا چپ (؟) ڪير ٿو پڇي.

وڌيل هٿ وري... پٽڙات... منهن ويجهو منهن تي... پٽڙات... چپ چپن تي... ڪنجهه... پٽڙ;ت... چنگهه-ڊبيل چپن هينان... چپ نه ملندڙ پٽڙات ڪري... منهن ٿورو مٿي... جهلڻ لاءِ...

ڪاڏي وٺان... ڪلهن وٺان سوگهو جهلي پوءِ...

- آئم ٿو...

ٽڪ... ٽڪ جو ڦوهارو... منهن تي ٿاڦيل... رت گاڏڙ... ڇاتيءَ وٺان ڏنل ڌڪو... اچلجندي... سنڀاليندي-ڪجهه پرتي، منهن پير ڪرندي. منهن پٽ تي زور سان... ڦاٿل وات... پٽيل وات اتي ئي پيل پٽر ۾... پٽر... پٽيل وات ۾... پٽر جي چوڌاريءَ ڏند پيڙجي ويا آهن... پيڙجن پيا. چوٽڪاري لاءِ جاکوڙ... اسڦل... اسڦل... اسڦل. وڌيل هيٺائي... وڌندي پئي وڃي... چرڻ... ڦرڻ... مٽي ٿيڻ جون چڪي ويل واٽون... سڀ نسڦل... نسڦل ۽ نسڦل. وات مان ڪا شيءِ وهڻ لڳي آهي... لڳي ٿو وهي رهي آهي... وهي پئي... پٽر اندر... اندر... اندر... گهڙندو... پيهندو... اندر... اندر... اندر پيو وڃي. ۽ اونداهي، انڌوڪار، وڏيڪ گهري ٿيندي پئي وڃي اونداهي... اونداهي... اونداهي... پاتال.

# منهنجي پيڙا

تڪو هلندي، ذري گهٽ ڊوڙندي، مين گيٽ کان ٻاهر نڪري، رستي تي، فٽپاٿ تي، منجهي بيٺو آهيان. ڏسان ٿو - پنهنجي چوڌاريءَ. رستي کي، وڏين جاين کي. لهندڙ سج کي، سج لهي ويو آهي. لهي رهيو آهي، ٻاڙهاڻ ۾ وڪوڙجي، ٿڪائيءَ جي سگهه وڃائي، ٻاڙهو ٿي، ان ٻاڙهاڻ ۾ ٻڏي ويو آهي. سج جي مرٽينگ روشني، وڏين جاين جي پاڇولن کان، پاڻ بچائڻ ڪاڻ، جاين جي ڇتين کي، ڏامر جي ڪاري رستي کي جنبڙي، ڏڪجي، هٽڪندي، نيٺ هار کائي، شڪست مڃي، ٿڪي چڪي آهي. هاڻ روشنيون. سوجهرو، بتيون، ٽرئفڪ جون لائيٽس، روشني دڪانن ۽ روڊ جي پوسٽ لئمپس جي. سڄو شهر روشنيءَ ۾ وهنجي اُٿيو آهي (يا ٻڏي ويو آهي.)

بيٺو آهيان فٽپاٿ تي. ايندڙ - ويندڙ رڪشائون، ٽئڪسيون ۽ ڪارون. مين گيٽ وٽ ترسڻ. پاڪيٽ ۾ هٿ. ڪيسي مان پرس ڪڍڻ. هٿن ۾ جهليل پرس جو ڪلڻ. اڇ - وڇ، هر - هر. هر منٽ کان پوءِ ڪا نه ڪا رڪشا يا ٽئڪسي اچي ٿي. ڪو نه ڪو يا ڪا نه ڪا لهي ٿي. انائونسر، آرٽسٽ، سنگر، آپريٽر ۽ ٻيا. مرڪ. اڪين ئي اکين ۾ ٻالهائڻ، پري کان نلهو سلام. (ڪي گهرا آهن) هٿ ملائڻو ٿو پوي، ۽ ان کان پوءِ اهو جواب ڏيڻ لاءِ ويچارڻو ٿو پوي ته هتي ڇو بيٺو آهيان. جواب نه آهي، بس ائين مڙئي. جواب نه هوندي به ڪجهه نه ڪجهه ته چوڻو ئي پوي ٿو. (سڇاٽپ عذاب آهي) اتي بيٺي بيٺي، هر - هر، زوريءَ مرڪڻو ٿو پوي، سلام ڪرڻو ٿو پوي، هٿ ملائڻو ٿو پوي ۽ هرويرو بنا مقصد جي ٻالهائڻو ٿو پوي. ان عذاب کان، بوريت کان ڇٽڻ لاءِ، بنا ويچارڻ جي هلان ٿو. من تي بار ڪٽي.

هلان پيو - رستي تي. بندر روڊ، پريڊي اسٽريٽ، ريگل بس اسٽاپ، وڪٽوريا روڊ، انڊر گرائونڊ ڪراسنگ، ايلفي، ويچار - پٽڪيل - بي سود. پيڙ، ماڻهن جي. ٽرئفڪ، بوهري بزار، سهڻا جسم، چوڏس - اگهيان پويان، سهڻا مهاندا. سيڪسي ڇوڪريون. پر ايون آهن. ماڻڻ لاءِ نه آهن. پئسو نه آهي. ڪار نه آهي. نه ته اهي ڇوڪريون ڪر پاڻهي اچن. هلان پيو، ايلفي تي، بوهري بزار ۾، ڏسان پيو، سونهن، سونهن ۽ سونهن.

ويچاريان ٿو. ڪٿي ويهان. ڪٿي؟ ڪنهن ريسٽورنٽ ۾؟ ڪيسو ڏسان ٿو.

جانچي، ڦولهري. ٻہ رپيا آهن. ويهان؟ ويچار. (من جي ها ها ڪار) ويهان يا نہ؟ ٺيڪ آهي، ويهان ٿو. ۽ پوءِ ماني؟ پهرين تاريخ ۾ هڪ ڏينهن باقي آهي. ٺيڪ آهي، نٿو پيئان چانهہ، اجايو. (هڪ وقت جي ماني نہ کاڌي تہ ڪهڙو فرق پوندو) چانهہ ٿو پيئان. نہ ڇڏ. ويهان؟ (نہ نہ، ها ها، نہ نہ) موٽي وڃان، ريڊيو اسٽيشن تي. نہ، هاڻي نہ ويندس. منهنجي ذليل ٿيڻ جو وقت مس-مس پورو ٿيو آهي ۽ سياڻي وري نئين سر ذلالت سَهڻي آهي. هاڻي نہ ويندس.

هن ڇيو هو- ترس تہ پروگرام ختم ڪري ڳڌجي نڪرنداسين. آءٌ ترسيس ڪونہ، نڪري آيس ٻاهر. ويهي نہ سگهيو هوس. لالا کي ڏٺو هوم (هوءَ هئي جا ٻئي سان ڪلي ڳالهائي رهي هئي.) سهي نہ سگهيو هوس. ۽ اتي ترسي نہ سگهيس.

ويچاريان ٿو، نہ ويچاريان لالا، لاءِ. لالا جو ويچار ايندي جا پيڙا پوڳيان ٿو، ان پيڙا کان بچڻ لاءِ، ٻيو ڪجهہ ويچاري، ان ويچارن کان جند ڇڏائڻ ڪاڻ، رستن تي، دڪانن ۾، ڪارن ۾، هر هنڌ، هر پاسي، سهڻا لڳ، سهڻا ڇهرا ڏسي، انهن جي ويچارن ۾ وڃائجي من کي وندرائڻ ٿو گهران- (من بنا ويچار جي سڏيو لالا... لالا... لالا...) مون ويچاريو- ويچاري، من ئي من ۾ روئڻهارڪو ٿهڪ ڏنم... ٿهڪ نہ ڏنم، ڇڻ سڏڪو پريم. لالا جو نالو من مان نڪري، چپن ۾ اٽڪي بيهي ٿو رهي. ڪير لڳندي آهي منهنجي؟ منهنجو ساڻس نيٺ ڪهڙو سنٻنڌ آهي؟ ويچاريان ٿو، پنهنجو پاڻ کان، من جي گهراين سان، انيڪ ڀيرا پڇان ٿو. (جواب نہ آهي، نہ مون وٽ، نہ ئي من ۾)

هن اٿيي، ٻسي، ٺلهي، بيڪار جيون ۾ هلندي، رُلندي- هاڻي ۽ ان کان ٻہ اڳي ۽ تنهن کان ٻہ اڳي، ڪيئي لالائون منهنجي من ۾ آيون- (جيون ۾ ڪاٻہ اچي نہ سگهي) ڇا هيءَ لالا ٻہ ائين رڳو من ئي من ۾ رهجي تہ نہ ويندي ٻين جيان، يا اهي ٻئي ڪنهن جي جيون ۾ تہ نہ هلي ويندي- ۽ آءٌ... منهنجو جيون، اڳي وانگر ٺلهو ٺلهو رهجي ويو تہ پوءِ... ويچاريان ٿو- پت سان مٿو هڻان، يا پاڻ کي ڪنهن ڪار جي هيٺان ڇڏي ڏيان. اهو ڪجهہ جو هاڻي ويچاريم، نہ ڪري سگهندس. ڪجهہ ٻہ نہ ڪري سگهندس. خالي. ٺلها، سڪٺا. ٻي ڍنگا، ويچار آهن- ڪوڪلا، خالي. ڪجهہ ٻہ نہ آهي، ڪرچ نہ آهي، سگهہ نہ آهي، افيشنسي نہ آهي، ٽيلنٽس ناهن، ڳڻس نہ آهن. ڳيدي آهيان، ڪانئر آهيان، هر ڏس هر لحاظ، هر معيار کان هيٺو آهيان. ڪجهہ ٻہ نہ آهيان.

وقت وڏي ويندو، آءٌ بينو هوندس، ساڳئي جاءِ تي. ساڳئي هنڌ. وقت سان گڏ نہ وڌندس، وڏي بہ نہ سگهندس. وڌڻ جي سگهہ مون ۾ آهي بہ ڪونہ. لالا ۽ ان لالا کان پوءِ ٻي ڪا لالا هوندي چانيل من تي، ويچارن ۾، هر ڪرم ۾.

رستو آهي، جنهن تي هلان پيو. ويچاريان پيو، ڏسان پيو، جوانڙين جا سهڻا مهانڊا، سهڻا جسم. (اهي بہ ڪي ماڻيندا هوندا) ويچار. ويچارن سان گڏ بت ۾ سيسڙاٽ ۽ مزي جهڙو ڪجهہ. اسٽريٽ، دوڪان، ڪارون، فٽپاٿ، اچ-وڃ، پيچ-پچان رستو آهي، سچو ناهي، ماڻهن جا انبوهہ آهن، آءٌ آهيان، رستي تي. فٽپاٿ تي، انبوهہ ۾. ويچارن سان گڏ انبوهہ ۾ وڃائجي ويل پنهنجو پاڻ ۾ نہ آهيان. ماضيءَ ۾ نہ آهيان، حال ۾ نہ آهيان، مستقبل ۾ نہ آهيان. من جي غفائن ۾، من جي سچن ڪنڌرن ۾ پٽڪان پيو.

جوڙا، سهڻا جوڙا. ڪل، ٺهڪ، مذڙ، سريلا ٺهڪ. مرڪ، مرڪندڙ سهڻا چهرا. ڪلي نٿو سگهان... مرڪي نٿو سگهان. ٻين کي ڪلڻ کان جهلي نٿو سگهان. ۽ انهن تي ڪمينٽس ڪري نٿو سگهان. اڪيلو آهيان. رستي تي هلندڙ ماڻهن سان آهيان. روئي بہ نٿو سگهان. ٻين سان گڏ آهيان، گڏ نہ آهيان، ٻين جي وچ ۾ آهيان، انڪري ٻين کان لڪڻ ڪاڻ، من جي پاوَن کي لڪائڻ ڪاڻ، چپن تي زوريءَ مرڪ آڻڻ جي ڪوڙ ٺوڪريان. (مٿل مرڪ-جڻ روئي ويهندس) چو ٿو مرڪان. ڪو ڏسي. نہ، ڪير بہ نہ ڏسندو. هيڏي انبوهہ ۾ ڪنهن کي پئي آهي جو ڏسي. ڏسي مون بابت ويچاري. هرڪو هڻ-هڻان...

- آءِ... ساري...

سامهون ايندڙ ماڻهوءَ سان ٽڪر. ٽڪر لڳڻ سان، بہ وڪون پٺتي هٽندي، ٿڙندي، پنهنجو بئلينس وڃائيندي، پيرن جو ڌرتيءَ سان ڳنڍيل سنبنڌ ذري گهٽ ٽٽندي ٽٽندي، وري جڙي ٿو وڃي. لڇ ڪان-۽ ڪجهہ ٻين ماڻهن جي عجيب، ٺوڪ پريل، تکين نگاهن کان بچڻ لاءِ تکو-تکو اڳتي وڌي ٿو وڃان. (اڳتي وڌي، پٺتي مڙي ٿو ڏسان.) پويان بہ ماڻهن جا انبوهہ آهن ۽ اڳيان بہ. منهنجو ڪنهن سان ٽڪر ٿيو، ڇا ويچاريندو؟ ڪجهہ بہ ويچاري، منهنجو ڇا وڃي. (ڪا نہ ڪا غلط راءِ قائم ڪئي هوندائين.) هونهہ. اجايو وري... خار، جڪ، ڪاوڙ. پنهنجو پاڻ تي. هرويرو، ڇو ويچاريندو آهيان، (پيڙ ۾ ائين ٿيندو ئي آهي.) پر پوءِ بہ سنڀالي هلڻ گهرجي، ائين ٻي سڌ تي ٿو

هلان ڪٿي... پر جي ائين منهنجو ٽڪر ڪنهن سهڻي ڇوڪريءَ سان ٿئي ها، هوءَ بيلنس وڃائي، اڇلجي منهنجي ڀاڪر ۾ اچي ڪري ها ۽ هن جي ڇاتين جو اُڀار، منهنجي ڇاتيءَ سان، زور سان لڳي... ۽ پوءِ... بدن ۾ سيسڙاٽ. اپريل، پريل، گول - گول ڇاتين جو سيني سان لڳڻ ۽ بدن جو بدن سان چنبڙڻ جو محسوس ڪندي، مزي جهڙو ڪجهه لڳي پيو. پر جي ڪا ڪاوڙجي، ڪاوڙ ۾ پيرجي، گاريون ڏيئي يا سينڊل لاهي ۽ رڙيون ڪري، ماڻهن جو ميڙ ميڙي، اهو ميڙ ۾ مون کي گهيري ڇڏي ۽... ماڻهن جا چنبا. پوندا، گاريون، لتون، مڪون ۽ نيٺ ٿاڻي تي وٺي هلڻ، پوليس جي حوالي ڪرڻ جون ڌمڪيون. مزو، جو ڪي ڪن اڳي، ڇوڪريءَ کي ٻانهن ۾ گهيرڻ جو خيال ڪري ماٺيمر پئي، هن ڪن ۾ اهو ويچار ايندي ئي، ڪن جو مزو وڃائي، هوش ۾ هلڻ جي ڪريان ٿو ۽ جوانڙيون، جوانڙين جا سهڻا جسم، سهڻا چهرا ڏسي پوڳيان پيو پيڙا، لڇان ۽ ڦٿڪان پيو.

هلان پيو، رستي تي، ماڻهن جي وچ ۾. اڳيان، پويان، پاسن کان، هر ڏس کان، رش آهي. ماڻهو. سهڻا مهاندا، ڪير جهڙا اڇا لڳ، سخت، نوس، لسا لڳ، پريل، اُپريل، ڇلڪندڙ ڇاتيون. هلڻ جا من موهيندڙ انداز. لوڏ، ڇيلهه جي، پولهه جي، من ۾ پيهي ويندڙ ۽... ڇڏ. ڊئم اٽ. آل از يوسليس. پڇي وڃان، هن پيڙ مان نڪري وڃان. ڪيڏانهن؟ ڪٿي؟ سڄڻ رستن تي؟ ها. هليو وڃان فريئر هال ۽ ميٽروپول يا انٽر ڪانٽينينٽل جي پاسي. اڪيلائپ هوندي. (نه ڪارون هونديون - سهڻا جسم هوندا ۽ جوڙا هوندا.) ڏسندس، ڏسي سڙندس ۽ پڄرندس.

هلان پيو، بنا ڪارڻ جي رستي تي. پيڙ مان. سهڻن جسمن - سهڻين ڇوڪرين سان گڏ (گڏ نه آهيان، اڪيلو آهيان ۽ انهن جي وچ ۾ آهيان.) پنهنجي هستيءَ کان اڻڄاڻ. ڇوڏاري، رستي جي ٻنهي پاسن کان دوڪانن اڳيان نهيل فٽ پاٿ تي ماڻهو آهن، جي هلن پيا. مون سان گڏ - مون وانگر. (ڇو؟ ڪيڏانهن ويندا؟) ڪيڏانهن به وڃن. وڃي ڏوڙ پائين يا ٻڏي مرن. منهنجو ڇا ٿو وڃي. ڪنهن نه ڪنهن سان، ڪو نه ڪو ڪارڻ ته جڙيل هوندو ئي. نه ته... نلها - اجايا - سڪڻا، بيڪار ويچار، سوال. پيڙا. بار ذهن تي، من تي. ويچار : بار. من : بار. هستي : بار. بار بار. بار. پنهنجي بي معنيٰ بي هستيءَ جو بار ڍوئي، ٿڪل، ٽٽل، هيڻن، نبل قدمن سان وڪون کڻي هلان پيو رستي تي - ماڻهن سان.

هلان پيو - رستي تي - ماڻهن سان گڏ - ماڻهن جي وچ ۾. پٽڪيل ويچار. پيڙا.

اجايا ويچار. نہ ويچاريان. ذهن کي-من کي ۽ ويچارن کي ڪنٽرول ۾ رکان. پنهنجو پاڻ ۾ رهان-پاڻ مان نہ نڪران. ماٺ رهان. (من بي معنيٰ جيون جي هڪ ٽرئجڊي.) نہ ويچارڻ لاءِ بہ ويچارڻو ٿو پوي، ۽ انهن ويچارن جي پيڙا آهي مون سان جڙيل. من ۾ پيڙا آهي. هرويرو ويچاري من کي ڏکي ٿو ڪريان اجايو. ويچار، ويچارن جو وهڪرو، پٽڪ-ڪجهہ بہ نہ رهيو آهي منهنجي من ۾. من-من جي آنڌ مانڌ. پيڙا-بي وسي-بي حسي-بي معنيٰ وجود، مئل آسون، جڪيل من، ۽ اُن من تي تري آيل لالا، هر هر، هر ويچار جي ختم ٿيڻ تي، يا ڪنهن ڇوڪريءَ کي ڏسڻ سان، ويچاريو هوم-ويچاري پڪو پهہ ڪيم-نہ، هاڻي لالا-لاءِ نہ ويچاريندس، پر جڏهن ويچار ئي نہ رهيا آهن منهنجي وس ۾... منهنجي جيون ۾ هوءَ نہ ايندي، اچي بہ نہ سگهندي. پيڙا، لوچ ڪام. ذهن اگهيان، من ۾، اکين اگهيان، ڦرندڙ هر هر، لالا جو سهڻو مهاندو، سڊول لڱ. موهيندڙ مرڪ... ۽... نہ نہ. ڊئم اٽ. شي از اگلي... ڊرٽي... ايند... (گيدي، ڪائر من کي آٿت.) هون، ڇا ويچار ۾. ڪل، پنهنجو پاڻ تي. گيدي، ڪائر من تي ڪل، ڪوڪلي ڪل.

- (اڙي بابا هوءَ ميڊيڪل جي اسٽوڊنٽ، سا وري توسان ٺهندي. اجايو پيو پنهنجي ليکي جهرين. وڃي ڪا بي تاڙ.)

... جواب؟ جواب ناهي. ماٺ آهيان. ذهن پٽڪندڙ، من پٽڪندڙ.

- (پڌ، فلاڻا، باقي لالا آهي واهہ جي. ڪيئن؟)

ڪل، ٺهڪ، ٺوڪ...

(آءٌ ماٺ.)

جڏهن جواب ئي ناهي تہ ڇا ڪڇان. آس آهي هڪ اٽلڪي... (ڪتي پلجي، پريت ڪري ويهي.) ٿي سگهي ٿو هن کي مون سان پريت هجي بہ! ڪڏهن چوانس يا جڏهن سامهون اچي تہ نهاري اک پچائنس. (ريسپانس ڏيندي؟) چوانس ڪٽي سنئون سڌو، ان ويري پولائيٽ وي، جيئن خراب فيل نہ ڪري. (ناڪار ڪري تہ؟) انڪار ئي تہ ڪندي نہ. اُپ تہ نہ ٺٺندو! نہ تہ خالي، ٺلهو ڀرم، ئي ٺيڪ آهي. (ڪوڙي ويساهہ جو موت نٿو گهران.)

ڇوڏاري پيڙ آهي. (هلان پيو پيڙ جو پاڳو ٿي.) اُتي آيو هوس، ائين بنا ڪارڻ جي اسٽوڊيو مان، نوڪري ذلالت آهي ۽ سپ ڪان وڏيڪ ذلالت جيئڻ

۾ آهي. جيون آهي، جيئڻ لاءِ نوڪري ڪرڻي ئي پوي ٿي. روز، ڏڙڪا، ايڪسپلينيشن ڪال ٿيڻ. ڊپ ۾ ڪنهن نہ ڪنهن چُڪ جو ٿيڻ، ٽيپ ٽٽو، پروگرام آن ايئر نہ ويو. (يا ٻي ڪا ٽيڪنيڪل مسٽيڪ.) رات جو ڏيڊ لڳي ننڊ ۾ اوجهرندي، ايڪسٽرنل سروس جو ٽيپ ٿيل پروگرام ڪرڻ، ڪنٽرول روم مان فيڊر نہ ڪليو ۽ فيڊر ڪلڻ جي ڪجهہ ڪن ڪان پوءِ ٽيپ ٽٽو. لاسٽ وارننگ ملي. سڄو ڏينهن هڻ هٽان. (ڊبنگ، ايڊيٽنگ، رڪارڊنگ، مٿي ۾ سور، ڪم مان بيزاري. روٽين. نيم. سڀ ساڳيو. پل پل ساڳيو. ڪجهہ بہ نئون ناهي.)

- (اڙي فلاڻا ٻڌ، هوءَ ويني اٿئي تنهنجي لالا.)

- (ڪٿي؟) اُتاولو من، اُڻ تڻ، ڇڻ اوسيئڙي ۾ هوندي.

- (ها ها ها... هي هي هي... اڙي جهرين پيو. صفا ٿو مرين.)

ٺوڪ، ڪل، ٺهڪ.

- (نہ، نہ. اهڙي تہ ڳالهہ ڪانهي. ائين ٿو پڇان. آهي ڪٿي؟)

لڪائڻ جي جاکوڙ. اُڻ تڻ اکين مان پڌري.

- (مر نہ. او سامهون اسٽوڊيو نمبر ٩ ۾ ويني اٿئي. بزم طلبہ لاءِ خطن جا جواب پئي رڪارڊ ڪرائي. وڃي جهر، مر. ها پر ٻڌ، هي ٽيپ بوٿ مان، ٻئي نمبر رنگ تي ڪيو ڪري وڃ... اڙي اڙي اسپول نہ ڪڻ. صفا وايون بتال ٿي ويون اٿئي.)

ٽڙ ٽڪڙ. (ڏڪندڙ هٿ.) بوٿ جي در تي زور. (ٽڙاڪ...) در زور سان کلي، بند ٿي ويل. ڏڪاٽي هٿن ۾. ٽڪڙ. ٽيپ اسپول تي ويڙهي، رورڊ، فاسٽ رورڊ، پلي، اسٽاپ. ڏڪندڙ ڏسٽي آڱر، آڱر جو زور. هان مانيٽرنگ تي. (رانگ) اوهہ. آڱر ڏڪندي ايڊيشن تي. پلي. (اڳتي وڌي ويئي) وري رورڊ، فاسٽ رورڊ، اسٽاپ، ٽڙاڪ. ٺٽي هئي ذري گهٽ. پلي. پرفيڪٽ. رائيٽ. (ڪجهہ مارجن ڇڏڻ لاءِ هٿ مان پنٽي ڦيري ٿو ڇڏيان.) ۽ در ڏانهن مُڙان ٿو. (ٽڙاڪ) در کلي وري بند. سامهون اسٽوڊيو جي در ۾ لڳل گول شيشي ۾ منهن وجهي، اکيون مچڪائي، اندر جهاتي پائي، اندر ڏسڻ جي جاکوڙ. سامهون ڪرسيءَ تي مائيڪ اڳيان لالا. مرڪندڙ، من موهيندڙ چهرو. ڪنڌ ڪڏهن هيٺ پنن ۾، ڪڏهن مٿي. سامهون وينل ڪارو ڪنو لوسي چوڪرو. ڏسڻ سان ڪراهت ٿي وني. (ڪل، مرڪ، ماڻا، ۽... ۽...) بيهندي، بيهندي جڪ. ان جي جيون ۾ تہ نہ هلي ويئي آهي. ڪي

ڪن پهرين لالا جو مرڪندڙ مهاندو ڏسي سڪ ماٺيو هوم. سو ان ڪاري ڪي ڏسڻ سان وچائي جڪ پيو ڪاوان، ۽ هاڻي، هن ڪن ۾ پڇرا ان پيو اندر ئي اندر ۾. وڏيڪ دير، ڳپل مهل بيني، بيهڻ جي سگهه وڃائجي ويل. وڏيڪ ڏسندس، ڏسي نہ سگهندس. لڳي ٿو، بيني بيني ڪيرو ٿي ڪري پوندس.

من ۾ آيل ويچار-درڪولي-اندر گهڙي-ان ڪاري-ڪني-بڇڙي-ڪوجهي-چٻ جهڙي ڪي ڳچيءَ مان جهلي نونشو واهي ڪڍانس. (هڪ... ٻہ... ٽي... ۽... ڇڏ. اجايو.) در ڪان هٽي، وري ساڳئي جاءِ تي اچان ٿو. پنيان مڙي، اسٽوڊيو نمبر نو جي بوٽ ڏانهن ڏسي ويچاريان ٿو-(اندر وڃان؟ لالا جو مٺڙ آواز ٻڌان) مُڙندي، مڙي بہ وڪون ڪٽندي، در جي هينڊل ۾ هٿ وجهندي، در تي زور ڏيندي، ڏيندي، ذري گهٽ ڪوليندي، (وڃان؟ يا اتان ئي موٽي وڃان؟) ويندس، اجايو بور ٿيندس، من ئي من ۾ سڙندس-پڇرندس-لڇندس-ڪامندس ۽ در ڪان هٽي، پري ٿي، مڙي-بوريت ڪان، پيڙا ڪان بچڻ ڪاڻ-اسٽوڊيو مان نڪرڻ لاءِ-اڳتي-مين گيٽ ڏانهن وڌان ٿو. ٽڪو-ٽڪو، نڪري ٿو اچان ٻاهر-اسٽوڊيو ڪان-چاڙهين تان لهندي، هيٺ اچي-بلڊنگ ڪان ريڊيو اسٽيشن جي بائونڊريءَ ڪان ٻاهر-بندر روڊ جي پاٽ تي، نم جي وڻ هيٺان.

آهيان ماٺهن ۾، هلان پيو پيڙ ۾. ان ڪان اڳ-بندر روڊ تي مُنجهي-بيهي، ريڊيو اسٽيشن ڏانهن منهن ڪري ويچاريو هوم :- (هُن چيو هو ترسڻ لاءِ. ڳولهيندو. اجايو بور ٿيندو.) ۽ پوءِ-ويچاريو هوم :- (پلي بور ٿئي-آءُ وري ڪهڙو پيو سڪ ماٺيان، اڪيلو وڏيڪ نيڪ آهيان. هن سان گڏجي-هلندي-هُن جي مرضيءَ تي رلندي-پٽڪندي-وڏيڪ بور ٿيندس. پنهنجي وس ۾ بہ نہ رهندس.) ۽ هاڻي : اڪيلو ٿي رُلندي-پٽڪندي ويچاريان پيو، هن مهل وري ڪهڙو پنهنجي وس ۾ رهيو آهيان. پٽڪان پيو اجايو. من پٽڪيل، پٽڪيل ويچار. ٽڪاءُ نہ آهي. (نہ من ڪي، نہ ويچارن ڪي.) جڪ، خار، ڪاوڙ. پنهنجو پاڻ تي ۽ ان ڪان وڏيڪ ان سالي، حراميءَ، ڪاري تي. ڪوڪلو من، ڪوڪلا ويچار، بي سود، بي ڍنگا، اجايا. ڪجهہ نہ آهي. ڪجهہ بہ نہ رهيو آهي. جيون، سڀ : خالي، خالي. پيڙا. لاڳيتا عذاب ڏيندڙ ويچار. چڪ وجهي پنهنجو ماس پٽي وٺان.

ماٺهن سان گڏ، ۽ ماٺهن ۾ رڙهان پيو، پنهنجي هستيءَ ڪان اٽڪاڻ. ٽٽل هستيءَ جو بار ڪٽي. ڇو پيو هلان ! (ڪارڻ؟) ائين، بيڪار، ٺلهو رُلڻ جو ڪارڻ؟

ڪارڻ نہ آهي. (ڪارڻ ڳولهڻ گهرندي بہ ڳولهي نہ سگهندس.) ويچار آهن. بار هيٺ. ڪنهن اڻڄاتل بار هيٺ دٻجي، گهٽجي، ٻوساٽجي هلان پيو. ويچار. ماڻهو. موٽرون. رستا. (رستا نہ. رستو. جنهن تي آءٌ آهيان، هڪ آهي.) اچ، وڃ هل، هلان ڪي ٽڪا. ٻوڙندڙ ۽ ڪي رڙهندڙ. پيڙ. فٽ پاٿ. منهنجي قدمن هيٺ، پيرن هيٺ، بوٽ هيٺ، فٽپاٿ. بوٽ ۽ فٽ پاٿ جو پاڻ ۾ ٽڪرڻ ڪري جو آواز ٿيندو آهي، ٻڌڻ ۾ نٿو اچي. (ڪن ٿو ڏيان.) پير فٽپاٿ تي زور سان هڻان ٿو. نٿو ٻڌان پوءِ اهڙو ڪو آواز. (آواز : پيرن جو، بوٽ جو، فٽپاٿ تي، ٻين انيڪ آوازن سان وچڙي، اٽڪي، موٽرن جي آواز ۾ وڃائجي، پنهنجي شڪتي وڃائي وينو آهي. ٻڌڻ جهڙو منجهس ڪجهہ بہ نہ رهيو آهي.)

رستي تي هلندي، بي خياليءَ ۾ ٿاٻو کائيندي، پنهنجي بوٽ جي اڳئين حصي ڪي، اڳيان ويندڙ ماڻهوءَ جي بوٽ جي کڙيءَ سان ٽڪرائيندي ۽ شڪي ٿيڻ جهڙو ڪجهہ ٿيندي، ويچاريان ٿو : نہ ويچاريان. پر اهڙو ڪجهہ ڪرڻ ۾، ڪيتري جاکوڙ ڪندي بہ، سڦل ٿي نٿو سگهان. ڪجهہ بہ نٿو ڪري سگهان ۽ ڪجهہ نہ ڪرڻ جي پيڙا کٽي هلان پيو. لڇان ۽ ڦٿڪان پيو. دماغ ڪڙهي پيو. لڳي ٿو جڻ ٻرندڙ، ڏهڪندڙ اڱرن مان، ٻرندڙ لوهہ جا ٽڪر، اُڇل سان منهنجي دماغ ۾ اچي ڪريا آهن. سڙڻ، نسن جو، دماغ جو. باهہ. چيرو. چيپون. پنيٺ. ۽... ۽... آهہ... هلڪي رڙ. چرڪ. (رڙ نہ هئي. ويچار هو شايد.) مٿي تي ٻئي هٿ. ڏسان ٿو، پنهنجو پاڻ ۾ موٽي اچي، اڳيان، پويان، پاسن کان، پرسان هلندڙ ماڻهن کي ڏسان ٿو. اهڙو ڪجهہ جو هاڻي مون کي لڳو ٿيو تہ ڪو نہ؟ ڏسان ٿو، ڪجهہ بہ ڪونهي. اهڙو ڪجهہ بہ ڪونهي جو مون کي هاڻي لڳو. ڪوبہ مون ڏانهن نہ پيو ڏسي. ويچار هو. ڪجهہ بہ نہ ٿيو. (شايد اهڙو ڪجهہ ٿيو، پر ڪنهن بہ نہ ڏٺو. يا ڏٺو، ڌيان نہ ڏنو، يا ڌيڻ نہ گهريو.)

هلان پيو پيڙ ۾، سهڻن مهاندن سان گڏ، نوس نوس ڪندو. من پٽڪي پيو. ماڻهون، سهڻيون ڇوڪريون. بيل باٽم، مني اسڪرٽس، اگهاڙيون ٽنگون، پريل سٿرون، لسيون، سخت، ڪير جهڙيون اچيون ۽ ڪاريون بہ،پر وٽندڙ. ميڪ اپ، لپ اسٽڪ، پائوڊر جي هلڪي تهہ ۾ ڍڪيل چهرا، شوڪيس، دوڪان ۽ مون وٽ پيڙا. من ۾ لوڇ، ڪام، من ۾ اچي ٿو رڙيون ڪريان دل کولي، مڪون هڻي شوڪيس ڀڃي وجهان. ڇوڪرين کي جهلي انهن جي ماس ۾ چڪ وجهان.

اونها، گهرا ساهه کڻندي، نرڙ تان پگهر اُگهندي، ذهن کي ساڳئي اڳئين حالت ۾ آڻڻ جي جاکوڙ، هلندڙ لاڳاپا ٿين، ڪا به جيون ۾ نه ايندي. نه لالا ۽ ان جي ڪا متبادل. جڪ، باهه، سڪل زبان، ڪڙهندڙ مٿو، من ۾ ويچار، رستي تي جهلي، ڪنهن ڇوڪريءَ کي چميون ڏيان. ڀاڪر پائي، زور ڏيئي، هڏ نپوڙي ڇڏيانس ! پيڙا، لوڇ، ڪام. ويچار. سامهون ايندڙ مني اسڪرٽ واري ڇوڪريءَ کي جهلي، ڀاڪر پائي، دسي، ڪپڙا ڦاڙي چيهون چيهون ڪري ڇڏيانس. ٻريل سٿرن تي چڪ وجهانس. ڳلن تي ۽ اُڀريل ٻريل ڇاتين کي وات ۾ وجهي چوسيان ۽ ماس ۾ لڳن جي انگ انگ تي چڪ وجهي ماس پٽيانس. سچا لڳ چباڙي ڇڏيانس.

۽ ڇوڪري پاسي مان لنگهي ٿي وڃي. (لڳي ٿو منهنجا هٿ پاڻهي ڇوڪريءَ ڏانهن وڌندا وڃن.) ٻڃي چرڪ ٿو ڀريان. چرڪ ڀريندي، ٿڙندي، ڪرندي ڪرندي، سامهون ايندڙ ماڻهوءَ سان ٽڪرائجندي بچي ٿو وڃان. (هو. ڇا ٿيو.) ڏسان ٿو، پنهنجي ڇوڏاريءَ. جنهن ماڻهوءَ سان ٽڪرايس، ان جون چيندڙ نظرون. ڀانيان ٿو، سيني جون نظرون مون ۾ آهن. ماڻهن جون عجيب چيندڙ نظرون. انهن تکين ڪاٽيندڙ نظرن کان بچڻ لاءِ تکو تکو اڳتي وڌان ٿو. ٺهڪ ! ڪل ! (ڇٽرون !) مون تي ته نه ڪليا. شايد مون تي ٺهڪ ڏنائون. پڪ ئي پڪ مون تي ڪلي ٺهڪ ڏنائون ! هلان پيو، تکو تکو. لڳي ٿو، اڳتي وڌندي پوئتي ڇڪجندو پيو وڃان ! ڇڪجي ڪري پوندس. وکون ڪٽندي پير جڻ وچڙن پيا.

اڳتي، گهڻو اڳتي وڌي آيو آهيان. پنتي مُڙي ڏسان ٿو، اهڙو ڪجهه جو مون کي اڳي لڳو، اهو ناهي. ماڻهو هلن پيا. مون ڏانهن ڪو به نه پيو ڏسي. ويچاريان ٿو : ماڻهن ۾ آهيان. اهڙو ڪجهه جو هاڻي ويچاريم، ڪري ويهان. يا مون کان ائين ئي بي خياليءَ ۾ ٿي پئي ته ماڻهو هن ڀريئي رستي تي اصل جيئرو نه ڇڏيندا. ماڻهن ۾ آهيان، پنهنجو پاڻ ۾ نه آهيان. ڪجهه ٽيڻ کان اڳ، هتان، هن پيڙ مان، ماڻهن مان، سهڻن مهاندن مان، سڊول لڳن مان، ٻريل سٿرن مان، لالائن جي وچ مان نڪري، ٻري ڪنهن سڃي رستي تي هليو وڃان. تکو هلندي ذري گهٽ ڊوڙندي، پيڙ مان نڪرڻ، تمام جهٽ نڪرڻ جي جاکوڙ پيو ڪريان.

# ٽٽل شيشا ـ پگل عڪس

هڪ :

ٻہ :

ٽي :

۽ هڪ ڏينهن پوءِ ٻہ. (؟)

وقت آهي جو ڊوڙي پيو. نہ، وقت جي ڊوڙڻ، پڄڻ، هلڻ ڪي ڪابہ اهميت ڪانهي.

وقت :

شڪست ڪاڏل.

ان ڪان ٻہ وڏيڪ مار ڪاڏل ڪتي جيان پڇ لٽڪائي ڪيڪڙات ڪري پڄي پيو.

گهٽيون ـ سوڙهيون. منجهيل. ور وڪڙ. بدبوءِ. الجهن من جي. الجهن اکين جي. الجهن پيرن جي. ماڻڻ جي چاهت. انت. پيڙا. (پيڙا ئي آهي رڳو.) آئوت ليت تہ گهرجي نہ. جسم ـ گرم. ڪورو. ٽاندا. جيبون. ڏڪاٽي. ٽنگن ۾ وچڙ. وچڙ پيرن جي. سڪل وات ـ ٿوٽ. ڳيتون. وات جو ذائقو بدليل... عجيب، عجيب... ڪجهہ...

(ڊاڪٽر جهلي ٿو.)...(!) If you want to live dont go to broth- el at any cost otherwise ...otherwise? ...؟... رڪاوٽ... بيهجي ويل زبان. اٽلڪو سوال ڇا جو... ڇو؟... سوال منهنجين اکين ۾ ٻہ. ڪجهہ، ٻئي ـ الڳ ڪيفيت، حالت ڪٽي. ڊاڪٽر جي اهڙي طرح نهارڻ ڳالهائيندي بيهجي وڃڻ پنيان، يا ڳڏ، پڪ ئي پڪ ڪنهن بڇڙي بدصورت خطري جو اهڃاڻ هوندو.

(جهلي ٿو.)

جيئڻو آهي. (!)

ڇاڪاڻ ؟

اتي بہ ذلت آهي. دنيا ڪٿي ناهي ! مون لاءِ دنيا آهي ئي ڪونہ- اتي ئي ڪٿي پئي آهي. (اهو ئي ڪجهہ رهيو آهي / رهجي ويو هي -ڪجهہ ڪرڻ لاءِ.)

In this situation you must marry. چيائين... چوي ٿو.

جو چيائين - ٻڌم، سمجهيم، محسوس ڪيم.

پر آءٌ ڇا ڪريان (؟) ڪجهہ ڪرڻ... نہ ڪرڻ ڪي ڪابہ اهميت ڪانهي.

سدائين لاءِ، پاڻ سان ڪنهن کي ڳنڍي اڳتي وڌڻ آءٌ نٿو گهران. نہ- گهرڻ ڪان بہ اڳتي ڌڪار آهي يا ڌڪار جهڙو ڪجهہ (؟) يا ان ڪان بہ بدترين جذبو. اهڙو ڪجهہ...

(ڪا ڇوڪري ملي !)

ملي (؟)

ملي اهڙو ڊرل نہ آهي... ڳتس نہ آهن... اهڙو ڪجهہ بہ نہ آهي... ڪجهہ بہ نہ. جو ڪا ڇوڪري موهت ٿئي. پريت ڪري- يا هڪ رات رهڻ گهري ۽ وساري ڇڏي پل... (!!!) ميوچل انڊر اسٽينڊنگ نقصان ئي...

- ڪيترا ڀيرا وڃي ڇڪو آهين براٿيل؟ چو ٿو وڃين هرويرو ڪنين رنن وٽ. ڪهڙو فائدو، اجايو ٿي بيماري پرائڻ.

ڊاڪٽر پڇيو- (نہ ڪجهہ وڏيڪ واڌ... اُپديش. سمجهاٽي. بزرگپڻو- (هر ماڻهوءَ جي ڪمزوري) پنهنجي ڪمزوري ٻين تي مڙهڻ جي بي حيائي.)

ڇوان يا نہ؟ تہ نہ ڇٽي ڇا ڇوان. ڪجهہ نہ ويچاري - ايبيوليٽلي وٽ ايمپٽي مائينڊ- ۽... ۽... ٻلي... ڪنڊ هيٺ.

- ائين مڙيئي... ٻيو ڇا ڪجي ٻلا...

(جواب ٻيو نٿو ٿي سگهي ۽ اهڙي حالت ۾- ٿي سگهي ٿو تہ موزون نٿو ٿي سگهي، جي آهي بہ تہ مون کي ڄاڻ نہ آهي.)

هڪ ڀيرو... (خاموش)

ٻيو ڀيرو...

... ۽ ...

- وري ڪيئي نہ بد پرهيزي.

پوءِ سوال. ان کان پوءِ بہ سوال ۽ تنهن کان پوءِ بہ سوال. ان مهل منهنجي ڪنديشن...؟ نہ - ياد نہ آهي - هاڻي - هن مهل - هتي هلندي. نيچرلي... پاڻ کي جسٽيفاءِ ڪري - پنهنجي سائيڊ ئي صاف ڪئي هوندم - ڪارڻ لاچاريءَ جو ڳنڍيل.

(سائيڪو انيالائيز ڪرڻ تي...(؟) بين جي پرسنل افيئرس ۾ ٽنگ اڙائڻ جي عادت... بيماري...) سوال - اڻچٽا...مبهم...

رهيو بہ تہ ناهيان - ويچاريندي. سمجهندي. فائدي، ڇيهي جي ڪلڪيوليشن ڪندي... لائيٽ - ڊارڪ اَسپيڪٽس جي مئيرمينٽ ڪندي بہ ڪيسي ۾ جڏهن پئسو رهيو آهي. هاڻي هوندي بہ نٿو وڃان.

(جبر پاڻ تي. ويساهہ گهاتي (؟) خواهش جي زوريءَ ڪر ايل آپگهات (؟)...)

(جيئڏو آهي. جهلي ٿو.)

جسم ٻري پيو - جنسي.

- سور آهي ڏاڍو - پيشاب سڙي ٿو.

التجا پريل اکين ۾ - ڪجهہ ايڪسپيڪٽيشن ڪٽي.

ڇاتيون منهنجي هٿن ۾ - وات ۾. جسم : سڊول، سهڻو، نوس.

لسو - وارن کان خالي - ترڪڻو - سٽرون گول... گول - پريل...

(ڪجهہ بہ هجي. ڪو آپريٽو آهي - ريسپانسو بہ.)

ايڪسٽريم - سيڪس.

ذهن :

سيڪس.

سيڪس.

سيڪس.

بجليءَ جي ڦڙتائي. اکين ۾ اَڻچٽو نشو... خمار. سهڻا لڳ پريل سٽرون.

ٽوس ڇاٽيون. لهه- اُتار. ڊپ نه ٿيو. ٻيو ڪجهه به نه. ڇاتم به ٿي. ڪجهه به هجي... She is suffring from ganorrhoea ٻاهر- ان ڪان الڳ ٿي -موٽي پاڻ ۾ ايندي-ويچاريندي ڊپ-

ڊپ (؟) شايد ! نه، پڪ ئي پڪ، ان ڪارڻ ئي ٿيو اهو ڪجهه (!!!)... (؟؟؟) نه ته، مڙهي سگهجي ٿو.

هي گهٽيون- انڪان اڳتي ٻيون گهٽيون- رستا. سهڻا مهاندا. سهڻا جسم. فيشن. سيڪسي فيشن. سيڪسي چهرا.

بڪواس.

(... ...؟) ... !

بڪواس آهي- سڀ ڪجهه... سڀ ڪجهه... بلڪل بلڪل بڪواس.

......؟...؟...

...؟......؟...

!!!... !!!...

نه ڪجهه به نه... نه هجي ڪجهه. ڪجهه جو آهي- هاڻي، هن بدشڪل- بڇڙي-مڪروهه-منحوس روپ ۾ -ڪجهه بچيل ناسُ ٿيڻ گهرجي... سڀ ڪجهه ئي...

ڪنهن به ڳالهه ۾ ڪجهه به نه آهي.

ڪجهه...

نه اهميت... ناهي ڪجهه... (؟)... (!)... (؟؟)

سڀ... سڀ بڪواس.

بڪواس. بڪواس. بڪواس.

... ... ...

... ... ...

ڪڏهن !

.

نہ... ... ها گهٽو ڪري ٿي - بيهيور يا ريسپانس نہ هئڻ - نہ ڏسي - ڪجهہ ڪرڻ کان اڳ - ڪرڻ مهل - پاڻ کي جلد ختم ڪرڻ/پاڇهي ٿي پوڻ. ڏک (؟)... پڇتاءُ (؟)... ڪاوڙ (؟)... ڪجهہ بہ... ڪجهہ بہ... نہ ڪجهہ بہ نہ...

بوريت آهي. ڪرپ آهي ڪجهہ - ڪيئن ختم ڪجي. آئوٽ ليٽ؟ (پوءِ ڪٿان بہ...)

اها ئي هڪ وات آهي - مون لاءِ. (واٽون آهن - ڪيئي. بند آهن سڀ - مون لاءِ تہ بند آهن) هڪ ئي وات تہ آهي - جا وني هلان ٿو - ڏنگي. مڏي. ڦڏي. ڪٽيل. ڊنل. رڳو هڪ ئي آهي، ۽ هاٽي. نہ هاٽي کي ڪا بہ اهميت ڪانهي. يا ڪو بيو اهڙو ڪجهہ.

جذبا مرندا، مانا ٿيندا.

جيستائين مئا نہ آهن - تيستائين...؟

ان پيڙ مان گذران پيو. پيڙ جو وڏڻ. وڏي هڪ هنڌ چمڻ، ڪنهن نئين آيل/سهڻي ڇوڪريءَ جي اڳيان. سيني جون نظرون. تيڙ - تڪيون. تيز. اهو سهندي سامهون بيٺل ڇوڪري. پوليس وارن جون سڏيون لنيون. هڪلون. دڙڪا. گاريون. ٽٽل پيڙ. سڃي گهٽي. رڳا پوليس وارا. نيم آهي. ذليل ذات آهي پوليس - حرامي نسل. انسان ذات ئي... سڀ ذليل - ڪميڻا - احمق - بيوقوف...

آءٌ مئل آهيان. ماريو ويو آهيان.
(جهلي ٿو.)

ڏسڻ سان ڪوبہ فرق نٿو پوي. نہ ڏسڻ سان ڇا ٿيندو؟...
اشارا ٿي ڪري. سڏي ٿي. ۽ مرڪي بہ ٿي (؟)... ...(؟) ...

نہ ويندس. هن جيان ائين چاتيون ڪدي هٿن ۾، وات ۾ نہ ڏيندي. جلدي ڪندي. بوريت. واهيات آهي. واهياتپڻو- بلڪل.

صبح-صبح ئي ساڻ پيڙ. گوڙ. لڳ-پڳ سڄي براتيل جون پراستيٽيوٽس هڪ هنڌ گڏ-مڙيل، ڳوڙهه، مليل. گاڏڙ. هڪ بئي سان الجهيل آواز. وڏا واڪا- هڪ ئي وقت ڪيئي. ڪجهه نہ ڪجهه نئون ٿيو آهي. ڪجهه(؟)... جهيڙو(؟) اندر وچي ڪو ڊسچارج نہ پيو ٿيندو هوندو (؟) ائبنارمل هوندو ڪو. (يا اهڙو ڪجهه ٻيو ئي.)

هجوم ۾. گوڙ ويجهو (؟) ماڻهن جي واتن ڏانهن. آوازن جون لهرون ٽڙيل-پکڙيل ٽڪرا-ٽڪرا ٻٽيل.

- اڙي ڀڄي ويئي پيٽسان-هن خدابخش ڊرائيور سان. هاڻي سائين ڪٿي ٿي هٿ اچي.

مختلف-آٽوميٽيڪلي ٿهيل ماڻهن جا نديڙا جٿا. اچرج. عجب. ڏندين آڱريون (اصطلاح جي گهيري ۾) ڪجهه ان قسم جا ئي پاؤ.

- اڙي ها ها اها پناٽي. هر ڪنهن سان پئي ڪلندي هئي. رن هئي واهه جي-جهڙي مکڻ.

- باقي سائين رڪشا ۾ ائين چڙهي چا ! هنن دلن رڳو پنيان اهو-اهو پئي ڪيو. هاڻي چا ٿيندو !

- ها سائين ڪچر پاڙي ذات-ٻيو ڪن بہ چا. پر ڏسجائين وينو-ويهندي هن خدابخش وٽ بہ ڪونہ-جي ويني تہ اوڙي پاڙي جو سک هوندو.

- ها ٻيو نہ تہ وري. سائين جنهن رن تي روز سؤ جٽا چڙهن سا هڪڙي مان ڪٿي ٿي ڊاپي.

ڪنهن جي ڀڄڻ کي ڪا اهميت ناهي. (ڪا نئين جهڙي ڪانهي) آهي اهميت يا ان ڪان وڌيڪ ٻيو ڪجهه، ڪنهن پراستيٽيوٽ جي ايئن-ان ريت ڀڄڻ کي... (!)

(جهلي ٿو)... نہ وڃان. نہ وڃان تہ نہ وڃي ڪيڏانهن وڃان ! ڪو الٽرنيٽ. ڪو سبسيٽيوٽ. ڪا متبادل صورت. نہ ڪجهه بہ نہ (......)

Don't worry. It is minor infection you will be all right in few days; but let me tell you one thing Frankly, you must marry, because I think that's only solution of your problem.

حل ٻيو ناهي (؟) ممڪن ئي ناهي. نٿو وڃان. شادي ڪريان (؟)... (ٻيو حل)... ڪريان- ان کان چڱو آهي آپگهات ڪريان. اڪيلائيءَ ۾ مزو آهي. مزو ڪنهن به ڳالهه ۾ ناهي. هڪ پيڙا آهي. وڏيڪ پوڄڻ نٿو گهران. گندو نسل ختم ٿيڻ گهرجي-مون سان گڏ. ڪيڙا. ڏليل ڪيڙا وڏندا. نه-بڪواس. ختم ٿيڻ گهرجي.

هوءَ پرپٽ مڙس کي گاريون ڏيندي آهي. گلائون ڪندي آهي.
- ڪدڙو آهي مئو ٻاهه لڳيس. نڪو هوند-نڪو شڪر.
ٻار ڪٿان آيا؟... اهي سڀ... ذليل ڪيڙا جو وڏيا (؟)... يا...؟

جيون : ذلالت. بي عزتي.
هرڪو ذليل ٿئي ٿو. جنهن جي هٿ ۾ جو ڪجهه آهي-هٽي ٿو ڪڍي-رکي نٿو. لتون ته سڀ ٿا هڻن-مڪ هڻڻ گهرجي.

Ofcourse this is an age of insultation and humiliation, we are all passing through it.

لنگهان پيو. سڀ ٿا لنگهن. ڪير نٿو گذري. يا آءٌ اڪيلو ٿو گذران. يا...(؟)

ڪيسي ۾ پئسا ڪٽي ان پيڙ مان گذران پيو. بوريت آهي واهياتپڻو.

سڏي ٿي. نه بوريت آهي. ذهني غذاب. اندر وڃي-هاٽي-هن مهل، موت ۾ مليل بي رخي، جلدائپ يا ٻيو ڪجهه اهڙو نٿو گهران.
ويچار. من ۾ ڪجهه، ڪجهه. آس جهڙو ئي. (وڃان ۽ پوءِ ڪمبائيٽڪ هٽائي ڇڏيندس) آهي ڪجهه، ٿني جڙي ويو آهي.

لڳي نئين ٿي. پاسيبل آهي-ٽيڪٽس نه ڄاڻندي هجي. سچو آر. پي. جلدائپ، بي رخي يا ٻيو ڪجهه اهڙو جذبو نه ڏيکاري. بي هنڌان ٿي-هتي آئي هجي (؟) ان حالت ۾؟

(۽ هوءَ به هئي ڪشميرڻ-هڪ)

ٻوريون، سهٽيون ٻانهون. (انهن ٻانهن ئي تہ مونکي ڏانهس ڇڪيو) ان ڪان وڌيڪ سهٽيون، بنا وارن جي لسيون سٿرون. موٽ جسم. اپريل-ٿوس ڇاتيون ۽ چپ. ڳوريون سٿرون، سٿرن سان لڳل-الجهيل-چنبڙيل. ڇاتيون هٿن ۾. چپ چپن سان. لڇڻ ڦٿڪڻ. تيز-اونها ساهہ. بجليءَ جي تيزي. بجليءَ جا جهٽڪا. هيڏان ريسپانس. ۽... ۽...

هڪ ٽرپ جي پيمينٽ ۾، بنا بخشيش جي. ٻہ، ٽي-پيرا.

وڃان ڪنهن وٽ. هن وٽ ئي (؟) اندر... (!!! ؟؟؟)

ورتاءُ سٺو نہ هجيس تہ (!!!)

وڃان (؟)

وڃان تنهن کان اڳ پاڻ کي مينٽلي سيڪولاجيڪلي پرپيئر ڪري وڃان-اهو سڀ سهڻ لاءِ (اوس اهو ئي ٿيندو.) لاچاري آهي. وات بہ ناهي. (آهي تہ منهنجي سمجهہ ۾ ناهي.)

(!)

(؟)

آءٌ. نہ جيون جو-پنهنجو پاڻ جو ڇيد ناهي. وات ڪانهي-پڄڻ جي. رستا. سڀ رستا-جي اڳيان آهن، ٽتي ٽا پون. ڌهي-اهڃاڻ مٽائي ٽا ويهن. پاوناٺون-ننگيون پاوناٺون. جهٽ نہ مرنديون. پيڙ آهي. جسم آهن. اٿريڪٽو، وٽندڙ. اندر ڪوڪلا. بي جان. مئل. ٽڏا، ساٽا. ٽڪل. ڍئل جسم. منهنجي بيمار وڪن هيڏان ڪسڪندڙ-گنديون، ڪنيون، بدبوئدار گهٽيون. ٽڪل اڪين ۾ اٽڪيل-ٽڏا، ساٽا، گندا جسم.

ذهن:

بند ڪمرا. اگهاڙا جسم. گندا بسترا. ڍليون ڪتون. چيڪات. لوڏ. اُڇل-مئل سرير. ڏپ. اٽوٽندڙ بدبوءِ-نڪ جي ناسن ۾ گهڙيل. انت، ڪراهت، نفرت. هر واري-ساڳيو ڪلائيميڪس.

سوڙهيون گهٽيون... نندا بدبوئدار ڪمرا. پڪ ئي پڪ انهن سوڙهين-گندين گهٽين ۾ بدبوئدار-اندرهن ڪمرن جي وچ ۾ ڪو ذليل-ڪميڻو سمجهوتو ٿيل آهي. ڪو ناهہ... گهٽيون ڪمرن ۾ ڏکي ٽيون چڏين ۽ ڪمرا واپس گهٽين

۾ ٿا اُڇلين. فتبال (؟) هاڪي (؟) ٽڏن ۾... ها ٽڏن ۾ ئي.

ڏڪاٽي. رڦاٽي -لڱن ۾.

احساس، ڊپيل. گهٽيل. ٻوساٽيَل. جيون (؟)

(جيون بہ هن وٿشا جيان)

جيون : وٿشا : اشارا ڪري (ماٺا ڪندي) سڏي -ڪجهہ طئہ ڪري، در بند ڪري اگهاڙي ٿئي ٿي. (اگهاڙپ جيون جي)

ڏڪندڙ -رڦندڙ لڱن ڪي جهليندي -سوڙهي گهٽيءَ مان لنگهان پيو. ڏسندو. اکيون ٻڇائيندو. (جيون حالتن جي بدصورتيءَ ۾ قاتل - گهريل)

جذبا مرندا؟ نيٺ مرندا. انهن ڪي مرڻو ئي آهي. (۽ پوءِ ڇا...؟) انهن مٿل جذبن جي، جن سان ڪجهہ بہ نہ ماٺيو ويو هجي، پيڙا نہ رهندي. ڪجهہ بہ هجي. ڪجهہ بہ (!) هاڻي جي پيڙا ختم ٿيڻ گهرجي.

گهٽيون. سوڙهيون. بدبوءِدار. ان ڪان پوءِ در. ڇائنن تي بيٺل سرير. صبح ڪان شام. شام ڪان رات. بيهي -بيهي ٿڪي ڪري پوندا. (سرد لاش ڪسي جيان)

آءٌ (؟)

آءٌ مار ڪاڏل ڪتي جيان. مار ڪان پوءِ بہ پڇ لٽڪائي نوس -نوس پيو ڪريان. ٽڪندس -نيٺ، نوس -نوس ڪري. ڪنڌ ۾ ويهي، لڪي پنهنجا زخم چٽيندس. سلهہ جي بيماريءَ جا سهڪا، رت جون الٽيون. ڪتي جي اوناڙ... هي جيون(؟)

وڃان -هن وٽ. نيڪ هوندي نہ هوندي (؟) فرق ڪهڙو ٿو پوي. وڃان ٿو.

(نہ جهلي ٿو) جيئڻو جو آهي.

تہ ڪيڏانهن وڃان ! (پوءِ ڇا؟)

(؟... ....)

(؟... ....)

(؟... ....)

محبت ڪري اهو ماٺيان. (يا شادي)

شادي !
(واهياتپڻو. بڪواس... بڪواس... الٽيءَ جهڙو ذائقو.)
پريم :
(اِنتظار ۽ اوسيئڙو. ڪاوڙ. شڪايتون. ڏوراپا. پيڙا-ردي پڻو. آئڊل اِزم ردي پٽي جي. ڊئم دس آل...)
نہ. سهي نہ سگهندس اهو ڪجهہ. بڪواس واهياتپڻي سان نباهي نہ سگهندس.
نہ، هتي فرض مڙهيل ناهي. پابندي ناهي. وقت جي زنجير جي جڪڙ ناهي. (پر جهلي ٿو) جيئڻو آهي. جيئڻ ڪارڻ ئي نٿو وڃان (!!!) جيئڻ ڇا جو؟ ڇا لاءِ؟
اگهائيءَ جي عذاب جي پيڙا نہ هجي. سهي ونڃو اهو سڀ ڪجهہ.
(عذاب. پيڙا. ساڙو. جلن. هر وقت. بي سڪائي. ذهني عذاب... جيون ئي سچي اذيتناڪ.)
نہ، ائين نہ ٿئي اهو سڀ ڪجهہ... ائين مان ميٽ ۾ ختم ٿي وڃي اهو سڀ ڪجهہ نہ بچي. ڪجهہ ڪرڻ لاءِ.

ڏڪاٽي. سيءَ جهڙو ڪجهہ. ائين... ائين... (؟) (!)

ٻانهون ٻڌل ڇاتيءَ وٽان. ڪرنڊڙا، ڪلها. لڱن ۾ ڏڪاٽي.
ڏڪندڙ لڱن کي سوگهو جهلي، هلان پيو. پڪڙجي سگهان ٿو ٽنگن مان. (ڪير ڏسندو؟) ٽڪو هلان. ٻوڙ پايان. ٽنگن جي وڇڙ. (ڪري نہ پوان !) ٿاٻا. سامهون ايندڙ ماڻهوءَ سان ٽڪر. نروسنيس. ايڪسڪيوز ڪرڻ کپندو هو، ڏوهہ منهنجو آهي. ڊيم ڪيئر. انهن ذليل ڪميڻن ماڻهن سان وري...

(هوءَ ڇا سامهون بيٺي آهي؟) ڊانسر آهي.
گهرندي-وڃڻ گهرندي بہ، ڪيڏي ڇاڪوڙ ڪندي بہ. وڃي نہ سگهندس، ڇمار جي ڪنهن بہ حصي ۾ وڃڻ جي چاهنا، ڊبيل آس.
- اڙي اهي بہ هلنديون آهن. پرائيويٽ، پوري نائيٽ لاءِ. ڊانس ڏسڻ کان پوءِ مڙيئي ڪنهن نہ ڪنهن طريقي سان ڳالهائجي-ڪلاڪ اڌ لاءِ بہ ڪم هلندو

آهي. سٺ ستر ۾ ڪم ٿي ويندو- باقي سڀائي انهن به ڪونه ڇڏيو آهي.)

پهرين ڊانس ڏسجي- داد لاءِ پئسا ڏجن ۽ پوءِ... ... رستي تي هلندي جي ڪنهن جي ڪيسي مان پرس ڪري پئي ته (؟) اجايو (!!!)

منهنجي حيثيت :

چٽيل. لڳيل. ڳنل- پينل. بي جان- ٿڌا جسم. دم جا سهڪا. بيمار چميون، بي حس مئل ٿڌا چپ. مشينون آهن... ڳنل مشينون، جذبن کان خالي. مئل. روٽين ورڪ ڪنڊڙ.

هيءَ. اجا به ٿي ڏينهن اڳ ته بولي پٽل هئس-۽ هاٽي. هوندو ڪو... (اجايو خار. جڪ. ڪاوڙ. ڪارڻ (؟)

ميڙ آهي. هر هنڌ. هر در اڳيان.

آءٌ (؟)

ڪٽيل. الڳ. ڌار. اڪيلو (منهن آهن مرڪندڙ. ڪلندڙ واسنا سان ڀريل.) در- بند، ڪجهه ڪن کان پوءِ کليل. ۽...

منهنجو منهن...؟؟؟ ...؟؟؟ ...

؟؟؟... ؟؟؟...

؟؟؟... ؟؟؟...

؟؟؟... ؟؟؟...

ڇا هوندو... آرسيءَ جي ڳهرج پوندي. واهيات.

خار. جڪ. ٻاهه. لڳي ٿو- ڪجهه ائين... ائين... Something

Something extraordinary, something new is happening to me. I can only feel it but do not know what is it.

ڪجهه نئون... نئون. غير معمولي. لڳي پيو ڪجهه عجيب عجيب.

هاٽي : هن مهل. اڳي ڪڏهن (؟) ياد ناهي. پانيان ٿو اڳي ڪڏهن نه (!)

هٿ ۾ هينڊ گرينڊ هجي. هن ميز تي اُڇليان.
ماڻهو مرن- چيڙ جي ڦٽڪن. لچن. پچن. رڙ واڪو. ذليل. ڪمينا. واهيات. منافق ماڻهو. ڪُتن جي لوڌ. انهن کي مرڻ کپي. (من ۾ اٿاهه ڇاتل خوشي) در بند. وٺشا مري پوي. هڪ نه سڀ. سڀ. سڀ... سڀ... سڀ...
نه، هڪ نه انيڪ هينڊ گرينڊ هجن. يا آٽوميٽڪ مشين گن.
ڏسان مئل رندين کي اگهاڙو ڪري. مخصوص عضوي کي چاقوءَ سان چيري، چيچاڙي... ٽڪر... ٽڪر... ان حالت ۾ ماڻي پوءِ چاقوءَ سان...

پڇي وڃان (؟)

ڪٿي.
ڪيڏانهن ؟
ڪيڏانهن ؟
ڪيڏانهن ؟

هتي... فائدو؟
بڪواس. واهياتپڻو، ۽... ۽...
(... ... !!!)
(... ... !!!)
(... ... !!!)

ڦٽيل - زخمي سمجهه. مئل. ڪجهه نه آهي. ٽڏي باهه ۾ سڙان پيو. حالتن جي بدصورتي. (لاچاري آهي !) لاچاري جيئڻ جي !
(ڇا رکيو آهي جيئڻ ۾ - انهن حالتن ۾) مطلب جي پاوناٺون نه هجن.

هاڻي هلندي هلندي ڪيرو ٿي ڪري پوندس. بيهوش !
مٿي ۾ چڪر.
سمجهه. سوچ. ويچار. ۽ سڀ. پاڻ آءٌ- پنهنجو پاڻ اڳيان جواب ڏيئي وينو آهيان. ڪوڪلو. خالي. گند جي ڍير ۾ پيل خالي پئڪيٽ. ڦٽو ڪيل.
نه آءٌ نه آهيان. مري چڪو آهيان. ختم. پاڇو، پنهنجو پاڻ جو. منهنجو.
(نه آءٌ پاڻ) ٽٽل عڪس. اڌورو. اڻپورو. اڻچٽو. نه ڪجهه به ناهي. آءٌ (؟) ڪوڙ.

جيون ڪوڙ.
ڪوڙ...
ڪوڙ...
ڪوڙ...
بڪواس. بنهه بڪواس.
بڪواس.
بڪواس.
بلڪل... بلڪل... سپ... سپ... ڊيم دس آل. آل اِز نانسينس.
(!!!...!!!...!!!...؟)

پريشان. پشيمان. حيران. چريو. سزا ڪاٽيندڙ. (جيون جي ڪوڙ کي لڪائڻ جي جاڪوڙ ۾ چوڌاريءَ ڪان ٿڦڙون ڪائيندڙ) اذيت جو شڪار.
(اذيت)
هر پل-هر کن اذيت (!) هر ساهه ڪٽڻ سان جيئڻ جي.
جيئڻ جي بار هيٺ دٻيل. مشڪوڪ هستي. اڏوهي ڪاڌل من.
ٽٽل...
ڊٺل...
ڪريل...
(سڄي پيڙ. سڄي پيڙ جو بار.)
ويچار.
ويچارن جون حدون (؟)
نه مقرر ٿيل ناهن. ڪٿيل ناهن. ٿي نه سگهنديون.
ٽٽل. ڪٿيل. بي معنيٰ جيون ٽوڙي وڌو آهي. جڙيل ڪڏهن (؟)
گهري سوچ: پر ڪوڪلي-بي مقصديت جو شڪار-بک بٽيل. سوچ ۾ پڪڙيل. پڪڙجي پنهنجو پاڻ مان ڪٽيل. حيثيت. سيلف آنر اڳيان ٽڪر-ٽڪر ٿي ويل (!!) مڙندي. مرڪندڙ وٺشا ڪان اڪيون بچائيندي-سيلف ائنالسز ٿو ڪريان.
چا آهي ڪجهه اهو. ظاهري طور ته There is nothing wrong with me.

اهڙو ڪجهه جڙيل ناهي. (پوءِ؟)

ڪجھ مبهم...
ڪجھ اڻچٽو...
ڪجھ مشڪوڪ...
ڪجھ؟
ڪجھ؟
ڪجھ؟
ڪجھ؟
... ۽ ... ؟ ... ڪل ناهي. بهرحال... ڪجھ تہ...

ڊانسر. اڳيان. اڪيلو ۾. (ڏاڍي سهڻي آهي... ڏاڍي... (؟)...)

I feel little strangeness within myself.

هٿ. ٻانهون ڦونڊجي وڏا پيا ٿين. لڳي ٿو ڪجھہ... ڪجھہ...
(اندر گهڙي-ٻاڪر وجهي. ڇيڇاڙي. دسي. رهنبوتا هٽي. ڦتي ريپ ڪريانس.)

ڦڙتائي:
مضبوط سگهارا هٿ. زور سان پيڙهيل ڏند. هٿن جي پڪڙ ٻانهن ۾. ڦتڙات. زور. لوڏ پينگهي جيان-ڪجھہ... ڪجھہ... رڙيون، تيز اونها ساھہ. سهڪا. ڦاٽل ڪپڙا. اگهاڙپ. هينان لڇندڙ. در وٽ. ٻيڱل در. سڄي پيڙ ٽٽي پئي... مڪون، ٺڪون. ڌڪ. لتون... ۽... ۽... ۽. (ذهن ۾ هليل فلم جو آخري سين هيبتناڪ حد تائين خطرناڪ)

خار...
جڪ...
بيهودائي. واهياتپڻو. بڪواس.

Ofcourse, something is wrong with me, which is my own conscious and existence.

سچ پچ... سچ پچ... سچ... پچ
ڊيم... (؟)
بڪواس.
واهياتپڻو.

(هلڻ جي اسپيڊ ۾ واڌ)
(؟...)
ڪجهه عجيب... عجيب... عجيب. ڇا.
(؟)
()...
... (؟)
ڇا آهي هي... هي ڇا (؟) ڇا-ڇا (؟) ناهيان... ڪجهه به نه...
(؟)
ڇا (؟)
(بڪواس)
ڇا (؟)
(بڪواس)
ڇا (؟)
(بڪواس)
ڇا (؟)
(بڪواس)
بڪواس-سڀ ڪجهه. سڀ ڪجهه. سڀ...

اکيون... ؟؟؟... !!!... !!!... !!!
(سوال ۽ عجب جون نشانيون بڻيل) ذهن بيڪار. مئل. خالي.
نه، سمجهه نه آهي. (مئل آهي... مئل... بلڪل... بلڪل...)
ڀيٽ، سڪل زبان.
- ڳ... گهه... ٽو.
- ڏهه رپيا. (آواز، ٻئي-جهيٽا. مئل.)
ڏسندي-نهاريندي. ميڙ ڪان اکيون بچائيندي. اندر-در بند.
(هن جهليو هو)
ڏوڙ ڌو پائي. نه-اهميت ناهي، هاڻي، انکي.
در بند.

هلڪي اوندهہ. (هيسيل. ڊنل. گهبرايل-آئي.)
هوءَ اچي پيئي در بند ڪري. ٿلندي-ڪجهہ عجيب لوڏ سان. هٽرادو-زوري آندل مرڪ چپن تي-مڙهيل.
ايندي. ڪجھ ہڙ ڪرندي. جهٽڪو. چپ چپن سان. وريل ٻانهون.
هٿ وڌايان ٿو-ڪيس چڪڻ لاءِ، پاڻ ڏانهن. هٿ ڪي هٿ سان اڇلي-پري ٿي، هٽي بيهي ٿي.
- پئسا ڏي پهرين.
چرڪي، هٽڪندي. ڪيسي مان پئسا ڪڍي وڌايان ٿو.
- بخش...
نہ گهرندي بہ-ڪيسي ہڙ بچيل باقي بہ رپيا ڪڍي ڏيانس ٿو.
لڳي پيو-اهو ساڳيو-ساڳيو ڪجهہ نئون. ڪجهہ غير معمولي (!)
(زوردار ٺڦڙ وهائي ڪڍانس)
ڪجهہ (؟)
ڇا (؟)
واهيات... واهياتپڻو.
بڪواس... بلڪل...
بڪواس.
بلڪل.
بڪواس.
ڪجهہ نہ... نہ...
(... ... ...؟)
(... ... ...؟)
(... ... ...؟)
قاتل اکيون. لڳان پيو ڪجهہ ڊنل-ڊنل. نڪري وڃان هتان (؟)
(؟)
(؟)
(؟؟؟)
(... ... ...)

# رڙهندڙ پيڙهي

ويچار ۾، هڪ آس، ننڍڙي آس، جا اُپري آهي، اُها پوري ڪرڻ ٿو گهران، اڳي، اُن ڪان به گهڻو اڳتي، ۽ تنهن ڪان به گهڻو اڳي، ڪيئي ڀيرا ويچاريو هوم، ويچاريان ته اڄ به پيو، پوءِ به، ڪنهن به هنڌ، ڪنهن به ماڳ تي، پڄڻ ۾ سڦل ٿي نه سگهيو آهيان، ڪيئي آسون ڏاري، انهن تائين پهچي نه سگهيو هوس، پهچڻ جي سگهه مون ۾ به ڪانه هئي، رڳو ويچاريو هوم، ويچاريان اڄ به پيو، اڳ جيان، هڪ ننڍڙي آس ڏاري، جا ٿيڻ جوڳي آهي، منهنجي وس ۾ آهي، جي گهران ته، هڪ ڪن ۾ پوري ڪري سگهان ٿو، پر ان ڪان پوءِ ڇا ٿيندو؟!

ان ڪان پوءِ جو ٿيندو، اُن تي ويچارڻ ڇريائپ آهي، آءٌ اڳتي لاءِ ويچاري ڪا ڇريائپ ڪرڻ نه ٿو گهران، اڳتي ڪجهه ڪونهي، اڳتي جو ڪجهه به ٿيندو، بيهندو نه، جهلي نه سگهبو، ڪوبه، ڪٿي به، اڳتي جو به ٿيندو، ان کي روڪي نه سگهندو، جيڪي ڪجهه ٿيڻو هوندو، ٿيئي رهندو، ان کي ان ئي روپ ۾، سويڪار ڪرڻو ئي پوندو، جا هڪ لاچاري آهي، جيون جي اڳيان، يا ڀاڱ جيون ئي، اڻلکي، اڻسڌي ورپ ۾ مڃيل هار آهي.

جيون ۾ هڪ آس، جا ٿيڻ جوڳي آهي، منهنجي وس ۾ آهي، پوري ڪرڻ ٿو گهران، ان ڪان اڳتي ڪجهه به نه. رڳو ايترو جنهن ڳريءَ، وڏيءَ، ڇپ جي هيٺان آءٌ دٻجي، گهٽجي، ٻوساٽجي رهيو آهيان، اُن ڇپ جي هيٺان ڪيئن به ڪري. مڪت ٿي، ڇا اڳتي وڌي سگهندس؟ جي ڪجهه ويچارڻ بنا ئي، ڪجهه ڪري ويهان ته ان ڪان پوءِ... !!؟؟

هر آس جي پويان سوال آهن، هي جيون سارو سوالن جو ميڙ آهي، اُتر مون وٽ ڪونهي، رڳا سوال آهن، ذهن ۾ سوال، سوال سوال ؟؟؟!!!

آءٌ اُنهن سوالن جي زنجيرن ۾ الجهڻ نٿو گهران، نه گهرندي، به، هيترو پڄندي به، آءٌ ڪٿي نه ڪٿي، ڪنهن نه ڪنهن مهل، ڪنهن نه ڪنهن روپ يا ويچار ۾، انهن سوالن جي زنجيرن ۾ الجهي، جڪڙجي ٿو پوان، ويچار نه آهن، آسون نه آهن، رڳا سوال آهن، اُتر نه آهن، اُتر ڪنهن وٽ به ڪونهي، جيون ڇا آهي؟ ڇا ڪوئي ٻڌائي سگهندو؟

ويچار ۾، آءٌ پنهنجو پاڻ کان هڪ سوال آهيان، اُتر مون وٽ ڪونهي، شايد ڪنهن وٽ به نه هجي. رڳا لفظ آهن، ڪن لاءِ ڪن کان وڌيڪ ڪنن لاءِ، من کي آٿت ڏيڻ ڪاڻ، گهائل آسون آهن لڪائڻ لاءِ.

ويچار ۾، هاڻي، ان کان پوءِ جي ننڍڙي سوال جي سوال ۾ نه الجهندس. جو ويچاريو آهيم، جا آس ڌاري آهيم، پوري ڪري رهندس. ڪنهن کي به، ڪٿي به، ڪجهه به، ان جي باري ۾ نه سڻائيندس، ڪنهن جا به اپديش سڻڻ بنا ئي اهو ئي ڪري رهندس جو هاڻي ويچاريو آهيم. پل ته ان لاءِ مونکي ڪو ڳرو مُلهه چڪائڻو پوي. جيون ۾ هڪ، رڳو هڪ پيرو، هڪ ننڍڙي آس پوري ڪري، ان ويچار کي ويچاري، من کي نلهو آٿت ڏيئي، هڪ ڪوڙو ئي، پوءِ پل ته هڪ ڪن يا ان کان به گهٽ لاءِ ئي سهي -سک ته ماڻي سگهندس، ته جيون ۾ هڪ ئي پيرو، جو ويچار ۾، جا هڪ آس ڌاريم، پوري ڪيم، جيئڻ گهر ۾، اهو ئي ڪيم، بس رڳو ايترو!

ويچاريم، جي جيئڻو آهي ته جيون سان جنگ جوٽڻي ئي پوندي، انهن آسن کي ڇڏڻو ئي پوندو، هڪ بي حس انسان بڻجڻو ئي پوندو. ڪٿي نه ڪٿي، ڪنهن نه ڪنهن روپ ۾ هن جڳ سان ناهه ڪرڻو ئي پوندو. پر ڇا آءٌ ڪٿي يا ڪنهن روپ ۾ جڳ سان ناهه ڪري سگهندس؟ يا پنهنجي Nature کي جڳ جي ئي مرضيءَ تي موڙي، نئين سر ناهي يا ڍاهي سگهندس؟ ڇا اهو ڪجهه ڪرڻ جي شڪتي مون ۾ آهي؟ يا اهو ڪجهه ڪري سگهندس جو منهنجي وس کان ٻاهر آهي؟

ويچار ۾، جڻ جڳن کانپوءِ، ڪا هڪ آس اُپري آهي، تمام ننڍڙي آس جنهن جي 'ها' ۽ 'نه' جي وچ ۾ لٽڪي پوڳي رهيو آهيان. 'ها' يا 'نه' مان، ڪنهن به هڪ تائين ايڏي جاکوڙ ڪندي به پهچي نه سگهيو آهيان. ڇا ٻين جا اپديش ٻڌي، مون ۾ هڪ جاءِ تي بيهڻ جي شڪتي نه رهي؟ يا اهو ڪجهه جو ڪرڻ گهران ٿو، ان لاءِ ٻين جا Views ٻڌي، پاڻ گهڻو ڪجهه ويچاري، وچ تي بيهي رهيو آهيان، اڳيان يا پويان مڙي هلي نه ٿو سگهان.

مون وٽ سڪڻا ويچار آهن، ڪرڻ لاءِ ڪجهه ڪونهي، ڪجهه ڪرڻ لاءِ ويچاري به، ڪنهن ماڳ تي پهچڻ جي شڪتي نه مون ڌاري آهي، نه مون وٽ آهي ئي.

آءٌ لٽڪي رهيو آهيان، لڏي رهيو آهيان، گهڙيال جي پينڊيوليم جيان، ها ۽ نه جي وچ ۾. چيم، چيو نه هوم، ڪجهه چوڻ جي سگهه مون ۾ نه آهي، رڳو ويچاريو هوم، هاڻي، هن ڪان پوءِ، ڏهاڙي ايترو ذليل نه ٿيندس. نيچ، ڪميڻي ماڻهوءَ جا دڙڪا، رعب، ڏيکاءُ نه سهندس. اهو اپمان هاڻي نه سهندس. اهو ڪتو جو ڏهاڙي ڀونڪي ٿو، ان جو ايترو ئي، اپمان ڪندس. ۽ ڇڏي ڏيندس اها نوڪري. نوڪري ڇڏي ڏيندس. ويچاريان پيو، ان ايتري اپمان کان، اڳ به ڪيئي ڀيرا، ويچاريو هوم ڇڏي ڏيندس، اها ذليل، ڪتي، بڇڙي بدبودار نوڪري، ويچاريو اڳ به هوم، پر اهڙي شدت سان نه، ڪئي ڀيرا پڪو نشچو ڪيو هوم. ايڏو پڪو پهه ته هاڻ به ڪيو آهيم. هر ڀيري اَسڦل رهيو هوس، جيون ۾ سڦلتا مون ڪڏهن ڏني ئي نه آهي، ويچاريان ٿو ته سڦل ٿي ئي رهندس. پر سڦل ٿيڻ ڪانپوءِ... !! اڳو ان ڪان پوءِ جي ننڍڙي سوال مون کي الجهائي، جهلي، روڪي، جڪڙي رکيو آهي ۽ هاڻي به اڳ جيان، ان بدبودار نوڪريءَ ۾ جڪڙيو پيو آهيان، سُڌ نه آهي ته... ؟!

ويچاريم، هوند مان ڪلاسيڪل ايج ۾ جمان ها. ڪو گائيڪ، ڪوي، يا ڪو ڪلاڪار هجان ها. جنهن يگ ڪان آئون ٽٽي، ڇڄي، الڳ ٿي ايترو اڳتي وڌي آيو آهيان، وري ان يگ سان لاڳاپو ڳنڍڻ جي اجائي اسڦل جاکوڙ ڪري رهيو آهيان. جي وقت اڳتي ڀڄڻ جي بدران پٺتي موٽي، سڄ، ڌرتي ۽ ٻيا سپ گرهه، وري ابتا ڦرڻ لڳن ۽ ماڻهن جي لڱن تان ڪپڙا هڪ هڪ ٿيندا لهندا وڃن. گهر، بلڊينگون، شهر، ڊهي غفائون ٺهجي وڃن ۽ انسان ڳالهائڻ، ويچارڻ جي شڪتي وڃائي ويهي. ويچاريان پيو، ويچارن ۾ وڃائجي، من ئي من ۾، Stone Age جو منش ٺهجي، يا ٺهجڻ جي آس رکي، ڪن لاءِ آنند پيو ماڻيان. هڪ ڪن جو سک ئي جيون جي سپني ڏکن کي، وسارائي سگهي ٿو، پل ته هڪ ڪن لاءِ ئي سهي، اهو ڪن ئي املهه آهي.

پڙهيو هوم، ڏند ڪٿائن، لوڪ ڪٿائن ۾ ۽ ٻڌو هوم، ڪٿائن ٻڌائڻ وارن کان. پراڻي يگ ۾ ڪنهن وات تان، يا پيچري تان، ڪو پرعبي، ڪنهن راجڪماريءَ جي سونهن جي ساراهه ٻڌي، ان جي سندرتا تي موهجي، ان کي ماڻڻ ڪاڻ، نڪري پوندو هو، وات تي، پنٽي مڙي نهارڻ تي سراپ مليل هو ۽ پنٽي مڙي نهارڻ وارو پٿر پهڻ ٺهجي ويندو هو. ڪو سندر راجڪمار، اُن

وات تي هلندي جوڳ پچائي، مڙي نہ ڏسندو هو، راجڪماري ماڻڻ ۾ سڦل ٿي ويندو هو. ويچاريان ٿو، هوند اهو يگ موٽي اچي، يا اڄ بہ ڪنهن وات تي اهڙو ڪو سراپ مليل هجي تہ ڪر آءٌ جوڳ پچائي بہ، اها وات ڳولهي لهان، ۽ هڪ نہ ڇا، انيڪ پيرا، مڙي، مڙي نهاريان ۽ پنڊ پهڻ بڻجي وڃان.

ٻڌو ۽ پڙهيو تہ اهو بہ هوم، تہ چنڊ ۾ ڪوئي مهان ڪوي هو، لوپي هئڻ ڪارڻ، سراپ ملڻ تي، اڄ چنڊ هيڏي ساري آڪاش ۾ اڪيلو، اڪيلو ڀٽڪندو وتي، سندس آتما ڪي نہ شانتي آهي، نہ ملندي، سدا اَشانتيءَ جي پيڙا ۾ لڇندو رهندو.

هيترو هلندي، هيترو پڇتائيندي، پيڙا ۾ لڇندي، هيترو ڪجهہ ڪندي بہ مون کي، ڇو نٿو ڪٿان، ڪنهن وٽان، يا ڪوئي مهمان پرش، هرويرو، ائين ڪروڌ ۾ اچي، سراپ ڏي، جو، ڪنهن وات تي پنڊ پهڻ بڻجي وڃان، يا وشال آڪاش ۾ اڪيلو ڀٽڪندو، ڀڄندو گهمان.

اهو جڳ گذري ويو، اُن يگ سان، آئون، ڪڏهن بہ، ڪٿي بہ، ڪنهن بہ جاءِ تي، ڪنهن بہ روپ ۾، ڪو بہ لاڳاپو جوڙي نہ سگهندس. ان يگ لاءِ رڳو ٻڌو آهيم ۽ پڙهيو آهيم، ويچاريو نہ آهيم، ان يگ جي ماڻهن بہ پنهنجي يگ جي پيڙا ڀوڳي هوندي؛ انهن جي پيڙا، آئون نہ ڀوڳيندس، ڀوڳي بہ نہ سگهندس. هر ماڻهو پنهنجي يگ جي ئي پيڙا ڀوڳيندو آهي.

هڪ ڳالهہ ويچاري، ان ويچار تي، انيڪ، انيڪ ۽ انيڪ پيرا ويچاريو آهيم، پوءِ بہ، هر پيري، ڪنهن هڪ ڳالهہ تي، هڪ مهل، هڪ ماڳ تي پهچي يا بيهي ڪونہ سگهيو آهيان، هر پيري ڪجهہ ڪرڻ لاءِ ويچاري، اهو ڪرڻ ۾ اَسڦل رهيو آهيان، مون ڪڏهن بہ، جيون ۾، جيون جي ڪنهن بہ وک تي، ڪا بہ سڦلتا نہ ماڻي آهي. سڦلتا ڇا آهي؟ ٻڌو آهيم، هڪ لفظ آهي، جوماڻهن ائين ئي اَسڦل کي لڪائڻ يا ڍڪڻ لاءِ جوڙي ڇڏيو آهي. هن جڳ ۾ سڦلتا نالي ڪا بہ شيءِ ناهي، هر هنڌ، هر جاءِ، رڳو اَسڦل... اَسڦل... اَسڦل.

ويچاريان پيو، من هاڻي بہ پيو ڀٽڪي، ڪجهہ ڪرڻ لاءِ، جو ڪجهہ ڪرڻ ٿو گهران، ان لاءِ مون وٽ، پڪو، اٽل، نشچو هوندي بہ، اهو ڪندي، من لڙهي ٿو، ۽ لٽڪان پيو، لڏان پيو، هاڻي بہ ڀئنڊوليم جيان ”ها“ يا ”نہ“ جي وچ ۾.

ويچار ۾، هن ڳالهه تي هڪ پيرو، پڪو نشچو ڪريان، ويچاريان نه، من کي پٽڪڻ نه ڏيان، اهو ڪجهه جو ويچاريو آهيم، بنا ويچارڻ جي ڪري ويهان، ڪان پوءِ جي سوال ۾ اٽڪي، الجهي، نه بيهان، ها يا نه جي وچ ۾، نه لڏان.

پر ڇا اهو ڪجهه جو ڪري ويهندس، ڪرڻ ڪانپوءِ، ڪيڏانهن ويندس؟ بي ڏس ڪيڏانهن وڃي سگهندس؟ بيو ڪو منهنجو بار سهندو؟ يا ٻئي ڪنهن تي بار بڻجي رهي سگهندس؟ يا ٻئي هنڌ ڪٿي، ٻئي تي بار بڻجي رهڻ ۾ ڇا منهنجي اهم کي چوٽ نه رسندي؟ ٻئي هنڌ ڪٿي، پنهنجي پيرن تي بيهي سگهندس؟ ان ڪان وڌيڪ ذلت سهي سگهندس؟ ڪجهه نه ڪري، ٻين ڪان خالي ڪوڪلي، ٻاهرين، وات جي همدردي وٺي، منهنجي ايمان کي چوٽ نه رسندي؟ ڇا هتي منهنجي اهم کي، يا ايمان کي چوٽ نه رسي آهي؟ پوءِ وڃان ته ڪٿي وڃان؟ يا ٻين تي بار ٿيان، ٻين جي هٿن ۾ نهارڻ جي ذلت سهي سگهندس؟ نه وڃان، يا ڪجهه ڪري به نه سگهان ته ڇا جيئي سگهندس؟ ڇا منهنجو جيئڻ ايترو ڪارائتو آهي، جو آئون هرويرو جيئان؟

هر سوال جي پنيان هڪ سوال آهي، انهن سوالن جي اڳيان، پويان ڪيترا سوال آهن. جيون ۾ ڪيترا سوال آهن، هر ويچار جي پنيان، هر ڪم جي پنيان، هر منش جي پنيان، بيو ته بيو، جيون پنيان به سوال آهن، هڪ سوال ڪان پوءِ سوال، ان هڪ سوال سان گڏ ڪيترا سوال آهن، انهن جي اڳيان به سوال آهن، تنهن جي اڳيان به سوال آهن، تنهن ڪان پوءِ به سوال آهن، سوال... سوال... سوال؟؟؟؟؟؟!!!!

لڳي ٿو، اڳئين يڳ ۾، سج، چنڊ ۽ آڪاش جا ٻيا سمورا گره ۽ ماڻهو پنهنجو هي روپ وڃائي، سوال جي اهڃاڻ جو روپ ڌاري وٺندا. ڌرتي، چنڊ، سج، گول نه رهندا، سوالن جون نشانيون بڻجي پوندا، ڇا پوءِ انهن تي ماڻهو رهي سگهندا؟ اهي ڦري سگهندا؟ يا ڇڪ رکي سگهندا؟ هر هنڌ موت جو سناٽو ڇانئجي نه ويندو؟ ڇا ان جو ڪو اُتر آهي؟ ٿي سگهي ٿو، يا هئڻ گهرجي؟

جيون ۽ موت ڇا آهي؟ جيون جو ڇا ڪوئي ماپ آهي؟ يا جيون کي پنهنجي سنئين سڌي، يا ڪابه وات آهي؟ يا ٿي سگهي ٿي، يا هئڻ گهرجي؟ ننڍي هوندي، ڪٿي، ڪورس ۾ سائنس جي Subject ۾ پڙهيو هوم

"Life means struggle for living; and will for doing something new or great."

جيون آهي جيئڻ لاءِ جاکوڙ ڪرڻ جو نالو، پنهنجون آسون پاڻ جهڙن تي پڌريون ڪرڻ، اڳتي وڌڻ جي جستجو ڪرڻ جو پڙهيو هوم. هڪ نه انيڪ ڀيرا، رٽيو هوم، شايد سائنس جي ٽيچر جي پوئکان، ۽ ويچاريو نه هوم. هاڻي ويچاريان ٿو، سمجهي نٿو سگهان، نٿو ڄاڻان، جيون ڇا آهي؟ جيون ۾، جيون کان اڳي، جيون کانپوءِ، ڇا هوندو؟ هن کان اڳ به ڪيئي ڀيرا ويچاريو هوم، سمجهي نه سگهيو آهيان. ڪنهن کي، هڪ ڀيرو چيو هوم، چيو نه هوم، پڇيو هوم :
”آپگهات ڪرڻ ڪيئن آهي؟“

”ڄاڻين ٿو، پرلوڪ کان پوءِ ڇا آهي؟“ اُتر مليو، اُتر نه هو. منهنجي سوال جي پٺيان هڪ سوال، اُتر نه هن وٽ هو، نه مون وٽ، شايد ڪنهن وٽ به، ڪو به اُتر نه هجي.

”پرلوڪ جي ڳالهه آئون نٿو ڪريان، پرلوڪ کان پوءِ ڇا آهي؟ ان تي نه مون ويچاريو آهي، نه ويچاريندس، نه ويچارڻ جي شڪتي مون ۾ آهي، ايترو سو ڄاڻان ٿو، هڪ ڏکهي شانتي، گهري مانُ اوش هوندي، آئون مُڪتي گهران ٿو.“

چيم، چيو نه هوم، ڄڻ من جي غفائن مان ڳالهايم. ڇا اهي من ۾؟ من جي غفائن ۾؟ نٿو ڄاڻان، ڇا ڪوئي ڄاڻي ٿو؟ ڇا ڪوئي من جي غفائن تائين پهچي سگهيو آهي؟ يا پهچي سگهندو؟ نٿو ڄاڻان، پر سمجهان ٿو، من ۾، من جي غفائن ۾ هوندا ويچار... ويچار... نبل ويچار... ويچارن جا انبوه... مئل آسون... آسون... اَسڦل آسون.

ويچاريان ٿو، اڳي به ويچاريو هوم، ڇا پرلوڪ کانپوءِ شانتي هوندي، ساهه ۽ شانتي ته ازل جا ويري آهن، شانتيءَ جي گهرج به ته ساهه کي آهي، ساهه کان پوءِ شانتي ڪهڙي ڪم جي، پر ساهه، جو هڪ وڏو بار آهي، ان کي ڪيئن لاهجي؟ هڪ وات آهي، جا امر آهي، اٽل آهي، آپگهات، پرلوڪ، شانتي، گهري شانتي، اونده... اونده... اونده... گهگهه اونده ۽ ڪاري ٻات.

پڙهيو هوم، ڪنهن ڌرمي پستڪ ۾، ۽ ڪنهن مهان پرس جي ويچارن ۾ ‘‘Suicide is a sin and unnatural action’’ نيچرل ۽ اَننيچرل ڇا آهي؟ نٿو ڄاڻان، پر اهو ڄاڻان ٿو، اَننيچرل ڪا به شيءِ ناهي، اهو ڪجهه جو منش

ڪري سگهي ٿو، جو منش جي وس ۾ آهي، اهو نيچرل آهي. اَننيچرل جو هن جڳ ۾ ڪوبه وجود ڪونهي.

پڙهيو ته اِهو به هوم ''Liberty is a soul of the life'' پر ڇا هن جيون ۾ مڪتي ملي سگهي ٿي. ڇا اهو سڀ ڪجهه آپگهات، پرلوڪ کان پوءِ ملندو؟ ڇا هن جيون جي انت کان پوءِ آتما رهندي؟ يا ان کي جيون ملي سگهندي؟ ٻيو نه ته گهٽ ۾ گهٽ جڳ جي پيڙا کان ته مڪتي ملندي.

آپگهات، پرلوڪ، شانتي، مڪتيءَ جي چڪر ۾ الجهڻ نٿو گهران، جا پوءِ جي ڳالهه آهي، ان تي ويچارڻ نٿو گهران. پر ڇا جا پوءِ جي ڳالهه آهي اُها هاڻي نٿي ٿي سگهي؟

آئون جيون ۾، هر ويچار ۾، هر آس کي پوري ڪرڻ ۾ اَسڦل رهيو آهيان. مون، هر مهل، جيون جي اڳيان هار مڃي به پنهنجي ايمان کي پنهنجي اڳيان ٽٽندو، پنهنجي اهم کي هر پيري چوٽ رسندي، ڏسندي وري ٻيهر هار نه مڃڻ جي شڪتي ڏاري آهي، هر پيري وري نئون اَيمان ڏاريو آهي.

ويچار ۾، منهنجي هر آس، جنم وٺندي ئي مري ڇو ٿي وڃي؟ جيون ۾، هڪ ئي پيرو، رڳو هڪ ئي پيرو، هڪ ننڍڙي آس به پوري ڪرڻ ۾ سڦل ڇو نه رهيو آهيان؟ ويچاريان ٿو، شادي ته نه ڪندس، ٿيندي به نه، پر جي ڪا، ڪڏهن، يا ڪٿي، منهنجي لفظن ۾ الجهي، يا هن جي يا منهنجي مائٽن جي پُل تي، ڪٿي به مون سان پلئه اٽڪائي وجهي به ته ڇا منهنجا ٻار، منهنجين آسن جيان، پنگلا، لولا، لنگڙا، نڪ، چپ، ڪن وڍيل، اکين نڪتل، يا مئل ته نه ڄمندا، يا ڄاپندي ئي مري ويندا؟ يا لڇي ، ڦٿڪي، ڇڇلائي، ڇڇلائي مرندا؟ ڪٿي هن جڳ جا هڙئي ٻار، منهنجي ٻارن جيان ڄاپڻ يا ڄاپندي ئي مري وڃن يا ائين ئي، لڇي، ڦٿڪي، ڇڇلائي، ڇڇلائي مرن؟ انساني نسل بيهي رهي ته پوءِ...؟؟؟ !!

پوءِ ائٽم جي، هئڊروجن بم جي، ڌرتيءَ کي ناس ڪرڻ جي ڪوجنا جي گهرج نه رهندي.

ويچار ۾، آئينده، اڳيان، اونهي، گهري کاهي، ڪاري.

گهگهه اونداهي آهي. هاڻي، اَسڦل... اَسڦل... پيڙا... پيڙا... پيڙا... اَشانتي... اَشانتي... اَشانتي... اَشانتي... مئل، مرده، ڇيپاٽيل ۽ گهائل آسرن پويان، اهو

ڪجهه جو هاڻي ٿي رهيو آهي. پويان هڪ سڏي وات هلندي آئي آهي، جا ڪٿي به، ڪنهن به وڪ تي نه مڙي آهي. جيون جا پويان گذري آئي آهي، ڇميل آهي ٿڌي برف جيان هڪ هنڌ بيٺل، بيٺل پاڻيءَ جيان. پويان سڃ، خالي... خالي... خالي...

ويچار ۾، انسان جي من ۾ انيڪ آسون اپرن ٿيون، جي وس کان ٻاهر آهن، ٿيڻ جوڳيون نه آهن، انهن تائين ڪيترا جتن ڪندي به پهچڻ ڏکيو آهي، ڪا وات، ڪو رستو ناهي، انهن آسن اپرڻ کانپوءِ ڪجهه ناهي، جي ڪجهه آهي ته رڳو انهن آسن جي پيڙا، جا منش جي من کي لڇائيندي ٿي رهي. انهن آسن کي پوري ڪرڻ جي چڪر ۾ هو پوڳيندو رهي ٿو. پوڳيان ته آءٌ به پيو، ٻين جيان، پر ان آس ڪاڻ، جا ٿيڻ جوڳي آهي، منهنجي وس ۾ آهي، جنهن جي 'ها' ۽ 'نه' جي وچ ۾ لٽڪي لٽڪي پوڳيان پيو ساڳي پيڙا.

ويچار ۾، هاڻي، هڪ سڦلتا پائي ٿي رهندس، اُن آس کي اوش پورو ڪندس جا ننڍڙي آهي، منهنجي وس ۾ آهي. ڪنهن جي به باري ۾ نه ويچاريندس، ڪنهن جا به اپديش ڪونه ٻڌندس، انهن تي ڪن ڪونه ڏيندس، من کي انهن ويچارن ۾ لڙهڻ ڪونه ڏيندس. آءٌ ڪنهن جو به پرجهلو نه آهيان. ڪٿي به، ڪنهن سان به، منهنجو ڪوبه لاڳاپو ناهي، جيڪي ڪجهه آهي، ڪوڙ آهي، نڳيءَ جو ناهه آهي، اجايو رچايل سانگ آهي. آءٌ ڪوڙ جي پويان هاڻي نه پٽڪندس-نه رلندس، پڇتائيندس ڪونه، ٻين جي پيڙا نه پوڳيندس. مون کي پنهنجي ئي پيڙا آهي، ٻين جي ڏکن جي چڪر ۾ پاڻ اهو اپمان نه سهندس. نه ئي پنهنجي ايمان کي، اهم کي چوٽ رسڻ ڏيندس.

جيون، جا هڪ ئي سڏي وات تي هلندي آئي آهي، جنهن کي ڪي به نيم نه آهن. ٽٽندي، لڏندي، وري به جُڙي ويئي آهي. جيون ٽٽل... ٽٽل... ٽٽل... جهڪاءُ ۽ ڳنڍ... ڳنڍ... ڳنڍ...

ڪٿي به ڪنهن به جاءِ تي، جيون ۾ ڪو موڙ، ڪا نئين وات ڪونهي، جيون هڪ هنڌ بيٺل، ڇميل، جيون کي ڪي به اٽل نيم، يا ڪي به نيم نه آهن، جين کي ڪوئي Climaxe ڪونهي-ويچاريان ٿو، ڪا نئين وات لهي، جيون کي موڙي، ان وات تي آڻي، سڦلتا پايان، پر...؟؟؟!!!

# گيديپٽي سان پريل جيون

زندگيءَ جي ڪا خوبصورتي، ڪو سندر روپ، ڪو حسين پهلو- رخ به آهي ڇا؟ ڇا؟ تي سگهي ٿو ڪن لاءِ هجي به- پر آءٌ ان جيون مان سندرپڻو ڪٿان ڳولهيان، جنهن ۾ جمڻ ڪان وٺي اڄ تائين رڳو ذلت سان پريل ناڪامين ۽ بدصورت شڪستن کي ئي منهن ڏيندو رهيو آهيان. مون لاءِ ته زندگي، پيار، سونهن، خوشيون ته رڳو خالي- کوکلا لفظ ئي آهن، جن جي ڪا معنيٰ، ڪو مقصد، ڪو مطلب ته آهي ئي ڪونه. مون ته رڳو هڪ ئي حقيقت-سچائي کي ڏٺو، ڄاتو ۽ پاتو آهي- زندگي جي ڪراهت سان پريل بدصورتي ۽ پيار ته زندگيءَ کان به وڌيڪ بدصورت ۽ ڌڪار جوڳو آهي...؟ شايد... هن مڪروهه ۽ بدبودار زندگيءَ ۾ مون ڪيترائي بي معنيٰ لاڳاپا، بي مقصد رشتا، ناتا- ٺاهيا، جوڙيا، ڳنڍيا، (ڪي ته جمڻ سان ئي جڙيل هئا) جيڪي بڪ ۾ جهليل پاٽيءَ جيان آڱرين جي وٿن مان وهي ويا ۽ مونکي سواءِ خالي هٿن جي ڪجهه به پلئه نه پيو آهي ۽ هاڻي ناتن، رشتن، لاڳاپن جي پيڙ- هجوم کان ڇڇي، ڪٽجي، ڏار ٿي پري بيهندي. اهو احساس هيڪاري ڇتو بڻجي منهنجي ذهن کي چڪ هڻڻ لڳو آهي ته آءٌ سڄي ڄمار Disposses ٿي رهيس-چو؟ نيٺ ڪهڙي ڏوهه ۾؟

ڪجهه به هجي پر اگهاڙي حقيقت ۽ ظالم- فحش سچ اهو آهي ته رشتا، ناتا، لاڳاپا سماجي هجن يا فطري پر اهي شخص جي سماجي رتبي ۽ حيثيت پٺاندڙ ئي نهندا، جڙندا ۽ ڍهندا آهن. سماجي يا فطري لاڳاپا ڪنهن به ريت ڪنهن به صورت ۾ اٽل- اٽمت ناهن پر ضرورتن، حالتن، انساني لالچن، غرض موجب پنهنجي معنيٰ، مقصد ۽ شڪل مٽائيندا ٿا رهن. شايد رشتن- لاڳاپن جي ضرورت آهر تبديلي ئي سپاويڪ-قدرتي هجي.

ڪيڏي نه بدصورت ۽ شيطاني صورتحال آهي جو ذهني اُٿل پٿل مان اُپريل سوالن جو ڪو جواب ئي موجود ناهي. لڳي ٿو ته ظالم ۽ اَنڌيون- اَنڌوڪار واريون آسماني طاقتون انهن جوابن کي به ڳڙڪايو وڃن. هونئن به هر سوال جو جواب هجڻ ڇا ضروري آهي؟ انسان ذات جو مقدر اهو آهي ته اها سوالن جو پريون ٻڌيو هلندي رهي، هڪ اَنڌي، اونداهي، اَڻڄاڻ آئيندي ڏانهن سفر ڪندي.

سوزوڪي ڪڙيءَ جو تيز- ڳهٽجندڙ دونهن نڪ جي ناسن کي چيريندو ڦڦڙن ڏانهن

پيو وڃي. سامان ڍوئڻ واري گاڏيءَ ۾ ماڻھن کي ڍوئڻ بہ ڪيڏي نہ عجيب-ڪريل ۽ غير اِنساني حرڪت آھي. عجيب ۽ غير اِنساني ڇو؟ ڇا ماڻھوءَ جي بہ ڪا حيثيت آھي يا خاص طور تي مون جھڙن ماڻھن جي، جيڪي ھنن سوزوڪين ۾ بہ مشڪل سان ٽا چڙھي سگھن، تن جي ڪا حيثيت آھي ڀلا؟ ھونئن بہ ماڻھو ھڪ اھڙي ڪميٽي، واھيات، ذليل، ڪريل ۽ خسيس مخلوق آھي، جنھن سان جيتري بہ ويڌن-جُٽ ٿئي سا ٿوري آھي. ڦاٽڪ کان پُل تائين جو فاصلو ڇڻ ڪيترن ئي ميلن جو فاصلو ھجي، ڪٽڻ جو ئي نٿو لڳي. گھُٽ، ٻوسٽ، گرمي ۽ مٿان وري سوزوڪيءَ ۾ ٻڪرين جيان واڙيل ماڻھو، پُل تي اچي سک جو ساھ کڻي لٿو آھيان. اَڄ ٽيون ڏينھن آھي ۽ آءٌ ساوٽي سنڌوءَ ۾ ٽپو ڏيڻ جي ڪوشش ۾ لڳاتار ٽن ڏينھن کان پُل تي ايندو رھيو آھيان. پھريان بہ ڏينھن تہ دل نہ جھلي سگھيس-ٽپو ڏيڻ لاءِ. ٽيون ڏينھن پوليس وارن پڇيو تہ پُل تي ڇو بيٺو آھين؟ آءٌ اجائي مصيبت ڳچيءَ ۾ جھڻ کان اُتان ڀڄي نڪتس. ڪالھ بہ گھڻي دير نہ بيھي سگھيو ھوس. ان ڊپ کان تہ اُتي ھلندڙ فوج ان شڪ ۾ نہ ٻڌي وڃي تہ ڪو دھشت گرو آھيان ۽ پُل اُڏائڻ لاءِ پيو رٿابندي ڪريان ۽ ھونئن بہ اَڄ تہ گھر ان پڪو پھ ڪري نڪتو آھيان تہ پُل تي ھلندو رھندس-بيھندس ڪٿي بہ نہ، جتي دل ٻڌي وينس اُتان ھڪدم ٽپو ڏيئي ڇڏيندس.

ڪالھ بہ اھو سوچي واپس وريو ھوس تہ سڀاڻي پُل تي اچي گھڻي سوچ، بہ دليو ٽيڻ، ڊپ، ھا-نہ جي وچ واري ڇڪتاڻ ۾ پوڻ جي پاڻ کي مھلت ئي نہ ڏيندس ۽ ايندي شرط سڌو ٽپو ڏيندس، بلڪل خالي دماغ سان.

مون تو جھڙو پٽر دل اِنسان سچي زندگيءَ نہ ڏٺو. توتي ڪنھن ڳالھ جو اثر ئي نٿو ٿئي. لڳي ٿو تہ تو وٽ دل آھي ئي ڪونہ.

ھن ائين چيو يا جيڪي ڪجھ ھن چيو ان جو مطلب اھو ئي ھو. مونکي ٺيڪ سان ياد تہ ناھي، پر ھن لفظ اھي ئي چيا. ٿي سگھي ٿو لفظن جي جوڙجڪ مان جيڪو جملو ٺھيو ھجي، سو ڪجھ ٻيو ئي ھجي، پر مون کي عجب-حيرت، اَچرج يا شايد شاڪ ان ڳالھ جو آھي تہ ھن مون ۾ ڏٺو ڇا ھو- خاص طور تي ان حالت ۾، جنھن مان آءٌ لنگھان پيو. ڇا سچ پچ ھن کي مون لاءِ ايتري-ان حد تائين گھري چاھت ٿي ويئي ھئي، جو ھن حقيقي زندگيءَ جي ڀيانڪ نتيجن تي بہ نٿي سوچيو. ڇو؟ ڇا لاءِ؟ ھن لاءِ منھنجي ڇڪ سڀاويڪ ھئي. آءٌ جو سچي ڄمار ذلت

سان پريل شڪستن، بدصورت ناڪامين، اَذيت ڏيندڙ نامرادين ۽ رجيڪشن جي هڪ وڏي هجوم ۾ گهيريل رهيو آهيان، تنهن کي پهريون پيرو ڪنهن حيثيت جو اَحساس ٿيو. منهنجي به ڪا اَهميت آهي ۽ ڪو آهي مونکي به چاهڻ وارو، مون لاءِ سوچڻ وارو، پر پوءِ به ڏيکاءُ مون ائي ڏنو ته مونکي پرواهه ناهي- ڪنهن به شيءِ جي. منهنجو ورتاءُ هن سان برف جهڙو هو، بلڪل ٿڌو، سائيبيريا جي ميدانن وانگر ڄميل-منهنجي مرضيءَ جي خلاف- اُبتڙ شايد! خبر ناهي ڇو؟ ٺيڪ طرح ته اَڃ به سمجهي نٿو سگهان ته ڇو؟ مون ائين ڇو ڪيو. ڪنهن جي اَٿاهه پيار-قرب جي موٽ ائين بي جان خالي جذبن سان...! شايد ڏپ لڳو، پنهنجو پاڻ کان يا شايد......؟
آءٌ پُل تي وچڻ بدران هيڏانهن هن پاسي-پلا پچائڻ واري ريسٽارنٽ ڏانهن ڇو هليو آيو آهيان. هونئن هڪ طرح سان ٺيڪ به ته آهي. هتي ماڻهن جو هجوم آهي. ڇپر تي، ڪرسين تي وينل، هلندڙ-ڦرندڙ ماڻهو-عورتون، ٻار، هيٺ دريا ۾ بينل ٻيڙيون، هتي سڀ کان وڏو فائدو اهو آهي ته، هتي ڪيتري دير به ويهو، وينو، هلندو رهجي ته به ڪوبه ڏيان نه ڏيندو ۽ ڪير به، ڪجهه به نه پڇندو. وڏي ڳالهه ته ڪنهن کي به، ڪوبه-ڪنهن به قسم جو شڪ نه پوندو. شڪ به ڇو پوندو؟ هتي ته هرڪو گهمڻ-ڦرڻ ۽ وندر لاءِ ئي ته آيو آهي. آءٌ به ان سچي وايومنڊل ۾ ٿڌي دل سان سوچي سمجهي، پريشرس کان آجو ٿي، دل ٻڌي، همٿ پيدا ڪري ٽپو ڏيئي ڇڏيندس-بلڪل سانت تي.
نه نه، اهو ته سڀ ڪجهه اُبتو ٿي پوندو-ائين نٿو ٿي سگهي، اهو سڀ غلط آهي، بلڪل ٺڳي ۽ ڊونگ پنهنجو پاڻ سان. شايد-شايد نه پر پڪ ئي پڪ، ذهن جي ڪنهن ڪنڊ ۾ اهو اَحساس هجي ته هيترن سارن ماڻهن ۽ ٻيڙي وارن مهاڻن جي ڏسندي، هنن اڳيان ٽپو ڏيان ۽ هوُ مونکي هڪدم ٻاهر ڪڍي وٺن. نه، اهو ته ڊرامون-تماشو ٿي پوندو. اها دماغ جي جيئڻ واري جبلت جي ڪا چال آهي ۽ آءٌ پاڻ سان اهو دوکو-فريب ٿيڻ نه ڏيندس. مونکي ته ڪو ماڻهن اَڳيان ناٽڪ-تماشو ڪرڻو ته آهي ڪونه. آءٌ ته سچي دل سان-واقعي هن بدصورت، مڪروهه زندگيءَ، بي بقا، بي يقين آئيندي مان جان آجي ڪرڻ ٿو چاهيان. مڪتي-ڇوٽڪارو پائڻ ٿو چاهيان هن دنيا مان، پنهنجو پاڻ مان، هي دنيا مون جهڙن ماڻهن جي رهڻ جوڳي ناهي. جنهن دنيا کي سمجهي-سڃاڻي ئي نه سگهجي تنهن ۾ رهڻ مان فائدو؟ خير آءٌ ته ڪٽي ڇا به ويچاريان پر سچ-حقيقت ته اها آهي ته اِنسان هڪ

اهڙي ڪميٽي، واهيات، بي عزت، بي حياءُ ۽ ڪريل شيءِ آهي، جيڪا هر وقت، سمجهه ۾ نه ايندڙ، عجيب قسم جون چرڪائيندڙ حرفتون، چالاڪيون، فريب ۽ مڪر ڪرڻ جي تاڙ ۾ رهي ٿي. ٻين سان ته خير- پر خود پنهنجو پاڻ سان به! گهڻو ڪري ماڻهو آپگهات ڪرڻ نه چاهيندو آهي پر رڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. ان مقصد سان ته- مرڻ کان بچي وڃي يا بچايو وڃي ۽ پوءِ جيئڻ ماڻهن جي ڌيان- توجهه جو مرڪز بڻجي، خيراتي همدردين ۽ مدد سان جهول پري سگهي ۽ ماڻهن جي سمتين ۾ واهيات ڳالهين- گفتگو جو موضوع بڻجي نالو ڪمائي سگهي. ڪٿي ائين ته ناهي ته منهنجي جيئڻ جي جبلت به مون کان اهو سڀ ڪجهه ڪرائي، مونکي ذليل- خوار ته ڪرڻ نٿي گهري- لڳي ته ڪجهه ائين ئي ٿو.

حيرت جي ڳالهه ته اها آهي، ماڻهو موت کان ايترو ڪنبي ۽ ڏجي چو ٿو؟ جڏهن ته اَڄ نه ته سڀاڻي موت ڪي اچڻو ئي اچڻو آهي. موت ڪي ڪن ته آهن ئي ڪونه جو هو ڪنهن جون منٿون ميڙون ٻڌي، خوشامدون ڪندو ڏسي موٽي وڃي. خير ٻيا ته وڃي ڏوڙ پائين، پر آءٌ ڪڙهان پنهنجي حال ڪي. مون جهڙو ماڻهو جنهن جي جيئري رهڻ جا هڙئي دروازا بند ٿي چڪا هجن، جنهن جو ڪو مستقبل نه هجي، جنهن تي بڪ، ڏک، سور، تڪليفون، اذيتون، عذاب، ذلتون جهپو هڻڻ جي اوسيئڙي ۾ هجن ۽ انهن آسماني آفتن کان بچڻ جي به ڪا واهه نه هجي، ته پوءِ سڀ کان بهتر ۽ سولي وات اها آهي ته، انهن سمورين آفتن جي اچڻ کان اَڳه ماڻهو پنهنجي حياتي تان ئي هٿ ڌوئي ويهي ۽ اهو سڀ ڪجهه ڏسڻ، ان گهاٽي ۾ پيڙجڻ لاءِ جيئرو ئي نه رهي. اها حياتي ئي ڪهڙي ڪم جي جنهن ۾ معمولي کان معمولي ۽ خسيس کان خسيس خواهش- ننڍڙي ڳالهه به پوري نه ٿئي. زنده رهڻ لاءِ ڪو معمولي، هلڪو، اڇاترو وسيلو- ذريعو ئي هٿ نه لڳي. مون جهڙن ماڻهن لاءِ، جن وٽ هن ڌرتي ئي ڪا به پناهه گاهه نه بچي آهي، زنده رهڻ جو عمل انتهائي ڀيانڪ، هيبتناڪ ۽ ڏيڇاريندڙ آهي.

اهو عجيب نه آهي ته جن ماڻهن وٽ جيئڻ لاءِ گهربل وسيلا- ذريعا به اڻ مئيا هوندا آهن سي رڳو معمولي پيار جي ناڪاميءَ جي ڪري آپگهات ڪري ڇڏيندا آهن. پيار جيڪو منيءَ جي ٿانو وانگر ڀُرندڙ هوندو آهي. جيڪو هميشهه روپ پيو بدلائيندو آهي، ڪڏهن ڪنهن سان ته ڪڏهن ڪنهن سان. ماڻهو پيار به پنهنجين سهوليتن ۽ شرطن تي ڪندو آهي ۽ واقعي- سچ، پچ اهي ماڻهو تمام گهڻو بهادر ۽ دلير هوندا

آهن جيڪي پيار جهڙي بي معنيٰ ، بي مقصد ۽ واهيات جذبي کان آپگهات ڪري ڇڏيندا آهن ۽ هڪ آءٌ آهيان جو بک ۽ بي روزگاريءَ ۽ ان جي نتيجي ۾ سماج کان ملندڙ بي عزتي -ڌڪار کان بچڻ لاءِ سنڌوءَ ۾ ٽپو به نٿو ڏيئي سگهان، جڏهن ته ان سموري صورتحال پويان هڪ پڪو پختو ريشنيل موجود آهي، هڪ ٺوس -سگهارو ڪارڻ، پر پوءِ به ٿوري حيرت پيدا ڪرڻ ۾ سوپارو نه ٿيو آهيان اجا تائين به! آخر ائين ڇو آهي؟ بزدلي؟ شايد. اَچرج جهڙي ڳالهه آهي ته ان بي مقصد -بي معنيٰ، ٽڪي جهڙي خسيس زندگيءَ جو اَنت آڻڻ لاءِ ايڏي ٻڏتر، ايڏي گهوٽالي ۾ ڇو آهيان- نيٺ، اهڙي ننگي، اُگهاڙي، بيمار، روڳ ورتل جيون ڪٽي جيئڻ مان ڀلا فائدو ڪهڙو، جنهن مان حالتن خراب، اُميدون، خواهشون ۽ آنسون به ڪسي ورتيون هجن. هونئن به جڏهن جيئري رهڻ جا سمورا لنگهه گهٽ بند ٿي وڃن ته پوءِ به پاڻ کي زبردستي زنده رکڻ ئي سڀ کان وڏي ڪانئرتا ۽ گيديپڻو آهي.

ماڻهن جي پيڙ -هجوم کان هٽي پري ٿي- پُل ڏانهن وڌان ٿو ۽ پُل تي ٿهيل فوٽ پاٿ وٽي بي پير ڏانهن وڃان پيو. زندگيءَ جي ظالم قوتن سان اَکبوت ڪندي، بي ڍنگي -بي تڪي، واهيات مسخري ڪندي چاليهه سال گذري ويا، هيڏي جيل جيڏي عمر ته ڇڏي آيو آهيان پنيان ۽ هاڻي هن جمار ۾ ڪنهن بهتري جي، ڪنهن چڱي وقت جي به ته ڪا اُميد نه رهي آهي. نوڪريءَ لاءِ هر هنڌ عمر جي حد رکيل آهي جا آءٌ پار ڪري آيو آهيان. اُميد جي ڪٽي رکجي ته رکجي به ڪهڙي؟ آءٌ سمجهان ٿو ته ماڻهو بي انتها مايوسيءَ، نااُميدي ۽ ناڪاميءَ کانپوءِ ئي آپگهات جي امڪان جي روبرو اچي بيهي ٿو. آپگهات وجود جو اَنت آڻي شخص کي ڇوٽڪارو ڏيئي ٿي ڇڏي. هيءَ زندگي به هر شخص لاءِ جنگ جو ميدان آهي ۽ آءٌ ته جيون جي جنگ جو اهو هارايل سپاهي آهيان جيڪو، اذيتن، ذلتن، بکن، ڏکن جي زخمن سان چوُر چوُر ٿي، ڇڳي -ڇڳي پنهنجا ڦٽ پيو چٽيان.

هيل تائين ته منهنجي زندگي ڪل خوشيءَ سان گذري آهي. مائٽن ڪڏهن ڏڙڪو به نه ڏنو آهي. اجا تائين ته ڪو ڏک نه ڏنو اٿم، اڳتي ڇا ٿيندو ان جي ڪا خبر ناهي. خبر ناهي، ڪهڙي ڳالهه نڪتي ۽ ڪهڙي حوالي سان هُن ائين چيو، پر جيڪڏهن هن جو پلؤمون سان اَٽڪي پوي ته پوءِ پڪ ئي پڪ هن کي سواءِ ڏکن، تڪليفن، اَذيتن، بکن جي اڻ ڪٽ اوڙاهه کان سواءِ ٻيو ڪجهه به هٿ نه اچي ها. مون ويچاريو، مونکي ان حد تائين خودغرض نه ٿيڻ کپي. جيڪا ڇوڪري منهنجي غربت، بي

روزگاري مفلسي ڏسڻ ڪانپوءِ به مون سان ٻنڌڻ ۾ ٻڌجڻ لاءِ تيار آهي، تنهن ڪي آءٌ پاڻ سان گڏ دوزخ جي ڏڱندڙ باهه ۾ چو ڏڪيان. اهڙو حق مونکي ڪنهن ڏنو آهي ته آءٌ ڪنهن معصوم اِنسان کي پنهنجي باهه ۾ ساڙيان. اها باهه ته رڳو مون لاءِ ئي آهي. ٿي سگهي ٿو ته ڪٽي، ڪنهن هنڌ تي هن لاءِ ڪو خوبصورت مستقبل اوسيئڙي ۾ هجي ۽ آءٌ هن ڪان اهو خوبصورت مستقبل به کسي وٺان جذباتي بليڪ ميل ڪري. هن جا مون لاءِ جذبا سچا ۽ خلوص وارا آهن، اِنڪري.... خبر ناهي جذبا سچا ۽ خلوص وارا ٿيندا به آهن يا.... ٿي سگهي ٿو وقتي هجن به، پر آءٌ چو هن جي خوشين تي ڏاڙو هڻي، هن کي ڪنهن سهڻي ۽ سني زندگي گذارڻ ڪان محروم ڪري ڇڏيان. اهڙو ته خير هن منهنجو ڪو ڏوهه به ته ڪونه ڪيو آهي، نه ئي ڪا دشمني آهي. مفلسي، تنگدستي ۽ بيڪاريءَ جي جنهن گهاٽي ۾ آءٌ پيڙهجان پيو- اتي سواءِ سڪٽين آسن، بيڪار اُميدن ۽ بي تڪبير خوابن جي ٻيو ڪيس ملي به چا ها. مون وٽ ته هاڻي نه خواب رهيا آهن، نه ڪا آس-اُميد يا ٻيو ڪو اهڙو جذبو منهنجون ته ڪي ايڏيون وڏيون خواهشون ۽ ضرورتون به ڪونه آهن. آءٌ هر حال ۾ خوش رهي ويندس.

چيو ته خير هن اهو به هو- پر آءٌ اهو ڪيئن قبول ڪري وٺان ته ڪو مون جهڙي نڪمي ۽ بيڪار شخص لاءِ پنهنجين خوشين-خواهشن ۽ آسن جو ٻليدان ڪري ڇڏي. چا آءٌ ان لائق آهيان به سهي. خير اهو ته مڃٽو ئي پوندو ته آدرش-پيار جي نشي ۾ ماڻهو لاءِ هيڪر ته ڪو فيصلو ڪرڻ- قدم کڻڻ ڏاڍو سولو هوندو آهي پر پوءِ حقيقتن سان ٽڪر جندي جڏهن هن جون اکيون کلنديون آهن تڏهن انهن بدصورت ۽ اپاهج حالتن ۾ رهڻ- گذارڻ انتهائي ڏکيو ۽ سهپ ڪان ٻاهر ٿي پوندو آهي. آدرش، پيار ۽ رومانٽزم جي بي بقا ۽ ڪمزور بنيادن تي ماڻهو ڪجهه ڏينهن- مهنا ته گذاري سگهي ٿو پر سچي چمار نٿو ڪاٽي سگهي، جتي هر پل- هر نئون ڪن هڪ نئين اذيت، هڪ نئين مصيبت کڻي ٿو اچي. مون سان گڏ- انهن ڪنين ۽ ڪوجهين حالتن ۾ رهندي هن جا خواب پوائيتا خواب ٻڻجي وڃن ها ۽ من جي سچن ۽ خلوص وارن جذبن ۾ ڪوڙاڻ-نفرت پرجي وڃي ها. پڪ ئي پڪ نه رڳو منهنجي پر هن جي رندگي به نسوروزهر ئي زهر هجي ها. بدصورت حالتن کي پري ڪان ڏسڻ ۽ انهن سان گڏ رهڻ ۾ زمين-آسمان جو فرق آهي.

اڻ هوند ڪان وڏي بيماري-بدصورتي ٻي ڪانه هوندي. بيزاري ۽ بوريت ته هر اِنسان جي تقدير آهي. انهن ڪان آجو ته ڪو جيئرو جيو هوندو به ڪونه. اِنسان جي

هن سڄي ترقيءَ ۾ سڌرڻ پنيان به هڪ ئي ڪارڻ آهي - بيزاري بوريت. بوريت ڪارڻ ئي ته اِنسان ان درجي تي پهتو آهي، جتي اَڄ بيٺو آهي، آءٌ پاڻيان ٿو ته هر اِنسان جي وجود ۾ هڪ بدصورت ڏندن وارو بدنماءُ چامڙو ويٺل آهي، جيڪو اِنسان کي ڪنهن اَجنبي خوشيءَ ۾ ڇوٽڪاري جي نالي ۾ ان صورتحال ۾ حالتن مان ڇوٽڪارو وٺڻ لاءِ اُڀاريندو- پڙڪائيندو ٿو رهي، جنهن ۾ اِنسان رهي ٿو. پوءِ جن وٽ ڪجهه هڙ ۾ آهي سي دياواني، سخاوت، خيرات ۾ پلي جي ڪمن ۾ ڇوٽڪارو ٿا ڳولين. (پلي جا ڪم ته خبر ناهي ڪهڙا آهن - گهٽ ۾ گهٽ آءٌ پلائيءَ ۾ چڱائي کي ڪواليفائي نٿو ڪري سگهان) جن وٽ ڪجهه به ناهي - سي ان ورتاءُ - هلت کي اَپنائين ٿا ۾ اها وات وٺن ٿا جيڪا سماج کي قبول ناهي، جنهن لاءِ سماج سخت سزائون گهڙيو ويٺو آهي. (سماج سزا ڪانسواءِ ڏيئي به ڇا ٿو سگهي) ڪي مذهب-ڌرم جو سهارو وٺي جنوني ۾ اڻ سهو بڻجي ٿا وڃن، ڪي تياڳ جي وات ٿا وٺن ته ڪي صوفي ۾ الله لوڪ بڻجي، من کي ماري دنيا-سماج کان پري ٿي ٿا وڃن. بهتر وات ڪهڙي آهي، ان جي ته مونکي سڌ ناهي، پر مون وٽ ته چوندا لاءِ ڪجهه آهي ئي ڪونه- سواءِ هن بي معنيٰ- بي مقصد وجود کي ختم ڪرڻ جي، جو نه رڳو مون لاءِ، پر ٻين لاءِ ۾ هن ڌرتي تي بوجهه بڻيل آهي.

لڳي ٿو آءٌ جيترو گهڻو ويچاريندس ان سوال تي اوترو منهنجو اِرادو هيٺو ٿيندو ويندو. ساڳي پڌتر جي ڪري اڳيئن ٻن ڏينهن جيان اَڄ به وري خالي هٿين ورڻو پوندو. ڪجهه سوچڻ، گذري ويل وقت کي ياد ڪرڻ يا ان ڳالهه تي دليل بازي ڪرڻ ته هيئن نه ڪريان ها، هونئن نه ڪريان ها. هيئن ڪريان ها ته، هي ٿي پوي، هو نه ٿئي ها. ماضي هئي گذري ويئي. ان کي موٽائي ته نٿو آڻي سگهجي. جڏهن ان کي موٽائي نٿو سگهجي، ان ۾ ڪا درستي، ڪو سڌارو، ڪا ڦير ڦار نٿي ڪري سگهجي ته پوءِ اَجايو ويهي ان تي متاڪت ڪرڻ. جو هن وٽ ماضي ۾ يادن ڪانسواءِ آهي به ڇا، لاچار آهي ماضي ۾ رهڻ لاءِ. ها پر مونکي ته چڱي ريت پروڙ آهي ته منهنجي لاءِ هڪ ڀيانڪ، اَذيت ناڪ، ذلت سان ڀريل آئيندو اوسيئڙي ۾ ويٺو آهي. ماضي پنهنجي جاءِ تي، پر جيتري دير ڪندس- اوترو وڌيڪ ان اونداهي آئيندي جو ڪاچ بڻجندو ويندس. هن وقت جيڪا ٿوري گهڻي حيثيت-عزت، جيڪا به آهي، ان کان به هٿ ڌوئي ويهندس. مونکي خبر آهي ته بي روزگار-بيڪار ماڻهوءَ ويچاري جو ته ڪو پنهنجو حوالو-ريفرنس ته آهي ئي ڪونه. هن بي جوڙ ۾ هڪ طرفي سماجي

ڏانچي - جوڙجڪ ۾ اهڙي شخص لاءِ نہ ڪا عزت آهي ۽ نہ ئي ڪا جڳهہ. بي روزگار ماڻهو تہ بس ائين ئي آهي. خوار خراب، نفرتن-ڌڪارن جو شڪار، هر هنڌان ڌتڙيل، ڌتڙيل، سماجي رتبي-حيثيت جي بلڪل هيٺئين ڏاڪي تي بيٺل-بيٺل بہ نہ پر ڪريل-جنهن جي نہ ڪاوڙ، نہ خوشيءَ جي ڪنهن کي پرواهہ هوندي.

آپگهات جو فيصلو ڪرڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ ۾ ايتري ڪا وٿي - فاصلو آهي، ان جو اَحساس مونکي هاڻي هنن ٽن ڏينهن ۾ ٿيو آهي. هونئن بہ هر ماڻهو ڪڏهن نہ ڪڏهن، ڪنهن نہ ڪنهن موقعي تي آپگهات جو فيصلو ڪندو تہ ضرور آهي پر عمل رڳو بهادر اِنسان ئي ڪندا آهن. ڪا نہ ڪا پريشاني تہ آهي ئي هر جيئري جيو سان جڙيل باقي آپگهات اِخلاقي، قانوني ۽ وغيره-وغيره لحاظ کان خراب آهي يا سٺي، اهو مسئلو منهنجو ناهي - هتي هيڏو پنڌ ڪري آءٌ پلا اهو فيصلو ڪرڻ آيو آهيان ڇا تہ دريا ۾ ٽپو ڏيڻ اخلاقي آهي يا غير اخلاقي، قانوني ۽ سماجي لحاظ کان نيڪ آهي يا نہ؟ لعنت آهي. منهنجو وڏي ۾ وڏو دشمن تہ منهنجو پنهنجو ذهن آهي، آءٌ تہ هرويرو سماج کي ڏوهاري نهرايو پيو گهمان. خير آهي تہ سماج بہ انتهائي ذليل شيءِ. اهو بہ اِنسان تي عذاب جي صورت ۾ نازل ٿيو آهي. سماج ۽ مذهب جو زور رڳو ان ڳالهہ تي آهي تہ اِنسان ذات جي ٻڌي-اتحاد ٿئي تہ جيئن فرد لاءِ پڇڻ نڪرڻ جو ڪو گس، ڪو لنگهہ ئي نہ بچي ۽ نہ ئي فرد وٽ پنهنجي آزادي ۽ پرائيويسي جو حق رهي. سڄو سماج-سڄي دنيا زهر سان پريل آهي جنهن ۾ سوچيندڙ ۽ حساس فرد لاءِ ڪا بہ جڳهہ ناهي. هتي تہ رڳو چالاڪي، مڪاري، فريب، ڪوڙ، ڊوهہ، ٺڳي، ڪميڻائپ، داداگيري، منافقت، خوشامد، پر ايا حق ڦٻائڻ سان ئي جيئي سگهجي ٿو. جنهن بہ شخص ۾ اهي گڻ ناهن، تنهن کي سماج، مذهب، دنيا ۾ جيئڻ ڪونہ ڏيندا.

هن آخري نوڪري مان جڏهن ڪڍيو ويو هوس، تڏهن اِسلام آباد ڇڏڻ کان اَڳ، هُن سان سندس آفيس ۾ ملڻ-موڪلائڻ ويو هوس. مونکي ڏسي هوءَ مرڪي ۽ منهنجي منهن تي بہ مئل ۽ ڦڪي مرڪ تري آئي. ويهندي چيو هوم،

- اَڄ توسان فلرٽ ڪرڻ نہ آيو آهيان، موڪلائڻ آيو آهيان.

- اهو تہ تنهنجي چهري مان لڳي ٿو، پر ٿيو ڇا آهي؟

- پهرين ڪافي پيئار.

- ڪافي تہ پيئاريان ٿي، پر ٻڌائي تہ سهي ڇا ٿيو آهي؟

- منهنجي نوڪري هلي ويئي.
- ھاڻي ڇا ڪندين؟
- في اِلحال تہ وڃان پيو.
- ڪيڏانهن؟
- واپس- ڄامشوري
- اتي ڇا ڪندين؟
- ٻي ڪنهن نوڪريءَ جي ڳولا ڪندس.
- ملندي؟
- خبر ناهي!
- جي نہ ملي تہ پوءِ؟
- پوءِ... پوءِ.... خبر ناهي پر شايد خودڪشي ڪري ڇڏيان.
- ڪري سگهندين؟
- مونکي تہ ڪا رڪاوٽ نظر نٿي اچي، ڪو سماجي ٻنڌڻ، ڪو اهڙو سنٻنڌ، رشتو، ناتو، لاڳاپو منهنجو آهي ڪونہ جو پيرن جو ڏاوڻ بڻجي پوي. اڪيلو ماڻهو جو ٿيئس.
- آهي پوءِ بہ هڪ ٻنڌڻ جو تنهنجي پيرن جي زنجير بڻجي سگهي ٿو.
- ڪهڙو؟
- زندگيءَ جو، جيئڻ جو، زنده رهڻ جي جبلت جو، ۽ خود تنهنجو پنهنجو ذهن بہ توسان بغاوت ڪري سگهي ٿو. بهرحال آءٌ توکي مس ڪنديس ڏاڍو. ساري، مون تنهنجي نوڪري وڃڻ لاءِ ساري نہ چيو.

تڏهن فقط ڳالهہ ڪيم، هاڻي جڏهن فيصلو ڪيو اٿم تہ همت جواب ڏيئي ويئي آهي. سماجي ۽ نفسياتي جاڻو-ماهر پلي ڪهڙي بہ بڪواس ڪن تہ آپگهات بزدلي آهي، ڪانئرپڻو آهي، بزدلي-ڪانئرپڻو تہ اهو آهي تہ ماڻهو مفلوج، بدصورت حالتن ۾ بہ جيئرو رهڻ تي سنڌرو ٻڌي ويهي. آءٌ تہ سمجهان ٿو تہ اهي دنيا جا بهادر ترين اِنسان آهن، جيڪي آپگهات ڪن ٿا، انهن ٽن ڏينهن ۾ ئي مونکي خبر پئي آهي تہ زندگيءَ کان پلئہ آجا ڪرائڻ ڪيڏو نہ ڏکيو-مشڪل آهي، ذري گهٽ اڻ ٿيڻو. پل جي ٻي پير پهچي ويس. هي سڄو چڪر ئي اَجايو هليو ويو. نہ هتي نہ بيهان، هتي بيهڻ خطرناڪ آهي. فوج يا پوليس ڪنهن بہ شڪ ۾ ٻڌي سگهي ٿي.

شڪ جي به کھڙي ضرورت آهي، جي هنن کي منهنجو چھرو پسند نه آيو ته به ٻڌي ويندا. پوليس جو ته خير آهي، پر جي فوج جي ور چڙهي ويس ته پوءِ انتهائي خطرناڪ، دل ڏاريندڙ ٽارچر جو شڪار ٿيڻو پوندو. شايد ماڻهو ذهني ۽ جسماني طرح اَپاهج به بڻجي وڃي.

وري واپس ٻي ڪناري ڏانهن هلڻ لڳاں ٿو. هيڏانهن پجاري ۽ قليلي به ته آهن. انهن ۾ به ته ٽپو ڏيئي سگهجي ٿو، اتي ته آهي به ڪير ڪونه، سواءِ پل جي ڪنڌ تي وينل پوليس وارن جي ۽ اهي به گاهه ۽ بوهه وارين ٽرڪن کان مال چڱائڻ ۾ مصروف آهي ۽ اتان اچي مونکي بچائيندا هونئن به ڪونه. پر سنڌوءَ جي پنهنجي رومانيت آهي. جي سنڌوءَ جي رومانيت جي چڪر ۾ ڦاٿس ته پوءِ ٽپو ڪڏهن به نه ڏيئي سگهندس. ائين ذلتن، اذيتن ۾ ڇچرجي - ڇچرجي، ٻچڙو ٿي، خوار خراب ٿي مرندس. ماڻهو جي پاڻ کي پنهنجو پاڻ کان بچائي، چڱائي وني ته ان کان وڌيڪ خوشنصيبي ٻي کھڙي ٿي سگهي ٿي.

اها واقعي حيرت ۽ اَچرج جهڙي ڳالهه آهي ته خود پنهنجي فرد - هستيءَ جو انت آڻڻ جو فيصلو ڪري ته سماجي ۽ رياستي ادارا مڃر جيوپون- هرويرو جي ٺيڪيداري! ڪيڏي نه وڏي منافقت آهي جو هڪ طرف ته سماج - رياست بي گناهه - معصوم ماڻهن کي ديس ڀڳتي، وطن پرستي ۽ شهادت جا ڀرم ڏيو. بي وقوف بڻايو، اَجاين - بي سود جنگين ۾ ڌڪيو اجتماعي آپگهات ڪرايو چڏين ۽ مٿان وري اتنهائي بي شرميءَ سان ان عمل کي گلوريفاءِ ڪيو وڃي ٿو ۽ سماج ۽ رياست جي چرچ تي آپگهات ڪندڙن کي عظيم ۽ شهيد جي لقبن سان نوازي واهيات نالن وارا ميڊل، اِنعام ڏنا وڃن ٿا. ٻي طرف جي خود پنهنجي مرضيءَ سان آپگهات ڪري ته انهن ادارن کي مرچ پئجيو وڃن ۽ اهو شخص سماج - رياست جي نظرن ۾ ڏوهاري ۽ مجرم آهي. هي اها دنيا آهي، جنهن ۾ اِنسان زنده رهي ٿو. اهو تمام ضروري آهي ته گڏيل قومن جي بنيادي اِنساني حقن واري پڌرنامي ۾ آپگهات جي حق کي به مڃيو وڃي. سماج، مذهب، ڌرم، رياست، قانون يا ٻي ڪنهن شخص کي اهو حق نٿو ڏيئي سگهجي ته هوُ خود جي پنهنجي ذاتي زندگيءَ بابت ڪيل فيصلي ۾ هٿ چراندڪن يا ان فيصلي تي عمل ڪرڻ کان خود کي روڪين. آپگهات ته خود جو نجي فيصلو آهي، ان سان ڪابه ٻي ڌرم متاثر نٿي ٿئي. آءُ به ته ڪو صفا چريو ۽ واهيات آهيان جو هن بي واجبي ۽ بي اِنصافيءَ واري دنيا کان ڪنهن لاڄڪ، ريزن

يا ريشنبل جي اُميد ٿو رکان. آپگهات کان پوءِ ڪير آگونو پٽيندو. گڏيل قومن جي پڏرنامي ۾ آتم هتيا جي حق کي تسليم ڪن نہ ڪن، وچي ڏوڙ پائين، جنهن کي آپگهات ڪرڻي هوندي سو انهن بيڪار ڳالهين ڏانهن ويهي ڏسندو ڇا؟ يا هُن کي ڪنهن جي اِجازت جي ضروت پوندي!

هاڻ تہ مون لاءِ هن جا جذبا بہ مانا ٿي برف جيان ڄمي - ٿڌا ٿي ويا هوندا شايد (؟) يا شايد نفرت بہ ٿي ويئي هجيس - مون لاءِ! ڪجهہ بہ ٿيو هجي مون لاءِ ڪو فرق پوي ٿو ڇا؟ هونئن بہ پيار ۽ نفرت جي وچ ۾ ايتري تہ سنهي ۽ نازڪ ليڪ آهي، جنهن کي اورانگهڻ ۾ ويريئر ئي ڪونہ لڳندي آهي. جذبن ۽ پيار جو بہ تہ ساڳئي جو ساڳيو رهڻ ممڪن ڪونهي. پيار، چاهتن، پسندن، ناپسندن، نفرتن جا جذبا بہ تہ موسمن وانگر ڦرندا، متجندا رهندا آهن - وقت آهر. جيڪڏهن پيار اهڙو لافاني ۽ اٽمت جذبو آهي، جيئن اَڪثر چيو ويندو آهي، تہ پوءِ ماڻهو ڪنهن وقت، ڪنهن ڪيفيت ۾ اهو ڇو محسوس ڪندو آهي تہ هن جنهن سان بي اِنتها پيار ٿي ڪيو، جنهن کانسواءِ زندگيءَ جي ڪا معنيٰ، ڪو مقصد نہ هو، سو هاڻي بلڪل اَجنبي آهي. ماڻهو جنهن سان، پاڻ کي مٽائي، ٿني پيار ڪندو آهي، تنهن ڏانهن ڪنهن مرحلي تي ورتاءُ بہ جذبن کان خالي ڇو ٿي ويندو آهي. مون کي تہ لڳندو آهي تہ پيار بہ پاڻي جي ڦوٽي جيان آهي، جيڪو هلڪي اڻ لکي ٺوڪر، هوا جي هلڪي جهوٽي سان بہ ڦاٽي پوندو آهي.

منهنجيون مجبوريون تہ شايد هوءَ سمجهي نہ سگهي يا شايد هن جي اَنا جو سوال هو، پر پڪ ئي پڪ اڳتي هلي - وقت سان هن کي اهو احساس ضرور ٿيندو تہ هن جيڪي ڪجهہ چاهيو ٿي - اهو نہ ٿي سنو ئي ٿيو. هوءَ هينئر جڏهن آخري ڀيرو اِتفاق سان اَچانڪ وات ويندي ملي هئي تہ لڳو تہ ڪونہ ٿي تہ هن وٽ مون لاءِ ڪا تلخي، ڪا ڪوڙاڻ هئي. ائين سڀ ڪجهہ عام رواجي ئي لڳو يا ٿي سگهي ٿو تہ هن تلخيءَ - نفرت کي لڪائي ڇڏيو هجي، ظاهر ڪرڻ نہ چاهيو هجي، ڪارڻ تہ ڪوبہ ٿي سگهي ٿو. منهنجي آپگهات جي خبر جو ڪهڙو اَثر وٺندي؟ خير اَثر تہ ڪٿي ڪهڙو بہ وٺي، ان سان منهنجو ڇا، ڇا واهياتپڻو آهي، آءٌ ڇا پيلا ماڻهن جا رد عمل ڏسڻ لاءِ ٿو آپگهات ڪريان ڇا؟ انهن سڀني ڳالهين سان منهنجي آپگهات جو ڪهڙو واسطو. ڪجهہ بہ هجي پر گهٽ ۾ گهٽ هن کي اها تہ خبر پئجي ويندي تہ ٻاهران سخت نظر ايندڙ اهو شخص اندر مان ڪيترو نہ هيڻو، ڪمزور، ڀڳل - ڀريل، ٽٽل ۽ پرزا - پرزا ٿيل هو.

خبر ناهي ائين ڇو ٿو ٿئي. مون سان جيڪي ڏک، تڪليفون، اذيتون ذلتون آهن- تن لاءِ ڏک ناهي مون کي ۽ نه ڪو پڇتاءُ، ڪنهن سان ڪا شڪايت به ناهي، نه قدرت سان، نه سماج سان ڪا شڪايت آهي. دک ڇو؟ شايت ڇا لاءِ؟ اهي حالتون سڀي دنيا ۾ رڳو مون هڪڙي سان نه لاڳو ناهن. آءٌ ئي نه اَڪيلو ناهيان جو اهو سڀ ڪجهه پوڳيان ۽ لوڙهيان پيو. مون سان گڏ، مون جهڙا پيا به اَنيڪ ڪروڙين- لکين اِنسان هوندا، مون کان به وڌيڪ بدتر، غير اِنساني حالتن ۾ رهندڙ- ڇڳندڙ. مون کي جي ڪاوڙ- غصو آهي ته رڳو ان ڳالهه تي ته اهو سڀ ڪجهه هوندي به مون ۾ اها همٿ ڇو نٿي پيدا ٿئي ته انهن حالتن کان هميشهه هميشهه لاءِ ڇوٽڪارو حاصل ڪري وٺان. ائين به نه ناهي ته انهن حالتن کان جند ڇڏائڻ جي ڪا وات ئي نه هجي. وات ته آهي پر رڳو ٿوري همٿ جي ضرورت آهي.

ماڻهو جيڪڏهن ڇريو ٿي پوي ته به انهن تڪليفن کان مڪت ٿي سگهي ٿو. اها ته خير خبر ناهي ته ڇريو ماڻهو تڪليفن کان مڪت ٿي ويندو آهي پر اهو ضرور آهي ته تڪليفن جو اَحساس نه ٿيندو هوندو. يا خبر ئي نه پوندي هوندي. جڏهن دماغ ڪارڻ ڳولڻ بند ڪري ڇڏيندو ۽ شين، حالتن، ماڻهن جي وچ ۾ سڄاڻپ ڪرڻ جي شڪتي ئي نه رهندي ته پوءِ اَحساس ڇا جو؟ خبر ڪهڙي؟ ڇريو ٿيڻ به ته ڪو ماڻهوءَ جي وس ۾ آهي ڇا؟ عجيب بڪواس آهي. سوال ته اهو آهي ته ٻين Options تي ويچار جي ئي ڇو، جڏهن ته هڪ سولو اَسان رستو موجود آهي- ان تي عمل ڪرڻ ۾ نيٺ ڏکيائي ئي ڪهڙي آهي؟ هونئن جي آپشنس تي ئي ويچار جي، ويچارڻ ۾ ڪو هرج يا ڏوهه به ڪونهي، ته سماجي اَڻ برابري، نااِنصافي ۽ وچايل موقعن واري صورتحال ۾ سماج، رياست خلاف بغاوت به ته ڪري سگهجي ٿي. چوريون، ڌاڙا، قتل، ٻين جو جيئڻ حرام ڪري ڇڏجي. هونئن به ته اِنسان رڳو هرويرو ڏيکاءُ لاءِ ئي تهذيب ۽ مهذبپٽي جو نقاب اوڍيو پيو گهمندو آهي، جي اهو نقاب ڇڪي لاهي وٺجي ته هر اِنسان مان هڪ وحشي، خطرناڪ ڪرمنل ئي نڪرندو. ان ڳالهه ۾ ته ذري جو به شڪ ڪونهي ته هر اِنسان ۾ هڪ ڪرمنل موجود آهي جو ڪڏهن نه ڪڏهن، ڪنهن نه ڪنهن موقعي تي ڪو نه ڪو ڏوهه ڪرڻ وارو هوندو آهي يا ڪرڻ چاهيندو آهي. ڳالهه رڳو موقعي ملڻ جي آهي. موقعو ملندي ئي اِنسان جي اندر جو ڪرمنل پيڪيون ڏيئي اٿي ويهندو آهي. اِنسان ذات جهڙي ذليل، ڪميڻي مخلوق بنيادي طرح آهي ئي ڪرمنل.

مون کي پنهنجي ذهن تي ڪنٽرول ڪرڻو پوندو. جيترو وڌيڪ مونجهارا ذهن ۾ پيدا ٿيندا، جيترو وڌيڪ آءٌ دليلن ۾ ڦاسندو رهندس، پنهنجو پاڻ سان آرگيومينٽ ڪندو رهندس، ڪجهه به ڪرڻ جوڳو نه ٿي سگهندس. ائين بيڪار اَجايو وقت وڃائيندو، پاڻ کي ڪپائيندو رهندس. هن دماغ جو نيٺ آءٌ ڇا ڪريان؟

هڪ ساعت لاءِ منهنجيون ڪڇندڙ بيمار وڪون بيهجي ٿيون وڃن ۽ مون کي پهريون ڀيرو پُل تان لنگهندڙ ٽرئفڪ جو اَحساس ٿو ٿئي. پُل جي درن مان تيزيءَ سان نڪرندڙ پاڻيءَ جي گجگوڙ، ٽرڪن، بسن جو تيز آواز ۽ تکا هارن، پُل جي ريلنگ تي ٻئي هٿ رکي اٿاهه-ٺهڪندڙ، گجندڙ پاڻيءَ ڏانهن ڏسان ٿو. هن پاڻيءَ مان ته لاش به نه ملندو. درن مان گجي نڪرندڙ پاڻيءَ جي هوا جي اُڇل تي منهن تي پوندڙ هلڪي بوند ۽ تيز-ٿڌي هوا مان ڪيڏو نه سرور پيو ملي. ٻڏندڙ سج جي سنڌوءَ تي پوندڙ لالاڻ، پکين جي اُڏام، وڻن جي ساوڪ، سنڌو جو عجيب اسرارن سان ڀريل گوڙ. ان سان سڀ ڪجهه ۾ هڪ عجيب ڪيفيت آهي، سمجهه ۾ نه ايندڙ. ڇا سونهن اها ئي آهي. اهو سڀ ڪجهه ڏاڍو سندر ۽ من موهيندڙ ٿو لڳي. ڪجهه به لڳندو هجي، پر ڇا اهو سڀ ڪجهه منهنجو بکيو پيٽ ڀريندو؟ هونئن به بکئي پيٽ ۽ سخت تڪليف واري حالت ۾ سونهن جي کهڙي ساڃهه ٿي سگهي ٿي. مڃان ٿو ته اها ڪيفيت جا آءٌ هاڻي محسوس پيو ڪريان، مون کي ڪجهه ساعت لاءِ، ڪن پل لاءِ هلڪو سرور ۽ سڪون ڏيئي ٽينشن کان ڪجهه دير لاءِ آجو ته ڪري سگهي ٿي پر زنده رهڻ لاءِ اُتساهه نٿي ڏيئي سگهي، هن بدصورت زندگيءَ ۾ سونهن ڀري جيئڻ لاءِ موهه پيدا ٿي ڪري سگهي. ڇا چنڊ جي چانڊاڻ، سنڌوءَ جو مستيون ڪندڙ موجون، پکين جون لاتيون، سمنڊ جو سانت ۽ پر اسرار ڪنارو، ٿڌي هوا، جهرڻا، خوبصورت نظارا، مڌر سنگيت منهنجي اونداهي مستقبل ۾ اُميد جي لاٽ ٻاري سگهن ٿا؟ منهنجو خالي پيٽ ڀري سگهن ٿا؟ انهن شين ۾ پيٽ ڀريان-هوند وارن لاءِ ئي اُتساهه، چارم، رومانيت ٿي سگهي ٿي پر مون ۽ مون جهڙن لاءِ نه! منهنجيون تڪليفون ايتريون ته گهڻيون، ذلتون ايتريون ته گهريون ۽ اذيتون ايتريون ته اڻ مٽيون آهن جو ڪا به شيءِ، ڪا به سونهن، ڪو به جذبو مونکي اُتساهه يا آٿت نٿو ڏيئي سگهي، جيون لاءِ موهه نٿو جاڳائي سگهي. آءٌ نااُميدي، نراسائي، ناڪامي جي ان چيڙڙي تي پهچي ويو آهيان، جتي اُميد جي به اُميد ناهي، آس جي به ڪا آس نه رهي آهي. مون وٽ چونڊ ڪرڻ لاءِ به ڪجهه نه بچيو آهي. منهنجا ته

هڙيئي Options کُٽي ويا آهن، تڏهن ئي ته ماڻهن سان منهنجي ميل ملاقات، اُٺ ويهه ڪافي حد تائين گهٽجي ويئي آهي. گهٽجي ڇا ويئي آهي، بس ختم ئي ٿي ويئي آهي. شايد ڪو به مون سان ملڻ ئي نه چاهيندو هوندو، ڪير مون سان ملندو يا تعلق رکندو به ڇو؟ آءٌ ڪنهن ڪي ڏيئي به ڇا ٿو سگهان؟ ڪنهن جي ڪهڙي ڪم اچي سگهان ٿو؟ هونئن به قدرتي طور رشتن، ناتن، دوستين جو بنياد ڏي وٺ ۽ لالچ تي ٻڌل هوندو آهي، جنهن کي پوءِ ماڻهو خلوص، سچائي ۽ بي لوث جا نقاب ڍڪائي، اِنساني لاڳاپن ۾ لڪل لالچ ۽ غرض کي لڪائي ڇڏيندا آهن. منهنجي ته بي طرح ڪابه بار گين ڪانهي، ان ڪري ظاهر آهي ته ڪنهن به ليکي ۾ نه آهيان.
- ڪڏهن ڪنهن تي اَعتبار به ڪري ڏس.

هن ڇيو هو ڪجهه ڪاوڙ مان يا بيزاريءَ وچان يا مونکي ئي ائين لڳو. ڪاوڙ ۾ ته بهرحال مون هن کي ڪڏهن ڏنو ته ڪونه آهي. مون کي ياد ناهي ان وقت مون ان ڳالهه جو ڪهڙو جواب ڏنو هو. جواب ڏنو به هئم يا ائين لنوائي ويس يا ماٺ رهيس. پر هاڻي ويچاريان ٿو ته هن تي ته ڪٽي گهٽيئي اَعتبار ڪريان، پر مونکي پنهنجو پاڻ تي به ته اَعتبار هجي نه! هن کي اهو ڪيئن ٻڌايان ها ته آءٌ ته پنهنجو پاڻ تان ئي ويساهه وڃائي چڪو آهيان.

چُڪ ته سڄي منهنجي آهي. مون کان ئي ڪٿي - ڪا نه ڪا ڀُل ٿي ويئي آهي، جنهن جي سزا اَڄ آءٌ ڀوڳيان پيو. پر اهو ائين ڇو پيو ٿئي. آءٌ هتي سنڌوءَ ۾ ٻڏي مرڻ لاءِ آيو آهيان يا پنهنجيون غلطيون ڳڻڻ ۽ ڀُلن چُڪن جا حساب ڪرڻ آيو آهيان. هاڻي هن حالت ۾ گذري ويل پل جي غلطين، ڀُلن چُڪن پنهنجين اوڻاين، ڪمزورين، ڪڌن ڪرتوتن جو ڪهڙو ويهي حساب ڪتاب ڪجي؟ ڪجي به ڇا لاءِ! سڄي ڄمار ڪڏهن به، ڪنهن به موقعي تي نفعي-نقصان جو جڏهن سوچيو ئي ڪونه ته پوءِ هاڻي ڇو؟ لعنت آهي هن اهڙي سوچ تي. جيڪي ڪجهه ٿيو، سٺو يا خراب، غلط يا صحيح، اهو هاڻي هن وقت منهنجي مٿي جو سور ڇو اچي بڻيو آهي؟ ڇا آءٌ هتي جنهن نيت-مقصد سان آيو آهيان، ان کان لنوائڻ ۽ پڇي نڪرڻ جا بهانا پيو ڳوليان؟ اهي حسابن ڪتابن جون ڳالهيون ته اهي وڃي ويچارين جن کي هن دنيا کان ڪجهه ڏيڻو وٺڻو آهي، جن کي سماجي ضابطن، ٻنڌڻن جي پرواهه هجي. جيڪي هر وقت روايتن، رسمن، قدرن، رک رکاءُ، رواداريءَ مٿي ماٿي جون پريون ٻڌيو- مٿي تي کڻيو هلن ٿا ۽ وڏي ڳالهه ته اهڙن ماڻهن وٽ جيئڻ جو

زوردار ڪارڻ به موجود آهي. مون ڪي ته اهڙين سوچيندي به شرم اچڻ گهرجي. نيٺ ڪيستائين ڏيوالو نڪتل جيون کي گهليندو رهندس.

نه، هاڻي هرويرو ائين به ته ڪونهي ته منهنجي مٿي تي ڪو وڏو بار اچي ويو آهي يا منهنجي زندگيءَ جو مقصد ئي اهو هو يا آهي ته سنڌوءَ ۾ ٽپو ڏيئي پنهنجو اَنت آڻيان. ڳالهه اها ڪونهي، آءٌ جذباتي بڻجي ته ٽپو ڏيان ڪونه پيو، پر ائين ڪرڻ لاءِ مون وٽ اَٿر ائٽا، وزندار ڪارڻ به ته آهن نه. ٺيڪ آهي پلا - مون وٽ چونڊ لاءِ آهي به ڇا؟ اهو ئي نه ته يا ته خوار خراب ٿي، ٻڇڙو ٿي، ڪتو ٿي ڏڀ ڪيڏان ۽ اذيت ناڪ، ڀيانڪ، مفلوج زندگي جيئان ۽ جيئري موت جو اِنتظار ڪندو رهان جڏهن به، جهڙي به شڪل ۾ اچي يا اهو سڀ ڪجهه ٿيڻ کان اَڳ ۾ ئي، جيڪي ڪجهه بدنماءُ، مڪروهه، بدصورت ٿيڻو آهي، رضا خوشيءَ جي موت وسيلي پنهنجو اَنت آڻي ڇڏيان. نه هوندو وجود، نه ئي سورن کي حملي ڪرڻ جو وجهه ملندو، پر ڇا اَنت آڻڻ جو اهو ئي هڪڙو طريقو آهي - پاڻيءَ ۾ ٽپو ڏيئي، ڦٽڻ ۾ پاڻي پيري، ٻڏي مرڻ، لائيو اِليڪٽرڪ وائر ۾ به ته هٿ وجهي سگهجي ٿو، زهر کائي سگهجي ٿو، جي اهو به ڏکيو لڳي ته پوٽيشيم سينائيڊ جي چپٽي ئي سيڪنڊ جي هڪ حصي ۾ پنهنجو ڪم ڪري ويندي ۽ وڏي ڳالهه ته خبر به نه پوندي. ضروري آهي ته ماڻهو هرويرو باهه يا پاڻي ۾ ئي ٽپو ڏيئي اذيت ناڪ نموني سان پنهنجو اَنت آڻي. هڪڙو ماڻهو سڄي عمر سور چري، سختيون سهي وڏيڪ ايذاتن کان بچڻ لاءِ مرڻ جو فيصلو ڪري ته مري به اذيت ناڪ نموني سان. جي چونڊ لاءِ ٻيو ڪجهه بچيو ناهي ته پوءِ گهٽ ۾ گهٽ وجود کي ختم ڪرڻ جي طريقي لاءِ ته چونڊ موجود آهي. ڪافي Options آهن پنهنجو پاڻ کي ختم ڪرڻ لاءِ. لاجڪ ته خير ائين آهي پر سنڌوءَ ۾ ٽپو ڏيڻ ۾ هڪ عجيب قسم جي رومانيت آهي. خبر ناهي ڇو سنڌو مون لاءِ هميشه عجيب ۽ پر اسرار رهيو آهي. مونکي سنڌوءَ لاءِ سدائين هڪ اَنڌي فئسينيشن رهي آهي، خوابن ۾ اَڪثر سنڌوءَ کي ڏسندو آهيان، ڪڏهن ان کي پار ڪندو، ڪڏهن قاتل، سمجهي ته ڪڏهن به نه سگهيو آهيان پر اهو ضروري آهي ته منهنجي انت سان سنڌوءَ جو نالو جڙيل هجي. زندگيءَ ۾ بي ته ڪا آس پوري ٿي ڪانه ۽ اها ته.... ڇا ان سان فرق پوندو؟ فرق ته الائي ڪهڙو پوندو انت ڪانپوءِ! پر پوءِ به الائي.... جي منهنجي وس ۾ هجي ته هي دماغ ۽ سوچ جي سگهه ڪٽي ٻي هنڌ رکي پوءِ هتي اچان ها پر.... جي آپگهات نه به ڪري سگهيس ته به شايد چريو ٿي ويندس- لڳي ته

ڪجھ ائين ئي پيو.

وري بہ سچي پٽ تان هلندو چيڙي تي اچي پهتو آهيان، اتي پٽ ڪان هيٺ فوجي ۽ پوليس وارا ڪارون بيهاري، جهڙتيون وني، ڪارن ۾ وينل ماڻهن کي ذليل ۽ خوار پيا ڪن. سچ بہ تہ لهي ويو آهي هاٽي هلڪي هلڪي اونداهي ٿي رهي آهي. جيڪڏهن آءٌ صبح جو سويل يا رات جو دير سان اچان تہ پوءِ شايد ٽپو ڏيڻ ۾ ڏکيائي نہ ٿئي. اڪثر خودڪشيون ان ئي وقت تي ڪيون وينديون آهن، شايد اُن وقت تي دماغ ڪنهن بہ قسم جي حز احمت نہ ڪندو آهي يا شايد دماغ ئي تيار هوندو آهي آپگهات لاءِ اُن وقت. جي ڪٿان پئسو هٿ لڳي وڃي تہ خوب شراب پي پوءِ اچي ٽپو ڏيان، ان حالت ۾ تہ پڪ ئي پڪ ٽپو ڏيئي ويندس. پر پئسو اچي ڪٿان، جي پئسو هجي تہ پوءِ خودڪشي ئي ڇو ڪريان؟ آءٌ هڪ اهڙي شخص کي سڃاڻان جنهن هڪ شام جو وسڪيءَ جي بوتل خريد ڪئي ۽ بي اِسٽور تان پوٽيشيم سينائيڊ خريد ڪئي ۽ هو رات جو گهڻي دير تائين ڏاڍي مزي سان وسڪي پيئندو رهيو. آخري پيگ ۾ هن شام جو خريد ڪيل پوٽيشيم سينائيڊ بہ ملائي ڇڏيو ۽ هڪ ئي گهيٽ ۾ هو سڄو پيگ خالي ڪري ويو. خالي گلاس چپن تان لاهي هيٺ رکڻ کان اڳ ۾ اهو شخص پاڻ پٽ تي ڪري پيو.

اَڄ تہ منهنجي کيسي ۾ واپس ورڻ لاءِ سوزوڪيءَ جو ڀاڙو بہ ناهي. جڏهن مونکي واپس ورڻو ئي نہ هو تہ! آءٌ تہ پنهنجي ليکي هڙيئي ٻيڙيون ساڙي آيو هوس. اڄوڪو ڏينهن بہ ويو بيڪار، اڳيئن ٻن ڏينهن وانگر، لڳي تہ ائين ٿو. جيون ڪيئن بہ گذري هجي، پر موت کان مونکي مايوس ٿيڻ نہ گهرجي هڪ نہ هڪ ڏينهن ڪامياب ضرور ويندس. اَڄ نہ، سڀاڻي تہ پڪ سان ايندي شرط سڌو ٽپو ڏيندس، بنا ڪجھ ڏسڻ-سوچڻ جي. چالاڪي رڳي اها ڪرڻي آهي تہ دماغ کي ڏسڻ-سوچڻ جي مهلت ئي نہ ڏجي. هونئن بہ ماڻهو تہ هرويرو ٿو ڊڄي، ساهہ جي ڏوري تہ ڪچي ڌاڳي کان بہ وڌيڪ ڪمزور آهي. رڳو ٿوري دل ڪپي باقي ساهہ وڃڻ ۾ تہ ويريم ئي ڪونہ لڳندي. گهر وڃڻ لاءِ سپر هائي وي تي پنڌ هلندي ويچاريان ٿو تہ جيڪر ڪنهن ٽرڪ يا بس جي هيٺان اچي وڃان- موت بہ خيرات ۾ ڪپي مون کي، لعنت آهي هن بئنڪرپٽ وجود تي.

# بيمار آسن جي لوچ

ڇا اهي سڀ ذلتون، بي عزتيون، اذيتون، ذهني ٽارچر، ڏڏپڻو، خسيسپڻو منهنجي ئي حصي ۾ اچڻا هئا؟ ڏوهه به ڪنهن کي ڏجي، منهنجي ان اهڙي رحم جوڳي حالت لاءِ! هونئن ته آءٌ پنهنجين ننڍين ننڍين خواهشن، اميدن، ناڪامين، نراسائين ۽ نااميدين ۾ زنده هئس، جيئندو رهيس ائين ئي، پر هي احساس؟ شايد منهنجي ڇهري جيان منهنجي روح، وجود ۽ سوچ ۾ به گهنج پئجي ويا آهن. يا شايد آئون غلط موقعي، غلط وقت ۽ غلط هنڌ تي پيدا ٿيو آهيان يا موجود آهيان!

پر اها ڪا خاص نئين يا اچنبي ڳالهه به ته ڪونهي. آئون جيڪي ڪجهه سوچيندو آهيان اهو چئي نه سگهندو آهيان. اهو ته اصل ڪان ئي هو. ٻين جي سوالن جا جواب ۽ هنن جي راين ۽ ويچارن جا جواب ۽ انهن جوابن جي حق ۾ دليل پوءِ ئي ذهن ۾ ايندا آهن. ”هيئن جواب ڏيان ها يا هي دليل ڏيان ها.“ سامهون ڳالهائيندي ته چڻ ڪو نانگ سونگهي ٿو وڃي. وايون بتال ٿيو وڃن. ڪجهه به سمجهه ۾ نه ايندو آهي ته ڇا چوان، ڪهڙو جواب ڏيان.

مون لاءِ ماڻهن جي ڌڪار، نفرت، نظر انداز ڪري ڇڏڻ ۽ اهميت نه ڏيڻ جو ڪارڻ ته ڪٿي منهنجو ڇسوپڻو ۽ خسيسپڻو ئي هجي پر مون سان ائين ٿيو آهي. ڪو ڪيتري به بي عزتي ڪري، ذليل ڪري، ٺٺول ڪري، ٺوڪ هڻي، موت ۾ ڏيڻ لاءِ مون وٽ آهي ڪجهه به ڪونه. اڳي ته ذهن ئي ذهن ۾ ان ماڻهوءَ کي پنهنجي هٿان ذليل ۽ بي عزتو ڪرڻ جي فلم بار-بار ذهن ۾ هلائيندو هئس پر هاڻي زندگيءَ جي ان ڏاڪي تي حياتي سان ڪهڙا ويهي ليکا ڪجن. بچيو ئي ڇا آهي هاڻي، حساب ڪتاب لاءِ! پنيرڪي جي اوسيئڙي جي پيڙا، اذيت ۽ عذاب جيڪو موت جي سزا ياٺل قيدي پنهنجي زندگيءَ جي آخري رات محسوس ڪندو آهي، ان کي هن قيدي کان وڌيڪ ڀيو ڪو ڪيئن ٿو ڄاڻي، سمجهي، محسوس ڪري سگهي!

آءٌ جو پنهنجي وجود جي ڀرين ڏينهن کان اونداهين ۾ ڀٽڪندو، لڙندو، ٿاٻڙجندو صاف-سفاش، اڇين اجرين روشنين ۽ سوجهري جي ڳولا ڪندو رهيس. مليو ڇا؟ اونداهيون، گهگهه واسينگ جهڙيون ڪاريون راتيون مقدر بڻيون رهيون. مقدر تقدير خبر ناهي آهي ته ڇا! پر اهو واقعي عجيب آهي ته هڪجهڙين ئي حالتن، هڪجهڙن موقعن ۾ ڪو ڪٿي ٿو وڃي، ڪو هارائي ٿو ويهي. ڪو بچي ٿو وڃي ته ڪو زندگيءَ تان به هٿ ڌوئي ٿو ويهي. هڪ ئي بس جي حادثي ۾ ڪير مري ٿا وڃن ته ڪنهن کي روهنڊ به نٿي اچي! ۽ آءٌ جنهن به ڳالهه ۾ هٿ وجهان ٿو بس رڳو Mess ئي Creat ٿو ڪريان. سڌو يا سولو ڪم ته مون کان ڪڏهن ٿيو ئي ناهي. منهنجو وجود ئي ڪو ڪرمنل جوڪ آهي.

ڪرمنل!.... ڪرائيم. ڇا آهي ڪرائيم؟ ڪرمنل ڏوهاري بڻجڻ شخص جي پنهنجي چونڊ ته ڪونهي. اِنسان ته بلڪل خالي ۽ ڪورو آهي. هن وٽ ڏيڻ لاءِ پنهنجو ته ڪجهه به ڪونهي. هوُ ته رڳو سماج ڪي اهو موٽائي ٿو ڏي، جيڪو سماج هن کي ڏي ٿو ۽ هي سماج! ان سماج وٽ ته ڪرمنل ڏوهاري، نفسياتي مريض ۽ ڇرچا پيدا ڪرڻ ڪانسواءِ آهي به ڇا؟ هي معاشرو هڪ وڏو ڪارخانو آهي ڏوهاري ۽ نفسياتي مريض پيدا ڪرڻ جو. پنهنجي پيداوار لاءِ سزائون به سماج پاڻ ئي گهڙيو وينو آهي.

حياتي آءٌ نه پيو گذاريان. حياتي ئي مون کي آهستي آهستي ڳاري پئي نه ڪٽندڙ اذيتن ۽ ڏکن، نااُميدين ۽ مايوسين جي اڻ کٽ سلسلي ۾! زندگيءَ هٿان مون ته هر وک تي، هر موڙ تي هار ئي کاڌي آهي ۽ منهنجي حصي ۾ پنهنجا ڦٽ چٽڻ ڪانسواءِ، آيو ئي ڇا آهي.

اڳتي ڇا ٿيندو! ٿئي ته ڪجهه به پر بهتري جي اُميد بيوقوفي آهي. ڪڏهن- ڪڏهن دوکا ۽ سراب به بهتر هوندا آهن ڪجهه وقت لاءِ ماڻهو ۾ جيئڻ جو اُتساهه ته پيدا ٿيو وڃي. جڏهن هوءَ زندگيءَ ۾ آئي ته سمجهي وينس ته ڪجهه به هجي، هوءَ منهنجي لاءِ ڪنهن گهاٽي بڙ جي ڇانوَ آهي. آءٌ ائين سمجهي وينو هئس! مون ويچاريو، ان بڙ جي ٿڙ تي ٽيڪ ڏيئي. هن جي سانوڻي ڪڪرن جهڙن وارن ۾ منهن لڪائي باقي بچيل زندگي گهاري وٺندس. ڪجهه به نه سوچي-ڏکن، اَذيتن، بيعزتين ۽ ذلتن کي پاسيرو رکي. پر اهو ڇانورو ٽڪي نه سگهيو.

خواهشن ۽ آسن جي پيڙ ۾ ڇيپاٽجندي، لتاڙجندي به ان پيڙ کان الڳ رهڻ ڪيڏو نه ناممڪن آهي. پنهنجي بدصورت، مڪروهه ۽ خسيس وجود کي وساري. ڇاهيو مون به هو ته ڪا هجي، جيڪا مون کي ٽُٽي چاهي، ڀئي ڪنهن جي نالي سان جڙيل نه هجي. صرف ۽ صرف مون لاءِ هجي ۽ هن جي اَکين ۾ رڳو آءٌ ئي سمايل هجان. هن جون اکيون به هن جيان ڪنواريون هجن ۽ مون پنهنجي سپني کي هن جي روپ ۾ ساپيان ٿيندي ڏٺو.

هن ڇيو-

- هن جو پهريون پيار فلاڻو هو. هو هن کي ڇڏي ويو. اِنڪري ئي هوءَ پنهنجو پاڻ ۾ گم سم هوندي آهي. هونئن به عورت کي پيار کان وڌيڪ سماجي تحفظ جي ضرورت هوندي آهي. هوءَ ته رڳو شاديءَ جي چڪر ۾ آهي. هن جي دل، سوچون، خيال ورهايل آهن. هوءَ ٽڪرن ۾ ٿي جيئي.

لفظ نه هئا. بمن جا ڌماڪا هئا. منهنجي پيرن هيٺان زمين نڪري ويئي ۽ آءٌ پاڻ کي ڌرتي ۽ آسمان جي وچ ۾ لٽڪندو محسوس ڪرڻ لڳس. اهي صدما

مقدر آهن. ڏک پوءِ به ٿيو. پيڙا ۽ تڪليف، ڪارڻ ته ڪو اهڙو اهم هو به ڪونه هو پر پوءِ به الائي ڇو؟ خبر ناهي مون ٽڪ ڇو ٻڌو- ساهي پٽڻ سان وڏيڪ عذاب ۽ اذيتون ائين ورائي ويندڙيون آهن، جيئن جنيئين جي ماناري ۾ ڪڙو هڻڻ سان ڄنيونيون واريو وڃن. ڏوهه هن جو نه هو، ڪڙو مون ئي هنيو هو.

هن چيو

-هڪ ڳالهه چوان.

آءُ مان.

منهنجي ڪنهن ريسپانس ڪانسواءِ ئي هن چيو-

- شادي عورت لاءِ ويمي جي پاليسي آهي، جنهن جو پريميئم هوءَ سيڪس جي صورت ۾ اَدا ڪندي آهي.

مون ئي چيو هو، ٿڪائي پرچائڻ لاءِ.

نه ائين به ڪونهي، عورت جو ٻارن ۾ به ته موهه رهي ٿو اهو ته بي لوث آهي...

پيو به ڪجهه هاڻي ياد ناهي ائين ڪجهه وقليو بڪيو هوس اهو ثابت ڪرڻ لاءِ ته سڀ ڪجهه نارمل آهي. ڪجهه به اَچانڪ ۽ صدمي جهڙو ڪجهه نه ٿيو آهي. سڀ ٺيڪ آهي ائين جو ائين.

ڇوَواٽن تي منهجي بيهڻ سياويڪ آهي. جڏهن منزل جي سڌ ئي نه هجي ته. منهنجو به اَذيتناڪ سفر جمڻ سان شروع ٿيو آهي مرڻ تي ختم ٿيندو. موت به الائي ڪيئن ۽ ڪهڙي حالت ۾ ايندو. اهو به اَذيت ناڪ ئي هوندو. شايد ...! نه... پڪ ئي پڪ ڀيانڪ هوندو.

سزائون ته ڪاٽيان پيو. سيسيفس کي سزا ڏنل هئي ته هو ڳرو پٿر ڪلهي تي کڻي جبل جي چوٽيءَ تي چڙهي ۽ جڏهن چوٽيءَ تي پهچي ته پٿر هٿن مان ڪري وري جبل جي هيٺ تري ۾ اچي ڪري ۽ هو اهو بي سود عمل سڄو وقت ورجائيندو رهي. بي مقصد پورهيئي جي سزا. سيسيفس جيان مونکي به نه ڪٽندڙ، اَذيت ناڪ، بنا ڪنهن منزل جي سفر ڪرڻ جي سزا مليل آهي. منهنجي روح جون دردناڪ دانهون گونگن ٻوڙن ڪنن تائين پهچي نٿيون سگهن، سڀ بيڪار آهي.

هي رات به انهن اَنيڪ اَڪيچار راتين مان آهي، جنهن ۾ اَڪين مان ننڊ اُڏامي ويندي آهي ۽ ان جي جاءِ اوجاڳا والاري وٺندا آهن. اَڪثر ئي ائين ٿيندو آهي. ننڊ به رنل محبوبه آهي. ضدي، ڪنور، منٿون نه مڃڻ واري. اوجاڳي نيڻن ۾ ائين واسو ڪيو آهي جيئن خالي ويران ۽ سڃين جاين ۾ جن ۽ ڀٽڪيل روح واسو ڪري ويهندا آهن. هاڻي ٿيندو ائين جو صبح جو سج نڪرڻ ڪانپوءِ نانجهو ٿي، بي حال ٿي ٿڪجي بيهوشي طاري ٿي ويندي ۽ سڄو ڏينهن سڀاڻي به بيڪار ٿي ويندو. ڪو ڏنڌو

ڏاڙي ڪرڻ جي سڪت نہ رهندي اهو ائين ئي ٿيندو رهيو آهي. ڪرڻ لاءِ تہ ڪجهہ اهڙو آهي بہ ڪونہ پر!

هاڻي هن زندگي لاءِ ڇا لاءِ ويهي سوچجي. ڪهڙو آرام ۽ سڪون مليو ۽ زندگي وري ڪهڙي Smooth نموني سان گذري آهي. هي حياتي تہ ڇو-ڇو جي سوالن ۾ ئي گذري ويئي. شراب ڇو ٿو پيئان؟ ڪنين رنن وٽ ڇو ويندو آهين؟ هيئن ڇو آهين؟ هونئن ڇو آهين؟ تون اهڙو ڇو آهين؟ پر ڪنهن ڪڏهن اهو نہ پڇيو تہ تون جيئرو ڇا لاءِ آهين؟ مري ڇو نٿو وڃين.

ڪوبہ منهنجي اندر ۾ جهاتي پائي مون ۾ لڪل ڊنل هراسيل معصوم ٻار کي ڏسي سڃاڻي نہ سگهيو آهي. منهنجي سخت ڇهري ۽ ورتاءُ پنيان لڪل ڪمزور ۽ هيٺي شخص کي تہ هوءَ بہ نہ ڏسي سگهي. هميشهہ مون کي پٿر دل ئي چوندي رهي. حياتيءَ جي ڦٽن ۽ اهنجن کي هن محسوس نہ ڪيو، جيڪي مون سان جڙيل آهن. هن چيو.

- تنهنجي روين ۾ بہ نراسائي آهي، تون سدائين نگيٽو سوچيندو آهين. پازيٽو رويا تہ تنهنجي پر پاسي مان بہ گذريا آهن ؟

مون ڪڏهن چيو ۽ سوچيو آهي تہ جيون جو رڳو هڪ ئي پهلو-رخ آهي. آءٌ نہ رڳو ان زندگيءَ جي ڳالهہ ٿو ڪريان جيڪا منهنجي حصي ۾ آئي آهي. جيڪو منهنجو ڀاڳ آهي تہ صبح جي اچڻ اُجرن ڪرڻن ۾ جيئڻ جي آس ڪنهن کي نہ هوندي. هرڪو خوشي چاهي ٿو ۽ ڏکن کان ڇوٽڪارو چاهي ٿو، پر ڇا اهو ممڪن آهي. انسان جي وس ۾ آهي. سڀ ڪجهہ اهو ائين !

هاڻي لڳي ٿو زندگيءَ جا سمورا حساب ڪتاب چڪتو ٿي ويا آهن. يڪطرفو ئي سهي هن عمر ۾ گهاٽي ۽ فائدي جي تڪرار تي ويهي ڇورائجي. نڌڪن سوالن جو جواب ملڻو ناهي. ائين جيئڻ ڏکاريل احساس پينگيءَ ۽ ڪنگال محبت جي موت نہ ملندي آهي.

آءٌ ڪٿي ڪجهہ بہ ڪريان پر اهو طئہ ٿيل آهي ۽ اها منهنجي اڻ لکيل سزا آهي. جنهن ۾ منهنجو سڄو وجود هڪ اهڙي جستجو ۽ محنت ۾ لڳل آهي جنهن سان حاصل ٿيڻو ڪجهہ ناهي. ڪوبہ نتيجو نڪرڻو ناهي.

فرانس جي قومي ڏينهن تي فرينچ اسيمبليءَ پاران فرينچ سفير جي گهر جي وڏي ويڪري ڪشادي لان تي مليل دعوت ۾ آءٌ وسڪيءَ جو پيگہ هٿ ۾ جهلي لان جي هڪ خالي ڪنڊ تي بيٺ کان الڳہ ٿلڳہ اڪيلو بيٺو هوس تہ هوءَ مون ڏانهن وڌي آئي، خبر ناهي ڇا سوچي يا شايد ڪنهن غلطفهميءَ هيٺ. اڳي ڪڏهن بہ ائين نہ ٿيو هو.

- هيلو، ڪجهہ پنهنجي باري ۾ بہ تہ ٻڌايو؟

هوءَ ڪجهہ هلڪو تپسي هٽي.

- آءٌ... بس هڪ عام ماڻهو آهيان- اون... ها، خوبين جي پيٽ ۾ خاميون مون ۾ گھٽيون آهن شايد!...؟ شايد انڪري جو پنهنجي باري ۾ ڪجھ نيڪ پڪ سان چئي نٿو سگھجي. ججمينٽ پنهنجي ئي باري ۾ صحيح نه هوندي آهي. جيون ۾ ناڪاميون وڏيڪ آهن، ڪاميابيون نه هئڻ جي برابر. حاصلات جي پيٽ ۾ رڳو محروميون ئي محروميون آهن. اهڙي ڪا به ڳالھ جڙيل ناهي مون سان، جيڪا مونکي ٻين کان الڳ ڪري منفرد بڻائي! زندگيءَ ۾ ڪا به Achievement ناهي. بس ائين ڪٺي سمجھو ته هن ڌرتيءَ جي ڇهن اربن جي آباديءَ مان آءٌ به هڪ آهيان. ائين عام، ٻيو ته اهڙو ڪجھ به خاص ناهي ٻڌائڻ جهڙو!

- تون شرميلو آهين يا پنهنجو پاڻ ۾ گم؟

- مون کي خبر ناهي پر I am Paralyzed with fear چوويهه ڪلاڪ ڏپ ۾ رهان ٿو- ڪجھ اڻ ڄاتل، اڻڄاڻ ڏپ، اونداهيءَ جو ڏپ ۽....

- ڪڏهن ان ڳالھ تي سوچيو آهي ته توسان پرابلم ڇا آهي؟ تون ائين ڇو آهين، نراس-مايوس؟

- سوچيو ته ڪيترائي ڀيرا آهي پر خبر ناهي...

Well I guess I am oppossed by a feeling of some thing missing in my life, intensely suffering from a lack of intimacy.

ان ڪانسواءِ مونکي خبر ناهي، ٻيو ڪجھ به هجي! منهنجي سمجھ کان ٻاهر.

- سچ ڇا آهي؟

سچ اهو آهي جنهن جي هميشھ ڳولا رهي آهي پر مليو ڪڏهن به ناهي. ڪنهن کي به نه، گوتم ٻڌ کي به نه!

هوءَ ڪجھ دير چپ منهنجي منهن ۾ تڪيندي رهي ۽ پوءِ بنا ڪجھ چوڻ جي پنهنجي واقفيت ڏيڻ جي آهستي- آهستي هلندي هلندي هجوم جو حصو بڻجي ويئي ۽ آءٌ اتي اڪيلو ئي بيٺو رهيس.

اَڪيلو ته سڄي زندگي رهيو آهيان، ڪنهن کي پنهنجو ناهڻ به ته مونکي نه آيو آهي. سڄي ڄمار اَڪيلو رهي رهي هاڻي اها حالت ٿي ويئي آهي جو ڪير به پاڻمرادو مون ڏانهن وڌڻ جي ڪا ڪوشش ڪري به ٿو ته آءٌ خود پٺي پري ٿي ٿو وڃان. شايد ڏپ ۾ شايد بي يقينيءَ ۾، يا شايد بي اعتباري ۾. پر مون ۾ اهڙو ڪجھ آهي ڪونه جو ڪو مون سان سڄي عمر گذاري سگھي. ڇسوءَ ڏڏ ته آهيان ئي.

هاڻي شايد وقت به ناهي مون وٽ ناتا لاڳاپا جوڙڻ جو ۽ نه ئي ساهس. شايد وقت ۽ ساهس ٻئي منهنجي پاسي ناهن. شايد...؟

هاڻي ته لڳي ٿو ته زندگيءَ جي ويڙهاند لاءِ مون وٽ ڪو هٿيار ئي نه بچيو آهي.

# جيون جو خاليپڻو

ڪوري ۾ ڪچي مٽيءَ جون سرون پچي پٿر وانگر سخت ٿي وينديون آهن ۽ ڪوري جيان برندڙ هن ڪوليءَ ۾ ته آءٌ نه ڄاڻان ڪيترن ورهين کان پچندو رهيو آهيان پر پوءِ به ٿانڪو ٿانو جيان پچندو پرندو ئي رهان ٿو ۽ هاڻي جيون جي پوياڙي واري پهر ۾ جڏهن به گذري ويل وقت بابت ويچاريندو آهيان ته اهو به مون کي آئينديءَ وانگر اونداهو ۽ اَنڌوڪار ئي لڳندو آهي. هونئن به منهنجو هجڻ ئي عجيب ڳالهه آهي ۽ آءٌ ڇو ۽ ڪيئن آهيان جو سوال هر وقت - وقتو بي وقتو منهنجي ذهن ۾ ڦرندو گهرندو ٿو رهي، اهڙين گهڙين ۾ به جڏهن مون کي ڪا ٿوري خوشي - لڪ ساعت لاءِ ئي سهي، ملندي هئي ته اهو سوال اها ٿوري خوشي به کسيو، مونکي اونداهيءَ ۾ ڌڪيو ڇڏيندو هو. اصل ۾ سوال اَهم ناهن، انهن جي جوابن جو هجڻ اَهم آهي يا شايد ان کان به وڌيڪ جوابن جو اطمينان جوڳو هجڻ وڌيڪ اهم آهي. پر خود اهم ڪي ڪهڙي اهيمت آهي، ان جي خبر مونکي ڪڏهن به پئجي نه سگهي.

لڳي ٿو ته اَڄ جو ڏينهن پوين پساهن ۾ آهي، سج پنهنجي تپندڙ ٻاهه کي اونداهي ۾ لڪائي ڇڏيندو- ڪجهه ئي دير ۾، ۽ مون کي وڙڪڻ لاءِ نڪرڻ کپي، هونئن اهو ايڏو ضروري به ڪونهي پر پوءِ به هتي ويهي به ڇا ڪجي، ڪرڻ لاءِ ته ڪٿي به ڪجهه ڪونهي. ڪوليءَ مان نڪرندي مون کي ائين پيو لڳي ته ڄڻ لاش قبر مان نڪري رهيو هجي. ٻڏندڙ سج ۾ لڳن کي ساڙيندڙ ڄر اڃان به آهي پر هتي ڪليل هوا.... آهي ته سهي پر ڪوسي....

اَصل ۾ منهنجي بدمزاج، چيڙاڪ، خشڪ طبيعت ۽ اڌ چريئي (خبر ناهي اَڌ چريو ڇا ٿيندو آهي) هجڻ جو لاڳاپو منهنجي ذهن ۾ اُڀرندڙ انهن سوالن سان قطعي ناهي، جن جو ڪو جواب ناهي، پر پوءِ به.... خير اهو ته صحيح آهي ته منهنجو رويو ڪنهن سان به سٺو نه رهيو آهي پر ان ڳالهه جو ڪو اهڙو اَثر ونڊ به نه گهرجي. اَصل ڳالهه جيڪا ڪڏهن - ڪڏهن مونکي پريشان ڪندي آهي ته گهڻي وقت کان مونکي چٽو اَحساس ٿيڻ لڳو آهي ته مون کي ڪا خطرناڪ ڳجهي بيماري آهي. اهڙي بيماري جيڪا مون کي نهوڙي ٿيندي. اَصل ۾ ان کي ڪا اَهميت ته

ڪانهي، موت کان هميشهه لاءِ، سدائين لاءِ پڇي يا لڪي ته نٿو سگهجي، مرڻو ته آهي ئي، هاڻي نه، ته پوءِ، ڀالهه ڀرڳو ڪجهه وقت جي مهلت جي آهي، پر اها به ڇا لاءِ؟ شايد ائين جيئن، موت جي سزا پاتل شخص اپيلن، رحم جي درخواستن ۽ هيٺئين ڪورٽ-ٽرائل ڪورٽ ۾ ڪنهن رهجي ويل قانوني، آئيني نقطي جي بهاني نئين سر ڪيس هلائڻ لاءِ درخواستن وسيلي ڪجهه ڏينهن جي مهلت وٺندو رهندو آهي. پر آءٌ ٻوڙهو به ٿي ويو آهيان، حياتي جي شايد پڇاڙي واري ڏاڪي تي بيٺل.

مون کي ڪڏهن به سمجهه ۾ نه آيو آهي ته موت ۽ زندگي آهن ڇا؟ حقيقت ۾ ڪائنات جون لڪل آسماني فونون اِنسان کي ڪڏهن به سمجهي نه سگهيون آهن. شايد سمجهي سگهڻ ئي نٿيون ۽ ان ڪري ئي انهن جي حملن، ڌڪارن، ڪاوڙ، ڏهر جو رخ اِنسان ڏانهن ئي آهي ۽ اِنسان ۽ انهن قوتن جي وچ ۾ ڪا ڪميونيڪيشن به نظر نٿي اچي ۽ ڪا به ڪميونيڪيشن ممڪن ئي ڪونهي، شايد جيون جي ٽرئجڊي اِها ئي هجي.

رستن تي گوڙ، گهٽجندڙ دونهن، مٽي، دز، گرمي، هلڻ به ته عذاب آهي، جڻ اها به ڪا سزا ئي هجي، جيڪا اِنسان پاڻ پنهنجي لاءِ ويهي گهڙي آهي. هونئن ته انسان جي جنم جي به عجيب ڪهاڻي آهي، پر هن جو هجڻ اڃا به وڌيڪ اسرارن سان ڀريل آهي، سمورو وجود ئي هڪ وڏي ٽرئجڊي آهي، سمجهه ۾ نه ايندڙ، مُنجهيل، اَصل ۾ ماڻهو موت جي سزا پاتل ان قيديءَ جيان آهي، جنهن آخري خواهش جي روپ ۾ ڪنهن وٽشا سان مسخري ڪئي هجي، پوءِ ان مان حادثي طور ڪو اَپاهج جيو پيدا ٿئي ۽ قيدي اهو سڀ ڪجهه ڄاڻڻ بنا ئي ڦاهي چڙهي وڃي، ۽ پوءِ اهو جيو هن قيديءَ جي باقي سزا لوڙهيندو رهي، بنا ڪنهن ڏوهه جي.

اِنسان جي آئيندي بابت پاڻ سان آسن-اُميدن جا پندار ڪٽي هلندڙ اُٺ پڪين، سڏڙين تي مون کي اڳي ڪل ايندي هئي ۽ هاڻي ڏاڍو قياس ايندو آهي ۽ اڳتي هلي شايد روئڻ به اچي يا ڏ ک ٿئي- ويچارا. آءٌ ته نه انهن اُٺ پڪين مان هڪ آهيان يا ٿي سگهي ٿو ته الِف-ٿلِف هجان، ڪجهه ٻيو ئي، منهنجي ته هونئن به ڪنهن سان به ڪا گهري ڄاڻ سڃاڻ يا گهٽي ڏيٺ ويٺ ته آهي ئي ڪونه، ڪٽي ائين چئجي ته منهنجي ڪنهن سان به ڪا عليڪ سليڪ ٿي ڪونهي، پر پوءِ به بنا ڄاڻ سڃاڻ

جي به ماڻهو مون کي چريو، اڌ مغزي، سنکي ۽ الاجي ڇا ڇا سمجهن ٿا. مون کي پاڻ به خبر ناهي ته آءٌ ڇا آهيان، ڪڏهن ڪڏهن ويچاريندو ته گهڻو آهيان ان مسئلي تي، پر ڪنهن نتيجي تي پهچي نه سگهيو آهيان، شايد منهنجي دماغ جون سمجهڻ، پرکڻ جون فئڪلٽيز بي اثر آهن. ڏڏ ۽ ڪُند ذهن ته آءٌ آهيان ئي. ها پر شايد ماڻهن جي مون بابت رائي جو آڌار اهو آهي ته آءٌ الڳ ٿلڳ، گوڙ ۽ هجوم کان پري رهان ٿو، ماڻهن جي وش-سلام جي موٽ نه ڏيندو آهيان. رستي تي هلندي، بنا ڪنهن جاڻ سڃاڻ جي سلام ڪندڙ ماڻهو مون کي ائين لڳندا آهن، ڄڻ ته اهي اذيتن جو شڪار ٿيل ماڻهن کي ويتر وڌيڪ ٽارچر ڏيڻ لاءِ ڇڏيا ويا هجن، اهي سلام نه ڪندا آهن ڄڻ ته هٿوڙو واهي ڪيڏندا آهن. اِنسان کي پنهنجن خيالن ۾ گم ٿي هلڻ جي به اِجازت ناهي. دراصل بين ماڻهن سان مون کي ڪڏهن به مزو نه ايندو آهي، مزو نه اچڻ ته پري رهيو، پر هڪ سخت قسم جي بوريت، ڪراهت يا اهڙي ڪجهه سمجهه ۾ نه ايندڙ ڪيفيت ٿيندي آهي منهنجي! هجوم ۾، ماڻهن ۾، ڪجي به ڇا، اِنسان ويچاري جي چوڌاري، اِرد گرد رڳو ديواريون ئي ديواريون آهن، اڻ ڪٽ-لامحدود، ماڻهو نيٺ ڪيترين ديوارون ٽپندو. ايترو ساهس-سگهه ماڻهو پاڻ ۾ آڻي ڪٿان؟ اِنسان سگهه ۽ ماڻهوءَ جي آئيندي تي مون کي ته جيترو به ويساهه ناهي پر پوءِ به ڪڏهن ڪڏهن اهو ويچار زوريءَ ذهن ۾ گهڙي ايندو آهي ته ڪيڏو نه سنو ٿئي جو ماڻهو آسمان کي سمنڊ ۾ بوڙي ڇڏي. هاڻي گهٽ ۾ گهٽ اهو ته ٿيو آهي جو مون بدصورتين کي خوبصورتين ۾ بدلائڻ جا سپنا لهڻ ڇڏي ڏنا آهن، يا ڇڏڻ جي جاکوڙ ۾ آهيان- شايد بيماريءَ جي ڪري يا شايد....؟

۽ ها اهو به ٿي سگهي ٿو ته ڪنهن ڳجهي بيماريءَ جو ٻڪ ٻٽيل جي ناتي ۽ موت کي اکين سان ڏسندي جيون ڏانهن منهنجي اپروچ ۽ لاڙي ۾ ڪوڙاڻ اجائي وڌيڪ هجي يا بلڪل بي بنياد، بنا ڪارڻ جي، پر سوال اهو آهي ته منهنجي ان بدصورت، مڪروهه حالت جو-لاءِ ذميدار ڪير آهي. اها حالت جيون کان ٻاهر جي ڏارين شيءِ آهي يا جيون جي انيڪ بيهودگين مان آهي. پر ڇا اهو ضروري آهي ته ان تي اجايو مٿو ويهي هڻجي. هڙ حاصل....؟

حيرت-اَچرج ڏياريندڙ ڳالهه ته اها آهي جو ماڻهو ان جيون سان بي انتها-چريائيءَ جي حد تائين پيار ڪري ٿو، جنهن جو گهڻو-تڻو وقت قدرت جي بيرحمين جي

هراس، پوءِ گذري ٿو ۽ باقي حصو پنهنجين لاچارين، محرومين، ڏکن تي ماتم ڪندو، وار پٽيندو ڪٽجي ٿو. جيون آهي ڇا ان جي ته خير مون کي ڪا پروڙ ڪونهي، باقي جنهن اذيت سان اهو ڪٽجي ٿو، سو منهنجي ليکي سڀ ڪان ٻاهر ضرور آهي. سچ-حقيقت اها آهي ته ماڻهو پنهنجي ڪُل زندگيءَ جو لڳ ڀڳ سڄي جو سڄو حصو اذيت ناڪ بيمارين ڪاٽيندو، ضرورتن- گهرجن جي پورائي لاءِ مٿاڪُٽ ڪندو، آجهي، پيٽ ۽ جنس جي بک لاهڻ لاءِ حرفتون هلائيندو، ٻين هٿان ذليل، بي عزتو ٿيندو، حالتن هٿان مار ڪائيندو، تڪليفون، اَهنج، ڏک، اَذيتون سهندو، گهاريو ڇڏي. مٿان وري ٻار پالڻ، ٻارن جي آئيندي لاءِ فڪرمند ٿيڻ جو عذاب ۽ هن مٿان هر وقت ڪنهن ائڪسيڊنٽ، اَپاهج ٿي پوڻ يا ڪنهن اوچتي آفت جي ڪڙڪي اچڻ جي تلوار ته لٽڪندي ئي رهي ٿي. ان سڀ ڪان پوءِ به ڇا ماڻهوءَ وٽ پنهنجو پاڻ لاءِ ڪجهه بچي ٿو؟ ٿوري ڪا خوشي، ڪو آزاديءَ جو ڪن-پل؟ جي ماڻهوءَ جي پنهنجي حياتي ئي پنهنجي ناهي ته باقي هن جو آهي ڇا؟ ۽ پوءِ اهڙي مڪروهه حالت ۾ جيون لاءِ موهه جو ڪارڻ؟ جنهن ۾ اِنسان کي هر وک تي يڪ طرفن، سوالن سان پريل-ذليل ۽ مڙهيل سمجهوتن لاءِ پنهنجو پاڻ کي اِنساني سطح ڪان به هيٺ ڪيرائي، نيچ، خسيس ۽ ڪميڻو بڻجڻ لاءِ مجبور ٿيڻو ٿو پوي.

ڪيڏي نه اَڇرج.... شايد ڏک (يا شايد ان ڪيفيت جي اِظهار لاءِ دنيا جي ڪنهن به ٻوليءَ ۾ ڪو لفظ گهڙيو نه ويو هجي) جهڙي صورتحال اها آهي جو اِنسان کي هن اَڻ برابري واري بي اِنصافي تي ٻڌل سماج-دنيا ۾ ڪو مقام-حيثيت ٺاهڻ، رتبو ۽ عزت حاصل ڪرڻ ۽ پاڻ جهڙن ٻين (خسيس-ڪريل) ماڻهن جي نظرن ۾ معتبر بڻجڻ-نظر اچڻ لاءِ اَصليت ۽ بهتر هجڻ بدران ڪوڙ، ڏٽن، ٺڳي، فريب، دولاب ۽ پاڻ پڌائڻ جو سهارو وٺڻو ٿو پوي. ٻيو ته ٻيو پر اِنسان کي پنهنجي سلامتي ۽ زنده رهڻ لاءِ به بليڪ ميل ۽ پير ٻڌي ڪوڙ هٽڻ جي صورت ۾ ملهه چڪائڻو ٿو پوي. هر اِنسان ان جاکوڙ ۾ لڳل آهي ته هو اهو بڻجي، جيڪو هو ناهي ۽ جيڪو هو ڪڏهن به نٿو بڻجي سگهي.

۽ وقت جو ائين بي رحميءَ سان گذرڻ به ته سمجهه ڪان ٻاهر آهي. ائين ڏسندي- ڏسندي آئون ڪيترو نه پوڙهو ٿي ويو آهيان. ڪيڏي نه لاچاري آهي ائين گهٽيل،

ٻوساٽيل وايومنڊل ۾ رهڻ. آءٌ ته هونئن به ڪافي پنني رهجي ويو آهيان، جيون جي هر ڊوڙ ۾، ڄاڻ جي ڊوڙ ۾، شين کي سمجهڻ-پرکڻ جي ڊوڙ ۾، ۽ ٻين سان گڏجي هلڻ جي ڊوڙ ۾. ڪيڏي نه وڏي ٽرئجڊي آهي جو ماڻهو ويچارو مار کاڌل ڪتي جيان وقت سان گڏ پڇ لٽڪائي هلڻ تي لاچار آهي ۽ وقت هن کي پنني ڌڪيندو، اڳتي نڪرندو پيو وڃي. سچ ته اها به هڪ ڀيانڪ حقيقت آهي ته اِنسان جو هن ڌرتي تي پيدا ٿيڻ هڪ وڏي لعنت آهي. ڪيڏي نه ٻوساٽيندڙ صورتحال آهي جو ماڻهو رڳو مرڻ لاءِ ئي ساهه کڻي رهيو آهي ۽ جيترو وقت جيئرو آهي اوترو وقت هن جي زبان رڳو ڏٺل ۽ اڻ ڏٺل طاقتن جي خوشامد، شڪراني ۽ واهه واهه لاءِ ۽ پاڻ کان هيٺن کي ذليل ۽ بي عزتو ڪرڻ لاءِ کلي ٿي. هن جا هٿ رڳو پاڻ کان ڏاڍن لاءِ تاڙيون وڄائڻ ۽ پاڻ کان هيٺن کي مارڪٽ ڪرڻ لاءِ کڄن ٿا ۽ هن جا قدم ۽ عمل انڌين، ظالم ۽ بي رحم طاقتن کي خوش ڪرڻ ۽ پاڻ کان هيٺن کي اَهنج ۽ ايذاءُ رسائڻ لاءِ کڄن ٿا.

ڇا ڪجي؟.... منهنجو پوڙهو ٿي وڃڻ به منهنجي ڪوڙاڻ ۽ بدمزاجيءَ جو ڪارڻ هجي به ڪٿي، يا ٿي سگهي ٿو ته سڀئي چمار جون محروميون، ذلتون، اذيتون ۽ بي عزتيون منهنجي چيڙاڪ طبعيت ۽ پنهنجو پاڻ تائين محدود ٿي وڃڻ لاءِ ذميدار هجن. خواهشن، آسن ۽ جذبن جو نه ته ڪو ڏرم هوندو آهي، نه رنگ ۽ نه ئي ڪو نسل ۽ انهن جي پوري نه ٿيڻ-حاصل نه ٿيڻ جي پيڙا جي بدصورتيءَ کان وڌيڪ ٻي ڪا به بدصورتي هن ڪائنات ۾ نه هوندي. وڏي چمار به ڪا غير مهذب صورتحال آهي ۽ ان کي جلد کان جلد ختم ٿيڻ گهرجي، ان ۾ جيتري دير ٿيندي اوتري ئي گندگي ۽ بدبودار حالت پئدا ٿيندي ويندي.

هن جي ته ماءُ کي.... هن پيءُ جي.... .... ڪار واري ته ذري گهٽ ماريو هو. جي ڌڪ لڳڻ سان مران نه به ها ته اَپاهج ضرور بڻجي وڃان ها. ڏور پئي آهي... ڪا به نه شيءِ نيڪ نه ٿي رهي آهي. گهٽ ۾ گهٽ منهنجي لاءِ ته ڪجهه به نيڪ نه ٿي رهيو آهي. ڏوهه ٻاهر جي وايومنڊل جو ناهي، غلطي ڪٿي مون سان ئي جڙيل آهي، جو سمجهندي به آءٌ غير شعوري طرح هن بي ترتيب دنيا مان، ترتيب جي توقع رکان ٿو. ان ئي حالت جي ڪري، بيزاريءَ، بي سُڪائيءَ وچان اٿين واٽڙن جيان اٿي رستن جو منهن ڪندو آهيان. اڳي ته گهڻو پري نڪري ويندو هوس ۽ هاڻي گهڻو هلڻ

جو ساهس ته نه رهيو آهي، پر تڏهن به ڪافي وقت، جيترو پڇي سگهي ٿو ٻاهر رهڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان، هن ڪوليءَ ۾ ته ساهه مُنجهي ٿو.

۽ خبر ناهي ڇو آءٌ اَئين بي خيالي ۾ هلندو، بنا ڪنهن ڪارڻ جي، ڪنهن جبلن جي دٻاءُ هيٺ، هن اُجاڙ-ويران عمارت ڏانهن ڇڪجي ايندو آهيان جا بندش پوڻ ڪان اَڳ بار هئي، جتي ماڻهو سڄي ڏينهن جي ٿڪ، هڻ هٽان، بي عزتين، ذلتن، اڌپوري خواهشن کي الٽي ڪري ڪيڏڻ ايندا هئا. انهن ڏينهن ۾ به آئون هتان هُتان هلي ڦري، رلي ان بار جي اَڳيان اچي بيهي رهندو هوس، اتي بيٺي-بيٺي مون کي لڳندو هو ته اهو بار ڪا جنت آهي ۽ منهنجا ڏوهه ايترا ته گهڻا آهن جو آءٌ ان جنت ۾ پير به نٿو رکي سگهان. اهو ويچار منهنجي ذهن ۾ هر پيري ايندو هو، جڏهن به آئون ان بار جي اَڳيان لنگهندو هوس ۽ بار ۾ ڪنهن کي ويندو يا ڏڪندڙ وکن سان ٻاهر نڪرندو ڏسندو هوس. هونئن به زندگيءَ ۾ ايتريون ڪيتريون ئي جنتون آهن، جن جا دروازا مون تي بند آهن ۽ هر دوزخ جو دروازو نه رڳو مون لاءِ کليل آهي پر آءٌ انهن دوزخن ۾ ڏکيو-اُڇلايو ويو آهيان. آئون ڇا! هر ماڻهو ڏکيو وڃي ٿو ڪنهن نه ڪنهن روپ ۾. ڪنهن وٽ ڪا جنت آهي به يا نه، سا ته خبر ڪونهي، پر آئون ڀانيان ٿو ته هر ماڻهوءَ کي پنهنجي-پنهنجي دوزخ ضرور آهي، جنهن ۾ هر اِنسان ڪڏهن نه ڪڏهن، ڪٿي نه ٿي، پڇري ۽ سڙي ٿو. ڪا به اهڙي پناهه گاهه نه آهي، ماڻهو جي اجهي لاءِ، مون کي لڳي ٿو ته سڄي ڄمار ان بار جي اَڳيان بيٺي-بيٺي، ان آس ۾ گذري ويئي ته، هوند آءٌ به ان بار ۾ وڃي سگهان.

هر ماڻهو اهو ويچاريندو آهي ته، هن مهل-هاڻي جيڪي ڏک، تڪليفون آهن سي سڪن ۾ بدلجي ويندي‌ون. ڪڏهن نه ڪڏهن ته ڏينهن مٽجندا، وقت ساڳيو نه رهندو. اڻ ڄاڻ آئيندي جي آس ۾ ڄمار گهارڻ به سمجهه ڪان ٻاهر آهي، جڏهن ته آئيندي جو ڪو وجود ئي ڪونهي، اڳتي هلي بدلجندو پيو ڪجهه به نه؛ رڳو ڄمار وڌندي ۽ ماڻهو مري ويندو. جيڪو وقت گذري پيو انسان کي جسماني طور تي ٽٽڻ ڏانهن وڌائي رهيو آهي، انت ڏانهن. وقت جي گذرڻ مان ڇڱي وقت جي آس رکڻ جي لاڄڪ ڪهڙي آهي، سا ته مون کي خبر ڪونهي، پر ڪڏهن نه ڪڏهن جو وقت اڇٽو ناهي، ڪڏهن نه ڪڏهن ته رڳو موت ئي اڇٽو آهي. اهو ئي هڪ اَٽَر سچ آهي. هونئن به ڇا ٿو ڪري سگهجي، ماڻهو ويچارو انتهائي مايوسي، اذيتن ۽ پيڙا

کان بچڻ، لنوائڻ لاءِ واريءَ جا کوٽ اڏيندو رهندو آهي. نه دولت، نه پئسو، نه طاقت، نه نالو، نه مشهوري ماڻهوءَ کي موت جي چنبي کان آجو ڪرائي سگهن ٿا.

جيڪي ڪجهه آئون ويچاريان ٿو يا سمجهان ٿو ڪٽي صحيح نه به هجي، پر مون کي ته ائين ٿو لڳي. جيڪڏهن ڪو مون سان ان تي بحث ڪري ته شايد مون وٽ پنهنجن ويچارن جي بچاءُ لاءِ زوردار، اثرائتا ۽ قائل ڪرڻ جوڳا دليل نه هجن ۽ آءٌ وات پٽيو-وائڙو ٿيو، بي شخص کي ڳالهائيندو ڏسندو رهان، پر جيڪي ڪجهه مون سان وهيو واپريو آهي، ان جي آڌار تي آئون ڪجهه ٻيو جيڪو منهنجي لاءِ ناهي؛ ان تي سوچيان سو ممڪن ڪونهي. هاڻ جڏهن آءٌ هيترو پوڙهو به ٿي ويو آهيان ۽ گذرندڙ هر پل منهنجي هجڻ ۽ نه هجڻ جي وچ جي وڇوٽيءَ کي ويتر وڌيڪ سوڙهو ڪري رهيو آهي، اتي جي هيءَ ڪائنات رهي نه رهي منهنجي لاءِ ڪو فرق پوي به ٿو ڇا؟

ماڻهو چون ٿا ۽ مون کي چوندي به ڀڄو آهي ته فلاڻو (آءٌ) پوڙهو ٿي ويو آهي ۽ هاڻي ٻچڙو ٿي مرندو، بنا اولاد جي. بي اولاد ماڻهوءَ جي حياتي به ڪا حياتي آهي. خير ماڻهن جو ڇا آهي، پنهنجن ڏکن، محرومين، ناڪامين ۽ مونجهارن کان لنوائڻ لاءِ ٻين جي معاملن ۾ ٽنگ اتڪائڻ، ٽيڪا ٽپڻي ڪرڻ به هڪ سٺو ۽ اثرائتو طريقو آهي. آءٌ سمجهان ٿو ته ٻار پيدا ڪرڻ ڪرمنل ايڪٽ آهي. مجرمانه قدم. ائين هرويرو گندا ڪيڙا پيدا ڪري قدرت جي بيرحمتن تي ڇڏي ڏجن، نه ڪيل ڏوهن جي سزا ڪاٽڻ لاءِ. تي سگهي ٿو ته ٻار جيستائين ڪٿي جو ڪردار ادا ڪندا هجن، يعني پنيان لور لور ڪري گهمن، ماڻهوءَ لاءِ تفريح جو ذريعو-سامان بڻبا رهن تيستائين ته شايد ماڻهوءَ جو ٻارن ۾ موهه رهي ٿو ۽ ٻار خوشيءَ جو وسيلو به هجن، پر جڏهن ٻار نه سکن ٿا، رد ڏيڻ ٿا، دليل بازي ڪن ٿا ته پوءِ ڏني ئي نٿا وڻن. جيڪڏهن اهو سچ آهي ته جيڪو پنهنجي خوشيءَ يا خواهش جو ٻليدان ڪري ڪنهن کي ڏک، تڪليف يا اذيت کان ڇوٽڪارو ڏياري يا ڪنهن جي زندگي بچائي ته ان جو بي انداز ثواب ۽ اجر ملندو. جيڪڏهن واقعي ائين آهي ته پوءِ مون گهٽ ۾ گهٽ ڪجهه ته حياتين کي ڏکن، اهنجن، بيمارين ۽ موت کان ڇوٽڪارو ڏياريو آهي، شادي نه ڪري ۽ ٻار پيدا نه ڪري. ثواب ۽ اجر جي ته مون کي سُڌ ڪونهي پر ڄمڻ واري لاءِ جيڪي ڪجهه گهڙيو رکيو آهي؛ تنهن کان ان ان معصوم کي بچائڻ

جو طريقو اهو آهي ته شعوري طور تي ٻار پيدا ئي نه ڪجي. شادي ته ماڻهو جنسي بک جي پورائي لاءِ ته ڪري ٿو نه ته شادي جي اِرادي جو ٻيو ڪارج ته آهي ئي ڪونه. ماڻهو جنسي باهه اِنڪري اُجهائي ٿو ته سڄي ڏينهن جي خواهشن ۽ فرسٽيشن کي عورت جي اندر ۾ ٻوڙي ڇڏي. بهتر آهي ته ماڻهو پنهنجين خواهشن ۽ فرسٽيشن کي واهڻ لاءِ شاديءَ جي بدران رنڊي بازي ڪري، جتي ڪا به جوابداري، اڏي-ابتي پڇا ڳاڇا ته ناهي. هر شيءِ بنا ڪنهن اُميد، توقع جي، خاموشي سان مانٺ ميٺ ۾ ٿيو وڃي.

هونئن به هن ڪائنات ۾ مطلب کي ئي ڪو مطلب نه آهي. ڪنهن مقصد لاءِ زندگي وڃائڻ جي آس ۽ ان ۾ ڪامياب نه وڃڻ يا هيئن ڪٿي چئجي ته ڪو مقصد اڳيان رکي ماڻهو هلي ۽ پوءِ ان ۾ ڪامياب نه وڃي، اها حالت ته اِنسان برداشت ڪري به وٺي، پر اها حالت جنهن ۾ هو بي انتها جاکوڙ کان پوءِ رٿيل-چاهيل مقصد تائين پهچي اهو ڄاڻي ته درحقيقت ان مقصد جو ته ڪو مقصد ئي ڪونه هو، اهو ته سڀ ڪجهه بي معنيٰ هو، ته پوءِ اها حالت ماڻهوءَ کي ٽوڙي، پرزا-پرزا ڪري ٿي ڇڏي.

اصل ۾ اها انتها ئي وڏي بيوقوفي آهي جو اِنسان ٻين لاءِ هر شيءِ ٻليدان ڪري ڇڏي، ايتري حد تائين جو ٻين جي خوشي ۽ سک لاءِ پنهنجي زندگي به قربان ڪري ڇڏي. موت ۾ ماڻهو ته ڪجهه به ناهي. هن دنيا ۾ اِنسان رڳو وٺڻ سکيو آهي ڏيڻ نه. ماڻهو جيترو وڌيڪ اوهان کان وٺندو اوترو ئي وڌيڪ اوهان جي منهن ۾ ٿڪندو.

هونئن به ماڻهوءَ کي گهٽا جهنجهٽ سانڍڻ نه گهرجن، سپنا لهڻ به.... پر ماڻهو ڪري به ڇا؟ ڪيڏو نه هيڻو، نبل، لاچار آهي، سمورين حرامپائين ۽ ڪميٽپائين جي باوجود. اڪيلائيءَ کان بچڻ لاءِ پيار ڪري، ڪنهن کي پاڻ سان جوڙي ۽ پوءِ به اڪيلو ئي رهي ۽ پيڙا الڳ جي پالي وٺي. تيز، تکيون روشنيون ڏسڻ جا سپنا لهندي-لهندي، گهري گُهگُهه اونداهه ۾ ڏڪجي وڃڻ ڪيڏو نه ڀيانڪ آهي، ذليل، ڪميٽي زندگي، بلڪل ڪتي جي پوڇ، مون کي ته جيون جي ڪنهن به ڏاڪي تي، ڪنهن به موقعي تي اها ڳَل نه پئجي سگهي ته پيار، محبت، ٻي ڪنهن شخص لاءِ خوار خراب ٿي مٽجي وڃڻ نيٺ ڪهڙو جذبو آهي. مون لاءِ ته پيار رڳو هڪ لفظ ئي رهجي ويو آهي، جنهن ۾ بار بار کوج ڪندي به مون کي ڪجهه به نه مليو آهي. اهو عجيب ناهي ته به الڳ الڳ شخصيتون جيڪي پنهنجي پنهنجي جاءِ تي، پنهنجو پاڻ ۾ مڪمل هستيون آهن، جن جا ويچار، پسندون، زندگيءَ بابت

لاڙا، ناپسندون، ذائقا، رنگ، مزاج وڏي ڳالهه شخصيتون ڏار-ڏار هجن، سي ڪيئن ٿا محسوس ڪن ته هو هڪ ٻئي کان سواءِ مڪمل ناهن، هڪ ٻئي کان سواءِ رهي نٿا سگهن. اهو جذبو ٿي سگهي ٿو ته ڪا معنيٰ رکندو به هجي، پر پوءِ اهي آدرش اڳين هڪدم ٿٽن به ته ٿا نه. حقيقي زندگيءَ جي تلخين ۽ ڪوڙاڻ جي منهان منهن ايندي، جي ٿوري به ڪسر نه وچي يا اَنا کي ڪو ڇيهو رسي ته پوءِ اهي گڏ مرڻ جيئڻ جا سُنهن کڻندڙ، بي انتها پيار ڪرڻ وارا جوڙا (ها جوڙا ئي ڪوني سگهجي ٿو، ٻيو مناسب لفظ مون کي ملي نٿو) هڪدم اَٿاهه محبت کي اَٿاهه نفرت-ڌڪار ۾ بدلايو ڇڏين ۽ هڪ ٻئي کي ڏني ئي نه وڻندا آهن. اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي ته ماڻهو جنهن سان جنون-چريائي جي حد تائين پيار ڪري، تنهن سان نفرت به ڪري ويهي. يا اهو اهڙو جذبو آهي، جيڪو وقت ۽ حالتن سان ڦرندو ٿو رهي. ڪٿي ائين ته ناهي؛ ماڻهو رڳو پنهنجي ذات سان پيار ٿو ڪري ۽ اڪيلائي کان بچڻ لاءِ پنهنجو پاڻ کي ٻئي شخص ۾ ڳولهي ٿو. ڪجهه به هجي پر اها ئي محبت آهي، چا ٿو ڪري سگهجي. اصل ڳالهه ته خواهشن جي آهي. خواهشون آخر ڇو ٿيون ائين ڪنيين جيان ذهن ۾ ڦٽن ۽ انهن جي نه پوري ٿيڻ جي پيڙا ڇو ٿي ٿئي؟ اهو عجيب ناهي ته اِنسان وڏي واڪي ڳالهه ته محبت جي ڪري ٿو، جڏهن ته جيون جو بنياد پيار بدران نفرت ۽ ڌڪار تي ٻڌل. پيار جو جذبو ته انتهائي ڪمزور ۽ هيٺو آهي، جنهن جو ڪو نوس بنياد ته آهي ئي ڪون، ان جي ابتڙ نفرت ۽ ڌڪار جو جذبو غير معمولي حد تائين مضبوط ۽ سگهارو آهي ۽ ان جون پاڙون سڄي ڪائنات ۾ ڪتل آهن. اِنسان مڪار ۽ ٺڳي باز ته آهي ئي ۽ هوُپيار ۽ محبت جي نالي-آڙ ۾ پنهنجين ناڪامين، دپ ۽ غيريقينيءَ لاءِ ڪو اجهو ڳولهڻ جي هڻ هٽان ۾ رڌل آهي.

وڏو عذاب آهي، هرروز هڪ مئل ڏينهن جو جنم ۽ شخص ڏينهن جو لاش ڪاهي تي ڪنيو تهذيب جي گٽر ۾ ٽڙندو، ٿاٻڙندو ٿو رهي، هڪ ٻئي سهڻي صبح جا سپنا ڏسندي، جيڪو ڪڏهن به نه اچڻو آهي. تڪو تڪو، تڪڙ ۾ هلندڙ ماڻهن جي ذهنن جي ڪنهن به ڪنڊ ۾ شايد اهو خيال به نه ايندو هوندو ته اهو اڻڄاڻ، ويران، سُڃو ۽ اوندا اهو صبح خود ماڻهوءَ کي ته ڳڙڪائي نه وڃندو. ماڻهو ڪري به پيلا ڇا هن جو پنهنجو ته ڪجهه به ته ناهي. هر شيءِ پرائي آهي. جي ڪا شيءِ هن جي آهي به ته، ان تي وري هن جو وس نٿو هلي، جيئن ماڻهوءَ جا پنهنجا پساهه. ته شايد ساهه به هن جا پنهنجا ناهن. اوڌر تي ورتل پساهن جي سهاري پل پل جيئندڙ شخص

مٿان وري آزار اهو آهي ته هن کي وڃايل موقعن، نااُميدين، ناڪامين ۽ محرومين جي ڪائنات ۾ رهڻو آهي. اِنسان به نيڪ ان طرح سان پاڻ کي پرچائڻ- سرچائڻ جو سامان ويهي گهڙيو آهي، جيئن روئندڙ ننڍڙي ٻار کي ڪوڙن دلاسن تي سرچايو ويندو آهي. شاندار موقعن سان ڀريل آئيندي، ڌرم، ڏاتار، خلقيندڙ، ڀڳوان، خدا، مقصد، آدرش، ملڪ، قوم، سلامتي، ٻين لاءِ جيئڻ جي نالي ۾ اِنسان- ماڻهو جي پرماريت، منافقيءَ جي به اِنتها آهي. ڪيڏي نه کل جهڙي ڳالهه آهي، اِنسان، اِنسان سان ڪيئن نه ٺڳي ۽ ڌوهه ٿو ڪري.

کل جهڙي ڳالهه آهي ته سهي پر ٻيو ڪو سهارو به ته ناهي، هيڏي ساري ڪائنات ۾ اڪيلي اِنسان لاءِ، جتي هڪ ستاري- گرهه کان ٻئي ستاري- گرهه جي وچ ۾ اَربين، کربين روشني- ميلن جو فاصلو هجي ۽ وچ ۾ لکين- ڪروڙين ڳڙڪائيندڙ بليڪ هولس هجن ويچارو ڪمزور، هيڻو محدود ذهني صلاحيتن، قابليتن ۽ ڄاڻ وارو ماڻهو، انهن مصيبتن ۽ مشڪلاتن جو نه کٽندڙ سلسلو، ڇا ڪارڻ آهي؟ اهو ڪارڻ ئي ته آهي جنهن جي کوج ۾ ماڻهو ايڏو پريشان آهي، ماڻهو مري وڃي ڪارڻ نٿو ملي. ٿي سگهي ٿو ته اهو ئي ماڻهوءَ جو پاپ هجي، نيڪ- ڪجهه به هجي پر انهيءَ پاپ جي ڪري جيڪا پيڙا، عذاب، اذيت، مونجهارا آهن تنهن جو ڇا ڪجي؟ انهن حالتن ۾ جيئڻ جو ڪارڻ؟ هونئن ته خير ماڻهو سوين بهانا پيو گهڙيندو آهي. ذميداريون آهن. ننڍڙن ٻارن لاءِ جيئڻو ٿو پوي، هنن جو ڇا ٿيندو. پر منهنجو ته ڪير به ڪونهي، نه ڪو اَڳيان نه پٺيان، نه ڪو روئڻ رڙڻ وارو، نه ئي ڪا ذميداري. پوءِ جيئڻ جي لاچاري ڇو؟ جڏهن ته بيمار به آهيان اهو به چڱي ريت ڄاڻان ٿو ته مرڻو ته هونئن به آهي هڪ نه هڪ ڏينهن اڄ نه ته سڀاڻي، نه ته ڏهن سالن کانپوءِ، جي ڏهن سالن کان پوءِ، ته اڄ ڇو نه؟ ڇو ان اذيت ناڪ، گندي ۽ واهيات زندگي کي چنبڙيو- چهٽو پيو آهيان. ماڻهوءَ کي مڙيئي بهانا کپن. هونئن به لکين يتيم ٻار پلجي وڏا ٿي ٿا وڃن. اهي ذليل ڪيڙا ڪنهن نه ڪنهن ريت وڌي وڏا ٿيڻا ئي آهن هن دنيا ۾ ذليل ۽ بي عزتو ٿيڻ ۽ ڪرڻ لاءِ. لڳي ٿو ته هن جڳ ۽ ڪائنات ۾ ماڻهوءَ سان جيڪو ڌوهه ٿيو آهي، دوکو ۽ دولاب ٿيو آهي ان جي ڪري ئي ماڻهو پنهنجو پاڻ سان ۽ پاڻ جهڙن ٻين سان دوکو ۽ ڌوهه ڪندو ٿو رهي. پر اهو سڀ ڪجهه ڇو، ڇا جي لاءِ؟ قدرت جي ظلم ۽ بي رحميءَ جو ڀرپور جواب اهو آهي ته ماڻهو هيءُ بنا مرضيءَ جي مڙهيل زندگيءَ کي رد ڪري جيئڻ کان اِنڪاري بڻجي

وچي، ڇا ائين ممڪن آهي؟

مون کي ڪڏهن به اهو ويچار آيو ئي ڪونه ته آءُ پاڻ جيئرو آهيان. ان ڪان وڌيڪ ته نيٺ آهيان ڇو؟ منهنجو ڄمڻ، پلجڻ، وڏو ٿيڻ، گڏهه جيان روز ڏهه-ٻارنهن ڪلاڪ ڪم ڪرڻ ۽ ان جي نتيجي ۾ منهنجو رويو مون جهڙن ٻين سان سڻو نه هجڻ، دماغ جو قريل هجڻ، اهو سڀ هڪ حادثو هو يا ڪائنات ۾ اهو سڀ ڪجهه پهرين ئي طيءِ ٿيل هو ته مون کي ان طريقي سان ذليل ۽ خوار خراب ٿيڻو هو؟ جي طيءِ ٿيل هو ته منهنجو ڏوهه؟ اهو سڀ ڪجهه ڇا جي لاءِ؟ منهنجي هجڻ جو ڪو ڪارج؟ مون کي ته اڄ تائين منهنجي هجڻ جو ڪارج نظر نه آيو آهي. نيٺ انهن سوالن جا جواب ڪير ڏيندو؟ ڏيندو ڪير به نه ۽ ماڻهو سوال جي نشاني ٻڻجي مري ويندو.

ماڻهو پنهنجي ليکي ويچارن ئي ويچارن ۾ پل ته جيئڻ ڪان ڇوٽڪارو پائڻ لاءِ ڪيترو به پتوڙي، پر جيئڻ هڪ اهڙي عادت-جيلت آهي، جنهن ڪان ڇوٽڪارو ماڻڻ لڳ-ڀڳ اڻ ٿيڻي ڳالهه آهي. نشي، شراب، هيروئن جو عادي ته اها هير ڇڏي سگهي ٿو، پر ماڻهو جيئڻ جي عادت نٿو ڇڏي سگهي. جي هڪ ٻانهن ڪٽجي وڃي ته به ماڻهو لولو ٿي به جيئندو، هڪ ٽنگ خراب ٿي وڃي ته ٻي ٽنگ جي سهاري تي جيئرو رهندو. ٻئي ٽنگون هليون وڃن ته به ويل چيئر تي يا سرڪي سرڪي به رڙهندو رهندو، ٻئي ڪم ڪرڻ ڇڏيو ڏين ته ٻين ڪان ڪنهن نه ڪنهن سيلي ٻهاني، خيرات، پئسي يا اِنساني ناتي ٻکيون وٺيو موت ڪان مهلت گهريو وٺي. ٻکيون ڇا جگر، دل، آنڊا، گجيون سڀ جو سڀ بدلايو وٺي ۽ ان جو ڪو انت ئي ناهي. ماڻهو ڪڏهن به ڪنهن به قيمت تي مرڻ لاءِ تيار ناهي، جڏهن هر ڳالهه ڪان وڃي ٿو، اُٿڻ، ويهڻ، هلڻ، چرڻ، ڦرڻ ڪان ته به بستري تي به اکيون ٽمڪايو جيئندو ٿو رهي. جي اکيون به هليون وڃن ته به موت ڪان ڀڄندو ٿو وتي، شايد ذهن ئي موت کي نٿو قبولي. جڏهن جسم جا سمورا عضوا جواب ڏيو ڇڏين ته به ذهن زنده رهي ٿو، ذهن سڀ ڪان آخر ۾ اڪيلو ٿي مرندو آهي. ماڻهو ويچارو هر مهل ٻن ڏڀن ۾ وڪڙيو ٿو رهي، هڪ مرڻ جو ڏپ ۽ ٻيو چريو ٿيڻ جو ڏپ ۽ هن جي سڄي ڄاڪوڙ، جستجو، ڀڄ ڊڪ، هڻ هٽان موت ڪان ڀڄڻ ۽ چريو ٿيڻ ڪان بچڻ ۾ آهي. لڳي ٿو دماغ چريو ٿيڻ ڪان تمام گهڻو هراسيل آهي. ڇو ته ان ڪان پوءِ دماغ جو پنهنجو پاڻ تي ڪو وس نٿو هلي ۽ هن ڪان حڪم هلائڻ ۽ ڪمانڊ ڪرڻ واري

اِختياري ڪسجيو وڃي. جيئڻ جي اذيت ناڪ عادت - جيلت انتهائي خطرناڪ ۽ بيرحم ٿي ٿئي. اها هڪ اهڙي شرمناڪ بيماري آهي جيڪا اِنسان کي ڪنهن به بدنصيبي، اهنج ايذاءُ، تڪليف، ذلت ۽ بي عزتيءَ کي قبول ڪري وٺڻ، بي اِنصافين، چڳي - ڇڳي جيئڻ اڳيان پاڻمرادو خوشيءَ سان پيش پوڻ تي لاچار ڪريو وجهي.

ڪٽي ڪجهه به هجي، ڪارڻ ڪهڙو به هجي پر ماڻهو ڪميٽي، لالچي، بي رحم هجڻ سان گڏ ڪو پيدائشي شيطان به آهي. منافتيءَ سان ڳالهه امن جي ڪندو ۽ رهي هر وقت جنگ جي صورتحال ۾. پنهنجو پاڻ سان، ٻئي ماڻهوءَ سان، ٻي مخلوق سان، ٻين ساهن وارن سان، دنيا سان، وڻن ٽڻن سان، ڪائنات سان هر مهل جنگ جوٽيو بيٺو آهي. هو هڪ ئي وقت اگرائي ۽ بچاءُ جي پوزيشن ۾ رهي ٿو. اِنسان بنيادي طور شيطان آهي اِن ڪري ئي هن کي هر وقت ڳجها پيغام ايندا ٿا رهن ته،

سنو ٿي رهه

سنو ٿي رهه

سنو ٿي رهه

۽ ماڻهو اهي پيغام هڪ ڪن ڪان ٻڌي ٻي ڪن مان ڪڍيو هر مهل اهو ويچاريندو ٿو رهي ته منهنجي خودغرض ۽ لالچي وجود لاءِ ڇا سنو آهي؟

ماڻهو ڇا! هن دنيا جي هر مخلوق، جيت جڻا، وڻ ٻوٽا به ته هر وقت جنگ جي حالت ۾ رهن ٿا. وڏا ۽ طاقتور جانور، بنا ڪنهن ڪاوڙ ڏيارڻ، اگرائي ڪرڻ جي، ننڍن ۽ هيٺن جانورن کي چيريو ڦاڙيو ڪايو ڇڏين ۽ ماڻهو پنهنجي ذهانت جو فائدو وٺي وڏن ڪان وڏن جانورن، پکين، مڇين کي وڍيو ڪٽيو ڪايو ڇڏي پر گاهن، ٻوٽن، وڻن ٽڻن کي به نٿو بخشي. ٻي طرف وري هڪ ننڍڙي ٻوٽي ۾ پيدا ٿيل گل به پنهنجي حفاظت لاءِ پاڻ سان ڪندا ڪنيو بيٺو هوندو آهي ته جيئن ڪو ڪيس نقصان نه رسائي سگهي ۽ جي ڪو پٽڻ يا ڪائڻ جي ڪوشش ڪري به ته ڪندي هٿان ڦٽجي پوي. ننڍڙا جيت ۽ نانگ وڇ ونيو پاڻ سان تعلق ۾ ايندڙ ۾ زهر اوتيو ڇڏين، بئڪٽريا ۽ وائرس ماڻهوءَ کي ڪايو گندو ڪريو ماريو ڇڏين، لڳي ٿو ته ڪائنات جي سموري سرشٽي ۾ رڳو جنگ، نفرت - ڌڪار، ڊس آرڊر ۽ ڪمپليٽ قياس آهي. امن جو ته ڪو نالو نشان ئي نظر نٿو اچي. مونجهاري ڪان سواءِ ٻيو ڪجهه به ته ناهي. امن ته هڪ اهڙو ائٽيٽو خيال ۽ يوٽوپيا آهي، جنهن کي ڪڏهن به ڪنهن به قيمت تي

حقيقت جو روپ نٿو ڏيئي سگهجي، ائين جيئن اِنسان بلين ۽ ٽرلين روشني سال ميل پري جي سيارن ۽ گرهن تائين رسائي حاصل نٿو ڪري سگهي. امن ٿيندو بہ ڪيئن جڏهن قدرت ۽ فطرت جي قاعدي موجب هر مخلوق جو جيئڻ ان ٻي مخلوق کي چيري ڦاڙي کائڻ تي آهي. رڳو اِنسان ئي هڪ اهڙي چالاڪ، مڪار ۽ عيار مخلوق آهي، جنهن هڪ ـ ٻئي جي اَکين ۾ ڌوڙ وجهڻ لاءِ امن، بقا باهمي، سهپ ۽ ڀائيچاري جا سهڻا ۽ وڻندڙ لفظ ۽ خيال گهڙي رکيا آهن ۽ حقيقت ۾ اِنسان جو انهن لفظن ۽ خيالن سان پري جو بہ واسطو ڪونهي. اهي تہ هن جي فطرت جي بلڪل اُبتڙ آهن.

ڪٿي ائين تہ ناهي تہ اِنسان هن ڪائنات جي هن ننڍڙي گرهہ تي ڪنهن سزا هيٺ آهي؟ ٿي سگهي ٿو تہ هن کي ڪائنات جي ڪنهن شانتي، امن ۽ سک ڀريئي هنڌ تان ڪڍي بہ ڪارڻ ڪري لوڏي ڪڍيو ويو هجي. لتن سان ٿُڏي خلا ۾ ڦٽو ڪيو ويو هجي ۽ هو ٽاڪوڙا هڻندو اچي ڌرتيءَ تي ڪريو هجي ۽ ننڍن ننڍن ٽڪرن ۽ ذرن ۾ ورهائجي ويو هجي. ڪٿي اهي نانگ بلائون، جيت جڻيا، جانور، وڻ ٽڻ، ٻوٽا، گاهہ سڀ هن جا ٽٽل ذرا نہ هجن ۽ اِنسان جي سڄي جاکوڙ، ويڙهہ، جنگ، تڳي، قتل، تباهي، هڪ ٻئي کي ڪچو کائڻ، هڻ وٺ، پيچ پيچان، چٽ ڪتائي، بي چيني، بي سُڪائي اُنهن ننڍن ننڍن ٽڪرن ۽ ذرن کي ٻيهر ڳنڍي هڪ ٿيڻ ۽ پنهنجو پاڻ کي سڃاڻي وري ساڳيو رتبو ماڻڻ لاءِ تہ ناهي؟ جي ائين بہ ڪٿي هجي تہ بہ اهو ايڏو سولو نٿو لڳي، ڇو تہ ماڻهوءَ جي هر وک، هر قدم، هر جاکوڙ، هر حرفت، هر حل، هر ايجاد، هر کوج خود سندس ئي ڳچيءَ ۾ پئجيو وڃي ۽ هن لاءِ هڪ نئون آزار ۽ مصيبت ٿيو پوي. سڀ کان وڏي ٽرئجدي تہ اها آهي تہ هو پاڻ پنهنجي ناهيل، تخليق ڪيل، سرجيل شين جو غلام بڻجيو، پنهنجي ئي تخليق اڳيان لاچار هيڻو بڻجيو رهي ٿو. پنهنجي هٿ ۽ ذهن سان تخليق ڪيل شيون ۽ خيال خود ڪائنس مٿانهان، اُتم، مقدس ۽ پوتر ٿيو پون.

اِنسان ذهني سڪون لاءِ خدا تخليق ڪيا تہ خود پنهنجي سرجيل خدائن جو ٻانهون ـ غلام بڻجي ويو ۽ پنهنجي ئي تخليق اڳيان ليلائڻ ازيون نيزاريون ڪرڻ لڳو ۽ سجدا ڏيڻ ۽ ٻانبڙيون پائڻ لڳو. سندس ئي تخليق ڪيل خدا ـ خيال کي اعليٰ ۽ مٿانهون رتبو ملي ويو ۽ ڪيس نيچ ۽ تڇ رتبو پلئہ پيو. امن، سڪون، ڀائيچاري ۽ هڪجهڙائي جي آس سان ڌرم تخليق ڪيائين ۽ خود ئي ان ڌرم ـ مذهب جي نالي

۾ ڪسجڻ ۽ قتل ٿيڻ لڳو. پائيڇاري ۽ هڪجهڙائي جي بدران ڌرم، مذهب ۽ عقيدي جي اوٽ ۾ نفرت جا ڪوٽ اڏي گروهن، فرقن، اوچ نيچ جي ڏيڻ ۾ ڦاسي پيو. پاڻ جهڙن ٻين سان گڏجي عزت ۽ سڪون ڀري زندگي گذارڻ جي چاهه ۾ سماج جو پايو وڌائين ته مٿس نه سهڻ جهڙيون اڪيچار قسمن جون پابنديون ۽ سختيون مڙهجي ويون. عزت، سڪون ۽ گڏجي رهڻ جي شوق ۾ شخصي آزادي، ذهني سڪون قرائي سماجي اوچ-نيچ، اڻ برابري، رنگ نه نسل وڏائي ۽ ڪيترن ئي سماجي تضادن جو شڪار بڻجي نفسائي روڳ پرائي وينو. پنهنجو ملڪ هئڻ جي شوق ۾ رياست کي جنم ڏنائين ته پنهنجا تخليق ڪيل رياستي ادارا هن کان وڌيڪ مضبوط، سگهارا ۽ مان مرتبي وارا بڻجي ويا ۽ اِنسان ويچارو يڪجهتي، سلامتي، قومي سالميت، قانون اسٽيٽ سيڪريٽ جي نالي ۾ لوهي ٿنين کان وڌيڪ مضبوط رياستي ادارن هٿان ذليل، خوار، بڇڙو ۽ بي عزتو ٿيڻ لڳو. بيمارين مان ڇوٽڪارو وٺڻ لاءِ دوائون ايجاد ڪيائين ته دوا هڪ مرض ڇڏائي ڏهه ٻيون بيماريون وٺيو اچي. لڳي ٿو ته نجات جون سموريون واٽون بند آهن.

ڪيڏي نه حيرت واري ڳالهه آهي جو ماڻهوءَ لاءِ ڪجهه به نيڪ ٿي نه رهيو آهي پر پوءِ به هو جاڪوڙ مان ٿڪجي نٿو. ايتري حد تائين جو هاڻي ته سائنس جي ترقي جي جستجو ۾ هو خود هن ڌرتيءَ تي ئي پنهنجي آئيندي کي ناس ڪري وينو آهي ۽ هاڻي کيس به سمجهه ۾ نٿو اچي، ته هن ڌرتيءَ کي تباهه ٿيڻ کان ڪيئن بچائجي. هاڻ پل ته ڇا به ڪٽي ڪجي پر هيءَ ڌرتي وري ڪڏهن به ساڳي نه رهندي. ان ڳالهه جي ته پڪ آهي ته اڳئين جُڳ ۽ ان کان به اڳئين جُڳ ۾ اِنسان اَشانت، حيران ۽ پريشان رهيو آهي ۽ ايندڙ جُڳ ۾ به سک جو ساهه نه کڻندو. ان ڳالهه جي مون کي خبر ڪانهي ته اڳوڻي دؤر ۾ ماڻهوءَ پنهنجي نباهيءَ جو ڪهڙو سامان ويهي گهڙيو هو پر سک، آسائش، بيمارين کان نجات، وڌيڪ پيداوار ۽ سائنسي ترقيءَ جي جاکوڙ، جستجو ۾ هن صديءَ جي پڇاڙيءَ ۾ ماڻهوءَ کي ٽرڊ جنريشن ائنٽي بايوٽڪ، ائنلجيسڪ، هاڃيڪار پيسٽيسائيڊس، يوريا پاڻ، جينيٽڪ انجنيئرنگ، ليزر، نيوڪليئر، منعتي ڦوڳ، پوليٿسن بيگس، هاڃيڪار گند، تباهه ٿيل وايومنڊل، ڪارخانن جو زهريلو دونهون، موٽر ڪارن مان نڪرندڙ ليڊ، ڪن ڦاڙيندڙ موٽر ڪارن جو گوڙ، سپرسانڪ جيٽ، ڪچيون آباديون، لاعلاج بيماريون، مذهبي تنگ نظري، سهپ جو نه هجڻ ئي پلئه پيو آهي. اِنسان ٻيلا جهنگل ڪٽي

ان جي جاءِ تي ريتي بجري ۽ گاري جا ٿوس-مضبوط ڪانڪريٽ ڀيلا - جهنگل شهرن جي شڪل ۾ نااهي چڙيا آهن، جن ۾ سواءِ دولت جي ورڇ جي انتها تي پهتل اڻبرابري بک، ڊپريشن، فرسٽيشن، محرومين، ناڪامين، نفرتن، اڻ سهپ، ڏوهن، گندي هوا، ڪن ڪچري، دونهن، گوڙ، هجوم، اَشانت، رئيپ، ايڊس، جنسي بيمارين، ڪئنسر جي ٻيو ڪجهه به ناهي. ........ گئس ۾ مين لينڊ آمريڪا جي سائيز جيترو سوراخ ۽ وڏندڙ گلوبل وارمنگ، ڌرتي بجاءِ جنت بڻجڻ جي جنسي دوزخ جو روپ ڌاري رهي آهي. ٿي سگهي ٿو شخص جي سزا ئي اها هجي ته هو جيڪو ڪجهه ڪري، سوچي، قدم کڻي، سو خود سندس ئي ڳچيءَ ۾ پئجي وڃي، هن لاءِ مصيبت ۽ جنجل ٿي پوي، پر آخر ان سزا جو انت به ٿيندو يا نه؟ ڪنهن کي ڪهڙي خبر، ٿي سگهي ٿو ته اها ڪا اهڙي سزا هجي جنهن ۾ سزا پائيندڙ کي ڪا به خبر نه هجي ته منهنجي سزا ڪيترو وقت هلندي.

هن ڌرتيءَ تي شخص جي حالت به ان سزا ڀاتل قيدي جيان آهي جيڪو گند ۽ گونهن سان ڀريل انتهائي بدبودار اونداهي ڪوليءَ ۾ بند هجي، جنهن ۾ ويهي به مشڪل سان سگهجي. ويهڻ ته ڇا پر ڇُري پُري به نه سگهجي، نه ويهي سگهجي، نه ئي هٿ پير چوري پوري سگهجن ۽ هر پهريدار ڊيوٽيءَ تان لهڻ ۽ چڙهڻ مهل هن جي منهن تي مُتي ڇڏيندا هجن ۽ هن کي پنهنجي مُنهن تان مُت صاف ڪرڻ جي به اِجازت نه هجي. ماڻهو به ڪيڏا اهڙي ريت پنهنجي سزا ڀوڳي پيو، قدرت جي گند ۽ بدبوءِ ۾ قاتل ۽ هڪ ٻئي جي منهن ۾ مُتندڙ. ائين آهي يا اِلائي مون کي ائين لڳي ٿو. متان اهو سڀ ڪجهه منهنجي بيمار، مفلوج ذهن جو ويچار هجي. منهنجي ذاتي محرومين، ناڪامين، ڌڪارن، نفرتن، رجيڪشن جي نتيجي ۾. هونئن به ڪاميابين جا بابا ته گهڻا هوندا آهن ۽ ناڪامي ويچاري صفا يتيم ۽ نڌڻڪي هوندي آهي، ۽ مون کي ائين ٿو لڳي ته شڪست ۽ ناڪامي مون سان گڏ ڄمي آهي، بلڪل جاڙي ڀاءُ وانگر.

مس مس وڃي ڪا سج جي تپندڙ باهه جهڪي ٿي آهي. گرمي وڏو عذاب آهي پر سيءُ وري ڪهڙو سوکو آهي، ماڻهوءَ ويچار لاءِ ته ڪا به موسم نيڪ ناهي، ڏٻري ڏيور تي مڇر به گهڻا سو ماڻهوءَ لاءِ ڏک، تڪليفون، عذاب به هڪ ڏکي قطار ۾ اوسيئڙي ۾ بيٺل آهن، هڪ سور ڇڏي ته ٻيو اچيو ان جي جاءِ والاري.

شايد آءٌ جيئرو هجڻ ڪان نه ٿڪو آهيان، پر پنهنجين مشڪلاتن، مصيبتن ۽

اذيتن کان ٿڪجي پيو آهيان. شايد زندگي غير اِنساني اِنتظار ۾ ويڙهجي سيڙهجي ويئي آهي ۽ ان صورت ۾ جڏهن ٻي ڪا وات نظر نٿي اچي تہ پوءِ قسمت، نصيب ۽ ڀاڳ تي ئي ڀروسو ڪرڻو ٿو پوي. ڀاڳ بہ عجيب شيءِ آهي نہ، ڀاڳ، نصيب ۽ قسمت زندگي جي اتفاقيٽي، عارضيپڻي ۽ سمجهہ کان ٻاهر واري حالت کي واضع ڪن ٿا. ڇا اهو پر اسرار نہ آهي تہ ساڳين ئي حالتن ۽ موقعن ۾ هڪ ڪٿي ٿو ۽ ٻيو هارائي ٿو، هڪ ئي ايڪسيڊنٽ ۾ ڪنهن کي روهنڊ بہ نٿي اچي ۽ ڪو مري وڃي ٿو. نيٺ اهو سڀ ڪجهہ سمجهہ کان ٻاهر ڇو آهي؟

سمجهہ کان ٻاهر تہ اِنسان جي اُڏامڻ لاءِ چاهت بہ نہ آهي. ماڻهوءَ بابت اها ڳالهہ مون کي وقت بہ وقت حيران ۽ پريشان ڪندي ٿي رهي. ماڻهوءَ جو اُڏامڻ ۽ تيز کان تيز رفتار لاءِ ايڏو بي انداز، اڻ ميو، چريائيءَ جي حد تائين چاهہ، هڪ انڌي فئسينيشن ڇو؟ ڪٿي ائين تہ ناهي تہ ڪائنات جي سڪون پريئي هنڌ تان نيڪالي ملڻ سان هن کي اُڏامڻ ۽ تيز رفتاريءَ جي صلاحيت کان بہ محروم ڪيو ويو هجي يا ڪٿي هن جي ذهن جي ڪنهن اڻڄاتل ڪنڊ، سب ڪانشس ۾ اهو خيال وينل هجي تہ اُڏامڻ ۽ تيز رفتاري ئي هڪ اهڙي وات آهي، جنهن کي حاصل ڪرڻ سان هو پنهنجو پاڻ تائين پهچي سگهي ٿو ۽ پنهنجي ڪسيل، وڃايل سڃاڻپ وري موٽائي وٺي سگهي ٿو. سڃاڻپ واري گهوٽالي ۾ قاتل ماڻهوءَ شايد ان ئي خيال، جذبي جي دٻاءُ هيٺ ئي هوائي جهاز، راڪيٽ، اسپيس ايئرڪرافٽ ۽ تيز رفتار شيون تخليق ڪندو پيو وڃي. پاڻ اُڏامي نٿو سگهي، ان ڪوت جو پوراڻو هن هوائي جهاز مان ۽ تيز نہ هلي سگهڻ جي ڪوت جو پوراڻو بليٽ ٽرين مان ڪيو اَٿس. شايد.... ڪهڙي خبر.... ٿي سگهي ٿو....!

۽ مون کي لڳي ٿو تہ آءٌ ائين بنا ڪنهن ڪارڻ (؟) جي ويچارن ئي ويچارن ۾ تمام گهڻو پري نڪري آيو آهيان ائين هرويرو. جي پنڌ نہ ڪجي بہ تہ ڪهڙو فرق پوندو، فرق تہ ڪوليءَ ۾ وينو رهڻ سان بہ ڪونہ پوندو. هر ڳالهہ جي پنيان ڪنهن نہ ڪنهن ڪارڻ جو هجڻ ضروري آهي ڇا؟ هتان منهنجي ڪولي.... اها اونداهي، بدبودار ڪولي ڪافي پري رهجي ويئي هوندي. واپس وڃڻ جو رستو مون کان وسريو تہ ناهي پر واپس جي ايڏي پنڌ جو ساهس، پڄت ڪٿان اچي. پنهنجو پاڻ ۾ ايڏو ساهس آڻيان ڪٿان؟ پر پوءِ بہ پنڌ ڪري واپس وڃڻو تہ آهي ئي. آءٌ پوڙهو بہ ڪافي ٿي ويو آهيان ذهني ۽ جسماني ٽڪ جلد وراڻيو وڃي! يا شايد....؟

# ٽڪل جذبن جو موٽ

اُٿيو آهيان ننڊ مان، اُٿي هاٺي هلان پيو رستي تي . ميل ڏيڍ پنڌ ڪرڻ کان پوءِ پهچندس بس تي. بس تي نه - بس اسٽاپ تي. گپا - گپهه، بس جو اوسيئڙو ڪندڙ ماڻهو، ماڻهن جا وات. پاليٽڪس کان وٺي سوشل پرابلمس، بس جي گلا، وڏيڪ دير بيهي - خار، ساڙ، ڪاوڙ ۽ پوءِ گارين جو وسڪارو ڪچيون گاريون، بيزاري - بيزاريءَ کان پوءِ بيزاري متائڻ لاءِ هيڏانهن هوڏانهن جي ڳالهين جو اَنت وري به گارين تي ٿيندو. گاريون؛ بس وارن کي، بس جي مالڪن کي - ۽ نيٺ سرڪار تي وسڪارو. هڪ گار ڏيندا - ٻي لاهيندا.

هلندي، رستو پار ٿو ڪريان - سوچ ۾ ٻڏل - بنا ڏسڻ وائسڻ جي. رستي جي وچ تي، ٻئي فٽ - پاٿ کي ويجهو ايندي، چرڙاٽ، بريڪ، منهنجي دل جي ڌڪ - ڌڪ تيز . اکين اڳيان اوندهه . ٽپ ڏيئي فٽ پاٿ تي چڙهي ٿو وڃان. رڪشا جي پناڻ ڊرائيور جون ڪاوڙ پريل اکيون فٽ پاٿ تائين منهنجو پيڇو ڪنديون ٿيون رهن - خوفناڪ اکين سان گهوريندي - ٽڪ اُڇلائيندي، ڊرائيور خطرناڪ گار ٿو ڏئي. آءٌ شرم پرچائڻ لاءِ ماڻهن جي اڳيان اڳيان آڪڙجي هلان ٿو - ڪجهه ان انداز سان جيئن ڪجهه ٿيو ئي ئي ڪونه يا ٿيو ته مون ڌيان ئي ڪونه ڏنو يا ڪل ئي نه پئي ته ڪو پناڻ مون کي گار ڏني.

بس اسٽاپ جي ويجهو اچي پهتو آهيان. ميون جي گاڏن جي پاسن کان لنگهندي وات پاڻي - پاڻي پيو ٿئي. ماڻهو وٺندا هوندا. وٺن ٿا، تڏهن ته بينا آهن. وڏو ڪو پوڪ آهيان. ايراني جي ڪيفي پرسان لنگهندي - ويچاريان ٿو، چانهه پي وٺان. اجايو دير ٿي ويندي، هڪڙو اڳي ئي دير سان جاڳيو آهيان، اُتي آفيس ۾ مارواڙيءَ کان چانهه گهرائي پيئندس.

ڏسان ٿو بس اسٽاپ ڏانهن، ڪنهن به اسٽاپ تي ڪابه بس ئي ڪانهي. سواءِ ان ڊي.جي. بس لاءِ ڊگهيون قطارون، سولائيزڊ ماڻهن جو اهڃاڻ - جو بس ايندي ئي ڌڪي پوندو ۽ قطار ٽوڙي، سڄي قطار بس جي ننڍڙي گيٽ تي ٽٽي پوندي ۽ ان وچ ۾ مون جهڙا سنهڙا، سڪل، هيٺا ۽ ڪمزور چپاٽيا رهندا. چپاٽجي رڙيون واڪا ڪندا رهندا.

رش آهي ۽ ڏهيون قطارون آهن، جي پاڻ ۾ اُڌ زورائي ڪري چڙهڻ جي سگهه سارين ٿا، سي ڌار بيٺا آهن. قطار ۾ بيهڻ جي ڪا تڪليف نٿا ڪن، قطار ۾ بيهڻ ٽائيم پاس ڪرڻو آهي. ٽائيم پاس ڪرڻ لاءِ ڪا نه ڪا وندر ته گهرجي نه. ڏهيون وڏيون قطارون ڏسي منهنجي دل ننڍي پئي ٿئي. ڪيئن چڙهندس، سواءِ اٿ-ڏي جي باقي ٽنهي نمبرن وارين بسون گرومندر وينديون. ويچاريان ٿو. ڪهڙي قطار جو پاڇو بڻجان. قطارن کان الڳ ٿي ويچاريان پيو - ڪنهن نه ڪنهن قطار کي چونبڙو پوندو خبر ناهي بي ڪيڏي مهل اچي ۽ ان بس ۾ جاءِ ملي به يا نه- رڳو پير رکڻ جيتري. هن حالت ۾ ويهڻ لاءِ سوچي به نٿو سگهجي. اٺ يا اٺ - اي جي قطار ۾ بيهان. اٺ - سي جي مقابلي ۾ اٺ ۽ اٺ - اي جا ماڻهو وڌيڪ سولائيزڊ آهن. ڪلارڪ ڪلاس جا ماڻهو، سوسائٽيءَ جي ويليوز جي وچ ۾ لٽڪندڙ، بيٺل تهذيب جي پيرن تي ڪريل، پيرن جي هيٺان چيڀجندڙ ، صفائيءَ جو خيال. هلڻ -اُٿڻ ويهڻ ۾ اسٽينڊرڊ مينٽين ڪرڻ جو خيال ۽ ڪجهه به نه انورڊ ڪري سگهڻ جي پيڙا، اُن پيڙا هيٺ ڏبيل مان به.

وٺو - اچا پيو ويچاريان - ڪنهن به قطار ۾ نه بيٺو آهيان، اٺ - سي جي قطار ننڍي آهي. سوڙهه به نه ٿيندي آهي. پر اٺ - سي جا چڙهندڙ وحشي آهن-مزور طبقو، ڦاٽل ميرن ڪپڙن وارا، منهنجا ڪپڙا صاف آهن. ڌوٻيءَ جا ڌوتل به - انهن انسولائيزڊ ميرن ڪپڙن سان چڙهي ڪپڙن جو خانو خراب ٿي ويندو.

ڏسو اٺ-اي، بس به اچي ويئي. هڻ پيئسان ، رش ته رش، ماڻهو قطار ٽوڙي- بس تي ٽٽي پيا آهن. بس جي درين جي پگهل شيشن مان چڙهن پيا. هڻ-هٽان، وٺ - پڪڙ، پڇ -پڇان، بس مان لهندڙن جي گهوڙا - گهوڙا.

- اڙي خدا جي مار پوندو- لهڻ ته ڏيو. (پوڙهن جو رڙيون).

پوڙهپڻ به خواري آهي. پنهنجي پوڙهپڻ جي باري ۾ ويچاري، اُنهن پوڙهن جو اهڙو ٿيندو ڏسندي، لڱن جا وار ڪاندارجي ٿا وڃن. پوڙهو نه ٿيندس- پوڙهو ٿيڻ کان اڳ آپگهات ڪندس. ڪنهن ڪار جي ااگيان پاڻ کي اُڇلي-ڪار واري کي ڦاسائيندس، حرامي ڪيئن نه بالمن جيان ٿا هلن، سيٺجي.

اڙي - اچان بيٺو آهيان، ڪنهن قطار سان جڙيو نه آهيان، اٽي بيٺي - بيٺي ائين ئي سڄ لهي ويندو. آفيس ڪيئن پهچندس، بس تي مار اماري لڳي پيئي آهي. ماراماري ڏسي بس ۾ چڙهڻ تان اوراهه ئي کڄي ٿو وڃي. ويچاريان ٿو

قطار ۾ نہ بيهان-وني ڊوڙ پايان، ڊوڙندو -ڊوڙندو وڃي آفيس پڄان. يا اڄ ڪٽي آفيس نہ وڃان. بيماريءَ جو بهانو ڪريان يا ڪنهن ناني ماسيءَ کي ماري وجهان.

- (سائين چا ڪريان ناني ويچاري مري ويئي.)

برٿيندوسل جهڙي مهاندي واري صاحب سان ڪوڙ هڻان، ڏاڍو منهن قلڙو ڪري-روئڻهارڪو آواز ڪري. پر هڪ ڏينهن جو پگهار بہ ڪٽجي ويندو. اسان جي آفيس جي دنيا ڪان نئون ۽ نرالو قانون، پگهار جي ڪٽجڻ جو، بک جو خيال ايندي ئي ڏکي ٿو وڃان. ڊپ ڪان رڙهي اٺ نمبر جي بس جي قطار سان ڳنڍجي ٿو وڃان، بس اڃان ناهي آهي ۽ قطار وڃي ٿي ڊگهي ٿيندي.

قطار ۾ بيٺو آهيان، بس ناهي آئي، ماڻهن جو ڳالهيون پيو ٻڌان، چڙيل، ورچيل-ڪاوڙيل ماڻهو، پاليٽڪس.

- اڄ اخبار پڙهيئہ، سالن بنگالين تہ ويل مچائي ڏنو آهي. بهارين سان هيڏو ناحق-اسان جي حڪومت تماشو پئي ڏسي.

- سالو مجيب غدار آهي نہ-حرامي هٿ سان بهارين کي ٿو مارائي، هندوئن جو چمچو پيئسان.

- حرامي آهي ئي ڪنهن هندو جو تخم.

- بنگالي غدارن اسان کي هندوئن جي هٿان مارايو آهي. هتي هوائي حملا بنگالين ئي ڪيا نہ، هندوئن ڪافرن جي ايڏي همت جو پاڪستان تي حملو ڪن.

ها اندرا بہ وڏي حرامزادي اٿئي، اڃا تائين پاڪستانين کي قيد ۾ رکيو ويني آهي. ان جو پيءُ بہ تہ وڏو حرامي هو نہ.

بيو چپ آهي - ڪو بہ جواب نٿو ڏئي. ڪي ڪن ماٺ، ۽ ان ماٺ کي پهريون ماڻهو ٽوڙي ٿو.

- پر يار بس اڃا تائين ڪانہ آئي آهي - اڌ ڪلاڪ ٿيو آهي.

- هونئن تہ منٽ - منٽ ۾ پئي ايندي، بس وارا وڏا حرامي آهن، سالن کي پئسو گهرجي-پبلڪ پلي پئي مري.

- بسون بہ تہ پراڻيون ٿي ويون آهن، سرڪاري بسن جا پئسا آفيسر کايو وڃن.

- اڙي - آفيسر! اڙي ميان وزيرن ته پئسن ڪاڻ مان ڪلور ڪري ڇڏيا آهن. وري چون ٿا ته پڳهار ڪونه وٺندا سين. پڳهار جي ڀلا ڪهڙي پرواهه، ڪروڙين رپيا ٿا ڪمائين، ڪروڙين !

- وزير آهن به وري سڀ سالا سنڌي.

- اهي سنڌي به پيڻ جا ... هندوئن جا ايجنٽ آهن. هاڻي وري آزاد سنڌو ديش جا خواب ٿا ڏسن، آهن ئي هندوئن جو اولاد - حرامزادا، اسلام دشمن، ڏنئي ڪونه قومي ٻولي ڇڏي وري سنڌي ٻوليءَ کي ٿا سنڌ جي سرڪاري زبان بڻائين.

- سنڌي ڪافرن جي ٻولي آهي. هندستان جي قومي ٻولي اٿئي!

- تڏهن ته ڏاهر کي پنهنجو هيرو ٿا مڃين! ڪافر.

- دماغ خراب ٿيو اٿن. بنگالي هٿا پري، هي اهڙا ته موچڙا ڪائيندا جو ياد ڪندا. پنهنجو ابو جي - ايم سيد به وسري ويندن، رڳو ٻهاري پهچي وڃن.

- هونئن پٽو سنو ماڻهو آهي - پاڪستان جو خير خواهه، پر سڄي حراماپائي جي - ايم سيد جي آهي ان کي ماري وجهجي. هندستان جو ايجنٽ آهي، جنگ ۾ پارٽي جنگي جهازن کي خاص آرڊر هو ته هن تي بمبازي نه ڪريو.

ٻڌجي ويو آهيان. متان سمجهي نه وڃن ته سنڌي آهيان جهلي هڻن نه موچڙا، آهستي آهستي قطار مان نڪرڻ جي ڪوڙ ٿو ڪريان.

- بس وارا وڏا مادر ... آهن، ڪلاڪ پورو ٿي ويو آهي، اڃا بس ٿي اچي.

(هاڻ، مون سان ٿو ڳالهائي، جواب ڏيانس، ڇا چوانس، متان لهجي مان سمجهي نه وٺي ته سنڌي آهيان.)

ڳيت ڏيئي - مئل مرڪ چپن تي آڻي، ائڪٽنگ ڪري ڪنڌ لوڏي - ڪنڌ سان جواب ٿو ڏيان. ڳالهاين نٿو.

- توهان ڪٿي - هتي ڪراچيءَ جا آهيو؟ (هاڻ وري ٿو ڳالهائي)

وري به ڪنڌ لوڏي، ڪنڌ سان جواب ٿو ڏيان. پڪو به وات مان نٿو ڪڍان. ان ئي ڪن ۾ منهنجي من ۾ ويچار ٿو اچي ته گونگي ٿيڻ جي ائڪٽنگ ڪريان.

- توهان پاڻ ڪير آهيو؟

- هاڻ، مري ويس. هاڻي ڪهڙو جواب ڏيان، ناحق بيٺس، ڳيتون پيو ڏيان، ڇا چوانءِ ڪوڙ ٿو ڳالهايان.

- جي .. جي .. م .. مهاجر.. مهاجر.

لفظ ٽٽي ٽا نڪرن. وڏيڪ اڪر بہ نڙيءَ مان نٽو اُڪلي. شايد، نہ شايد نہ پڪ ئي پڪ-منهن جو رنگ لهي ويو هوندو، سڄو پيلو ٿي ويو هجي متان، وجهہ وني ٽڪڙو ٽڪڙو قطار مان نڪري ٿو وڃان، نڪرندي - نڪرندي سڄو پگهر سان شل ٿي ٿو وڃان. عزت تہ بچي ويئي.

اجهو بس بہ اچي ويئي. قطار ٽوڙي سڀ بس ڏانهن ڊوڙن پيا. آءٌ بہ وني ڊوڙ ٿو وجهان. در تي اچي ٿلهن طاقتورن جي وچ ۾ ڦاسجي - چيپاٽجي رڙيون پيو ڪريان. پر در جي هئنڊل ۾ هٿ پئجي ويو آهي. رڙهي چڙهڻ جي جاکوڙ پيو ڪريان، پيرن مٿان پير -مارا ماري-نيٺ عقوبتون سهي چڙهڻ ۾ سوپارو ٿو ٿيان ۽ چڙهي سوڙهہ ۾ ڦاسجي ٿو پوان، سوڙهہ ۾ ڦاسجي چپجان ۽ چيپاٽجان پيو. سڙڻ، لهي بيهڻ، ٻانهن - هٿ چورڻ جون، پيو تہ پيو پر ڪنڌ ڦيرڻ جون واٽون بہ ختم. منهنجا پير آهن جو ٻين جي ٿلهن - گورن بوٽن هيٺان اچي چيڀجن پيا پيرن چلهجڻ سان جو سور-جا پيڙا ٿي ٿئي، ان کان بچڻ ڪاڻ، ويچارو ٿي - نماٽيون اکيون کٽي پاسي ۾ بيٺل ماڻهوءَ کي ڪجهہ عرض يا منت ڪرڻ جهڙي انداز ۾ چوان ٿو.

- ادا ٿورو پير تہ سورج، منهنجا پير بہ چيڀجن پيا.

(هبڪي هبڪي چوان ٿو.)

- چا ڪٽي آهي جاءِ - پير آسمان تي رکان چا؟

(کوڙيون اکيون، چڙب). لچ - ها مليل چڙب کان ڪجهہ لڇي ٽيڻ جهڙو ٿي، منهن ڦيري ٻئي پاسي ڏي ٿو ڪريان-۽ چپ ڪري اهو عذاب سهان پيو.

- اهڙا لاٽ صاحب جا پٽ آهيو تہ رڪشا يا ٽئڪسيءَ ۾ چڙهو، بس ۾ پير نہ چلهبا تہ ٻيو چا؟

- (اچا پيو بکواس ڪري حرامزادو).

ڏسو ميان ! چٽي اچي ڦاٿو آهيان. آءٌ پلا وڙهيومانس تہ ڪونہ. منت ڪيم ۽ ڏسو هن همراهہ کي جو اصل پاڻيءَ مان ئي پيو نڪري. آءٌ بہ پلا چا ڪريان؟ چا چوان؟ هجان ها ڪو ٿلهو متارو تہ هن سالي کي ٻڇيءَ کان وني وهائي ڪڍانس ها ڪي فينٽ، هيٺو آهيان ۽ ڊڄٽو بہ، ان ڪري من ئي من ۾ گاريون ڏيئي مات ٿو رهان ۽ هاڻي ڪنڊيڪٽر کي پيو گاريون ڏيان. دل جي باهہ هلڪي ڪرڻ لاءِ زور زور سان گاريون ٿو ڏيان. جيئن ٻيا بہ مون سان گارين ۾ شيئر ڪن يا ڪاسپيمٽ.

حرامي اچا پيو رڙيون ڪري، ٽاور-ٽاور، سٽو بندر روڊ پئلس جو ٽاور، ڪٿي رهي جاءِ جو پيا بہ چڙهندا.

هاڻي سڀ شروع ٿي ٿا وڃن، بس تي مڪن - ڏڪن جو وارو وار. رڙيون هوڪرا، پئسا هجن تہ جيڪر بس کي پڇان بہ ڪونہ.

بس هلي آهي. مرٽينگ بس دونهان ڇڏيندي پئي هلي. رڙهندي رڙهندي، گجگوڙ ڪندي، ڪنديڪٽر جون رڙيون پيون پون. ٽيڪٽ لاءِ. ڏهہ پئسا هٿ ۾ ٿو جهليان، نہ ڏيانس، چوانس، ورتي آهيم، ڪهڙو فائدو، بس آهي جا بيهندي - بيهندي ٿي هلي.

اجهو گرومندر بہ اچي ويو. بس بيٺي آهي، لهڻ لاءِ وڏان ٿوءِ رش ۾ چيپاٽجي - چيپجي در تائين اچي-در وٽ ڦاسي ٿو پوان. چڙهڻ وارن جي رش.

- اڙي بابا لهڻ تہ ڏيو نہ-بس ڪا پچي تہ ڪانہ ٿي وڃي.

(رڙيون، واڪا، دانهون، بس تي مڪون)

زبردست جدوجهد ۾ هڻ-هٽان ڪان پوءِ بس ۾ لهڻ مان سوپارو ٿيو آهيان ۾ واري ڦتي - ٽڙي، پکڙي ويا آهن. شرٽ پينٽ مان نڪري ويئي آهي. شرٽ پينٽ ۾ وجهي، ڪپڙا چندي، آڱرين سان وارن کي ٺاهي، آفيس ڏانهن وڃڻ لاءِ جمشيد نسروانجي روڊ کي ڪراس ڪرڻ جي ڪريان ٿو.

بس اسٽاپ؛ يونيورسٽيءَ وڃڻ لاءِ چوڪرن ۾ چوڪرين جو ميڙ اکو، ڳاڙهو پاتل-چوڪرا ۾ چوڪريون. هٿن ۾ ڪتاب. چادري اوڍيل چوڪريون، منهن اُگهاڙو. اڌ ڍڪيل ؛ ۾ مني اسڪرٽ پاتل چوڪريون- سٿرن تائين اُگهاڙيون ٽنگون، اڇيون نوس-لسيون، سيڪسي، ڏسان ٿو چوڪريون، انهن جا پريل نوس، سهٽا لڳ ۾ مهاندا.

بيهي چوڪريون جانچي پيو ڏسان. ۾ هاڻي اڳتي ٿو وڌان. چوڪريون ڏسندو. اکيون چوڪرين جي مهاندن جو جائزو وٺندڙ.

ٻين چوڪرين کان الڳ، ڪجهہ پرتي، هڪ چوڪري بيٺي آهي. چادري پاتل، اڪيلي-هون، اٿس تہ ڪتاب بہ ڪونہ، هٿن ۾. وڏي ڏسانس پيلا. وڏان ٿو، وڏي چوڪريءَ جي سامهون اچي ڏسان ٿو، چتائي، لڳي تہ چالو ٿي پر .... نيڪ آهي بيهي ڏسانس تہ ڪيئن آهي.

اچي وٺو، بيهي رهيس چوڪريءَ جي سامهون-ڪجهہ پريرو ٿي. منهن ۾

ٽڪ ٻڏي ڏسانس پيو. اهڙي تہ ڪا سهٽي بہ ڪونهي، پوءِ بہ ڪم جهڙي آهي. وقت سنو ڪٽبو، هرويرو ويل بہ تہ ڪونهي. هان ڏسو، ڪلي، مرڪي پئي، ريسپانس پئي ڏيئي. پڪ سمجهي ورتو اٿائين تہ آءٌ اُن لاءِ بينو آهيان. ويچاريان ٿو ۽ ڪسيي ۾ ڏسان ٿو. پنج رپيا پيا آهن. هوٽل ۾ ويني ويندومانس. آفيس وڃڻ جو خيال لاهي، چوڪريءَ سان وقت گهارڻ جا گهاٽ پيو گهڙيان، پگهار چڙهي آڱوني تي، هڪ ڏينهن جو پگهار ڪٽجي ويچي. شاهوڪار ٿئي اهو برٽينڊوسل جو پٽ انهن پئسن مان.

مون ۾ ڏسي مرڪي پئي. هاڻي آءٌ ٿو مرڪان ڏانهنس نهاري. واسنا پريل اکيون کٽي. هاڻي آءٌ اڳتي وڌان. عورت پلا پاڻيهي ڪيئن چوندي. چوڻو تہ مونکي ئي پوندو. چانهہ جي صلاح ڪيانس يا ٻيو ڪو ڪڙڪ رنديبازن وارو جملو ڪشيانس. پر وني ڪٿي وڃانس. الفا تي يا جهان

يا جارج تي. جهان وڏيڪ سني رهندي. پايونيئر تي بہ ڪجھ هوندي. جهان ۾ ٻيو نہ تہ پرائيوسي تہ آهي نہ. چانهہ بہ سستي. ٻارهان آنا چانهہ، اٺ آنا ٽپ، نہ ٽپ چار آنا ڏيندس. خراب لڳندو گهٽ ۾ گهٽ ان تي ڏونس جمائڻ ڪاڻ اٺ آنا ڏيڻا پوندا. وڏيڪ دير ويهنداسين. بيرو جي هر هر ڊسٽرب نہ ڪندو تہ اڪيلائي ۾ سٽرن تا هٿ ڦيرائيندوسانس ۽ چاتين تان بہ. چاتين ۾ هٿ وجهي زور ڏيندس. ۽ ڪنڌ ۾ ۽ ڪلهن ڪان جلهي چڪي ويجهو آڻي چپ چپن تي رکندومانس. ڊرالنگہ ڪس مي - ڪس مي.

اعتراض تہ نہ ونندي نہ! اعتراض چو ونندي، ائين ئي ڪٽي ماٺا ڪندي، اهو تہ چوڪريون ڪنديون ئي آهن. ويچاري، بدن ۾ سيسرات پيا اُيرن ۽ ڪتڪتائي جهڙو ڪجهہ ٿئي پيو. مزو. اهڙو جهڙو مونکي هاڻ پيو اچي. ڪيس بہ ايندو هوندو. ان مهل تہ وڏيڪ مزو ايندو. متان تجربيڪار، اَڙي ڪاپ رن هجي ۽ هٽي لاهہ ڪدي وجهي. مونکي تجربو بہ ڪونهي. ائين تہ سڪندس نہ. ٻيو وري.... مون ڪي هالي سهٽي پيئي لڳي، بيحد سهٽي.

بيني آهي ۽ سندس سامهون آءٌ آهيان. چتائي پئي ڏسي. هان. وري مرڪي، صفا ڪو پاڙي آهيان، متان ڪا غلط راه قائم ڪري ويهي، اجايو وري.. سمجهي نہ نامراد آهيان، يا ناتجربيڪار آهيان، يا لفت نٿو ڏيان يا سندس لاءِ هتي نہ بينو آهيان. ائين ئي ٻئي ڪنهن ڪم سانگي بينو آهيان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اک پڇانس. نہ اشارو ڪريانس هٿ ۾ اکين سان، نہ، نہ. اشارو ٺيڪ نہ رهندو. ماٺھو پيا هلن. پاسي بيهي ڪو ڊائلاگ هٽانس. وجهي نہ وري سينڊل ۾ هٿ، هٿ جيڏي تہ سينڊل جي ڪڙي آهي، هٽي مٿو ڪڇو ڪري وجهي. هتان بيهي اک ٿو پڇانس. چوڌاري نهاري - آسپاس جو جائزو وٺي -ڇوڪريءَ جي منهن ۾ چتائي نهاري، ان جو ڏيان پاڻ ڏانهن ڇڪائي - مرڪي، اک پڇڻ جي جاڪوڙ ٿو ڪريان. وٺو - اک بہ پڳي مانس. ۽ هاڻي ڪريان پيو اوسيئڙو ري ايڪشن جو. سڏ ڪندي يا مرڪندي. هان... هي ڇا؟ (عجب سان منهنجو قاتل وات) وٺو، هٿ مٿي ڪري - چنبو پکوڙي- گهروڙي پوندو ٿي ڏيئي. اڙي گارين جو وسڪارو بہ شروع ٿي ويو.

- مئا گانڊو پنهنجي ماءُ پيڻ ڪونہ اٿيئي، بيشرم.... پڙوا......

هاڻ پڇان ، وٺي ڊوڙ ٿو پايان، سنو ٿيو ماٺھو پري هئا. ڏيان ڪونہ ڏنائون نہ تہ ابا .... ڊوڙندي مارڪيٽ واري موڙ ڪان مڙندي - موڙ تائين ڇوڪريءَ جون رڙيون ۽ گاريون منهنجو پيڇو ڪنديون ٿيون رهن. ۽ مڙڻ وقت گارين جا ٽتل ٽڪرا ڪنهن ڪنهن مهل اچي منهنجي ڪنن سان ٿا لڳن.

سلاٽ هائوس واري سوڙهي گهٽيءَ مان ڊوڙندو ديپ چند اوجها روڊ واري چوڪ تي اچي - اتي ئي ٺهيل ايراني ريسٽورنٽ جي پرسان بيهي ٿو رهان.

اجهو اجا بہ سهڪو پيو رڦان -۽ سهڪان بہ پيو. سهڪو ساهہ ۾ پرجي - اٽڪي پيو آهيان،

پڇندو-پڇندو، لڪندو-لڪندو. پاڻ بچائيندو اچي سيف پليس تي پهتو آهيان- ۽ پهچي سک جو ڊگهو ساهہ ٿو کڻان. سهڪان تہ اجان بہ پيو، وڏي ڪا حرامزادي هئي. پڪ ئي پڪ رنڊي هوندي-تڏهن تہ واتراڌي لائي ڏنائين نہ، شريف هجي ها تہ مانٽ ڪري نہ رهي ها، وڃي ڏوڙ پائي سالي - اتان اچي بيو ڪو وٺي ويندس باقي... پاڻ کي سامت ۾ آڻي ٽڪڙا ٽڪڙا قدم کڻي روڊ ڪراس ڪري-آفيس ڏانهن وڏان ٿو.

# من جي مونجهہ ۾ پوسٽ

هڪ اليڪٽرڪ آفيس وٽ لڳل پوسٽ لئيپ کي ٽيڪ ڏيئي، بيٺي بيٺي مٽي نهاري اوٻاسي ڏيئي ٿو.

اَڄ ڪيس ڪجهہ بہ سنو نٿو لڳي. لڳي ٿو، پاڻ ڪٿي وڃائجي ويو آهي. ڪنهن ڏٻڻ ۾ ڦاٿو پيو آهي. هو هيٺ پٽ تي پيل پٽر کي ٺُڏو ٿو هڻي، پٽر گيلاٽيون کائيندو، ويندڙ رڪشا سان ٽڪرائجي هلڪو آواز ڪري اُتي ئي ڪري ٿو پئي.

صبح کان وٺي سندس هئين ۾ ڪا مونجهہ آهي، اجائي بنا سبب جي، بس ائين ئي صبح کان وٺي ڪيس ڪجهہ سنو نٿو لڳي.

هو هن مونجهہ کان بچڻ لاءِ ڏکهو ساهہ کڻي بالڪوني ڏانهن نهاري ٿو، جيڪا پهرين ٿلهي پئي هئي، اُتي هاڻي ڇوڪري بيٺي آهي. هي اڳ جيان وات ۾ آڱريون وجهي سيٽي نٿو وڄائي، ڇوڪريءَ جي چڙيل وڏن وارن ۾ گول گول ڳورين ٻانهن کي ڏسڻ ٿو لڳي. اڄ پهريون ڀيرو سندس من ۾ ويچار ٿو اچي، تہ سونهن ۾ پريت ڇا آهي؟ پر پاڻ انهن کان ڪيترو نہ پري آهي.

ٺڙيل ۾ ڏڪاريل آهي. هو ويچاري ٿو، پاڻ ٿلهو بت آهي. ٿوهر جو وڻ آهي، منجهس ڪجهہ بہ ڪونهي. سندس ڏٻڻ ۾ ڦاٿل حياتي ائين خالي خالي پئي گذري. ڪيس لڳي ٿو تہ پاڻ دٻجندو پيو وڃي. سندس مٿان چڙ تہ ڪئين مڻ بار آهي، ان بار کان سندس ساهہ منجهڻ ٿو لڳي. هو ٽڪڙا ٽڪڙا ساهہ کڻڻ ٿو لڳي.

هن بار کان بچڻ لاءِ هو ڇوڪريءَ جي سونهن ۾ سمائجي وڃڻ ٿو گهري. ڇوڪري هن کي پاڻ ڏانهن ائين گهوريندو ڏسي بالڪوني مان هٽي تي وڃي. هو کيسي ۾ هٿ وجهي 'ميدل' سگريٽ ڪڍي چپن ۾ جلهي ٿو، تيليءَ کي هٿ جي ٻڪن ۾ بند ڪري سگريٽ دکائي ٿو، سگريٽ مان ڪش پري دونهين جا ڇلا ٺاهي اُپ ڏانهن اُڇلي ٿو، وري دونهين کي ڦوڪ ڏيئي تيزي پکيڙي ٿو ڇڏي. ائين ڪرڻ سان ڪيس ڏاڍو مزو ايندو آهي، پر اڄ ڪيس ائين ڪرڻ سان ڏاڍي بوريت پئي ٿئي.

هاڻي هو سگريٽ مان ڏاڍيان ڏاڍيان ڪش ٿو هڻي، 'ميدل' سگريٽ جو ڪوڙو ڪش، ان کان وڌيڪ ڪوڙي سندس حياتي.

هو ان مونجهہ کي من تان هٽائڻ لاءِ هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون من ۾ آڻڻ ٿو گهري. ويچاري ٿو: ہ ڏينهن سندس ڏنڌي نہ لڳڻ ڪري ڪيترو نہ

’اِفيڪٽ‘ پيو آهي. ’فاءِ ففٽي فاءِ‘ تان اڃي پئسي واري ميڊل تي پهتو آهي. ڍهاڙي مسواڙي واري ڪان پڇي ٿو اڇي. ڪيس پوڙهي مسواڙ واري تي ڏاڍي ٻچان ٿي اڇي، حرامي هڪ به ڏينهن صبر به نه ڪندو، مسواڙي ڪو پڇي ڪونه ٿا وڃن.

وري ٻئي سگريٽ لاءِ ڪيس ۾ هٿ وجهي ٿو. ڪيسي ۾ هاٽي رڳو چار سگريٽ وڃي بچيا آهن. هو هٿ ۾ جلهيل سگريٽ ڪيسي ۾ وجهي نلهيون آڱريون چپن تان ڦيري ٿو.

هڪ ڀيرو وري بالڪوني ڏانهن ڏسي ٿو. اُتي هينئر ننڍڙو ڪڪو بيٺو آهي. هاٽي هو مونجهه ڪان جند ڇڏائڻ لاءِ هلڻ ٿو لڳي. ڪورٽ بلڊنگ مان سنهڙو ٽي.بي. جي مريض جهڙو ائڊوڪيٽ پيو نڪري. هو نه چاهيندي به چٻري منهن واري ايڊوڪيٽ کي تاڙي ٿو. اڳتي وڌي سڪل ايڊوڪيٽ کي ڏاڍيان ٻانهن تو هٽي. ڏيکاءُ لاءِ منهن تي مئل مرڪ آڻي چوي ٿو، ’’ايڪسڪيوزمي.‘‘ ٽي.بي جي مريض جهڙو ائڊوڪيٽ خارن مان ڏسي اڳتي وڌي ٿو وڃي. هو مڙي سنڌ يونيورسٽيءَ جي گهڙيال ڏانهن ڏسي ٿو. ساڍا ڏهه ٿيا آهن. وري پنهنجي واچ ڏانهن ڏسي ٿو، ڏهن منٽن جو فرق آهي. ويچاري ٿو گهڙيال خراب هوندو. سندس واچ ’اگزيٽ‘ ٽائيم ڏيندي آهي.

هاٽي سامهون پوسٽ آفيس ڏانهن هلڻ ٿو لڳي. ائڊوڪيٽ جو ڪڍيل ٻٽون ڪڍي پئسا ڳڻي ٿو - ٻه رپيا پنجهٺ پئسا، هو پٽڪي ٿو، ’’بڪيو.‘‘ خارن مان ٻٽونءَ کي رستي تي اُڇلي ٿو. ٻه باگڙين جا ڇورا ڊوڙي اچن ٿا. پاڻ ۾ وڙهن ٿا، هنجو ٻارن ۾ موه ڪونهي. هي اڳ جيان اڳتي وڌي ٻارن کي وڙهڻ لاءِ اپاري ڪونه ٿو. هو ڪين وڙهندو ڇڏي اڳتي وڌي ٿو وڃي.

هڪ ڀيرو وري پئسا ڳڻي ٿو. پر اڄ ڪيس اهو ڪرڻ بڇڙو لڳو. ڪيس لڳي ٿو ڪجهه به سنو نه ٿي رهيو آهي. لڳي ٿو هاٽي هو ڊٻڻ اندر، اجا به وڌيڪ اندر ڦاسندو پيو وڃي. ڪنهن اونهي پاتار ۾ ڀهندو پيو وڃي، غرق ٿيندو وڃي ۽ هو هاٽي هو نه رهيو آهي، رڳو هڪ ڳنڍي چور آهي، جيڪي هن گهوريو سو نه هو، هو هاٽي ٻيو ڪجهه هو. هن منجهه ڪو پيهي ويو هو، جو منجهاس نٽي نڪتو.

اڄ ڦريون ڀيرو ڪيس مائٽن تي ٻاجهه ٿي اڇي، جن سور سهي، ڏنڊو ڏوٽي ڪيس پاليو ۽ پڙهايو، ويچارا ڪانئس به وڌيڪ ويچارا، جن جي رت ۽ پگهر جي پورهئي کي هن پاٽيءَ ۾ ٻوڙي ڇڏيو. ويچاري ٿو: سندس به ڪهڙو ڏوهه، فيءَ تان ماستر رول سان هٿن جون ترئيون ڳاڙهيون ڪري ڇڏيندو هوس. ڪلاس ۾ ويهڻ نه ڏيندو هو. ڇوڪرا مٺائس ڪلندا هئا. چٽرون ڪندا هئا، ٺوڪون هڻندا هئا، هو

فيصلو نٿو ڪري سگهي ته ڏوهه ڪنهن جو هو.

ريڊيو اسٽيشن وٽ پهچي رستو پار ڪري سامهون وڻ هيٺان بيهي سگريٽ دکائي ٿو. سگريٽ مان سوٽو هٽندي وري ڪيس ويچار ٿو اچي: سندس روح مري چڪو آهي. سندس جيئڻ به نه جيئڻ جهڙو آهي. هو گندي-ڪني حياتي پيو گذاري. ڪيس لڳي ٿو منجهس ڪو خال آهي. هاڻي ڪڏهن نه پرجندڙ خال وڌندو ٿو وڃي. پاڻ وڃائيندو پيو وڃي.

آڱرين ۾ جلهيل سگريٽ پري آڱرين تائين پهچي ٿو وڃي. آڱرين سڙڻ ڪري من ئي من ۾ جهنجهلائي ٿو اُٿي. ويچاري ٿو: اڄ ڪيس ڇا ٿي ويو آهي. ڪجهه سمجهه ۾ نٿو اچي، هيءَ سوچ جي ڪني گت ڇو نٿي نڪري.

من ڪي آٿت ڏيڻ لاءِ ويچاري ٿو: ڪيس ڪهڙو ڏک سور آهي، هونئن به ته مئٽرڪ پاس ڪري ڪيس سؤسوا واري ذليل ڪلارڪي ملي ها، پاڻ هاڻ ته سکيو آهي. جڏهن گجراتي سيٺ جو پاڪيٽ ماريو هئائين، تڏهن ڪان ته سندس ''اسٽينڊرڊ آف لونگ'' ڪيڏو نه 'هاءِ' ٿي ويو آهي. سالن ڪان سندس آس هئي ته پائنٽيڊ شوز ٽيٽرون جون شرٽس ۽ پينٽ وني، پر مسڪين مائٽ ڪٿان پورو ڪن، جي پيٽ ڪي به پورا ڪونه هئا. هاڻي اِها آس به پوري ٿيس.

هون، ڪلارڪن جي ڪا حياتي آهي. سچو ڏينهن ٿا گڏهن وانگر وهن، ويچارا ڪلارڪ.

پر اهو ڪيس ڪوڪلو ٿو لڳي. ان ۾ ڪا سچائي ڪانهي، رڳو من جو آٿت آهي. پاڻ ويچارو آهي، گڏهن ڪلارڪن ڪان به وڌيڪ ويچارو.

هو وري سگريٽ لاءِ ڪيسي ۾ هٿ وجهي ٿو. ڪيسو خالي آهي. پاسي واري مانڊڻيءَ تان سگريٽ وٺڻ لاءِ وڌي ٿو. گهٽ پئسن جو خيال ڪري 'وڊبائين' ٿو گهري. سگريٽ دکائي ٽاليءَ جي وڻ ڪي ٽيڪ ڏيئي بيهي رهي ٿو. سگريٽ جي دونهين مان ڇلا نٿو ناهي.

سندس پرسان 'فوڪس ويگن' اچي بيهي ٿي، ڪار مان فارينر ليڊي در کولي هيٺ لهي ٿي. ليڊيءَ جون گوڏن ڪان مٿي اُگهاڙيون، سنگ مرمر جهڙيون ٽنگون ڏسي، من ۾ اچيس ٿو ته ڊوڙي وڃي اُنهن ٽنگن تي هٿ ڦيري، سندس لڱ اٿين ويچارڻ سان ڪنبي ٿا وڃن، ڄڻ پهريون ڀيرو ڪا عورت ڏٺي اٿس. ليڊي ٽپ ڏيندي ڏاڪڻين تان چڙهندي پوسٽ آفيس جي اندر هلي ٿي وڃي. هو اجا تائين اوڏانهن ڏسي رهيو آهي.

پوسٽ جي در اندران سندس هڪ سنگتي بينو آهي. هيءَ هن ڪي ڏسي

بسنت هال ڏي مڙي ٿو وڃي.سوچي ٿو، اجايو منجهائنس ڦاسي پوندو. وري چوندو: او يار، وري نظاماڻي جي بنگلي تي ’بلو فلم‘ به نٿو ڏيکارين، يار اُگهاڙا ڦوٽا ته ڪي هٿ ڪري ڏي، يار فلاڻو ڪتاب ته هٿ ڪري ڏي. ڏاڍو سٺو ڪتاب آهي.‘ ’انٽر ڪورس‘ جا ڏاڍا سٺا طريقا ڏسيل آهن - هون، جڻ اُهي ڪيس مفت ٿا ملن جو ورهائيندو وتي، هو پٽڪي ٿو. بدمعاش اڳي ئي سندس هڪڙو ڪتاب ’ڊائري آف ماتاهري‘ پيسن ڏيڻ کان سواءِ ڦٻائي رکي ڇڏيو آهي، حرامي مفت خور.

سندس هلڻ جو ڍنگ بدلجي ويو آهي. سندس ڇاتي اڳي وانگر تاڻيل ڪانهي، سندس ڪلها لڙڪي آيا آهن. ڪيس لڳي ٿو پاڻ ڪيترو نه هيٺو ٿي ويو آهي. سندس من جي آنڊ ماند نٿي گهٽجي-وڌندي ٿي وڃي. سگريٽ ڪڍي دکائڻ لاءِ جهلي ٿو، پر وري بنا دکائڻ جي ڪيسي ۾ وجهي ٿو ڇڏي .

هاڻ هو پاڻ کي هيٺو ۽ نستو پيو پائي، سندس پوڙهي اُستاد جمن وانگر. هن جي جڏهن اُستادجمن سان سڃاڻپ ٿي هئي، تڏهن جمن سان سڃاڻپ ٿي هئي تڏهن جمن ڪيس پنهنجو شاگرد بڻايو هو. ڪيس چڪليُ ۾ وٺي ويندو هو، راتين جون راتيون جمن سان هوندو هو، جوا تي، پوءِ هڪ پيري اُستاد جمن ٻاڙهو نرو پيتو هو ۽ ڪيس خاڪي شاهه بخاري واري ڪوٺيءَ ۾ وٺي آيو هو. هن گهٽو ٽئڙاتيو، پر جمن کان ڇڏائي نه سگهيو. هن رڙيون ڪيون، پر اجايون، تڪليف ڪري اکيون ڦري ويون هئس، سڄو ساڻو ٿي ويو هو. پوءِ جمن روز سندس اها ڪار ڪندو هو. اُستاد جمن کان ڪيس ڏاڍي ڏڪار هئي. اهڙا ته خار ڪڻندا هوس، جو رت پي وڃيس، پر بي پڄت هو.

سوچي ٿو: پر پوءِ بدلو ته ورتو هئائين؟ زيبو رنديءَ جي سامهون گوڏ لاهي اُگهاڙو ڪيو هئائينس، ڳل تي چاقون هڻي رت ۾ ٻاڙهو ڪري ڇڏيو هئائينس، هيترن ماڻهن جي وچ ۾.

جڏهن جمن بي پڄت ٿي ۽ اڏرنگ جي بيماريءَ ۾ مئو هو، تڏهن به ڪيس مٿس ٻاجهه نه آئي هئي. منهن تي ٿڪيو هئائينس، پر پوءِ به سندس من جو ڪروڌ نه لٿو هو.

هن جو مٿو سامهون ايندڙ ٿلهي ماڻهوءَ جي نڪ سان لڳي ٿو، جيڪو رٽن هوٽل وٽ لڳل انگريزي فلم جي پوسٽر، جنهن تي ’صوفيالارين‘ ۽ ’اسٽيفن بوائيڊ‘ جي ’ڪسنگ سين‘ آهي، پوسٽر ۾ نهاريندڙ بيل ٻاٿم واري ڇوڪريءَ ڏانهن پيو ڏسي، ٿلهو ماڻهو نڪ ڏکڻ ڪري وڏي رڙ ٿو ڪري، ’ميان، ڏسي ته هل، هيڏو سارو رستو پيو آهي، هاءِ گهوڙا ماري ڇڏيئي. صفا ڪو انڌو آهين.‘

هو هن سان منهن نٿو ڏئي، نونشو نٿو هٽيس، منهن ڦيري اڳتي وڌي ٿو وڃي. ان ڇوڪريءَ ڏانهن ڏسي ٿو، ويچاري ٿو بيل باٽم ۾ ڇورين جون سٿرون واهه جون ٿيون ڏسڻ ۾ اچن. سندس من ۾ سٿرن تان هٽ ڦيرڻ جو خيال نٿو اُپري، هو گهٽيءَ ۾ مڙڻ تائين، ڇوڪريءَ جون ڪڙيءَ کان مٿي سوڙهي بيل باٽم ۾ قاتل پيريل سٿرون ڏسندو ٿو رهي. هو منهن مٿي ڪري اها 'ڪسنگ سين' ڏسي ٿو. هاڻي سندس من ۾ اچي ٿو، گهٽيءَ ۾ مڙندڙ ڇوڪريءَ کي ڊوڙي وڃي ياڪر پائي چوي 'ڪس مي، ڪس مي....' وري هو پنهنجي ان بيوقوفيءَ تي کلي ٿو ويهي. سوچي ٿو سنو ٿيو جو سندس من تان مونجهه ته ڪجهه دير لاءِ لهي ويئي.

پر ڪجهه دير کان پوءِ کيس لڳي ٿو، اها مونجهه وري وڌندي پئي وڃي، اها مونجهه، آنڌ مانڌ، سندس پٺ نه ڇڏيندي. هو ان کان پٺ ڇڏائڻ ٿو گهري.

هو ڪنهن سنگتيءَ کي ڳولهي ٿو، جيئن ان سان گپ شپ هڻي ٽائيم پاس ڪري. هو نيو مئجسٽڪ سئنيما ڏانهن هلڻ ٿو لڳي، اُتي جا غنڊا سندس يار آهن، سي - آئي، اي وارن جي آفيس وٽ پهچي سندس من اڳتي هلڻ کان ڪيٻائي ٿو. اجايو وڃي بور ٿيندو ڄڃن جي پٽڻ سان. اُتان ئي مڙي ڪينوسينٽ مارڪيٽ ڏانهن ٿو وڃي. من ۾ اچيس ٿو، چڪلي وڃي ڪنهن رنڊيءَ سان ئي وقت گهاري، هن مونجهه مان جند ڇڏائي، کيس ياد ٿو اچي، اُتي جمعدار هوندو، جمعدار کي ڇئن پنجن ڏينهن کان پئسا ڪونه ڏنا اٿس. ها، اڄا ڪالهه ئي جمعدار ٻچيءَ کان جهلي ڌونڌاڙيو هو، کيس ڪچيون گاريون ڏنيون هيون، جيل ۾ ڏندي جو ڊپ ڏنو هو.

کيس جمعدار تي ڏاڍي چڙ ٿي اچي، بدمعاشن کي هڪ ٻه ڏينهن پئسا نٿا ملن ته ڇتا ٿيو پون. پاڻ ڪو پئسا ٺاهي وينو يا وٽس ڪو ٽڪن جو کوهه آهي جو ٻڪ ڀري ڏين. هيءَ ڪا حياتي آهي، 'ڊئم دِس لائيف.'

ويچاري ٿو نيٺ ٻه ته هنن ڪتن مان جند ڇڏائڻي آهي، ڪو 'فارينر' ڳولهي کيس چڪلي مان يا اڏي تان رن وني ڏي ۾ جمعدار مان جند ڇڏائي. پر کيس اچ وحشت پئي اچي، ڪوڙهه جي مريضن جهڙن يورپينن کان، انهن جي چمچا گيري ڪرڻ کان، انهن جي آڏن اُبتن سوالن جا جواب ڏيئي اگهه ٻڌائي. 'سر، ون هنڊريڊ فار نائيٽ اينڊ فاراٽن اور ٿين رپيز' کيس لڳي ٿو ڄڻ ائين ئي چئي هو پنهنجو اگهه ٻڌائيندو آهي ۾ ڪنين ٻڇڙين رنڊين جي واڪاڻ ڪري انهن جي ڄمار گهٽ ٻڌائي 'سر ويري ينگ، اونلي ايٽين ايئرس اولڊ'، 'او ڊئم دس لائيف.' کيس رنڊين کان وحشت ٿي اچي، هاڻي هو رنڊين ڏانهن نه ويندو. هر ڪنهن

جي اڳيان اڳهاڙپ، ٽنگون ٿيڙڻ ۽ پوءِ اهو گند. رنديون سچيون ڪنو گند آهن.

پر منجهس به ته گند آهي، ڪنو گند، جيڪو رنڊين ۾ آهي. اهو جو اُستاد جمن جو هو، هو اُبڙڪا ڪري ٿو ويهي ۽ ائين ڪري هو استاد جمن جو گند پاڻ مان ڪڍڻ ٿو گهري. پر اهو گند نه نڪرندو، اهو منجهس پيهي ويو آهي، سندس نس نس ان گند سان پرجي ويئي آهي. سندس مٿو ڦرڻ ٿو لڳي. هو ان ڪني گند جي ڏپ ڪان اُٿان ڀڄڻ ٿو گهري. ڪيس لڳي ٿو ان گند جي ڪري اڄ سندس هلڻ چلڻ اُستاد جمن وانگر ٿي ويو آهي. منجهس اُستاد گهڙي آيو آهي، هاڻي سندس شڪل اُستاد جمن جهڙي ٿيندي وڃي، سندس هٿ، نڪ، منهن ۽ سڀا لڱ اُستاد جمن جهڙا ٿيندا وڃن.

ته ڇا ... ڇا هو سچو اُستاد جمن ... جمن ٿي ويندو، ڪيس لڳي ٿو، اُستاد جمن منجهس زوري گهڙندو پيو وڃي ۽ هاڻي هو نه نڪرندو. هو اُستاد جمن کي ڪڍڻ ٿو گهري، جمن ڪان پٺ ڇڏائڻ ٿو گهري، پر اهو گند.....

سندس نرڙ تي پگهر جون بوندون مڙي ٿيون اچن، سندس دل زور زور سان ڌڪڻ تي لڳي، سندس ’بلڊ پريشر هاءِ‘ ٿي ويو آهي. هو ٽڪڙو ٽڪڙو وڏي ڪيفي جارج ۾ گهڙي ٿو وڃي، ٽڪڙ ۾ پاڻيءَ جا ٽي گلاس پي ٿو وڃي.

ڪيس لڳي ٿو سندس دماغ جون رڳون ڪنهن ڇڪي ڪري ٽائيٽ ڪري ڇڏيون آهن ۽ سندس دماغ جا پردا نڪاءُ ڏيئي ڦاٽي پوندا. من ۾ اچيس ٿو دانهون رڙيون ڪري، اُستاد جمن کي پاڻ مان ڪڍي، پر اهو گند.... هو زور سان مٿو ميز سان هڻي ٿو، ائين ڪرڻ سان هو جمن کي پاڻ مان ڪڍڻ ٿو گهري. نڪاءُ ٿي سڀ ماڻهو هن ڏانهن ڏسن ٿا، پر هنکي ڪا به پرواهه ڪانهي.

ڪيس لڳي ٿو، هتي سندس ڇوڏاري رڳو گند جو ڍڳ لڳو پيو آهي، اهو گند جو منجهس آهي، پاڻ ان گند ۾ گجندو پيو وڃي، اهو گند سندس ڇوڏاري ٿيندو پيو وڃي، جڻ رنڊين سان سڀ گند هتي اچي گڏ ٿيو آهي. ان جي ڏپ ڪان سندس ساهه گهٽجڻ ٿو لڳي، ڪيس لڳي ٿو ساهه ڪٽڻ سان گڏ اهو گند سندس نڪ جي ناسن مان اندر پيو وڃي. ڇاهي ٿو تکو ڊوڙي ان گند ڪان جند ڇڏائي، سندس زبان سڪي ويئي آهي. ڪيس ڪني تکي ڏپ پئي اچي، ڪيس بوسات پئي ٿي.

هو ڏپ ڪان هوٽل مان نڪري ٿو اچي. ٻاهر رستي تي به گهٽ ۽ بوسات آهي. هن ڏپ ۾ سندس ساهه گهٽجي ويندو، هو ٽڪڙا ٽڪڙا ساهه ڪٽڻ ٿو لڳي.

# ويچار ۽ ويچارن جي وچ ۾ لٽڪيل آئي

ستو پيو آهيان اکڙيل، چنل کٽ تي، اُپ ۾ نهاري اکيون پيو ٽمڪايان، اکيون پوريان ۽ سمهي رهان، ننڊ اچي ننڊ، ننڊ وري ڊوڙ ايندي، هڪڙي رگهه پيا سنگهڻ ، رت اگهي ٿي نهي ڪونه رهيو کهيو به منگهڻ چوسي پيا مزا ماڻين، رگهه ۽ منگهڻن جي ڪري هر هر ورايان پيو پاسا، پاسي ورائڻ ڪري چنل، اُکڙيل کٽ کان چيڪاٽ نڪريو ٿا وڃن. هنن حرامين منگهڻن کي به منهنجي رت چوسڻ مان مزو اچي ويو آهي، جڻ بين جي رت ۾ ڪو وهه آهي. وس پڇيم ته هٿن ۾ جهلي نپوڙي نپوڙي هٽي ڇڇري وجهان، ۽ پوءِ جا هٿن مان ڪني بانس نڪرندي، سا ... ويچاري ڪرهت تي اچيم، نٿي اچي ننڊ ان ڪري ويچاريان پيو، ويچاري ورايان پيو پاسا، پاسي ورائڻ ڪري اکڙيل کٽ مان چيڪاٽ پيا نڪرن، هٽي پڇي نه وجهانس پوءِ سمهندس ڪٿي.

اُٿي پٽ تي هنڌ ڪري سمهان، رگهه کان نه ته منگهڻن کان ڇوٽڪارو ملي پوندو.

- ’ها اُٿان؟‘

- ’نه ڪجهه دير ته کٽ تي ستو پيو آهيان پوءِ اُٿندس.‘

منگهڻن جي هنيل چڪن کي زور زور سان مهٽيان پيو، حرامخور اصل پر ايو چيڏين.

- ’اُٿي پٽ تي هنڌ ڪري سمهان ته ننڊ اچي وڃي نه ته وري سار دير سان ٿيندي.‘

هون سار اوير ٿيندي ته کهڙو اُپ ڏري پوندو. سويل اُٿندس ته رُلندس رستن تي نوس ڪري، يا هوندس ڪنهن آفيس جي ٻاهران اُس ۾ بيٺل اندر وڃڻ لاءِ پيو تاڙيندس. پوءِ هونديون ڪنهن قبرستاني ڪٽي آفيسر جون ڇڇيون عينڪ ۾ پوريل ڪرڙيون اکيون ۽ چڙ ٻون.

- ڪانهي نوڪري، رلي مٺا آهيو. شل نه ڪنهن ويڪنسيءَ جي بوءِ اچناو، بس ڪتن وانگر نوسيندا ايندا. اڙي هل هل ٻاهر، ڏسين وري ڇا ٿو. گيٽ آئوٽ، ڪريان سڌ پٽيوالي کي، هنن بي روزگار ڪتن مان ڦاٿا آهيون. هنن کي ته پوليس جي حوالي ڪجي.

- ڇا؟

ته ڇئبو سڀ بي روزگار ڪتا آهن، پو ته هنن ڪتن جي به بلاٽي لوڏ ٿيندي.

پڇ لوڏي لوڏي، اوتائي هڏي پيا ڳهرن. ڏيو هڏي پيا ڳهرن. ڏيو هڏي يا ميونسپل کي اٿارٽي ڏيو تہ
ڪتا مار مهم سان ڳڏ بي روزگار مار مهم بہ هلائي.

هوندي ڪاوڙ، ڪاوڙ لاهڻ لاءِ تہ سندس رستن تي هلندڙ سوڙهن ڪپڙن ۾ ڳورا سهڻا لڳ، اڪيو رهندس انهن جي ويچارن ۾ -

- ’آءٌ بہ ڪا ماڻيان اهڙي...... ‘

ويچاري ماڻيندس سڪ.

ويچاريان پيو، ويچاري ماڻيان پيو سڪ، پٽ تي سمهڻ تي ارواح ٺي نٿو وري. ٺيڪ آهي کٽ تي ٺي ستو پيو هوندس. پلي نہ اچي ننڊ.

اچان پيو گهر، آفيسن جا ڌڪا ٿاٻا جهلي، دڙڪا داٻا سهي، رستي تي پير گسرائيندو، ٿڪل ، ساڻو ساڻو، ماندو، گهر وڃي ڪري پوان. هوءَ بيٺي آهي بالڪونيءَ ۾، لهي ويل ٿڪ، اچان ٿو در تي، گهر وڃڻ تي ارواح ٺي نٿو وري.

- ’وري ڏسانس. ‘

چڪر، بالڪونيءَ جي هيٺان، هِن هُن گهٽيءَ مان ڦري سري وري بالڪونيءَ وٽ اکيون مٿي ڪري آهستي، آهستي هلي، وري، وري ڏسان پيو هن کي. بيٺي آهي بالڪونيءَ جي ريڪ تي ٺونٺيون رکي منهن کي هٿن سان جهلي -

’ان منهن کي ڪر آءٌ ائين هٿن سان جهلي ويجهو ڪري..... ‘ منهن تان ڪجهي ويل هٽ، هٿن جا پڪڙيل چنبا.

- او اهو پيو اچي پڙوو - ڪير رلي مئو آهي.

آءٌ ڏيان ٿو پيرن تي زور، تکو تکو، ڪو جهلي ڳُڙ نہ ڪيدي، هٽي هڏ ڳڏ پيچي رکي، بيءَ گهٽيءَ مان ڦري ٽڪڙو، ٽڪڙو پيچي ٿو وڃان گهر، ڪري ٿو پوان ڦهڪو ڪري کٽ تي.

پيو آهيان کٽ تي، پئي پئي ورايان پيو پاسا ننڊ نٿي اچي ننڊ.

- ’او فلاڻا ‘

- ’مان ! ڪنهن سڏ ڪيو. ‘

- ’ڪير آهي؟ ‘

هوندو ڪو وڃي ڏوڙ پائي، مڙئي ڪو ياڙي واروڙلي، پني يا ڪنهن فلم جي لاسٽ شو هو تان وريو هوندو.

- او فلاڻا در کول، سمهي رهئين چا؟

هون هيڏي رات نبري آهي، سمجهيو نہ ٿہ ڪو مکيون ماريون اجايو ٿيو ٻين جي ننڊ ڦٽائي بور ڪرڻو.

هڪڙو ننڊ اچي ئي ڪونہ ٿي اچي ٻيو وري ٻي تيس مار خان هليو آهي.

هون سالي ڪي ٻچيءَ ڪان وٺي ڪي ٻہ - ٿي ڏونڊاڙا ڏيانس جو.... پر الاجي حرامي هجي ٿلهو ٿنبلو هٽي ڪٽي ڪري رکي تہ پوءِ.....

هاءِ الالڙي منگهڻ جري چڙيو. صفا ڪو چتو هو، زور زور سان ٽنگ ڪي مهٽي منگهڻ تي ڏاڍا خار ڪان ٿو، حرامي جهل ڏي ها تہ اهڃاڻ بہ ڪونہ چڙيانس ها.

- ’اٿان پٽ تي هنڌ ڪريان.‘

’پوءِ اُٿان ٿو.‘

اُٿي بينو آهيان، دل نٿي چئي، وري سمهي ٿو پوان، نرڙ تي مڙي آيل پگهر آڱر سان اُگهي ٿو ڇڏيان.

- نڪري وڃ منهنجي آفيس مان، تون ڇا لاءِ فلاٽي جو پڇ ٿيو هلندو گهمين.

جي، هن ڇا چيو، آءٌ فلاٽي جو پڇ آهيان، وڏو ڪو گڏهہ آهي.

پر سڀ چون ٿا، اُٿندي ويهندي، آئون فلاٽي جو پڇ آهيان، هون وڏا آيا آهن فتوا ڏيڻ وارا. آءٌ پڇ ڪيئن ٿو ٿي سگهان، سو بہ فلاٽي جو. فلاٽو پريل ٽيپ، ٻين ڪان اُڌار ورتل ويچار، انسٽرڪشن ۽ ٻين سان ٻڌيو رهڻ، هڪ ئي مهل ٽن ڏڙن سان ٻڌيو رهڻ. ڏڙن سان گڏ ڦرڻ، جهڪڻ، اُٿڻ، لڏڻ، لمڻ، ڏڙ پڇ جو مومينٽ ۾ اچڻ نيچرل آهي ۽ آئون پلا پڇ جو پڇ ڪيئن ٿو ٿي سگهان. پڇ جو پڇ پلا ڪڏهن ٿيو آهي.

- او فلاٽا

- ’ترسو ڪنهن سڏ ڪيو!‘ (آءٌ ترسان ٿو)

- تون فلاٽي پڇ جي پڇڙي آهين.

- ’جي ڇا ٿو چئي،‘ (آءٌ هنجي منهن ۾ خارن سان ڏسان ٿو.)

- پڇڙي تي گهڻا وار هوندا آهن، تنهنجي مٿي جا وار بہ وڏا آهن.

ڳالهہ دل سان لڳي ٿي. آل رائيٽ، سچ ٿو چوي، پڪ هوندس پڇڙي. پڇ جو ٽن ڏڙن سان ٻڌيو رهڻ، ڦرڻ، هلڻ، مڙڻ (جو نيچرل آهي) ۽ آءٌ بہ هلان ٿو پڇ سان گڏجي پڪ هوندس....

هوندس تہ ڇا ٿي پيو، ان ۾ ٻين جو ڇا وڃي، آءٌ ڪٽي ڪجهہ بہ هجان، پاڻ وري ڪهڙا چڱا مڙس آهن، فلاٽي فلاٽي جا چمچا، پڇ، هر ڪو ڪنهن نہ

ڪنهن سان ٽٽندي به ڳنڍجڻ جي جاکوڙ پيو ڪري.

منگهڻ جي چڪن ڪان ڪاوڙ ۾ زور سان پاسو ٿو ورايان اُڪڙيل ڪت ڪان زبردست چيڪاٽ نڪري ٿو وڃي.

’پڇي ته نه پئي آهي.‘

ڪت ڪي ڏسي وري سمهي ٿو پوان.

هلان پيو رستي تان، ڪيفي يونيورسٽيءَ ڪان ٿورو اڳيان ڇوڪري پئي اچي، ڇوڪري ڏسي منهنجا ڇهه ڇڄي ٿا پون، ڏاڍي سهڻي آهي.

’هيءَ به ته ڪنهن جي.....‘

ويچاريان ٿو، اکيون ڇوڪريءَ ۾ هڪ ڪن لاءِ هر لنگهندڙ جون نگاهون ڇوڪري جي سهڻن لڱن سان ٽڪرائجي، ڪيتري دير تائين پيڇو ڪنديون رهن ٿيون. ڇوڪري منهنجي پرسان لنگهي ٿي وڃي، آءٌ مڙي ڪيس پنيرو ويندي ٿو ڏسان، وري هڪ پيرو ڏسڻ جي آس ڪر موڙي ٿي، منهن تان ڦري وڃي ڏسانس.

- ’لڳي پوانس پنيان.... پر ڪو هٽي ٻڙي نه وڃهي.‘

جي پڇ هڄن هان ته ڇوڪري ڏسنديئي پيار ڪري ويهي ها ۽ آءٌ چوان ها....

... يو آر ماءِ سسٽر.

هاءِ ياڳ، پڇڙي ٿي پيو آهيان، ٻاڙون ته گهٽي ئي هٽندو آهيان، فلاٽي اڙي ان سان منهنجا لَوَ افيئرس هلندا هئا هاٽي لفت ڪونه ڏيانس، پر هي ڪانفيڊنشل ڳالهه آهي ته مون ڪي ڪا ڪاري، ڪني، ڪوجهي به لفت نٽي ڏي، پوءِ مڙئي پنهنجي ڪانئر من ڪي تسلي ڏيڻ لاءِ چوندو آهيان. (مون سان گڏ مون جهڙا پڇ ۽ پچڙيون چوندا هوندا) - ’بيوٽي آر سي بت نات تو ٽچ.‘ چوان پيو ۽ چئي سک پيو ماٽيان.

چنل ڪت تي رگهه ۽ منگهڻ ڪان بچڻ لاءِ پاسا پيو ورايان. اُٿڻ نٿو پڄي. ڪونه اُٿندس، ڪت تي مزو پيو اچي. پٽ تي سمهندس ته ڏاڍي پٽ تي پاسا ورائي ورائي سَنَڌَ سَنَڌَ پيو سور ڪندو، هتي نيڪ آهيان. لڱن ۽ مٽي ۾ ڪجهه هلڪو سور پانيان. مٽي هينان ويهاٽو ڪڍي پاڪرن ۾ پريان، اهڙو زور ڏيانس جو چيپاٽجي زريون زريون ٿي وڃي، سڄي باهه ان مان لاهيان. رليءَ تي ٽنگ رکي ويهاٽي کي وڏيڪ پڪوڙيان ٿو. سڄن لڱن تان ڳهر ريلا ڪري پيو وهي. ويهاٽي مان ٻانهون ڍليون ڪري ٿو ڇڏيان، ڪا هجي پاسي ۾.

- ميان ڪراچي نہ وڃ اُتي رهي ڪونہ سگهندين اتي ٺيڪ آهين.
- ها ها سچي ڳالهہ آهي. اڙي ميان اتي لڳن تي اهو ماس بہ ڪونہ رهندين هڪڙو اڳي آهين مون وانگر ٿلهو ٿيو وري.....
- نہ وڃ بابا نہ هتي توکي نوڪري وٺي ٿا ڏيون ٿيو ڇا.
- سائين اتي رلندو سڄو ڏينهن چورين جي پويان اجايو مارجي ويندو.
- جي ڇا ٿا چئو، هون وڏا آيا آهن سمجهائڻ وارا نهيو نهيو گهڻو ٿيو، پنهنجا اُپديش پاڻ وٽ رکو. آءٌ سڀ سمجهان ٿو، ڇو ٿي وٺناوَ. منهنجي مرضي آءٌ کوهہ ۾ ڪِران تنهن ۾ توهان جو ڇا؟
- ميان سچ چوڻ جو زمانو ئي ڪونهي.
- بس ڪاوڙ نہ ڏياريو. - 'هون، وڏا هليا آهن سچ چوڻ وارا، هليا آهن فتوا ڏيڻ سڀاڻان ٿو اوهان کي ڪير ٿو رستي تي چورين کي تاڙي، ڪير ٿو ولائتي شراب پيئڻ جي آس ڪري، اسان ڪڏهن نرو ٿا پئيون تہ اوهان ڪان سنو نٿو ٿئي بس هاڻي گهڻو ٿيو وات نہ کولايو نہ تہ.... '
وهاڻي ۾ ٻڪ هڻڻ ڪري وڏيڪ رگهہ پئي ٿئي، پگهر مان سڄي خميس پسي پاڻي ٿي پئي آهي.
- 'خميس لاهيان ڪين نہ؟ '
تہ پلي پئي هجي. اُٿان وهنجان يا ٻاهران رستي تي چڪر هڻي تازي هوا کايان، اڌ رات آهي اجايو پوليسوارن جي ور چڙهي وڃان يا پاڪستاني اسلامي پوليسوارا تہ اهڙا وجهہ پيا ڳولهين شل نہ ڪو مسڪين انهن مسلمان پوليسوارن جي ور چڙهي اصل ٻڻ وڃائي ڇڏين. مون وٽ تہ ٽڪو بہ ڪونهي اجايو هڻي لاهہ ڪدي ڇڏين. پلا پٺ تي سمهان، اُٿڻ نٿو پڄي، رگهہ ۾ ساهہ پيو منجهي، اُٿڻ گهرجي.
'اُٿان ڪين نہ؟ '
ستو پيو آهيان، نٿو اُٿان، وري ويهاڻي کي ٻڪ ٿو هڻان. مزو پيو اچي، پر رگهہ ڪري ٻڪ ڪدي ٿو ڇڏيان.
اُٿي وينو آهيان.
' اُٿان؟ '
نہ هتي ٺيڪ آهيان. وري سمهي ٿو پوان. اکيون مٽي ڪري ننڊ ۾ نڪت ٿو ڏسان. منهنجي پاڳہ جو الاجي ڪهڙو آهي.
ها اڃا ڪالهہ رات ئي سامهون واري جاءِ مان رندي رڙيون ڪري اُگهاڙي ٻاهر

نڪتي هئي.

- اڙي کهل ڪر آءٌ سڄو ڏينهن ٿي رهڙجان رات جو ته ساهي پٽڻ ڏينم. پاڙي ۾ ٻتيون ٻري ويون، ماڻهو مڙي آيا.

- اڙي ميان لڄ ڪريو، پاڙي جو ته ڪجهه خيال ڪريو. اڌ رات جو گوڙ مچايو اٿو.

- ميان هتي شريف ماڻهو ٿا رهن.

- ها ها اُٿو خالي ڪريو جاءِ. هي شريفن جو پاڙو آهي.

- بس بس گهڻو ٿيو. پنهنجي زال اٿم، زال مڙس جي جهيڙن ۾ اوهان جو ڇا؟ اوهان ڪو وري پنهنجين زالن کي ..........

- بند ڪر لٻاڙ ٻي لڄا، اچا پيا ڏسو، وڃو (هي پوڙهو هو.)

کهڙو نه ٻڇڙو زمانو اچي ويو آهي. آءٌ پاسو ورائي ويهاڻي ۾ ٻڪ ٿو وجهان. ها اجا اڄ ئي ته اخبار ۾ لکيل هو ته فلاڻي هنڌ پيءُ پنهنجي ڌيءَ کي رئيپ ڪيو. توبهه توبهه ڪاري قيامر اچي ويئي ۽ ها پٽ ماءُ جو ٽوٽشي سان هڙئي ڏند پڄي چڙهيا. ماءُ ڪيس فلم ڏسڻ لاءِ ڏوڪڙ ڪونه ڏنا ۽ ٻيون اهڙيون ئي خبرون، سڄي اخبار ٿا ڦيل.

وڃي ڏوڙ پائين منهنجو ڇا ٿو وڃي. آءٌ اُٿي لڱن تان پاڻي وجهان، پگهر ڪري چنبڙن پيا. اُٿان ٿو، وري سمهي ٿو پوان.

- 'لِڪ ساعت ڪان پوءِ اُٿندس.'

وينو آهيان، رڪشائن، ٽانگن ۾ وينل ڇوڪرين کي پيو تاڙيان، ڪوسي چانهه مان ڍڪ پيو پريان، ڍڪ نٽو پريان، سُر سُر ڪري سرڪ پيو پريان، ٽيبل تي پيل شيشي جي هيٺان ڪوڪا ڪولا جي اشتهار تي ڇپيل سمائيلينگ گرل جيڪا هٿ ۾ ڪوڪا ڪولا کنيو مرڪي پئي، ان کي ڏسي جهونگهاريان پيو وڊس ورٿ جو شعر 'اٿنگ آف بيوٽي از آ جوائي فار ايور' ڪوڙ آهي نسورو ڪوڙ جو اڳ هو هاڻي نه رهيو آهي چئينج ٿي ويو آهي. شعر به چئينج ٿيڻ گهرجي. ها ٺيڪ آهي. چئينج ٿو ڪريانس 'اٿنگ آف بيوٽي از آ هيڊ ايڪ فار ايور.' پوءِ ته ورلڊ فيم اسپرو ڪاٽو پوندو. مون وٽ ڏهه پئسا به ڪونه آهن. هوند پڇ هجان هان ته لبريم هاءِ اينڊ ٽين ۽ ٻي ڪامپليڪس ٽيبليٽس کايان ۽ هيمون گلوبين سيون آپ سان ملائي پيان، هاءِ هاءِ پاڳ ڏاڍو مينٽلي ٽارچرڊ ۽ ڊسهارٽيڊ رهان. هجيم ڪا پڇڙي، رعب رکان، تو ۾ سيڪئيوئل فرسٽريشن آهي انڪري توکي ڊيڊ رووِلشنري

ٿنڪنگ آهي، آءِ ٽيل يو مسٽر سو اينڊ سو يو آر ويري ڊينجرس مين فار رووليشن، يو چيئنج اَئٽ ونس بورمائينڊ آءِ هئيو شوئر دئٽ يو ڪين بي گڊ رووشنري. پر هاڻي ته ڏهن پئسن لاءِ به مٺاڪت ڪرڻي پوندي.

ڪوسي چانهه چا ٺڌي ٿي ويئي آهي. ان مان ڍڪ پيري سک پيو ماڻيان. اهو سک جو انفياريٽي ڪامپليڪس ۾ ورتل ڪنهن ڇوڪري سان خيالي پيار (ويندي انٽر ڪورس تائين) ڪري، يا ڪو سٽريبيوشن ڪري ماڻيندو آهي. آءٌ ماڻيان پيو سک اهڙو ڪجهه ويچاري ۽ ڏسان پيو در ڪان ٻاهر چورين ڪي سالين ۾ ايڊي آٽريڪشن الاجي ڪٿان آئي آهي!! چانهه پوري ٿي ويئي آهي ان ڪري ٽيبل ڪي نهن سان ڪرڙيان پيو.

- ’اُٿان؟‘

- ’نه اجا وينو آهيان، پوءِ اُٿان ٿو.‘

هاڻي ويني ويني بور پيو ٿيان، ڪيڏانهن وڃان، ڪنهن ڇوڪري جي پٺ وني گهر يا ٻئي ڪنهن هنڌ تائين ڇڏي اچان وچ وچ ۾ هلندي هلندي لفٽ ڏيئي ۽ پوءِ لَوَ افيئرس هلن، نه ڪجهه نه ٿيندو اجائي بوريت،

- ’ اُٿان ڪين نه؟ ‘

ها اُٿان، ها نه، ها ها، نه نه، ها، نه، ها، نه ها. اُٿان ٿو. ڪيسي ۾ هٿ ! دل جي ڌڙڪ ڪري تکي هلڻ لڳي ويئي آهي ! قاتل اکيون! لاهه تي نکري ويا رڳا ڏهه پئسا پيا آهن! وري ويهان ٿو، آنڊ مانڊ، مونجهه، سڪل زبان،قاتل اکيون، مري ويس، ٻوڙ پائي پڇي وڃان ڪائونٽر تائين ايندي ايندي وني گهٽ ڏيان، روڊ ڪراس ڪري ڪنهن پيڙ ۾ وڃائجي ان جو پاڳو ٻڌجي وڃان، پر ائين نٿو ڪري سگهان. آهستي آهستي اُٿان ٿو، ڏهه پئسا ڪائونٽر تي رکي ٽٽل قتل جهيڻي آواز ۾ چوان ٿو به پئسا ڪلا ڪونه آهن. منهنجو منهن ڦلڙو، سيٺ جون ڪرڙيون اکيون، منهن تي چڙهيل منهن سهي نٿو سگهان تڪڙو تڪڙو ٻاهر نڪري ٿو وڃان. ٻاهر تائين ايندي ايندي سڄو پگهر ۾ شل ٿي ٿو وڃان.

۽ پگهر مان جا ڪني ڏپ پئي نڪري سهي نٿو سگهان. پگهر جي ڪني بوءِ جي ڪري ننڊ ئي نه ايندي، وهنجان يا هنڌ ڪٽي ٻاهر وڃي فٽ پاٿ تي سمهان ٿڌي هوا ۾ ننڊ به سٺي ايندي.

- ’ اُٿان ڪين نه؟ ‘

ها اُٿان ٿو، هنڌ ويڙهي مٿي تي ٿو رکان، نٿو پڇي، هنڌ مٿي تان لاهي وري ڪٽ تي ٿو رکان، ويچاريان ٿو، فٽ پاٿ تي هنڌ ڪري سمهان ڪين نه؟

# هڪ بور ڏينهن

مٽي چڙهندي بيهي ٿو رهان، هيٺ آفيس ڏانهن ڏسان ٿو. آفيس جي در وٽ پٽيوالو اسٽول تي وينو آهي، هڪ پوڙهو اچي ٿو. جُتي لاهي اندر گهڙي ٿو ته پٽيوالو روڪيس ٿو، ”اي ڪيڏانهن ٿو وڃين، صاحب آرام پيو ڪري، مٽي ۾ سور آهيس.“

”سائين پري ڪان آيو آهيان، ڦريل آهيان. چوڌري پائي بند ڪيو آهي، هاڻي زمين ٿو ڦري.“ پوڙهو هيسجي چوي ٿو.

”سياڻي اچڄ. اڄ جمعي جو ڏينهن آهي،صاحب به بيزار وينو آهي.“

”پر سائين منهنجي زمين.....!“

”اڙي چيم ته سياڻي اچڄ. اسان ڪو تنهنجي زمين جو نيڪو ڪنيو آهي ڇا؟“ پٽيوالو بگڙجي چوي ٿو. ”هنن جهنگلين مان ته ڦاٽا آهيون، آفيس جو ٽائيم اچي ختم ٿيو آهي. هينئر منهنجي زمين!“

پوڙهو اجرڪ ڪلهي تي ٺاهي رکي ڪنڌ هيٺ ڪري هليو ٿو وڃي.

هڪ چوڌري، وڪيل سان گڏجي اَچي ٿو. پٽيوالو جهڪي سلام ٿو ڪرين. ٿوري دير ڪان پوءِ ٻئي ٻاهر ٺا نڪرن، وڪيل چوڌري جي ڪلهي تي هٿ رکي چوي ٿو، ”چوڌري جي فڪر نه ڪر. هن بڪئي وٽ آهي ڇا جو ڪورٽن جا خرچ پري سگهندو.“

چوڌريءَ جي منهن تي مرڪ ڦهلجي ٿي وڃي.

آءٌ اتي وڏيڪ نٿو بيهان، تڪڙو تڪڙو مٽي چڙهي ٿو وڃان.

ڪنڊ جي لاءِ پرمٽ ونڻي آهي. راشن آفيسر پاڻ جو واقفڪار آهي. پاڻ ڪالهه چني لکي ڏني هئي پر راشن آفيسر چيو سياڻي ڏيندس.

ٻاهر ورانڊي ۾ ماڻهن جا ميڙ لڳا پيا آهن. آءٌ اندر آفيس ۾ گهڙي وڃان ٿو. راشن آفيسر هڪ دوست سان گڏ ڳالهيون ڪري رهيو آهي. آءٌ هٻڪي چوانس ٿو، ”ا....دا....ادا پاڻ.... چيو آهي.... پر....مٽ....“

سندس ڳالهين ۾ رخنو پوڻ ڪري هو مون ڏانهن ڪرين نظرن سان ڏسي ٿو، مون کي لڳي ٿو، مون کي ڪچو ڪائي ويندو. آءٌ نظرون جهڪائي ٿو ڇڏيان.

ترسي چوي ٿو، ”ها ڪجهه دير ٻاهر ترس ته ٿي اهي ٿو ڏيان.“

آءٌ ٻاهر نڪري ٿو اچان. چوڌاري نهاريان ٿو، سڀ بينچون پريون پيون آهن. آءٌ ٻانهون ٻڌي بيهي ٿو رهان.. هڪ ماڻهو اُٿي ٿو ۽ جاءِ خالي ٿي آهي. آئون ويهڻ جي ڪريان ٿو. جيسين آءٌ ويهان، تنهن کان اڳ ٻيو ماڻهو جاءِ تي قبضو ڄمائي ويهي ٿو رهي. مون کي پنهنجي ناڪاميءَ تي شرم ٿو اچي. منهن ڦيري رستي ڏانهن نهاريان ٿو. رستي تان ڪاريون، رڪشا، ٽانگا/سائيڪلون ڊوڙي رهيون آهن.’هيءَ زندگي به عجيب آهي.‘ آءٌ سوچيان ٿو، ’انسان به انهن مشينن وانگر ڊوڙي ، ڊوڙي هڪڙي ڏينهن ختم ٿي ويندو.‘

هڪ بينچ خالي ٿي آهي، آءٌ تڪڙ ۾ ويهي ٿو رهان. ڊپ اٿم متان ٻيو نه ڪو قبضو ڄمائي ويهي رهي. بينچ به اُڪڙيل آهي، سڄي لڏي پئي، سوچيان ٿو هنن کان ايترو به نٿو پڇي جو ڪا سٺي بينچ ڪٽي رکن. انهن کي پلا کهڙو احساس، پاڻ ته شان سان ڪرسين تي وينا آهن. باقي ٻيا وڃي ٻڏي مرن، هنن جي آڱوٺي مٿي سور.

ويٺل ماڻهو هيڏانهن ، هوڏانهن جون ڳالهيون ڪري رهيا آهن: سياست ۽ اناج کان وٺي سينيٽر رابرٽ ڪينيڊي تائين. هڪ ماڻهو سگريٽ دکائيندي چوي ٿو، ”يار ڪينيڊي ڏاڍو سٺو ماڻهو هو، چون ٿا عوام جو خير خواهه هو.“

”نه، پيئسان وڏو حرامي هو. چئي پيو ته اسرائيل کي تباهه ٿيڻ ڪونه ڏينداسين، هون، وڏو آيو هو اسرائيل کي تباهيءَ کان بچائڻ وارو.“ منهنجي پاسي ۾ ويٺل ڦاٽ کاڌو.

”توبهه، توبهه، آل رسول جي اولاد جو منگهرو ٿيو ته لوڙيئين به اوهڙي نه.“ هڪ ملان صاحب ڏاڙهي تان هٿ ڦيريندي چوي ٿو.

سامهون ويٺل منهن تان اخبار هٽائي چوي ٿو، ”آمريڪا ۾ ته ويل لڳو پيو آهي - ڪو قسمت وارو صدر ٿو بچي. سڀ جانسن جي حرامپائي آهي.“

”ان ته مورڳو بيهڻ تان ئي هٿ ڪٽي ڇڏيو.“ ٻيٺل ڳالهه کي اڳتي وڌايو.

”پنهنجو ڇمڇو جو ٻيهاريو اٿس. سمجهي ويو ته پڪ ڪينيڊي چڙهندو، پوءِ ضرور پاڻ جي قتل جو ويرو وٺندو.“ جواب ڏيندي وري اخبار پڙهڻ لڳو.

”پيئسان وڏو پلستر آهي.“ ٻيٺل کي شايد مات پري لڳي.

”هاڻي هنن جو نديو پاڻ نه بيهندو. ٻن جوان پائرن جو موت، ماءُ پيءُ سان

ڪهڙي حالت هوندي.“

”اصل ڳالهه ئي نه پڇ، رت روئندا هوندا ويچارا.“

منهنجي پاسي ۾ ٿلهو گجراتي اچي ويٺو هو. وات ڇباڙي پان جي ٽڪ اُڇلي ٿو. منهنجي پينٽ جي پانچن تي ڇنڊا پئون ٿا. آءٌ خارن مان هن ڏانهن نهاريان ٿو. هو اُلٽو مون ڏانهن رعب سان ڏسي ٿو. ڄڻ مون ڪان ڪو ڏوهه ٿيو آهي. آءٌ هيسجي پانچن ڏانهن ڏسان ٿو، دل ۾ چوان ٿو، ”هڪڙي چوري ٻي سينازوري.“

وري ٻي ٽڪ اُڇلي ٿو دل ئي دل ۾ جڪ ٿو کان.

من ۾ اچي ٿو چمات وهائي ڪڍانس ۽ چوانس، ”سالا نظر نٿي پوئي ڇا؟“ پر ايتري همٿ ڪانه اٿم. هو هر هر مون ڏانهن رعب سان نهاري ٿو. دل ۾ چوان ٿو، ”حرامي ڏسي ته ڪيئن نه پيو ڄڻ ڪو ڏاڙو هنيو اٿمانس.“ مون کي هن جو ائين نهارڻ برو ٿو لڳي. آءٌ اُتان اٿي ٻئي پاسي ويهي ٿو رهان ۽ پينٽ جي پانچن ڏانهن ڏسان ٿو. ”سالي پينٽ جو خانو خراب ڪري ڇڏيو. اڃا اڄ ڌوٻيءَ کان ڪڍي پائي آيو آهيان. ڌوٻي به چار آنا ٿو وٺي ته به سنو نٿو ڌوئي. هنن کي ڪهڙي خبر ته اسان ڪهڙي مصيبت سان چار آنا ڏئي ٿا ڪپڙا ڌوئاريون. اسان غريبن لاءِ ڪي ڪپڙا ڌئارڻ سولا آهن ڇا؟ هنن گجراتين وٽ پلا پئسا آهن گهڻا. هندوئن جو مال مفت هٿ اچي وين، اُتي ته رهڻ لاءِ جهوپڙي به ڪانه هوئين. هتي اچي سيٺ ٿي ويٺا آهن ته سين کي پاڻ جهڙو پرمار ٿا سمجهن. من ئي من ۾ ان گجراتيءَ کي دل کولي ٿو گاريون ڏيان.

هڪ شاعر پرمٽ وٺڻ لاءِ اچي ٿو. شاعر ته وڏو آهي پر غريب آهي ان ڪري ٽيٽرؤن جي خميس اوچي هُرڪ جي سلوار بدران ڪاڏيءَ جا ڪپڙا پيا اٿس. پيرن ۾ بوٽ بدران ٻن روپين وارو چمپل پيل اٿس. آفيس اندر گهڙي ٿو. جلدي مايوس ٿي ٻاهر نڪري ٿو شايد پرمٽ نه مليس، بغل ۾ رسالو دٻائي ڪنڌ هيٺ ڪري هليو ٿو وڃي.

راشن آفيسر ٻاهر نڪري ٿو اچي ۽ مان سندس ويجهو وڃي بيهان ٿو، مون کي ڏسي چوي ٿو،”هڪڙو منٽ ترسو ڏيانو ٿو.“

آءٌ وري پٽ کي ٽيڪ ڏيئي ويهي ٿو رهان. ٻه ماڻهو اچن ٿا جاءِ نه ڏسي بيهي ٿا رهن- هڪ چوي، ”ظلم لڳو پيو آهي ڪنڊ سادا تي روپيا سير- پرمٽ تي

ڏيڊ روپيو، پر جي پرمٽ ملي.“

”ها!، پرمٽ مشڪل سان ڪو ملي. پهرين تہ وڏا ماڻهون پرمٽون گهرائين ٿا، باقي بچيل يارن، دوستن کي ۽ گهر لاءِ ٿا رکن ۽ پاڻ جهڙا غريب اوهڙا جا اوهڙا.“

پيو ماڻهو چوي ٿو، ”اسان غريبن لاءِ تہ پنهي پاسي ويل، سوبہ اسان سنڌين لاءِ.“

”اسان لاءِ تہ پنهي پاسي ويل آهي، ڪنهنجو ڏوهہ ڪونهي. اسان جا پنهنجا پاڙيا آهن.“ ٻئي خاموش ٿي وڃن ٿا.

ڪجهہ دير ترسي هڪ چوي ٿو، ”هتي وري کهڙي سستائي آهي - باهہ بري پئي آهي - کنڊ سادا ٽي روپيا سير - چانورن جو اڌائي روپيا تہ اٺووچي روپئي سير سان لڳو آهي. سستائي آڱوني جو مٺو آهي. پيڙجن بہ غريب - بک بہ غريب مرن، امير تہ گهر ويٺي پيا عيش ڪن. ڪڏهن ڪڏهن ڪو سرڪار غريبن لاءِ کنڊ يا چانور ڏئي نہ تہ غريب رڳو نالو ٻڌن تہ باقي کائين اهي امير. “

آءٌ اُٿان هلي وراندي جي ٻئي ڇيڙي وٽ اچي ويهان ٿو. اتي بينچ تي وينل ماڻهو پاسي واري کان پڇي ٿو، ”ادا، پرمٽ ملندي.“

”آسرو تہ ڪونهي.“ پاسي ۾ وينل جواب ڏئي ٿو.

”سائين جتي ڪٿي پئسن سان ڪم ٿو هلي. ڏهہ روپيا ڏيو تہ هينئر پرمٽ وٺو. ڇاجي درخواست ڇاجو فارم پرڻ. هڪڙي هٿ سان ڏئي ٻئي هٿ سان وٺ. “

نئون ماڻهو دلالن جي انداز ۾ چوي ٿو.

ٻئي هڪ ٻئي ڏانهن ڏسن ٿا. جڻ چوندا هجن، ”پئسا هجن ها تہ هتي ڇو اچي ڏڪا جهليون ها.“

مونکي بک جو احساس ٿيو آهي. ياد ٿو اچيم صبح جو ڪجهہ کاڌو ڪونہ هوم. گهر ڪجهہ هوئي ڪونہ. اٿين هليو آيس. هينئر سادا يارهان پيا ٿين، پاپڙن وارو اچي ٿو مونکي پاپڙ وٺن ڪونہ پر اڄ دل چاهي ٿي تہ وٺي کان. شايد بک جي ڪري کيسي ۾ هٿ ٿو وجهان، صرف هڪ پئسو پيو آهي. پاپڙن وارو منهجي پاسي ۾ اچي ٿو. آءٌ پڇانس ٿو، ”پئسي جو پاپڙ ڏيندين؟“

پاپڙن وارو بنا جواب ڏيڻ جي اڳتي وڌي ٿو وڃي. مون کي لڳي ٿو تہ سڀ ماڻهو مون تي کلي رهيا آهن . آءٌ شرمندو ٿي ٻئي ڏانهن ڏسان ٿو. وري کيسي ۾

هٿ وڃهان ٿو ۽ سوچيان ٿو، ”ڪڏهن ڪم اچي ويندو“

هڪ رسالي جو ايڊيٽر اچي ٿو. راشن آفيسر ڪرسيءَ تان اُٿي عزت سان هٿ ٿو ڏيس. ان لاءِ ايڊيٽر صاحب سندس بيڪار ڪهاڻيون به رسالي ۾ ڇپيندو آهي. راشن آفيسر چانهه واري کي سڏ ڪري ٿو.

”اڙي ڇورا ٻه اسپيشل چانهه لائو.“

وري ڪلي ايڊيٽر کي چوي ٿو، ”هَي هَي هَي توهان جهڙو اچڻ جي تڪليف ورتي ماڻهو موڪليو ها ته پرمٽ ڪڍي ڏيان ها.“

ايڊيٽر هلڪو مسڪرائي ٿو. هو وري ايڊيٽر کي چوي ٿو، ”مون ڪهاڻي لکي آهي سا، سياڻي ڏئي ويندس- ڳالهه ٿيا هئي جو رستي تان آيس پئي ته ڪيلي جي کل تان ترڪي ڪري پيس. ڏسو نه ماڻهو هر هنڌ ڪيلا کائي کلون اُتي ئي اُڇلي ڏين. اهي کلون گند جي ڍبي يا نالي ۾ وجهجن، اسان کي اهڙيون ڪهاڻيون لکڻ گهرجن ته جيئن معاشرو پاڪ ۽ صاف ٿئي. “

”پلا توهان ڪهاڻيءَ جو نالو ڇا رکيو آهي؟“ ايڊيٽر چانهه جو ڍڪ ڀريندي پڇي ٿو.

’جي، هي هي هي ’ترڪي پيس، ڪيلي جي کل تان.“ هي هي هي ڪيئن سٺو نالو آهي نه؟‘

راشن آفيسر ڏند ڪڍندي چوي ٿو.

”ها، ها ڏاڍو سٺو آهي.“

”اَڄ گهر وڃي ٻي به ڪهاڻي لکندس. نالو اڳ ۾ ئي سوچي ڇڏيو اٿم ’اونده رستا، سبتيون ناليون‘ هَي هَي هَي، هيءَ ڪهاڻي بهترين آهي. ڪالهه آفيس مان گهر پئي ويس، فردوس سئنيما جي اڳيان اچي لنگهيس سو ڪنڌ مٿي ڪري منهنجي فيوريٽ پنجابي فلمن جي هيروئن شيرين جا لڳل پوسٽر ڏسندي ويس ته ناليءَ ۾ ڪري پيس. ان ڪري سرڪار کي گهرجي ته اهي ناليون مٿان ڍڪائي ڇڏي جيئن آئون پوسٽر ڏسندي اڳتي لاءِ نالي ۾ نه ڪران.“

ايڊيٽر دلچسپيءَ سان مشهور ڪهاڻيڪار جون ڳالهيون ٻڌي رهيو آهي، راشن آفيسر کيس پرمٽ ڪڍي ٿو ڏي.ايڊيٽر ٻاهر ٿو نڪري در وٽ مون کي بيٺل ڏسي نهاري ٿو. مون کي لڳي ٿو ته منهنجا ويچارا ٿو ڪڍي.

هڪ پٽيوالو اچي ٿو، راشن آفيسر جي سامهون آڪڙجي بيهي ٿو چڻ ڪو

وڏو آفيسر آهي. راشن آفيسر کي چوي ٿو، ”ڪمشنر جي گهر لاءِ ويهن سيرن جي پرمٽ ۽ نوڪرن لاءِ اڍ مڻ جي پرمٽ ڏيو.“ آفيسر ڪيس جلدي پرمٽ ڪڍي ٿو ڏي. پٽيوالو پرمٽ هٿ ۾ جهلي ماڻهن جي سامهون لنگهي ٿو. پرمٽون هٿن ۾ اهڙيءَ طرح جهلي ٿو ڄڻ سڪائيندو چوندو هجي، ”توهان کي پرمٽ نه ملندي، وڃي آڱوٺو چوسيو.“

هڪ ماڻهو چوي ٿو، ”هنن کي ڪئين نه ٿا پرمٽ ڏين.“

”مٿان جو موچڙو اٿن.“ ٻيو چوي ٿو، ”موچڙي ۾ ڪرامت آهي.“

”ڇا جو موچڙو؟ ڪير ڪنهنجو ساهه ڪونه ٿو ڪڍي وٺي، مڙئي خوشامد.“

اخبار پڙهندڙ عينڪ جي شيشن کي صاف ڪندي چوي ٿو.

بيٺي بيٺي منهنجي ٽنگن ۾ سور اچي پيو آهي. ويهڻ لاءِ نظرون گهمايان ٿو پر ويهڻ لاءِ ڪابه جاءِ نظر نٿي اچي. بينچن تي ماڻهو پريو وينا آهن.

راشن آفيسر جي آفيس مان پٽيوالو نڪري ٿو. ويٺل ماڻهن کي چوي ٿو، ”اڄ پرمٽ ڏيڻ جو وقت ختم ٿي ويو آهي - سڀاڻي اچجو.“

ماڻهون هڪ ٻئي جا منهن تڪين ٿا. سندن منهن تي هلڪو غم گاڏڙ غصو آهي. آهستي، اُٿڻ لڳن ٿا. آءٌ اندر آفيس ۾ لنگهي ٿو وڃان. راشن آفيسر مونکي ڏسي چوي ٿو، ”مون کي ڳالهه وسري وئي، هڪ منٽ ٻاهر ترسو ناهي ٿو ڏيان.“ من ۾ اچي ٿو ته چوانس، ”هڪ منٽ ترسي ته اچي پنج ڪلاڪ ٿيا آهن. آخر هي منٽ ڪڏهن پورو ٿيندو.“ پر چئي نٿو سگهان. ڊپ اٿم متان پرمٽ نه ملي. پرمٽ ته ضرور وٺڻي آهي. ڳاڙهي کنڊ به ته ٻن روپين ڪان به چڙهي ويئي آهي. سا به اڍ مٽي ته اڍ کنڊ - کنڊ جي هوندي ته ضرورت ڪانهي - کهڙا امير آهيون جو روز پيا مال مليدا رڌيون کائون، پر ڪمبخت چانهه جي عادت، تنهن ماري وڌو آهي، نه پيئيجي ته مٿي ۾ سور. هوٽل وارن حرامين کي ته وڏو وجهه مليو آهي. کنڊ مهانگي جو بهانو ناهي سادي چانهه جو ڪوپ ٽي آنا، کنڊ جو اگهه گهٽ ٿيندو پر هي چانهه جي ڪوپ جو اگهه گهٽ ڪونه ڪندا. اهي ته اهڙا موقعا پيا ڳولهين. موقعو ملي وڃين ته ناهيو ماڻهن جو مٿو سڪيءَ پاڪيءَ سان ٿا ڪوڙين.

آءٌ ٻاهر نڪري ٿو اچان. هاڻي سڀ بينچون خالي پيون آهن. رڳو کنڊ جي ڊيپوٽن جا مالڪ وينا آهن ته آرڊر وٺي کنڊ ڪٽائي وڃن. وڃي ماڻهن جي

اُبتي چوڙي لاهين. اندر ڪلارڪ واندا ويٺا آهن پاڻ ۾ ڪچهري پيا ڪن.

هڪڙو پالش ڪرڻ وارو ڇوڪرو ڪلهي ۾ ڪاٺ جي پيٽي وجهي اچي ٿو، ’صاحب پالش‘ ’سيٺ ڪريان.‘

ٻه ٽلها سيٺ پنهنجون قاتل ڪنيون جُتيون جن کي جتان ڪٿان چتيون لڳيون پيون آهن سي لاهي پالش ڪرڻ لاءِ ڏين ٿا. مون کي لڳي ٿو ته هي جُتيون شايد خانداني ٿيون ڏسجن. هنن وٽ ابن ڏاڏن کان هلنديون اچن. ڇوڪرو بوٽن تان چندي مٽي لاهي ٿو. هڻ پيئسان مٽي جا دڙا چڙهيا پيا آهن، سالن کان پوءِ پيا پالش ڪرا ين. سوچيان ٿو هنن وٽ لکين روپيا پيا سڙن پر وٽن بوٽ به ڪونه ٿا. هيترو پئسو ڪندا ڪيڏانهن، مري ويندا پر ڪنهن غريب کي ڪونه ڏيندا. هي سيٺ صاحب پڻ ۾ ڳاڙها، ڳاڙها ڏند ڪڍي کلن ٿا. حرامي ڏندڻ به ڪونه ٿا ڏين هڪڙو سالا سچو ڏينهن ٿا پان کائين. کهڙا نه بڇڙا ٿا لڳن. ڇوڪرو جُتيون پالش ڪري ٿو ڏين. هڪ ٽلهو سيٺ جنهن جو پيٽ ادائي مڻ جي ڳوڻ جيڏو آهي سو جُتيون ڏسي چوي ٿو، ”اڙي ڇورا، هي پالش ڪئي اٿيئي. حرامي رڳو حرامي جي ڪمائي ٿا رکو. وٺ وري ڪر.“

حرام جي ڪمائي، منهنجون نظرون بي اختيار سيٺ جي ٻاهر وڌيل پيٽ ڏانهن کڄي وڃن ٿيون.

”حرام جي ڪمائي کائو“ اهي لفظ منهنجي ذهن تي هٿوڙي وانگر لڳي رهيا آهن. مون ڇوڪري جو پيٽ ڏٺو، هن جو پيٽ پٺيءَ جي ڪنڊي سان لڳو پيو آهي. هڏيون ٻاهر نڪري آيون هيس.

آءٌ ذهن کي ٻئي پاسي ڦيرڻ جي ڪوشش ٿو ڪريان.

ڇوڪرو وري پالش ڪري جُتيون سيٺ جي پيرن وٽ رکي ٿو. سيٺ جُتيون هٿ ۾ کڻي جانچي ڏسي ٿو. مان دل ۾ چوان ٿو هاڻي هنن سينين کي آرسي ۾ چهرو ڏسڻ جي ضرورت ڪانه پوندي، رستي تي هلندي آرسي ۾ چهرو ڏسڻ جي ضرورت پيين ته جُتي کان ڪم وٺندا. ٻئي سيٺ هڪ وقت کيسي ۾ هٿ ٿا وجهن، وڏي پيٽ وارو ٻئي کي چوي ٿو، ”نه، نه آءٌ ڏيان ٿو“ ٻيو جلدي کيسي مان هٿ ڪڍي کيڇ ۾ رکي ٿو ڇڏي. وڏي پيٽ وارو سيٺ ڇوڪري کي ٻه آنا ڏي ٿو.

”سيٺ صاحب ٻه جُتيون آهن گهٽ ۾ گهٽ چار آنا ته ڏيو.“

”اڙي هل هل چار آنه ڏيو“ سيٺ ڳالهه تي زور ڏيندي چوي ٿو.

”اهڙي خراب پالش وري چار آنا.“

”سيٺ صاحب.....“
”سيٺ صاحب جا پٽ - پيچ گوڙ لاٿو اٿئي رڳو حرام کپنوَ.“
”سيٺ صاحب پر.....“
”اڙي پٽيان توکي چوان ٿو پيچ هتان نہ تہ هٽاءِ وري منهن واريون جُتيون.“
وڏي پيٽ وارو سيٺ پيٽ ڦوڪيندي چوڪري کي چڙٻ ڏي ٿو. چوڪرو ڪنڌ جهڪائي پيتي ڪلهي ۾ وجهي هليو ٿو وڃي.
مون کي هاڻي بک جو تيز احساس ٿئي ٿو. اُڃ بہ ڏاڍي لڳي آهي. هر هر زبان سڪل چپن تي ڦيري چپن کي آلو ڪريان ٿو. مون کي مٿي ۾ سور بہ اچي پيو آهي. هاڻي تہ ويهي بہ نٿو سگهان. پر پرمٽ اجا تائين نہ مليو آهي. دل ئي دل ۾ راشن آفيسر تي جڪ ڪان ٿو. سوچيان ٿو، ”پاڻ صبح جو ماني ڪائي آيو هوندو. تڏهن تہ منهنجي بک جو احساس ڪونہ اٿس - وري پنکي جي ٿڌي هوا ۾ وينو آهي.“ من ۾ اچي ٿو تہ ڪيس گلي سان جلهي بہ ٿي نونشا وهائي ڪڍانس تہ ”هي منٿ پورو ٿيندو يا نہ، پر ائين نٿو ڪري سگهان. ڊپ ٿو لڳيم هيٺ ڪورٽ مٿان وري پوليسوارا پيا هلن.“ هنن حرامين کي شل نہ ڪو وجهہ ملي نہ تہ لاهہ ئي ڪڍي ڇڏيندا. خدا شل دشمنن کي بہ هنن جي ور نہ چاڙهي. وري هي آفيسر بہ ٿلهو ٿنبلو لڳو پيو آهي. مون کي چماٽ هڻي تہ اُٿي بہ نہ سگهان. پٽيوالا بہ االاهي اٿس رڳو هنن کي بيچ ڪري تہ ڪتن وانگر چڙهي وڃن. هڻي لاهہ ڪڍي ڇڏين.
مون کي هاڻي سموري ڪاوڙ پاڻُ تي ٿي اچي. ”حرامي پاڻ اچي ها تہ خبر پويس ها. مون موڪليائين خبر بہ هيس تہ هي گڏهہ پرمٽ نہ ڏيندو.“
مون کي اُڃ ستائي ٿي اُٿي پاڻي جي مٽ وٽ اچان ٿو. پر مٽ خالي آهي. راشن آفيسر آفيس ڪان ٻاهر نڪري ٿو- مون کي اجا تائين وينل ڏسي تپ چڙهي ٿو وڃيس . آءٌ سندس سامهون اچي ٿو بيهان. هينين چپ کي چڪ پائي چوي ٿو، ”مون کي افسوس آهي جو پرمٽون ختم ٿي ويون. پاڻين ڪان منهنجي پاران معافي وٺجائين.“ چئي تڪڙو تڪڙو هيٺ لهي ٿو وڃي. مون کي لڳي ٿو، ڪنهن مون کي زوردار چماٽ وهاٿي ڪڍي آهي. منهنجي مٿي ۾ سور تيز تيز ٿيڻ لڳي ٿو. مون کي لڳي ٿو تہ بک، اُڃ ۽ مٿي جي سور جي ڪري، ڪري پوندس. ڪوشش ڪري آهستي هيٺ لهي ٿو اچان.

# ميرا ڳل، ٻاڙها لڙڪ

بينو آهي ٻاهر، دڪي وٽ ننڍڙي آڱر وات ۾، نماڻيون اکيون، ميري خميس کي اڳيان وڏو چير، پير اُگهاڙا، سڄو ڏڌڙ مان پيوت، ڏسي پيو اوڏانهن جتي بينا آهن گاڏا، چٽڻ، ڪلفين، ڳنڍن جا، جي وڪيو پيا ڪائين ٻار.

گاڏن وٽ ئي ڪيڏن پيا ٻار، هن جيڏائي ننڍڙا، سنا، ڏوتل، ملڪو ڪپڙا، ننڍڙا بوٽ پيرن ۾، اڇ اجرا ۽ ڌوتل - پوتل ٻار. جي ڊوڙن، ڪلن ۽ ٿڪ پيا ڏين، هڪ ٻئي کي پاڪر پيا وجهن. شيون وٺيو پيا ڪائين. هن جي ننڍڙي من ۾ آس. ڪو انهن ٻارن سان ڪيڏي، ڊوڙي، ڪلي، ٿڪ ڏي، شيون وٺي ڪائي. پر اهي ٻار ڪيس پاسي ۾ بہ تہ بيهڻ نہ ڏيندا آهن، ماري ڊوڙائي ڪڍندا آهن.

سندس ننڍڙي من ۾ اچي ٿو تہ، جيڪر هو بہ سنا سنا ڪپڙا پائي، ننڍڙو ڪارو بوٽ پائي گاڏي واري ڪان ٽڪي جي ڪلفي وٺي ڪائي تہ پوءِ جيڪر اهي ٻار بہ ڪيس ڪونہ مارين، پاڻ سان گڏجي ڪيڏڻ ڏين.

پر پاڻ تہ غريب آهن. سندس پيءُ چوي ٿو تہ ڪين پورهيو نٿو ملي، وٽن ڏوڪڙ ڪونهن.

ويچاري ٿو تہ ساڻس ڪان ٽڪو وٺي ڪلفي ڳنهي. پر ٽڪي تان ماڻس هڏ گڏ پيچي نہ رڪندس. چماٽن سان ڳلون ٻاڙهيون ڪري ڇڏيندي. اڄا هينئر تہ ماريو اٿس ٽڪي جي پڳڙن تان پاڙي جي ٻارن وٽ پڳڙا ڏسي ماڻس وٽ ٽڪي لاءِ ڪيتو ڪيائين، جڏهن هٽ نہ ڇڏيائين، تڏهن ماڻس اُٿي منجهائنس هٽ ٿاريا. پٽ تي گهرجي، خميس کي اڳيان وڏو چير پئجي ويو اٿس. هو سڏڪا ڀري ٻاهر نڪري دڪي وٽ اچي بينو آهي، اکين مان وهيل لڙڪ سندس ميرن ڳلن تي ڄمي ويا آهن.

من ۾ اچيس ٿو تہ، پڇس ايندو پوءِ ان ڪان ٽڪو گهرندو، پر اهو بہ چوندو، ”بابا، پاڻ غريب آهيون، ڪٿان آڻيون ٽڪو.“

سندس ننڍڙو ذهن اها ڳالهہ سمجهي نٿو سگهي تہ امير ۽ غريب ڇا هوندا آهن، ڏوڪڙ ڪٿان ٿا اچن. ويچاري ٿو ماڻس وٽ ٽڪو آهي پر هن کي هرويرو نٿي ڏي. سندس ماءُ ڪني ٻچڙي آهي. ٻين جون مائون سنيون آهن. پاڙي

واري مائي، جا ان جي پٽ کي ڏھاڙي تي پيرا ٽڪو ڏيندي آھي ٻيا ٻار به سچو ڏينھن پيا خرچيون ڪن شيون پيا کائين. پاڻ به جيڪر ان مائيءَ جو پٽ ھجي ته ڪو سنا ، سنا ڪپڙا پائي، ڏھاڙي به پيرا ٽڪو خرچي ھا ۽ ڪارو بوٽ به پائي ھا. ڀين ٻارن سان گڏجي کيڏي ھا. سندس ماءُ ڪني ٻچڙي آھي. ھا مائي به ته ڪني ٻچڙي آھي. اھا به ھن کي ماريندي آھي ھرويرو وات ويندي، سڀ سندس ويري آھن، سڀن کان وڏي ويري ماڻس آھي، ھڪڙو ته ٽڪو ڪونه ڏي ٻيو وري ماري، ٻيا ٻار به ھن کي مارين، وري ماڻس به ماريس. ڀين ٻارن جون مائون به ھن کي ۽ ماڻس کي به گاريون ڏين، پاڻ جيڪر وڏو ھجي ھا ته سڀن کي ھٽي ڌڙي وجھي ھا، ڪيس ننڍڙي ھجڻ تي ڏاڍا خار ٿا اچن، ننڍو ڇو ٿيو آھي، ”خدا ڪري ته جھٽ ۾ وڏو صفا وڏو ٿي وڃان سڀن جي ڏوائي وٺان، ماني به ڏيو ڪري کايان.“

سندس پيرسان به نھيل جڙيل ٻار پيءُ جي ڇيچ کان جھلي لنگھن ٿا. ملوڪڙا پيرن ۾ ڪارا بوٽ اڇا جوراب، چڊي ۽ ڳاڙھي بشٽ پيل اٿن. گاڏي واري کان ڪلفي وٺن ٿا، ھو کين ڏسي من ئي من ۾ گد گد ٿئي ٿو جڻ سندس پيائر ھجن. ڪيس ٻار ڏاڍا وڻن ٿا. سندس به ڪو اھڙا ڪي پيائر ھجن انھن سان کيڏي ھنج ۾ کڻي، چميون ڏي. ھو وڏي ھڪڙي ننڍڙي ڇوڪري جي منھن کي سندس پتڪڙن ھٿن سان جھلي ٿو. ڇوڪرو ريھون ٿو ڪري، ھي ھٿ ھن جي ڳلن تان ھٽائي ٿو ڇڏي. ڇوڪرن جو پيءُ ھن کي چمات ھٽي ڌڪو ٿو ڏيئي، ’ھٽ پري.‘ وري سندس ڇوڪري جون ڳلون چنڊي ٿو، ”گندا کرديا سالِ نہ.“

ھاٽي اُتان وري دکي وٽ اچي بيٺو آھي، ويچاري ٿو سندس ڪو پيائر ھجن. پر ايا ٻار ڪنا ٻچڙا آھن، پاڻ سان کيڏڻ به نٿا ڏين. ”ھو ڪنا ٻچڙا“ وات ۾ آڱر وجھي اُنھن ٻارن ھاٽي پيءُ سان گڏ موٽن پيا.. ڇوڪرن جو پيءُ ڪن لاءِ ھن ڏانھن ڏسندو ٿو رھي. ٻار وٽ بيھي ٿو رھي. منھن ۾ گھنڊ وجھي خارن مان پڇي ٿو ”جھنگلي گندن ھاتھ کيون لگاتيا.“ ھو نماڻيون اکيون کڻي ھن ۾ ڏسي ٿو. ھو ڪيس زور سان مٿي تي ڌڪ ھٽي ٿو ڪڍي. خارن مان ڏسندو اڳتي وڌي ٿو وڃي. ھو ڪجھه سمجھي نٿوسگھي، ھن ڪيس ڌڪ ڇو ھنيو. ماٺ ميٺ ۾ ھن کي ٻارن سان گڏ ويندو ڏسندو ٿو رھي.

پريان گھٽيءَ مان سندس پاڙي وارا ڇوڪرا برف جا ڳنڍا چوسيندا پيا اچن.

هڪڙو ننڍڙو سڪل چوڪرو ڪيس زور سان ڌڪو ڏئي ٿو ڏي، سندس وات مان آڱر نڪري ٿي وڃي، ڪرندي ڪرندي بچي ٿو وڃي. ٻيو چوڪرو ڪيس ڌڪ هڻي ٿو ڪڍي. پوءِ ڌڪو ٿا ڏينس. هو هوديءَ پرسان ڪري ٿو پوي. انهن سان اُٿي منهن نٿو ڏي. جي منهن ڏيندو ته انهن جي ٻاڙهن واتن، ٽي-بي جي اگهن جهڙيون سنهڙيون، چچيون مائون ڪيڪات ڪري ، ڏنڊا ڪٽي ماڪ تي ڌڪ جي وارو وار ڪنديون گاريون ڏينديون ۽ پوءِ ڪيس به ڏاڍي مار ملندي. سندس پاسي مان لنگهندڙ ٻار ڪيس لتون هڻندا، گهرن ڏانهن ڊوڙندا پيا وڃن.

ڪيس ڏاڍي بک لڳي آهي، پيٽ ۾ ولوٽ پيا پون، رات به ڪيس ڪجهه ئي ڪونه مليو. پٽس ڪيس هڪڙي انياءُ ڪار ڏنوان راجا، دياوان راجڪمار ۽ نرڏن چوڪر جي ڳالهه ٻڌائي سمهاري چڏيو هو. هاڻي ته سندس آنڊن ۾ وٽ پيا پون، ماڻس ڪان ماني گهرندي ڊپ ٿو ٿئيس. اجا هينئر پڳڙن تان مار ملي اٿس. پر بک ڪان سندس ڏيرو هيٺون هينئون ساڻو پيو ٿئي.

هو آهستي آهستي ڪري گهر اچي ٿو. ماڻس رئي جو پلاند اکين تي رکي ويني آهي، هو سندس پرسان بيهي سوڏائي سوڏائي چوي ٿو:

”امان موتي بک لڳي آهي، موتي کو ماني ٽکر دي.“

”ابا هي رڌيو رکيو آهي، پٺهي جي ڪتي ولي پڪي آهي جا توکي ڏيان.“

”موتي امان ٽڪو به نٿا ديو، باقي ماني ته ديو، هان امان.“

”هان بس ڪر چورا متان هڻاءِ نه ٽقڙ.“ ماڻس چڙي چوي ٿي.

”نه، نه، موتي ماني ٿپي، موتي ماني دي، دي نه ماني.“ هو هاڻي هٺ ٿو ڪري.

”چو ڪٽي تئيءَ کي تپايو اٿئي. منهن مٿو پٽيان، ڪيڏانهن وڃان، ڪٿان آڻيان. پٺهين سڄو ڏينهن گندي پيرن ۾ هيٺو ستو پيو آهي. باقي آءٌ زال ذات ڪيڏانهن وڃان. خدا وٽ ته مون لاءِ موت به ڪونهي.“ ماڻس هاڻي ڳالهائڻ تي ڏيس.

هو پٽ تي ڪري ڪيلاٽيون ڪائي، وڏيڪ ڪيٽو ٿو ڪري، ”موتي ماني دي، دي نه چولي (چوري) ماني، موتي ماني ٿپي، موتي دي نه ماني.“

”خدا شل خانو خراب ڪرئي، مئا شل مرين. باهه لڳا نپٽا، چو ٿو مون غريب کي منهن مٿو پٽائين، خدا ماڻهن کي ٻار ڏنا. اسان جي پاڳ ۾ هي ڊونڊ هو، مئا

تنهنجي به ڪوٺ هئي. مرين ته ڪونه ٿو شل نالو ڪيم سڏائي.“ ماڙس هاٺي پٽاٽا ٿي ڏي.

”نه، نه موتي پاندو ماني ٿپي.“ هو ڪيتو نٿو ڇڏي. ”امان پيلا ڪو ٽڪل پول دي-پيلا پولوٽي ماني ڪٽي دي بڪ ۾ ملان ٿو جيجلي (جيجڙي).“

”آئين آڱوني تان وڃي مر. آءٌ پندس ته ڪونه پنهنجي پيءُ کان گهر.“

هو پٽ تان اُٿي چوي ٿو، ”پيلا پالي وارن کان وٺي ڏي.“

”ها پاڙي وارا رڊيو وينا آهن سڏ پيا ڪن. اهي مٽا ته اهڙا ته بي‌رحم ظالم آهن جو پاڙي ۾ ڪو بک پيو مرندو ته حرام ڪو هٽ کان وٺي ماني ءُ پور به ڏين. اهي مٽا بکن ۾ هوندا ته اسان پنهنجو الو ٿلو انهن مٽن نانگن جي حوالي ڪيو. ابا پنهنجو ڳوٺ هوجتان پنيو پي کارئيمان پر اَبا مڪڙن ۾ الله کان سواءِ ڏي نڪو وٺي.“

”نه، نه موتي پاندو ڪٽان به آٽي دي.“ هٺ تان نٿو لهي، دلي جو ڏيکڻ ڪٽي ماڙس ڪي اڇلي ٿو هٽي. ڏيکڻ گسي وڃي ڪڪن جي پيٽ ۾ ٿو لڳي.

هاٺي ماڙس اڳيون پوريون ڪسرون ڪيڻ لاءِ اٿي ٿي ”مٽا باهه لڳئي تو ته مونکي ماريو هو. بيهه ته تنهنجي ترائي ٿي وٺان. رتن جون ڳرڙيون نه ڇڏائيين ته منهنجو نالو ڪني تي رکج.“ هو اُٿي ڀڄي ٿو، پر ماڙس ٻانهن کان جهلي ٿي وٺيس.

نا نا نا... نا نا نا... ڏڪ مڪ پوندو لت هاٺي هو رڙيون ٿو ڪري.

”گهولالي امان مون توبه ڪئي دالي (زاري) ڪئي ڪئي موتي ٿد (ڇڏ) امان ولي ڪونه گهلندس ماني. امان لي، امان لي... گهولالي.“ ”مٽا اڄ توکي نه ڇڏيندس تو گهر ٻاري ڇڏيو آهي.“ نا نا نا. ”امان ... اللهه ... الله دي نالي... امان دي نالي... امان لي ولي ڪونه گهلندس.“ هاٺي پاڙي واريون مايون ڪکن جي پٺين مان ٽنگ ڪري ڏسن ٿيون. اڳيان ٻار مڙي تاڙيون وڄائي ٺهڪ ٿا ڏين. ماڙس هن مان هٽ نٿي ڪڍي. نا نا نا... امان ... امان.. او امان هاٺي ٿد ولي امان ڪونه گهلندس. او امان جيجلي امان هاٺي ماني جو ٽڪل (سُڪل) پالوٿو (پاروٿو) پول به ڪونه گهلندس.

... ڪونه لي ڪونه جيجلي امان لي....

هو هاٺي ساٿو ٿي پٽ تي ڪري ٿو پوي. پٽ تي گهرجي، گهرجي سندس سڄي خيمس ڇيهون ڇيهون ٿي پئي آهي. هاٺي رڳو لٽڪن پيون ليڙون ڪلهن

۾ اڪيلي. سندس پنن تي رهندون پئجي ويون آهن. جن مان رت نڪري ڄمي پيو آهي.

هاٿي هو سامت ۾ آيو آهي. ڪيس اڃ ٿي لڳي، ”امان لي پلا پاڻي ڏي، دادي اُن لڳي آهي.“

”بس ڪر ڇورا ڪونهي پاڻي، اُڃ لڳي آهيس.“ ماڻس پويون اکر زور ڏيندي وراڻي ٿي.

هو ماٺ ڪري ٿو رهي. سندس سڄا لڱ اچا به رڦن پيا.

آهستي آهستي سڏڪا پري ٿو، مار جي ڏپ کان متان بيهر نه مار مليس، ڪيتري دير تائين مٽي ۾ ساٿو ٿيو پيو آهي. اچا به سڏڪي پيو. سندس ننڍڙي من ۾ ماءُ لاءِ ڌڪار پرجي ٿي وڃي. هي ڪني بڇڙي آهي. ٻين جون ڪيتريون نه سنيون مائون آهن. پاڻ ڪر وڏو هجي ها پٽس جيڏو ته ڪر ماڻس کي به ڏاڍي مار ڪڍي ها.

سندس اکين مان وهيل لڙڪن جا نشان سندس ميرن ڳلن تي رهجي ويا آهن.

هو هاٿي سڏڪا پريندو گهر کان ٻاهر نڪري ٿو اچي سندس لڱ اچا به ڪنبن پيا. سند سند سور کان ڪڙهي پيو، ڪڙهندو به ڪيئن نه جو سندس انگ انگ تي ماڻس جا موچڙا وسيا آهن.

ٻاهر گهٽيءَ ۾ پاڙيوارن جا ڇوڪرا هن کي ڏسي ڇوڏاري مڙي ٿا وڃن ۽ ٺهڪ ڏيئي کلن ٿا، هو سندس مٿي تي ڏڪ ٿا هڻن. هو ڪجهه به نه ڪڇي اڳتي وڌي ٿو. هو ڪيس جهلي ڏڪ هڻي زور سان ڌڪو ڏين ٿا، هو گيلاٿيون کائيندو پٽ ۾ ڪتل پٿر سان وڃي لڳي ٿو، ڪيس مٿي ۾ ڳنڍو ٿي پوي ٿو. ڇوڪرا هوديءَ سان ڊوڙ ڪڍي مٿس اُڇلين ٿا ۽ پوءِ وڏا وڏا ٺهڪ ڏيئي کلن ٿا. ڪيس ڇورن تي ڏاڍا خار ٿا اچن. ڪر وڙهي سيني کي مار وجهي، پاڻ ڪر پٽس جيڏو وڏو هجي ها ته ڪر انهن ڪارن، سنهڙن، سڪلن چندول پکي جهڙن مولڙي جهڙن مٿي وارن کي اهڙو ته ماري جو ڳسي به هٿ نه اچين.

هو هاٿي پٽ تان اُٿي ٿو، سڄا لڱ هوديءَ جي ڊوڙ سان پرجي پيا آهن. هو اٿي اڳتي هلي ٿو ويچاري ٿو هاٿي هو گهر نه ويندو. گهر ۾ ڪني ماڻس ويني آهي. حرامي ڇورا ڪيس هرويرو ٿا مارين. هو پٽس کي چوندو ته ڪيس سني ماءُ وني

ڏي، پاڙي واريءَ جهوڙي. هو بڪ، اُڇ وساري رستي تان هلڻ ٿو لڳي.
ٿورو اڳيان هو گهر جي دکي اڳيان بہ ٻار رانديڪن سان کيڏڻ پيا، هو بيهي ٿو ڪل تي ٿيا ڏيندڙ پولڙي کي ڏسي من ئي من ۾ ٻهڪي ٿو اُٿي. ڪن ۾ سپ ڪجهہ وسري ٿو وڃيس. منهن تي سرهاڻ اچي وڃينس ٿي. هو اڳتي وڌي ٿيا ڏيندڙ پولڙي کي هٿ لائڻ لاءِ هٿ وڌائي ٿو. نا... هڪ چمات سندس وڌايل هٿ جهلجي ٿو وڃي. ”سالا همارا کولانا چراتا هئہ...“ پوءِ هڪ ڏک نہ بہ تي چوکرا رانديڪا ڪٽي هليا ٿا وڃن.
هو اڳتي وڌڻ ٿو لڳي، آڱر وات ۾. اکين ۾ نماڻائي، هو پري اچي نڪتو آهي. سنسان رستو جتان ڪا ٽرڪ، بس، موٽر ڪڏي مهل تيزي سان سوسٽ ڪندي تي وڃيءَ ان سان گڏ ڪڏهن ڪو سائيڪل يا ٽانگ وارو بہ.
سندس ننڍڙي، صاف، سچائيءَ واري من ۾ هن وقت ڪي بہ ويچار ڪونهن. وات ۾ آڱر، نماڻين اکين سان تيز لنگهندڙ ڪڏهن موٽر کي چتائي ڏسندو ٿو رهي.
سندس سامهون هڪ تيز ڪار، هڪ چرڙاٽ، وات مان ننڍي آڱر نڪري تي وڃي. ان ڪن ۾ ڪار ساڳي رفتار ۾ اڳتي وڌي ٿي ءَ رت پريل ڦنا ڪاري ڏامر جي رستي تي چٽ ٿا هيندا پيا وڃن.
هن جا اُگهاڙا لڱ هاڻي سڄا رت سان پريا پيا آهن، رستي سان گڏ سندس اکين مان وهيل لڙڪ ءَ رت جمي هڪ ٿي ويو آهي. سندس چيپاٽيل رت سان پريل منهن تي هڪ آس آهي ءَ نماڻيون اکيون رت ۾ ڊڪجي ويون آهن.
هو هاڻي ماڻس کي تنگ نہ ڪندو. ماني جي سڪل پاروتي پور لاءِ، هاڻي هو پاڻي چڪو نہ گهرندو، ڪنهن جي شيءِ کي هٿ نہ لائيندو.
رستي جي وچ تي پيو آهي رت ۾ لت پوت اڇيو بکيو ننڍڙو لاش، انگ اگهاڙو، پيٽ بکيو، موٽر جي قيمتي هيٺان وڌيل، هن قوم ءَ سنڌ جي ڌرتي جي آئيندي جو سوجهرو. جنهن لاءِ ڪو ڪورٽ جي در تي نہ ويندو. جنهن کي ڪڻڻ لاءِ ڪا ايمبولنس نہ ايندي جا ڪيس نرم اسٽريچر تي کڻي اسپتال وڃي. سنڌ جي مستقبل جي مامن کي ڳجهون پٽينديون ءَ ڪتا هن کي کڻي رستو صاف ڪري ڇڏيندا. پوءِ ڪو بہ محسوس نہ ڪندو تہ ڪو مئو هو.

# جيون جا روئنڊڙ ٿهڪ

ڪپڙا ميرا ٿي ويا هئا ۽ لڳن تي چنبڙيا پئي. ڪپڙا گهٽ ڪري ڦاٽي چڪا هئا يا ڦاٽڻ جي ويجهو هئا، جي ڪپڙا بچيل هئا سي ميرا پيا هئا. ڌوٻيءَ کان ڌوارائڻ جي سگهه ڪانه هئي ۽ جوٽس هئي جا ڇهن ڏينهن کان بيمار پئي هئي. چنل - اڪڙيل کٽ تي پئي، پئي زور، زور سان ڪنجهي ڪري رهي هئي. پٽون پارا تا ڏيئي رهي هئي، کٽ تي ليٽي، ليٽي ٻارن سان وڙهي رهي هئي.

مئي چوري باهه لڳيئي پيٽ کي ڪٽي پرچاءِ. آئي نپٽي اُٿي مٽيءَ مان سچا ڪپڙا ڌوڙ ڪري چڙيئه، مئي ماءُ کان ڪو ڌوپن ٿا -

گهر چنل هو ۽ ڊنل به. چٽ مان جان ڪٽان ڏر ٿيا پيا هئا ۽ مينهن جي مند ۾ ٻاهر کان وڌيڪ مينهن اندر هوندو هو. رات ڏينهن ڪيس ڳٽتي هوندي هئي ۽ من ئي من ۾ دعا گهرندو هو شل هن سال مينهن نه پوي. هيل رڳهون ته ڏاڍيون آهن، پر خدا پناهه ڏيندو ۽ ڏيکاءُ ڪجهه ان انداز سان ڏيندو هو. جڻ اهو سڀ ڪجهه ساڻس لاڳو نه آهي، جي آهي ته ڪيس پرواهه ڪانهي. ٻيو نه ته هن جي ورتاءُ مان ته گهٽ ۾ گهٽ اهڙو لڳاءُ نٿي پيو.

۽ اڪيلائيءَ ۾ - من ئي من ۾ ويچاريندو هو، هي به ڪا جيون آهي، ان کان ته موت پلو آهي. ٻار نه هجن ته پڪ ئي پڪ آپگهات ڪريان. مرڻ کان پوءِ گهٽ ۾ گهٽ هيءَ پيڙا - عذاب ۽ هيترا ڏک ته نه هوندا. هيءَ ته جيئري جهنم آهي. سندس گهر ۾ بجلي به ڪونهي. جڏهن ته هن سچي پاڙي ۾ بين سيني وٽ بجلي به آهي، پئسا به آهن. سنا گهر آهن، وٽس رڳو اوندهه آهي - گهڻا ٻار آهن - بيمار زال آهي - بک آهي. سدائين لڇندو - ڦٿڪندو هو، من ڪٿان پئسا هٿ اچي وڃن ته جهٽ جهٽ ۾ گهرائي وٺان، متان مينهن نه پئجي وڃي. يا رات جو ستي ستي چٽ مٿان ڪري پئي ته پوءِ.....

پر دوستن ۾ ويهي کلندي، کلائيندي، ٿهڪ ڏيندي، ٽوڪون هڻندي - چرچا پوڳ ڪندي - ٻارن سان ڳڏجي، ٻار ٿي انهن سان رانديون ڪندي - اڱڻ ۾ پڳل - چنل گهر ۾ ڊوڙون پائيندي، ڪرندي، ٿهڪ ڏيندي، ائين لڳندو هو جڻ ڪجهه آهي ئي ڪونه. ڪو ڏک ڪونهي. هو خوش ماڻهن کان به وڌيڪ خوش آهي. ڪيس

ٻارن سان ائين ٽينگهه ٽپا ڏيندي، ڏسي جوٽس ٽپي ٻاهه تي ويندي هئي.

مٹا شل ٻاهه لڳيئي گهر ۾ اُتو ڪونهي ٻارن کي نه ٻوڙاءِ، ٻڪ لڳندن وري روئندا مٹا، چڙ ٻارن جي جند-

چو چڙيان، اٿو ناهي ته مان چا ڪريان-

ها تون چا ڪندي گهر ۾ گندي ڪري ويهه ته مان وچي پني اچان مٹا ماريا- ٻڌندو نه، يا نه ٻڌڻ جهڙو ڪجهه ڏيکاءُ ڪندو - ۽ ٻارن سان کيڏندو ۽ کيڏا ئيندو رهندو. ڪيتري مهل تائين جڏهن بس نه ڪندو، گهر ۾ ٻونجر متو رهندو.

اچو ٻارو هاٺي اک ٻوت راند کيڏون، ٻيبي تون ويهه پڙ ۾ ته اسين لڪون-

نه نه بابا مان پنهنجو نه ويهندس تون ويهه.

ڀلا تون ويهه پٽ،

نه بابا تون چو نٿو ويهين؟

ٺيڪ آهي ڀلا وڃي لڪو،

ٻار لڪندا. ٻوڙ ڪيڪڙا ٿيون، ڪل، ٽهڪ، گوڙ، رب جي نالي رحم ڪريو مٹا ماريا مرين شل چو ڪٺي گهر ٻاريو اٿيئي مان مران تي بيمار پنهنجي جند سان، اڙي منهنجو متو تو سور سان ڦاٽي کهل ڪر، ڦقڙي لڳنيئي گهر ۾ تو اچين ٻاهه ٻاريو ڏين ناهين ته گهر ٺريو پيو آهي.

هوءَ پهريون رڙيون-واڪا ڪندي، پاراتا ڏيندي، پوءِ متو ٻنهي هٿن ۾ جلهي اچي روئڻ ۾ چٽڪندي.

منهنجو ته پاڳ ئي ڦٽل آهي- گهر ۾ هڪڙي ٻڪ، ٻيو سک جو ساهه ٻه نٿي ڪٽي سگهان.

ٻارن جي مٿن تان هٿ ڦيريندو، ڳلن کي چپٽين ۾ جهلي، ٻچڪارون ڏيندي، ٻارن سان اکين ئي اکين ۾ ڪلندي، اشارا ڪندي، منهن روئڻهارڪو ڪري منهن ناهي، آهستي - آهستي ڪري ماٺ ڪري پهرين، روئندڙ -سنگهون ڪيندڙ جوٽس جي پرسان ويهندو ۽ سندس ٻانهن ۾ هٿ وجهندو.

هٿ پري ماريا- مون ڪان پري ٿي- مون کي ته موت ٻه نٿو اچي-

ڏس ائين نه چئو-

لعنت آهي، ٽڪ هجي- مون کي ته پرچائڻ ٻه نٿو اچي- انن ٻارن جو پيءُ آهيان- هن عورت سان گڏاريندي ٻارهن سال ٿيا آهن- پوءِ ٻه پرچائڻ جو ڏانءُ

ڪونه ٿو اچي. نيڪ آهي روئي - روئي دير ۾ پاڻهي ماٺ ڪري ويهي رهندي. عجيب عورت آهي. آءٌ ڀلا ڇا ڪريان.

ڪيترو وقت جوٽس جي پاسي ۾ ويهي، اُن کي پرچائڻ جون رٿون رٿيندي ڪابہ ڳالھ نہ سمجهندي ماٺ ميٺ ۾ اُٿان اُٿندو ۽ پڪوڙيل چپن تي آڱر رکي، اکيون ڦوٽاري، ڏند ڏيکاري، اکين ئي اکين ۾ ڪلنڊڙ ٻارن کي ماٺ رهڻ جو اشارو ڪندو ۽ پٽ تي هنڌ پٿيري - ٻارن کي پاڻ سان وٺي سمهي پوندو. ٻارن ۽ پنهنجي مٿان چنل رليون وجهي ڇڏيندو ۽ جوٽس روئڻ بند ڪري - نڪ ۽ اکيون گنديءَ سان اُگهندي، پريرو هنڌ پٿاري چپن ئي چپن ۾ ڀڻ ڀڻ ڪندي سمهي رهندي.

ماڻهو مٿس ڪلندا - عجب ڪائيندا - ٺوڪون هڻندا ۽ کي گاريون بہ ڏيندا هئا. پاڙيوارا ۽ مائٽ ساڻس همدرديون ڪندا هئا. سيني لاءِ وڏي عجيب - اچرج ۽ ڳڻتيءَ جي ڳالھ هئي، تہ اٺن ڏيئرن جوپيءُ هوءِ سندس زال هر سال ٻار تي جڻي. ڪيڏانهن ڪندو ويچارو مسڪين ايترين ڏيئر. مري ويو ويچارو - ڪٿان ڏاج ڏيندن.

ميان، هڪ ڌيءَ بہ وڏو بار آهي، ڪلها جهڪايو وجهي، توبهہ توهہ ڏٽي شل پناهہ ڏي، اٺ ڏيئر.

ماڻهن جون ڳالهيون ٻڌندو ۽ ٺوڪون بہ سمجهندو هو. ڪيس ڪنهن ڳالھ جي پرواھ ڪانہ هئي. جي هئي تہ گهٽ ۾ گهٽ هن جي هلڻي - چلڻي، ڳالھ - ٻولھ مان اهڙو ڪوبہ لڪاءُ نٿي پيو.

بڪواس ٿا ڪن حرامزادا، ڏيئر بہ تہ اولاد آهن. پٽ وري ڪهڙي تونٽي ڏيندا. مون کي ڏاڍيون منيون آهن. پر جي ڏيئرن بدران پٽ ٿين ها تہ ڪيڏو نہ سٺو هو يا گهٽ ۾ گهٽ هڪ ئي پٽ هجي. من ئي من ۾ ويچاري ڪيس ڏاڍو ڏک ۽ خيال ٿيندو هو. هو ڏيئن کي پڙهائي نٿي سگهيو ۽ ڪپڙا وٺي ڏيئي نٿي سگهيو. ٻيو تہ ٻيو پر پيٽ بہ نٿي ڀري سگهيو.

۽ جوٽس هئي جا ڇهن ڏينهن کان بيمار ٿي کٽ تي پيئي هئي ۽ ڪيس دوا نٿي ملي. ۽ انهن ڇهن ڏينهن ۾ هن ڏاڙهي نہ لاٿي - ڪپڙا نہ مٽيا.

اڙي هاڻ ملو ٿيو آهين ڙي ڇا؟

دوستن ٺوڪون هنيس.

مسجد جي ٽڪرن تي پلجندو. اڙي ٽڪ انيئي، ڏاڙهي لاهي فضيلت سڪ صفا ڪو گندو آهين.

نہ، هن ڏک نہ ڪيو، منهن نہ ڦِٽايو. ڪا ڳالهہ نہ ڪيائين، ڪل جو جواب ڪل سان ڏنائين.

ڇهہ ڏينهن اڳي، پر اٽي پيپل بليڊ سان هن شيو ڪيو هو. بليڊ مڏو هو، وار نہ ڪوڙيائين. روڙي ماس لاهي رت ڪڍي وڌائين. هن بليڊ سرن، پٿرن تي گسائي وڏي جاکوڙ کان پوءِ ڏاڙهي لاٿي.

پئسو گهر ۾ بہ نہ هوءِ وٽس بہ نہ. وٽس اٺ آنا هنڌ جي هو ڇهن ڏينهن کان ٻارن کان لڪائيندو سانڍيندو رکندو آيو هو. متان کپي نہ وڃن! شام جو دوستن سان هوٽل ۾ ويهي پت شت هڻڻ ضروري آهي.

ڪلندي - ڪلائيندي وقت سنو ٿو گذري. نہ تہ من تي بار ٿيو پوي. ڪڏهن اوسيئڙو ڪندي. ڪوبہ نہ اچي ۽ اوسيئڙو ڪندي جا چانهہ پي وينو هجي، ان جا پئسا پرٽا پون تہ! ان لاءِ اُهي اٺ آنا - ان مهل ڪم ايندا. ۽ جنهن ڏينهن هوٽل ۾ ڪوبہ نہ هوندو- يا ان مهل وينل نہ هوندو- نہ ويهندو- ٻاهر ان چڪر ڏيئي ڦري سري -ويهڻ لاءِ ويچاري بہ نہ ويهندو- هليو ويندو. نيڪ آهي - اٺ آنا تہ بچي ويا نہ اجايو بيري کي ٽپ نہ ڏجي - وري شوڪي ڏسي، وجي کڏ ۾ پئي اچ نہ مليو تہ ڇا ٿيو- ٻارن سان وقت گذري ويندو - اٺ آنا ڪري کٽي ٻارن کي خرچي ڏيندس، خوش ٿي ويندا.

۽ ماني کائيندي ننڍڙي ڪڪي ڊوڙندي آئي ۽ پرسان بيهي خميس مان جهلي ڇيائين.

بابا آنو ڏي ٻاهر ڪلفيءَ وارو آيو آهي، آءٌ ڪلفي وٺان. نيڪ آهي ڏيئي ڇڏيانس. ٻُٽڪار ڪري-ڪڪيءَ ٻُٽي تي چپٽين سان چمي ڏيندي. ماني وارو گرهہ اندر ٻُڙڪائيندي ڇيائين.

آنو کپي ها بيهي ماني کائي وٺان.

ماني کائيندي کائيندي سندس نيت ڪجهہ ، ڪجهہ بدلجڻ لڳي، متان شام جو هوٽل تي ويهڻو پوي. ڪڪيءَ کي ٽاري ٿو ڇڏيان. هن ڪنڌ ورائي ڪجهہ چوڻ لاءِ ڪڪيءَ جي منهن ۾ نهاريو. ڪڪيءَ جو معصوم چهرو، نماڻيون اکيون کٽي هن کي ڏنائين پئي. ڪڪيءَ جي من ۾ ڪجهہ آهي ان کي ٽوڙڻ جو ويچار- ويچارڻ سان ئي جڻ سندس هستي ڏڏي ويئي ئو ڪجهہ چئي نہ سگهيو. ماني اڌ ۾ ڇڏي- ٽڪڙ ۾ اُٿيو ۽ آنو ڪڍي ڪڪيءَ کي ڏنائين، متان من ۾ ڪو ڦيرو نہ اچي وڃي. اُتي نڪرڻ جو ڪري هاڻي ست آنا بيڪار هئا. هي رهيل ست آنا، باقي بچيل

ٻارن ۾ ورهائي ڇڏيا، ۽ چپ ڪري ويهي رهيو. اڄ هوٽل تي نه ويندس.

هن ٻارن کي سڏيو- گهر ۾ ڌمچر مچي ويو. کٽ تي پيل- ڪنجهندڙ-ڪرڪندڙ جوٽس ايڏي ساري گوڙ تي ويچارن مان ڇرڪ پري- هوش وڃائي ويني.

مئا چوا ڇي مان جي سر ڌاري ٿيو آهين. مان بيمار مران ٿي مون کي گوڙ نٿو وڻي يا الله هڪڙي دوا نصيب ڪانه ٿئي پيو هيءَ مصيبت ماريل شل مرين شل نالو ڪيم متاءِ کهڙو ڪٽي ويل مچايو اٿئي ڪاٿي پوئي.

هوءَ اٿي ويني- پهرين مٿو پنهي هٿن ۾ جلهيائين ۽ پوءِ رڙيون ڪري پاڻ کي زور زور سان چنبا هڻڻ لڳي. ٻار سر اپجي ويا ۽ هو به. هن اڳي ته ڪڏهن به ايتريون ۽ ايڏيون رڙيون نه ڪيون ۽ نه ئي اوچنگارون ڏنيون. گهر ۾ ماٺ ڇائنجي ويئي. جوٽس هاڻي آهستي- آهستي سڏڪا پري روئڻ لڳي. هو جوٽس جي ويجهو نه ويو. پر ڇائڻ جي جاکوڙ نه ڪيائين. ٻارن جي مٿن تان هٿ ڦيري- ڳلن ۾ چمرڪا وجهي- چپن ئي چپن ۾ چميون ڏيندي، اکين ئي اکين ۾ کلندي، گهر کان ٻاهر نڪري آيو. گهر کان ٻاهر نڪري هن ڇهن ڏينهن جي وڌيل ڏاڙهيءَ تان هٿ ڦيريو. نيڪ آهي. من کي آٿت ڏيڻ لاءِ، ان ڳالهه کان هن لنوءِ ڇڏيو.

ٻار بکيا آهن- صبح کان وٺي ڪجهه کونه کاڌو اٿن هن ويچاريو، ۽ ويچاري ڪيس ڏاڍو ڏک ٿيو، هو ڪجهه به نٿي ڪري سگهيو. ڪنهن کان پئسا گهران-ڪير ڏيندو؟ سيني جو قرض ته آهي، اڳ ۾ ئي-ڪوبه نه ڏيندو، ۽ هو به بيمار آهي، جي صفا وڌيڪ بيمار ٿي پوي ته پوءِ! ٻارن جي ڪير ڪندو؟ يا مري پوي ته.... ويچاريندي دپ مان سندس وار ڪاندارجي ويا. نه نه ... ڪٿان به پئسا مليا ته پهرين ئي سٽ ۾ ڊاڪٽر وٽ ويني ويندوساسن. منهنجو رويو به ساڻس ڏاڍو خراب آهي. هن کي ڏاڍو ڏک ٿيو. هڪڙو ٻار تنگ ڪنس، پيو وري آءٌ به ته ڪونه ٿو رهان نه. آءٌ به پيلا ڇا ڪريان- پوءِ پيلا ان ۾ گوڙ ٿو ٿئي ته ان ۾ منهنجو کهڙو ڏوهه! منهنجو ته هر ڪم اونڌو ٿيو پوي.

سڄو ڏينهن شهر ۾ رلندي-ڌڪا جهلندي-بک ڪاٽي گهر ڏانهن موٽيو. اڄ هوٽل تي به ڪونه آيو. اجايو بور ٿيو. هو ٿڪل ٽٽل وکون کڻندي گهر ڏانهن هلڻ لڳو. گهر ۾ گهڙڻ کان اڳ سندس دل زور زور سان ڌڙڪڻ لڳي. متان ڪجهه نه ڪجهه ڇڙو نه ٿيو هجي. گهر ۾ گهڙيو، ڪجهه به نئون ڪونه ٿيو هو. جوٽس جا اڳي کان وڌيڪ ڪنجهي پيئي. اجا فرحت نه ٿي اٿس. ويچاريائين پڇانس- ڪيئن ٿي پائنئين، آهي ڪا فرحت. پر پڇيائين نه، ڪنڌ ڦيري ٻارن ڏانهن ڏٺائين، هن

کي ڏسي هيٺن-نبل ٻارن چپن تي مئل مرڪ آندي. هن ڪنڌ جهلي جوءِ جي ڊپ کان آهستي هٿ جي اشارن سان ٻارن کي پاڻ ڏانهن سڏيو. ننڍڙي ڪڪيءَ کي هنج ۾ کڻڻ لاءِ هن ٻانهون پکيڙيون- ٻانهن ۾ ڀري چمي ڏيئي هنج ۾ ويهارياڻينس.

بابا د (اچ) مونٽي (مون کي) دادي (ڏاڍي) بک لڳي آهي.

اڙي منهنجي ٻيبي کي بک لڳي آهي....

هن کان ڳالهه نه اُکلي، ويچارياڻين - ٻيبي کي آٿت ڏيئي ڪيئن ان ڳالهه تان ٽاري.

بابا بک ته مون کي به لڳي پر پيٽ ڏاڍي بک نٿي لڳي نه بابا گهٽي بک لڳندي ته پيٽ سور ٿيندو نه ها نه بابا

ها پٽ ... ها .. پر... پر ... ها ڳالهه ٻڌو

هن ٻارن جو ڌيان ان ڳالهه تان هٽائڻ لاءِ ويچاريو. بک ته ڪيس به لڳي هئي. هي ته ٻار آهن-سندس پيٽ ۾ وٽ پيا پون. ۽ هن ويچاري ورتو-خوش ٿيو.... ها ته اوهين چپ چاپ ڪري سمهو ته آءٌ اوهان کي پوڳڻ واري ڳالهه ٻڌايان، اصل ڪلي پيٽ ۾ سور پئجي ويندا.

ٻار پٽ تي سمهي پيا - ڳالهه ٻڌڻ لاءِ هن جي منهن ۾ تڪڻ لڳا. هن ويچاريو- چوڻ کي ته چئي وينس. پر ڪهڙي ڳالهه ٻڌائي ٻارن کي ڪلائي ڪلائي سمهاري ڇڏيان. جڏهن ڪا ڳالهه سجهي تڏهن هتان، هتان جون ڳالهيون ڪري ٻارن کي ڪلائڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو. انهن ڳالهين ۾ ڪلڻ جهڙو ڪجهه هوئي ڪونه جو ٻارن کي ڪل اچي-ٻار نه ڪليا. هن جي اندر ۾ وڍ پوڻ لڳا-متان بک وچان ٻار ٻاڪر ڪٽو نه مچائي ڏين. انڪري هو زور زور سان ڳالهائڻ لڳو ۽ عجيب غريب ڳالهيون ڪرڻ لڳو-نيٺ وقلڻ لڳو ۽ ٻار ڪيس حيرت مان تڪڻ لڳا. پر ڪين ڪل نه آئي. تڏهن هو اُٿي بيٺو ۽ واهيات مسخري جهڙي ايڪٽنگ ڪرڻ لڳو ۽ عجيب عجيب حرڪتون ڪرڻ شروع ڪيائين. ٻارن کي هن تي عجب لڳو، عجب کان وڌڪ ڊپ لڳو. ڊپ ۾ ٻار سسي سوڙها ٿي - هڪٻئي سان گڏجي پاڻ ۾ لڪڻ لڳا-سندن منهن روئڻ جهڙا ٿي پيا. هنن کي هاٺي سڌ نه رهي-هو اُٿيو ۽ وينو - ۽ پوءِ هر هر اُٿڻ ويهڻ لڳو - وڏي وات بڪ بڪ شروع ڪيائين. نيٺ وينو ۽ پاڻ زور زور سان کلڻ لڳو ۽ زور زور سان ايترو ته کليو جو نيٺ ڪيس روئڻ اچي ويو.

# اونده جي وهڪ

ويندي ويندي، هڪ ڪن لاءِ به پويان مُڙي نٿو نهاري. ڪجهه نه ويچاريندي ءِ ڏسندي، در ٽپي اندر لنگهي ٿو وڃي. ڪيس پٽاپٽي خميس پيل آهي. فيصلو نٿو ڪري سگهي ته هيٺ ڪيس سٿڻ پيل آهي يا پينٽ، پر ڪيس لڳي ٿو ته پينٽ آهي.

- (پويان ماڻهو ڏسندا هوندا يا نه؟)

ويچاري ٿو. پوءِ به جهڪي ءِ لڪي نٿو هلي.

ائين ڪرڻ وقتائتو پڇي نٿو يا لڪڻ پاڻ به نه گهرندو هوندو.

ڪمري اندر لنگهي آيو آهي. پري کي اکيون سندس پٺ ۾ لڳنديون پيون محسوس ٿينس.

- (ڪوڪو نه هوندو، اجايو وهم آهي.)

ويچاري باقي ٻن ڏينهن جو مزمان آهي، ان ڪري چار ماڻهو ڀيا به ساڻس سمهندا آهن.

ڪن لاءِ ڪجهه ٻڌي، چرڪي ٿو وڃي. ڪنهن جو ڀڙڪو هو. ٻئي ڪنهن ڇيو، يا هن پاڻ اهڙو ڪجهه ويچاري پڙڪيو؟

- (ويچاريو هوندم) -

ڇوڪريءَ ڏانهن وڌي ٿو. ڇوڪريءَ جي وارن ۾ آڱريون ڦيري ٿو. هوءَ ڪنجهي، پاسو ورائي پيٽ پر سمهي ٿي پئي.

- (ننڊ ۾ هوندي.)

ڪجهه ويچاري، هو به ائين ڇوڪريءَ جي مٿان پيٽ پر سمهي ٿو پوي. ٻانهون سندس ڇاتيءَ جي چوڌاري ڦيري، اُپريل، گول گول، ڇاتين کي هٿ ۾ جهلي، نپوڙي ٿو. ڪن لاءِ پاڻ کي ٻار محسوس ڪندي، لڇ ٿي اچيس. ڏاڙهيءَ تان هٿ ڦيري، پاڻ ڏانهن ڏسي ٿو -

- (آهيان ته وڏو، ٻار وري ڇو آهيان.)

جاڳي پئي آهي. پنڙاتي پئي، ڇڏائڻ لاءِ، هن جو ٻار ڪيس ڏکيو لڳو هوندو. پنڙاتي پئي. هو ڪيس سوگهو ٿو ڪري. رڙيون ڪرڻ ٿي گهري، پڙڪو به نٿو اُڪليس. گهٽي پنڙات ڪري، هو پاڻهي اُٿي ٿو ٻيهي، هوءَ به ڪٽي، پڇڻ جي ٿي ڪري. ست ڏيئي پاڪر ۾ جهلي ٿو ونيس. وري ساڳي پنڙات. هٿ نٿو ڪڍيس. هٿ ڍلا ڍلا پيا ٿين.

(ڇڏائي ويندي)

ياڪر مان ڪڍي، مٿي واريون مُڪون واهي تي ڪڍيس. ڪيري تي، ٽاٽڙي ٽاٽڙي، وري ڪٽ تي ڪري تي پئي. ڪٽي ڪلهي تي ٿو رکيس - اڳيان لڙڪيل ٽنگن وٺان ٻانهون ڦيري ٿو ڇڏي. پنن وٺان ڪنڌ ۽ ٻانهون لڙڪن پيون. در وٽ اچي ڏسي ٿو. سامهون لوڙهي جي ٻاهران، ڪٽ تي چار ماڻهو ويٺا آهن.

- (وسوسو آهي، يا اکين جي ويساهه گهاتي.)

هو اکيون ڦاڙي هن کي ڏسن پيا.

- (لڳن ته سچا پچا پيا.)

ڇوڪريءَ کي ڪلهن تان لاهي، اُتي پيل ڪٽ تي سمهاري ٿو. چار ماڻهو، جن مان هڪ پوڙهي، ٽڙي ڪڙي ڪٽ تان اُٿن ٿا. هو ڪن لاءِ هنن کي اکيون ڦاڙي ڏسي ٿو. اوندهه به ڏاڍي آهي. ڊنگر ٽپي پڇي ٿو، پوڙهي سندس پويان لڳي تي. اُن ڪري ڪري تي پوي، ڪيس لڳو ته هن پوڙهيءَ کي زور سان گهوٻاٽو واهي ڪڍيو هوندو. گهتون ڏيندو سڪل واهه جي پيٽ ۾ لهي ٿو وڃي. ڪٿان به ڪو پٽڪو ٻڌڻ ۾ نٿو اچي.

- ( ڪو ڪونه هو، رڳو وسوسو ۽ اکين جي ويساهه گهاتي. اجايو ڇڏي آيس.)

هيتري دير جو ڪجهه ٿيو، اهو ڪنهن ڪيو، هو پاڻ هو يا ... ڪيس ويساهه نٿو اچي ته هي ڪو پاڻ آهي. لڳي ٿو، ڪو ٻيو آهي ۽ سندس نظرون ڪنهن ٻئي جي پٺ لڳيون گهمن. ڪيس پاڻ هئڻ تي ويساهه نٿو اچي. زور سان سٿر تي مُڪ هڻي ٿو ڪڍي، ڪجهه ويچاري، هٿ ۾ زور سان چڪ ٿو هڻي، هلڪي رڙ نڪري تي وڃيس. هٿ مان رت نڪري آيو هوندو. پوءِ به ڪيس پاڻ تي ويساهه نٿو اچي.

ڏسي پيو. جتي پاڻ هن کي ڇڏي ويو هو، اُتي ئي ستي پئي آهي، بيسُڌ. ساهه ڪڻڻ ڪري سندس ڇاتين ۾ اُڀاو پيدا ٿئي ٿو. گهري ٿو ته ڊوڙ پائي. زور سان ياڪرن ۾ پڪوڙي، ايڏو ته زور ڏئيس جو هڏين مان ٽڙڪات نڪري وڃنس. نڙي سڪي ويئي اٿس. هڪ هنڌ ڄمي، بيسرت ٿيو ڏسي پيو.

- (در به کيلو پيو آهي - در بند ڪري، پوءِ ڪٿان مٿان وري ڪو اندران نه نڪري اچي.)

پير ۾ پير ڏئي، در وٽ اچي ٿو. پهرين آهستي ، پوءِ سٽ سان در بند ڪري ، ٻاهران ڪڙو ڏيئي ٿو ڇڏي. وري پنيان مڙي ٿو ڏسي. هيٺ نميل ٻبريءَ وٽ ڊورن سان، گهوڙو ٻڌو بيٺو آهي.

- (گهوڙي تي ڪٽي پڇانس ڪو جهلي نه سگهندو.)

ٻبريءَ وٽ اَچي گهوڙي جو رسو ڇوڙي، گهوڙي کي پاڻ ڏانهن ڇڪي ٿو. گهوڙو پٽ تي دڙا هڻي، هڪار ٿو ڪري . هو جيئن زور سان رسي کي پاڻ ڏانهن

ٿو ڇڪي ٿو. تيئن ئي ٿي گهوڙو پاڻ پويان هٽڪندو، زور زور سان هڻڪار ڪري، دڙا هڻي ڇڏائڻ جي ٿو ڪري. رسو سندس هٿن مان ڇڏائبو پيو وڃي. رسي کي سوڙهو ڪري، سوگهو ٿو ڪري، پرسان نئين چاول ٿر سان سو ٽا مينهن ، مٿس رومڙ ڪري ٿي اچي. هو ڦڙتائيءَ سان پاسو ڦيري ، ٻيءَ مينهن جي اوٽ وٺي، ٻيهي ٿو رهي، ۽ گهوڙي جي رسي کي زور سان ڇڪي چڙهڻ جي ٿو ڪري.

- (ٻچيءَ ۾ جهلي، ٽپ ڏيئي چڙهي پوانس، پر هنن کي ڪيئن ڪٽي سگهندس!)

گهوڙي جي الڪت هڻڪار ۾ ڪيس ڪجهه سمجهه ۾ نٿو اچي ته ڇا ڪري.

ڪن ۾ سراپجي ٿو وڃي، ڇڻ چوڌاري وڪوڙجي ويو آهي. ڪو در کي ست ڏيئي کولي، ٻاهر نڪتو آهي. هي رسو ڇڏي ڏسي ٿو. ڪو ماڻهو اڌ اُگهاڙو ، هڪ هٿ ۾ ٽارچ ۽ ٻئي ۾ بندوق کڻي، ڪيس گهوري پيو ڏسي.

-(مري ويس!)

پويان به ڪو ماڻهو هٿ ۾ لوٽو لوڏيندو، سيسمت وٽان پيو اچي. هي ست ڏيئي، جاءِ جي ڪنڊ وٽان پڄي ٿو.

- اڙي، جهل جهل وڃي ٿو!

- آواز، رڙ، ڪجهه گوڙ.

ٽڪو پڄي ٿو، سڪل واهه جو پيٽ واري ٻڙ وٽان ٽپ ڏيئي، ٻنيءَ ۾ ڪاهي ٿو پوي،دپ، ڪانڊرين جا ڪنڊا، سندس پير وٺي ٿا ڇڏين.

- (اوندهه ۾ ڪو ٻنو به ڏسڻ ۾ نٿو اچي.)

- بيهه رهه، مري ويندين!

وڏي پوائتي رڙ، رڙ سان گڏ گولي ڇٽڻ جو آواز. لڳي ٿو گولي، سوسٽ سان سندس پير ۾ لڳي آهي. رت ٽيندا ڪري پيو وهي. سور ڪان پير ڪڙهي پيو. هلڻ نٿو پڄيس، ڪانهن، ٽارنءِ اڪنجي اوٽ وٺي، منڊڪائي ٽڪو ٽڪو پيو هلي - مٿان پهچي نه وڃن.

جيئن ئي منڊڪائي وڏي وک کڻي ٿو، ٿابو ڪائي، ڏڙام سان ڪڙيي ۾ ڪري ٿو پوي. پاڻيءَ ۾ ڪرڻ ڪري سندس ڏکيل پير ڪڙهي ٿو. تري، ٻيءَ پير اچي ٿو. هٿ ڪنڌيءَ تي ٽڪائي، نڪرڻ جي ٿو ڪري. ترڪي وري پاڻيءَ ۾ ڪري ٿو. ڪتل ڪڙيءَ ۾ هٿ وجهي. زور ڏيئي ٻاهر نڪري ٿو. زور تي ڪڙوا ڪڙجي ٿو پوي. ساڻس گڏ ڪڙيي ۾ ڪري ٿو پوي.ڪپ تي بيٺل گاهه ۾ مُنيون وجهي . گوڏا زوريءَ ٻاهر ڪيڻ جي ٿو ڪري. ٻاهر نڪري نٿو سگهي. گاهه ۾ هٿ ڦٻن نٿا. يا گاهه پٽجي ٿو پوي.

ڪيس لڳي ٿو، ڪي ماڻهو هٿن ۾ بتيون ڪنيو ، ٻنا ڏيندا، سندس ويجهو پيا اچن. ڳالهائڻ پوءِ جيئن پوءِ تيئن ويجها پيا لڳن. هو دپ ۾ گاهه کي ڏاڍو جهلي ، ريڙهيون پائي، گوڏن پر ٻانبڙا ڏيئي ، ڪڙيي مان نڪرڻ جي جاکوڙ پيو ڪري.

# ڪجهه گهڙين جو ائبنارمل

هن گهڙيءَ ۾ اهو محسوس ڪندي ڇرڪي ٿو وڃي. ڪيس لڳي ٿو ته ڪي گهڙيون اڳ سنڌس پيرَ هٿن جي پرَ سان لڳي گسڪي رهيو هو. اهو ڇا هو؟ ويچاريندي ويچاريندي به هو ڪجهه به سمجهي نه سگهيو آهي، ته هي جو ڪي گهڙيون اڳ جيڪي ڪجهه ڪيس لڳو، اُهو ڇا هو؟

اوچتو، وڏي نڪاءُ ۾ گوڙ تي هو ڇرڪي، ڏجي اُٿي بيٺو آهي- ڇڻ ڪيترا ئي ماڻهو هڪ ٿي در ٽوڙي ڏوڪي اندر گهڙي آيا آهن. هو چوڌس اکيون ڦاڙي ڦاڙي نهاري ٿو. ڪٿي به ڪنهن به ڏس، ڪنهن به جاءِ تي، ڪجهه به ڪونه آهي، هتي ته ڪٿي به، ڪو به در ناهي، پوءِ هي ڇا ٿيو؟

ان ئي گهڙيءَ ڪيس لڳي ٿو ته هو ڪنهن اٽڃاتل وڏيءَ، ويڪريءَ اوچي ڇت واريءَ جاءِ ۾ اڪيلو بيٺو آهي. هي پاڻ کي ۽ پنهنجي اوسي پاسي کي جاچي ڏسي ٿو. اهو ڪجهه جو ڪيس اڳينءَ گهڙيءَ ۾ لڳو، سو ڪجهه به ڪونه هو. هو اڪيلو آهي. پر ڪا اهڙي وڏي ويڪري جاءِ نه آهي، جيڪا ڪيس محسوس ٿي هئي. هن سان گڏ ڪو به ڪونه آهي، هو اڪيلو آهي، پوءِ ڪيس لڳي ٿو ته ڪو ساڻس گڏ آهي. اڪيلو نه آهي: يا ڪو هو، جو وڇڙي ويو آهي ۽ هاڻي اڪيلو آهي.

هي ويچاري ٿو، هي سڀ ڪجهه ڇا آهي؟ هن کي اهڙو ڪجهه ڇو پيو لڳي. جو هن سان لاڳو نه آهي؟

اڳين ڪجهه گهڙين ۾ هن کي جو ڪجهه لڳو، اهو ويچاريندي هن کي ڪجهه عجيب ئي لڳي ٿو. ڪيس مونجهه ۽ بوست پئي ٿئي. ساهه ڪٽڻ ۾ ڪجهه اَٽڪ پئي ٿئيس. لڳي ٿو سنڌس چوڌاري ڪو گهاٽو دونهون آهي جنهن ۾ گهيرجي ويو آهي.نڙيءَ، اکين ۽ نڪ جي ناسن ۾ ڪيس هلڪو هلڪو ساڙو پيو لڳي. هي وري ڇا آهي؟ هو ويچاري ٿو ائين ڇو پيو ٿئي.

جنهن مهل هن هار کي پنهنجي ڳچيءَ ۾ وڌو، بنا پٽڪي بڌڻ جي گندي مٽي تي رکي، ان مهل ئي سنڌس وڏيءَ سوٽ ڪيس پلاند ڏيئي لائون لهڻ لاءِ هن جي اڳيان آڻي ويهاريو،اُن مهل ئي سنڌس پير هن جي پير سان لڳي گسڪيو هو. پر سنڌس موڙ ته بدل ئي ڪونه هو. سنڌس اڳيان ويهڻ ڪان اڳ، نه هن جو نڪ ڏاڳي سان ٻڌو ويو، ۽ نه ئي سنڌس جُتي چورائي ويئي. لائون لهڻ بنائي، هن ڪيس چيو:

- هلو، اندر هلي ويهون.

هو هن سان گڏجي، جاءِ جي پٺئين اونداهي واري ٽڪري ۾ آيو، جتي سڪل وڻن جي هيٺان، ڪرسين تي ماڻهو ويٺل هئا. هن چتائي ڏٺو - ويٺلن جا پيانڪ، ڊيڄاريندڙ چهرا، انهن ڪيس گهور ڪري ڏٺو. هو چپ هئا، ۽ ڪجهه پي رهيا هئا. انهن جي تکي گهور نه سهي، هن پهريون ويچاريو ته رڙيون ڪري يا ڀڄي وڃي. پوءِ ڪيس ويچار آيو ته هيءَ جا ساڻ آهي، تنهن کي چنبڙي پوي ۽ سندس وڏين پريل ڇاتين ۾ منهن لڪائي ڇڏي. ويچاري به، هن ائين نه ڪيو، ۽ هن جي ٻانهن کي هٿن ۾ سوگهو جهلي واپس جاءِ ۾ وٺي آيو. ايندي ايندي ڪيس لڳو، ڪٿي ٿاٻڙجي نه پوان ۽ هو اُٿي پويان نه لڳن. هن سان گڏ هلندي به ڪيس لڳو ته هو اڪيلو پيو هلي. ان احساس کي مٽائڻ لاءِ هن، هُن جي ٻانهن کي زور سان جهلي پاڻ ڏانهن ڇڪيو. پر پوءِ به ڪيس هن جي هئڻ جي ڪيس پڪ نه آئي.

هي سيڪجهه ڇا آهي؟ ائين ڇو پيو لڳي؟ ائين ڇو پيو محسوس ٿئي جو نه آهي، نه ٿيو آهي، ڪيس پنهنجن انهن ويچارن تي ڏاڍا خار ٿا اچن. نيٺ کهڙو ڪارڻ آهي انهن ويچارن جو. لڳي ٿو ته جيڪي ڪجهه محسوس ٿئي ٿو، ۽ ويچاري پيو، اهو ساڻس وهي واپري چڪو آهي.

اوچتا نڪاءُ، رڙيون ۽ گوڙ.... هو هر هر ڇرڪي، ڊڄي، چوڌاري ڊنل اکيون ڦاڙي نهاري ٿو، پر ڪٿي به، ڪنهن به پاسي، ڪنهن به هنڌ، ڪنهن به جاءِ تي، ڪجهه به نه پائي، چپ ڪري ويهي ٿو رهي. سندس دل زور زور سان ڌڙڪي پئي - ڪنهن اڻڄاتي ڊپ کان، گهري ٿو، اکيون پوري، منهن لڪائي يا هتان اُٿي ڪيڏانهن ٻئي پاسي هليو وڃي، جتي ڪو به نه هجي. پر هتي به ڪير ڪونهي. هتي به ته هي اڪيلو آهي. پر پوءِ به، ائين ئي، هتان اُٿي ڪنهن ٻئي هنڌ ويهڻ گهرجي. جي اهي ويچار اتي به اچن ته پوءِ؟... ويچاري... ٿو ته پوءِ هتان اُٿي، رڳو تڪو تڪو ڊوڙندو ٿو رهي - ڊوڙڻ ۾ ويچار نه ايندا، تڪن تڪن ساهن کڄڻ ۾ ويچار دٻجي ويندا، پر ايترو ڊوڙي به ته نه سگهبو - نيٺ ڊوڙي ڊوڙي، ٿڪجي، ڪٿي نه ڪٿي ويساهي به اوس کٽڻي پوندي. پر جي ويساهي نه کٽي، ٿڪجندي به رڳو ڊوڙندو رهي، ته پوءِ به نيٺ ساهه اٻاسي پوندو ۽ ٿڪي ٿٽي نڪري پوندو. ٽنگون وڪون به نه کڻنديون ۽ ڊوڙڻ جي سگهه وڃائي ويهندو.

سندس وات مان ڊپيل، هلڪي، ڊنل ويهه نڪري ٿي وڃي. ڪيس لڳي ٿو، ڪا شيءِ زور سان سندن پنن ۾ اچي لڳي آهي. نه گهرندي به، ڏڪندي، ڊنل ڦاٽل اکيون کٽي ڏسي ٿو. هتي ته ڪجهه به ڪونهي! ڪٿي به، ڪنهن به پاسي اهڙي

شيءَ جو احساس ڏسڻ ۾ نٿو اچي. سندس پنن ۾ بہ تہ سور ڪونهي. ڏک لڳڻ سان تہ سور ٿيندو آهي. جي ڏک لڳو تہ سور ڇو ڪونهي؟ ڪجهہ ڪونهي، سندس اجاو وسوسو آهي. پر هي، اهو ڪجهہ جو پيو ٿئي؟ رڳو هن سان ڇو پيو ٿئي؟ اهڙو ٻئي سان بہ ٿيندو هوندو يا نہ؟

هيءُ وري بہ هر پاسي ڇتائي ڏسي ٿو. ڪٿي بہ، ڪنهن بہ هنڌ، اهڙي ڪا بہ شيءِ ڪانهي، جيڪا هن کي لڳي، هتي ٻيو ڪير بہ ڪونہ آهي- هتي هو اڪيلوئي آهي.

ڪي گهڙيون اڳ ئي هوءَ سندس سامهون هئي، ٻانهن ۾ هئي، ۽ پوءِ وڇڙي ويئي.جنهن مهل هوءَ سندس ٻانهن ۾ هئي، تنهن مهل الائجي ڇو هن جي ڇپن سان ڇپ ملائڻ جو ڪيس ويچار نہ آيو.

هن جو پير سندس پير سان گسڪيو هو ۽ پريل ٻانهون سندس هٿن ۾ هيون: سواءِ ان جي، هن کي يا ڪرڻ جي جاکوڙ ڪندي بي هن جي روپ جي ڪنهن بہ انگ جي ياد نٿي اچيس. هوءَ هئي يا نہ؟ جي هئي تہ پوءِ ڪيڏانهن ويئي؟ هتي تہ ڪانئس سواءِ ٻيو ڪو بہ ڪونہ آهي. جي ڪجهہ بہ نہ آهي، تہ ڪي گهڙيون اڳہ جيڪي ڪجهہ ڪيس لڳو، اهو ڇا هو؟ هن جي سمجهہ ۾ ڪجهہ نٿو اچي. انهن ويچارن کان پٺ ڇڏائڻ ٿي گهرجي.

- ٻيهي رهو. اندر نہ اچو، هي ڪو رستو آهي ڇا؟ وڏي رڙ، گوڙ.. دل جي ڏک ڏک تکي ٿيو ٿي وڃيس، لڳي ٿو. هن گهڙيءَ سندس دل ٽڪاءُ سان وات مان ٻاهر نڪري ايندي. زبان سڪي ويئي اٿس. هڪ هنڌ سر اپجي ويو آهي. گهرندي بہ هاڻي اڪيون ڦيرائي ڪنهن پاسي ڏسي نٿو.

- هي آواز ڇا جا هئا؟ هي ڪير هئا؟

ڪجهہ گهڙين کان پوءِ هو ٻنل، قاتل اکيون کٽي، هر شيءَ کي ڇتائي ڏسي ٿو. هتي تہ ڪجهہ ڪونهي! هر هنڌ، هر پاسي ڇتائي ڇتائي ڏسڻ کان پوءِ بہ، اهڙو ڪو بہ احساس نہ پسي، ويچاري ٿو - ڪجهہ ڪونہ هو، هي سڀ سندس اجايو وهم ۽ وسوسو هو. هو اُٿي ٿو. بوٽ سان هلڻ ڪري وڏا ڪرڙات پيا ٿين. لڳي ٿو، هڪ ئي مهل ڪئين ٽينڪون ۽ مشين گنيون گڏي اُٿيون هجن.

هو ويهي ٿو، بوٽ لاهي، چمپل پائي، آهستي آهستي هلي ٿو. ويندي ويندي هر شيءَ کي ڇتائي ڏسي ٿو، ۽ وري ويهي ٿو رهي.

ڪجهہ ڪونہ هو، اجايو سندس وهم هو. هن کان سواءِ ڪٿي بہ، ڪنهن بہ پاسي ، ڪنهن بہ هنڌ ، ڪجهہ بہ، ڪير بہ ڪونہ آهي. هوءَ بہ ڪانهي. هتي تہ رڳو پاڻ ئي آهي - اڪيلو اڪيلو.

# ٽٽل جيون، ٽٽل آس، پيزا

پيٽ ۾ ڪتل ڪبٽ، هڪ ٻئي مٿان سٽيل ڪتاب، ٿلها، سنها، بند، ڪتاب خالي، هن جي هٿن جيان، خالي هو پاڻ به. ڪي ڪن اڳ هوڪا آس ڪٽي، ڪبٽ وٽ آيو. آس جا ٽٽندي - چيپاٽجندي وڃي.

هو بينو آهي، اڳ جيان، ڪي ڪن اڳ به بينو هو ائين. اڳئين ڪن ۽ هن ڪن ۾ وڏو فرق آهي. ڪي ڪن پهرين: آس، هن ڪن ۾ نراشا، ڪن جو ڪن سان ويڙ، هڪ جو ٻئي تي وار. هڪ ڪن جي موت تي، والاري ٿونئون ڪن، اُن ڪن جي جاءِ. هر نئين ڪن وٽ موت جو سنيهو پر ائي ڪن لاءِ. انهن ڪنن جي وچ۾ جهڳڙو، جا چڪتاڻ جي وچوٽي آهي سا سمجهي نه سگهيو آهي. (سمجهڻ جي ڪوشش هن نه ڪئي آهي.)

هو ڏسي بينو -ڪتابن کي ، نگاهون جميل، ڪتابن ۾، آس ۽ نراس جي وچ۾ ٽڪر.

هو سونگهڻ گهري ٿو: ڏپ. ورن وڪوڙن واريون گهٽيون. سنهيون - سوڙهيون - منجهيل، مونجهه، بوساٽ، ڏپ گند جي (اُلٽي اچي ويندي. ماني منهن نه پوندي.)

هو ٻوڌيندو اها ڏپ، ڪنهن بڪئي ڪتي جيان نوس، نوس ڪري نوسندو اچي ڪن مهينن ڪان، ڏپ حواسن ۾ پيهي ويل. هر جاءِ تي ڏپ، ڏپ نه، ڏپ جو تڪو احساس، هن ٻولهڻ گهريو آهي - سڪ ان مان، چا لڌو اٿس؟ چا پوڳي پيو؟ ويچاريو نه اٿس- (ويچارڻ گهري به ڪونه ٿو.)

ٽٽل -لتاڙيل آهن. هو بينو آهي ماٽ، آنڌ مانڌ

من ۾،

سڳنڌ ڪيس نه ملي، ڏپ ٻوڌي پوڳي پيو پيڙا.

- (چا آهي ڏپ۾؟)

- (ڪجهه ڪونهي، رڳو لاچاري آهي.)

(لاچار هو پاڻ به.)

پيڙا لاچاريءَ جي.

سپ اجايو.
بکواس.
اجايو هوس.
پهرين:
سڳنڌ جي آس، هڪ چرپائي (ڏسي - وائسي ٻاهه ۾ ٽپو ڏيڻ) پوءِ ٻه ڏٺي - وائني ٻاهه ۾ ٽپو. لڳ - سڙيل، رتو - رت، ڳهاءُ. ڳهاءُ لڪائڻ لاءِ ڪوشش، لڪي نه سگهيا آهن - ڳهرا ڳهاءُ.
چاڪ چکن پيا. پرا ڻا وڍ، ناسور. آڳ جي ڄيڀي، سور جي اُپريل سوٽ - پوڳي پيو پيڙا.
پوءِ:
ڇوٽڪاري لاءِ ٻوڙيو آهي ڏپ ڏانهن. (ڪي ڪن تي سهي، ڦٽن جو سور وساري - لڪائي سگهي ڳهاءُ، يا ڳولهي لهي پيچ ڦٽن لاءِ.)
ڏپ، ڪاڳر جو ٽڪر.
در بند، اونده، ساهه منجهيل، پوءِ هوندي - اُلجهن، جڪڙ.
جڪڙ آڱرين، ٽنگن، ٻانهن جي، جڪڙ ڪان نه ٽٽڻ لاءِ جڪڙ ڪي وڏيڪ جڪڙ ڪي وڏيڪ سوگهو ڪرڻ لاءِ جاڪوڙ. وڌڻ، ڍرڪي - سسڻ ۽ اُن ڪن ۾ ٿي ٽٽڻ. (ٽٽڻ ڪوبه نٿو چاهي، هرڪو ڳنڍيو رهڻ ٿو گهري.)
ٽٽندو وڃي پنهنجو پاڻ مان.
ٽٽل، اڪيلو، گهري ٿو - جڪڙ، اُلجهن، ڏپ نوسڻ جا نه ملندي ڪاڳر جي ٽڪر سواءِ.
ڪاڳر جو ٽڪرو. پيٽ جي بک. بک اندر جي، بک جو بک سان ٽڪراءُ - ٽڪراجي - ڪجهه ڪنن لاءِ بک جو لهڻ ۽ پوءِ اڳي ڪان وڏيڪ بک جو احساس، اندر جي بک وڌندي ٿي رهي.
- ڪيئن لاهي بک؟ - (ڪيسا خالي - خالي ڪتابن جا پنا، هن جيان.)
- (ڪاڳر جو ٽڪرو ڪٿان ليجي پوي.) ٻيرن ڪان ٻير گهرڻ جي اٽڪاٽائي.)
ڏسي پيو - ٿلهن ڪتابن ڪي ، جن مان اڳي ڪٽي ونندو هو ڪاڳر جو ٽڪر. پٽس جي هاءِ گهوڙا. ڪن نه ڏيندو، مان - ڪنڌ هيٺ، ڪنهن ڪتاب يا مخزن جا خالي پنا اُٿلائيندو. هينئر خالي پنا ٿلهن ڪتابن جا - سندس هٿن جيان.
ڪتاب بند، سٿيل ۽ خالي، بک نه لهندي، هو ويچاري پيو. (ويچاري ڪونه

ٿو، پوڳي پيو پيڙا ڍهن روپين لاءِ.)

كيس نہ وڃڻ گهربو هو. (نوسي اڃي ڦاٿو آهي.) سڃي بڪواس، مٽي جو سور، ڪجهہ ڪونهي - جي ڪجهہ آهي تہ رڳو بي عزتي، هن ماڻهن گهريو هو سک، پوڳي پيو پيڙا - ڏک -پڇرڻ، جيءَ جو جهوري پڇتاءُ ۾ پڇتاءُ.

اندر:

اگهہ ڪان وڏيڪ گهر - زبان سڪل، هڪ هنڌ چميل پير، اڌ رنگ جي اگهائي جيان. رڌ رنگ سڄن لڳن تي.

اُن ڪن ۾ ٽي -پائوبر جي تهہ ۾ ڍڪيل ڇهري، هٿرادو اُپاريل وينل -لورَ چاتين جي ڪوڪلائپ پڌري. ان سان گڏ ٽي سوڙهي بٽڻ ۾ ڦاٿل چڪوارين سٽرن جي ماس جو لڙڪي پوڻ. خال، جيڪو پرجي نہ سگهندو هن ڪان.

- جهٽ ڪر . (ڪهرو آواز، ڪرڙيون اکيون.)

- (هوندي سڃي ... چوانس ڪين نہ؟ ڇا چوندي، منهن جو پاڻي وني چڙيندي.)

(عورتپڻي جي اجائي اڻچاڻائي.)

- ڏسين ڇا ٿو، جهٽ ڪر. (ساڳيو آواز اڳي ڪان وڌڪ کهرو. وچايل عورتپڻو.)

ٻاهر:

پڇتاءُ.

- (سالي پوڙهي، مزو ٽي ڪونہ آيو.)

اجايا - وچايل ڏوڪڙن لاءِ ڏک. وني سگهيو ٿي - ڪا خميس، سٽڻ يا چمپل. ڪي ڏينهن پيٽ پري ڪائي سگهيو ٿي. ڪنهن وڏي هوٽل ۾ وڃڻ جي آس پوري ڪري سگهيو ٿي.

نوس -نوس - هنڌان - هنڌان - نوسڻ جي آس -ساڳي ڪار، ساڳيو - پڇتاءُ.

هڪ ڪن :

پڇتاءُ - پڪو ارادو، (وري نہ ڪندو نوس نوس.)

ڪي ڪن پوءِ:

وري نوسڻ جي آس جو جنم وٺڻ، پڇتاءُ جو موت.

آس - آس ڪان پوءِ پڇتاءُ. آس - پڇتاءُ جو ٽڪر،

نيٺ آس جي جيت -نہ ٽٽندو اهو نيم.

(وري ڪندو- نوس، نوس.)

هاٽي :

نوسي هن پڇتايو ڪونهي.

(اٽل نيم جو ٽٽڻ.)

ڪجهه مليو اٿس. ڪوڙو ئي سهي، پر عورتپڻو، جنهن جي پوڳي پيو پيڙا.

جڪڙ-الجھن، مرڪ ۾ اڱهاڙا لڱ.

سڀ بڪواس، ڏيکاءُ -ڪوڙ-ويساهه، گهاتي، ڪاڳر جي ٽڪري سواءِ ڪجهه ڪونهي. جڪڙ -مرڪ رڳو هن لاءِ ڪونهي، جو ڪمري اندر بند هوندو، ماٽيندو، جڪڙ-مرڪ ۾ اڱهاڙا لڱ.

ٽٽل آس،

ڪجهه وسارڻ لاءِ-ويچار. ويچارن اڳيان هار مڃڻ ۾ جا پيڙا آهي، ويچارن جي ڦاهيءَ تي لٽڪن، پوڳي رهيو آهي اها پيڙا.

جڪڙ -مرڪ، اڱهاڙا لڱ، وسري نه سگهندا. نه لهندي بڪ. ويچارن جو ڦاهي جي ڳٽ جو سوڙهه.

- هي وار لهرائي، ڪيڏا نه وڏا ٿي ويا آهن. وري ٿئي نٿو ڏيم. ٽڪ ٽي نه ته ڪو نه ڪو ڳالهيندي سان ۾.

- ... ( هو چپ)

- ڪاليج وارا ڪپڙا ائي اچ.

- ڇو ؟ (نڙيءَ مان مس ڪو آواز.

- بس آئون ڏسان - مونکي سنو لڳندو.

- ... (هو چپ)

ڪن لاءِ ٻئي ماٺ ۾ اُن ڪن ۾ ئي ڇپن جو ملڻ، گهري ماٺ، آواز رڳو سيلنگ فين جو. جيڪڙو جو ڍرو ٿيڻ وڏڻ، ڇرپر ۾ پوءِ چادر جو گهنجڻ جي وڃڻ.

- وري ڪڏهن ايندين. (اڌ پوريل اکيون، ڍرڪيل-ڪنڌ ڪلهي تي.)

- هون ... ايندس. (مئل مرڪ، ٽٽل ڦٽل آواز.)

ڪٿان، ڪنهن ڪتاب يا ڪنهن پراڻي خميس ۾ ڪو وساريل - پراڻو ڪاڳر جو ٽڪر ملي ويندو. ڪيسو پيرجي ويندو.

(من جو آٿت، سهڻو ويچار.)

پيريل ڪيسو.

نڪرندو- ٻاهر. روڊ جي ٻنهي پاسن ڪان ڏسندو. ڪليئر ڏسي- پار ڪندو. اُڪرندي- ڊپ، ساهه- مٺ ۾. روڊ جي وچ تي اچي- ڪنهن ڪار، موٽر، رڪشا جي ڦيٿن هيٺان اچي- چيپاٽجي سگهجي ٿو. يا ڪنهن ٽانگي، سائيڪل سان ٽڪرائجي اسپتال پهچي سگهجي ٿو.

ڪٿي اُن وٽ پهچڻ ڪان اڳ، هو ڪٿي يا ڪنهن پيڙ ۾ اٽڪي- ڦاسي يا ان جو حصو نه بڻجي پوي.

دل جي ڌڪ-ڌڪ تيز . هلندو- ٽڪڙو نهاريندو- هر شيءِ ۾. رستي تي هر ماڻهوءَ جو نظرون- لڳنديون ڪيس چپنديون.

-(پڪ سمجهي ورتو هوندائون، وچي پيو نوس، نوس ڪرڻ.)

ڪاهي پوليس پوسٽ، پوسٽ باڪس، ڳاڙهي رنگ جو، هيٺان تر وٺان سرون پيڳل ۽ خال.

خال- خال. هر هنڌ خال. هن پرڻ گهريو آهي خال. پرجي نه سڪهيو آهي. خال نه پرجندو، وڌندو رهندو.

ڪيسا پيريل- خال پيريل، پيريل نه ڏڪجي يا لڪي ويل. پرجڻ رڳو ويساهه گهاتي- ڪوڙ.

- (تہ سچ ڇا آهي؟)

هو ان تي ويچاري نٿو.

(ويچاري اجايو وڌيڪ پوڳڻ نٿو گهري.)

در سامهون ميڙ اڪو. هن بہ ميڙ جو هڪ هڪ ڀاڱو- سامهون وينل بہ ڇوڪريون . هي ڇتائي نهاريندو- سانوريءَ ۾ ۽ وچڻ گهرندو ان وٽ.

سانوري هوندي بہ- چهرو چڪ وارو، سوڙهي پائجامي، ۾ ڦاٿل گول- گول سٿرون، اُپريل ڇاتيون، هوءَ جيئن ئي بريزر چڪي لاهيندي. هن جي سامهون هوندا اُهي بہ ماس جا پيريل ٽڪرا.

هو جيئن ئي ماس جي ٽڪرن کي هٿن ۾ جهلي- زور سان پڪيڙيندو، تيئن ئي هوءَ ڪنهن ڪرنٽ جيان- جهٽڪو ڏيئي چنبڙي پوندي- سندس ڏبري لڳن ڪي.

ڪنهن ڪن ۾ ڦاٽل، بي سرت، هو بينو آهي. ڪندون-پاسا، پرائيوٽ خمسيون، ڪيسا-سپ خالي. ويچارن جو ڦاهو، لٽڪي پيو ان تي. ڪو ڪن ايندو - جڏهن گهٽجي ويندو. هن جي آنڊ مانڊ وڌيل، ساهه ۾ مونجهه، ٽڪرا-ٽڪرا ٿيل آس ۽ ويچارن جو گهٽيندڙ ڦاهو.

اڳيان آڳنڊ ۾ ڪٽ تي وينل ٿلهي، در اڳيان وڏو ميڙ. هن جي جڪ ٿلهي تي، ان ڪان وڌيڪ بڇان ايندي ميڙ تي.

اندر وچڙ مهل-مونجهه-سيني جون نظرون هن ۾، وچي نه سگهندو. ڪئي پيرا-ڪوشش، نراشا، نراشا، نراشا، نراشا.

هو ڪيس ڏسندي، آڱرين - هٿن-اکين سان چوندي اچڻ لاءِ. ويتر آنڊ مانڊ. من ۾ هاهاڪار.

وڃان!

ماڻهن جو تيز گهوريندڙ، چيندڙ نظرون -وانجهي رکنديون.

ويچار -دل تي ڳورو بار، پڪو ارادو.

- (هاڻي ويندو).

ان ڪان اڳ ڪو ٻيو هلندو ويندو اندر. مرڪ... بند ٿي ويندو در. نراشا.

ڪي ڪن وري به بڻجي ويندو ميڙ جو حصو، مونجهه. ميڙ ڪان ڪئي پيرا ٽٽندو ۽ ڳنڍجندو.

ڪي ڪن پوءِ.

ساڳي هاهاڪار

- (وڃان -ڪين نه؟)

دل تي ڳورو بار. ها - نه جي وچ ۾ تڪرار، ها ۽ نه جي وچ ۾ لٽڪندڙ.

هڪ پير در وٽ - جيئن ئي ٻيو پير ڪڻندو - سندس دل ٻيهجي ويندي، پويان بيٺل ماڻهو ڪيس ٻانهن ڪان جهلي ڇڪي وٺندا، رڙيون ڪندا، نعرا هڻندا، ڪٽي نه سگهندو هڪ به وک.

هنئين ئي ڪو ڳورو بار ڪٽي ڪڻندو وکون تڪڙيون - تڪڙيون. ڪمري تائين پهچندي، ساهه بند. ڪمري ۾ ڪڻندو ڏکو ساهه.

اڌ ڪليل در، هلڪي ڇهندڙي ٻانهن ۾، هو سندس سامهون، وڪڙجي وينديون ٻانهون ول جيان. ٻوٽيل اکيون- اُپا ساهه، چپ ڦرندا سڄي منهن تي،

هينين چپن ۾ هلڪو چڪ.

- هٽ ڪنا. (هلڪي دانهن.)

ان ڪن ۾ ئي نڪري ايندو ڪاڳر جو ٽڪرو - ڪيسي مان-ڪي ڪن اڪيلو. گهري مانڊ. بوءِ پکڙيل دل - هو ڪندي هن جي ڪڇ ۾ - لوڏو، جهٽڪو. مرڪي موهيندڙ، مرڪ هن جي چپن تي به، مئل - ڦڪي. (چڻ روئي ڏيندو.)

هوندي مانڊ، ڏکها ساهه، جڪڙ، گوشت جا اُپريل ٽڪر. گهري مانڊ ۾ ڪنهن مهل ڪو هلڪو آواز به.

- بسڪوت ڪائيندين (ٽٽل جڪڙ.)

- هون .. ها. (جهٽيو آواز مس نڪرندو نڙيءَ مان)

بسڪوت وات ۾، اڌو اڌ، واتن جو چپڪو، مرڪن جي ڏي وٺ، هڪ هلڪو ٿهڪ، ان سان گڏ پڄي ويندي جڪڙ. سانت. ٻانهن جو گهيرو سوڙهو، چرپر، پوريل اڪيون، تيز - تيز اُڀا ساهه. وچ ۾ ڪنهن مهل، اچانڪ، ائين، بنا ڪارڻ جي، سانت جو ٽٽڻ. هو مانڊ، ڪي ڪن پوءِ، پوندو ڊرڪي -بي ست-نستو، ٽٽي پوندي جڪڙ - ڪليل گهيرو ٻانهن جو. اجهاٽل ٿيڻ، چپ ڏار هڪ -ٻئي ڪان.

در ڪليل،

ميڙ ۾ بيٺلن جي انيڪ نظرن جي گهور. ڪائي وچڻ واريون نظرون. گهوريندڙ. هن جون نظرون هيٺ - ڌرتيءَ ۾. هو چپيندڙ نظرن جو بار ڪٽي نه سگهندو، وچايل سگهه، جيئن ئي هلندو اڳيان - ٽٽي ڪري پوندو، پڇڻ گهرندو جلد اُٿان.

- (جيڪر دوڙ پائي پڄي وڃي.)

ٽنگن ۾ وچڙ، ڪري پوندو ٿابو ڪائي، ڪو ڪيس جهلي نه وٺي.

اليڪٽرڪ پول تائين - ساهه جو تڪو تڪو ڪڇڻ، دڪ - دڪ تيز - پٽ نه چڏيندين - چپيندڙ نظرون، ڪيفي رحماني تائين.ساڳي ڪار، ٿڌو ساهه.

اُتي ئي ساون مرچن جو پاٽي ۾ ڪڙهڻ ڪري جا تيز - اٽوٽندڙ بوءِ نڪرندي، سندس نڪ جي ناسن ۾ گهوماٽجندي رهندي ڪيتري دير تائين.

بوءِ اٽوٽندڙ -تيز، نڪ جي ناسن ۾ پيهي ويل، ساهه ۾ مونجهه . ساهه گهٽجي ويندو. پير -نستا. ڏبجندا وڃن ڪن پل ۾ گهٽجي ويندو. اڪيلو. ويچارن جو ڦاهو. پڇڻ گهري ٿو اُٿان.

# جيون-ڪوڪلوساچ

ڪهاڻي آهي، جا اڳيان پئي آهي، پڙهي نٿو سگهان، ڪهاڻي پڙهندي جا پيڙا پيو پوڳيان اڳتي پڙهي وڌيڪ پوڳڻ نٿو گهران. مخزن ٽيبل تي اُڇلائي ٿو ڇڏيان. پنا اُڏامي، هڪٻئي کان ڌار ٿي وري ملي ٿا وڃن - ڌار ٿيڻ نه گهرندا هوندا، مخزن ٽيبل تان کڻي، هٿن ۾ جهلي، پنو پني کان ڌار ڪري ڇڏيان - نه هوندا پنا، نه هوندي انهن تي لکيل ڪهاڻي، ۽ نه رهندي ڪا پيڙا. پر ذهن تي اُڪري ويل ويچار... خارن مان هوند هٿن ۾ جهلي، سڄي مخزن کي نپوڙي نپوڙي ڇپائي ڇڏيان. پر جو گهران ٿو، نٿو ڪري سگهان. جو نٿو ڪري سگهان، ان جي آهي پيڙا. مخزن کڻي، ٻيو ڪجهه پڙهي، اهو ڪجهه، جو پڙهي وينو آهيان، جنهن جي پيڙا پيو پوڳيان، وساري ويهان. مخزن کڻي پنا ورائي، ڪجهه پڙهڻ جي ڪوشش ڪندي به، جو ڪجهه گهران ٿو، نٿو ڪري سگهان. مخزن وري به ٽيبل تي زور سان اُڇلائي ٿو ڇڏيان.

ٽيبل تي مخزن آهي اونڌي پيل. ڏسان ٿو، مخزن ۾ ڪهاڻي آهي، جا نه هوندي به منهنجي آهي. ڪنهن به جاءِ تي ، ڪنهن به ڪئريڪٽر، ڪنهن جملي، ڪنهن به ويچار، ٻيو ته ٻيو، پر ڪهاڻيءَ جي ڪنهن به اکر جو به مون سان ڏور جو سنٻنڌ ڪونهي. پوءِ به پڙهندي اٽڪي بيهي رهيو آهيان، هڪ اکر به اڳتي پڙهي نٿو سگهان، جيئن ئي پڙهندس، اڳتي پڙهي نه سگهندس، روئي ويهندس. ڪهاڻيءَ تي لڙڪ ڪرندا، پنا پڄي پوندا، يا ڦاٽي به سگهن ٿا. گهرندي به، هڪ اکر به پڙهي نه سگهندس. جو پڙهندو ويندس، وساريندو ويندس - ۽ پوڳيندس پيو پيڙا.

جو ويچاريان ٿو، وسري وڃي ٿو. جو ڪجهه ويچاريندي وسري ٿو، ياد ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي پوڳيان ٿو. ڇوٽڪارو وٺڻ ٿو گهران، ڪٿي ڪنهن هنڌ وڃائجي، ٻيو ڪجهه ويچاري. اهو ڪجهه جو هاڻي ويچاريان پيو. وسارڻ ٿو گهران. پر ويچارڻ ۾ جا پيڙا آهي... آه، پيڙا - هر هنڌ، هر جاءِ تي پيڙا- پيڙا، ۽ پيڙا... سک ڪٿي ڪونهي. شانتي ڪٿي ڪانهي. جي ڪجهه آهي ته پيڙا. من ۾ مانڌاڻ

مٿل، جنهن ڪان پڇندي پڇندي به پڇي نٿو سگهان، ڇڻ ڪي ڏاوڻ پيل آهن.
ويچاريندي ويچاريندي جي دماغ جون رڳون تاڻجي ڇڃي پون، پڙداڦاٽي پون، ته هوند آءٌ ويچاري ويچاري دماغ جون رڳو ٽوڙي وجهان، ۽ پڙدا ڦاٽي پون، پوءِ ويچارڻ جيسگهه وڃائي ويهندس- نه هوندا ويچار ۽ نه ويچاري پوڳيندس پيڙا.
ايڏو ويچاريندي ويچاريندي به، نه ئي ٽيون رڳون ٽٽن، نه ئي ٽا پڙدا ڦاٽن. جي ڪجهه ٿئي ٿو، ته آءٌ ئي ٽٽندو وڃان، پنهنجو پاڻ سان، ڪمري ۾ هلندي هلندي، ٽٽي، ڪري پوندس. لڱن جو انگ انگ ٽٽي پوندو، هڏيون ٽڙاڪ سان ٽٽي ، سخت فرش تي پکڙجي وينديون، ۽ پوءِ ... پوءِ ڇا ٿيندو؟ آءٌ، من گهري ٿو ته خارن ۾ پتين ۾ مکون هٽان، ست ڏيئي در ٽوڙيان، پر ... ڪجهه اٽڪائي دپ ۽ بيوسيءَ ڪان منهن پر هنڌ تي ڪري ٿو پوان. نه گهرندي، پاڻ کي ايترو جهليندي به روئي ٿو ويهان- ڇڻ ته ’لال‘ جي ڪهاڻيءَ جو منجهيل منجهيل، پوساٽيل ۽ مٽل ڪئريڪٽر آهيان - ڪنهن اونهي پاتل ۾ پيهي ويل، ڇٽني ڏسائن ڪان جڪڙيل، ڪنهن ڏبڻ ۾ ڦاٿل، جتان ڪرڻ جي جاکوڙ ڪندي، وڌيڪ پيهندو پيو وڃان.
مٿي ۾ هلڪو هلڪو سور پيو لڳي. لڳي ٿو، لڱن تي ڪو مڻن جو بوجو آهي. مونکي پوست پئي ٿئي. بوجي هيٺ دٻجي دٻجي مري ويندس. آه، آءٌ.... من گهري ٿو، دوڙ پائي ٻاهر نڪري وڃان. رستي جي وچ تي بيهي، چرين وانگر وڏي واڪي رڙيون ڪريان، ڪپڙا ڦاڙيان، پاڻ کي زور زور سان ڌڪ مکون هٽان، ۽ پوءِ من کي هنئين تان هي بوجو لهي ! ڪيترو گهرندي به، اهو ڪجهه، جو گهران ٿو، نٿو ڪري سگهان. جتي به، جو ڪجهه به ويچاريان ٿو، سا هڪ اٽٽيٽي آهي. جا اٽٽيٽي آهي، تنهن جي آهي پيڙا، جا پوڳي، لڇان ڦٿڪان پيو.
ڪٿي به، ڪنهن به هنڌ ويهندي، بيهندي يا هلندي، سک نٿو اچي. گهران ٿو ٻوڙندو ئي رهان. هنڌ تان اُٿان ٿو، ٽيبل تي پيل اونڌيءَ مخزن ڏانهن ڏسان ٿو. من گهري ٿو ڪٽان، ڪهاڻي پڙهي پوري ڪريان- هٿ نٽا ورن. چيپاٽيل آسون، ٽٽل ويچار، منجهيل منجهيل پوساٽيل ساهه، گهاٽو دونهو ۽ پيڙا. ويچاري ويچاري ، منهجو ساهه پيو منجهي. لڳي ٿو، گهاٽو دونهه منهنجي نڪ جي ناسن ۾ زوري پيهندو پيو وڃي. آءٌ ٽڪڙا ٽڪڙا ساهه کڻڻ ٿو لڳان.
اڳيان ٽيبل تي پيل مخزن جي پنن تي ڪارن اکرن ۾ ڪهاڻي آهي، جا

ڪجهه نه هوندي به سڀڪجهه آهي، ۽ ان ”نه“ جي پيڙا هيٺ ڏٻجي ، گهٽجي، آءٌ چريو ٿي پوندس يا مري ويندس. آ... اُف -

ان پيڙا کان بچڻ لاءِ، هٿ وڌائي، مخزن کڻي. اجايا پنا اُٿلايان ٿو. نه گهرندي به. پنا ورائي ’لال‘ جي کهاڻي، ’پنر ملن‘ ڏسان ٿو. ٽنل بت، وچڙيل به آتمائون، جي وچڙي ، رلندي رلندي، ڪٿي ڪنهن هنڌ وري هڪٻئي سان ٽڪرائجي، پوڳي رهيون آهن، هڪ ئي محل، هڪٻئي کان ڌار ڌار ڪٽيل ڪٽيل، هڪ ئي پيڙا ۾ لڇي رهيون آهن، پيڙا نه پائڻ جي ۽ وري ڪجهه ئي ڪنن کان پوءِ وري ڌار ٿيڻ جي.

- بتي ٻاريان، اوندهه وڌي ويئي آهي.

آءٌ سر اپجي چرڪ ٿو پريان، مخزن هٿن مان ڇڏائجي، پنن جي ڪڙ - ڪڙ، ڪري پٽ تي مان ٿي وڃي. اونداهو ڪمرو .... هي ڪنهن پڙڪيو؟ لڳي ٿو، هينئر ئي، هن ڪن ۾، منهنجي سامهون چڻ ’پنر ملن‘ جي ’مينو‘ هئي! ڪمري ۾ وڌيل اوندهه جي ڊپ کان هن بتي ٻارڻ لاءِ چيو... پر ڪنهن کي چوندي؟ ’هو‘ هتي نه آهي، هتي آءٌ آهيان - اڪيلو، جنهن کي ڪابه ’مينو‘ نه آهي. ڪنهن ’مينو‘ کي پائڻ جي ڳولا ۾ رلندي رلندي به، ڪابه ’مينو‘ مون کي ناهي ملي. آءٌ جهڪي پٽ تان مخزن کڻان ٿو. آڱر اليڪٽرڪ سئچ ڏانهن وڌندي وڌندي بيهي ٿي رهي.

- رهڻ ڏي، بتي ٻارڻ مان ڇا ورندو. ٻي ٻارڻ سان من جي اوندهه ته نه ويندي.

اليڪٽرڪ سئچ کان پري هٽي، گئلريءَ جي در وٽ اچان ٿو. پڙدو هٽائي، ٻاهر ڏسان ٿو. شام جي ڏنڌ ۽ موٽرن جي دونهين ۾ لائيٽ جو ڏنڌلو سوجهرو. رستو، فٽپاٿ، ماڻهن جا انبوهه، پيڙ، وٺ-پڪڙ - هرڪو ڊوڙي رهيو آهي بنا ڪارڻ جي. نه، ڪنهن نه ڪنهن سان ضرور ڪونه ڪو ڪارڻ هوندو، نه ته ايڏي وٺ - پڪڙ، هل هلان ڇو؟ آءٌ ڏسان پيو ماڻهن کي، موٽرن کي ، سهڻن جسمن کي، هٿن ۾ لٽڪندڙ پرس، ڪلنڊڙ ڇهرا، ٺهڪ-۽ آءٌ اڪيلو، ٽنل ٽنل ڌار، مٿان بيهي، ڌارياٽپ جي احساس هيٺ دٻجي رهيو آهيان. هيٺرن ماڻهن ۾ به، هيٺري پيڙ ۾ به، اڪيلاٽپ جا ڏنپ. من گهري ٿو، ڪا بندوق ئي هجي - پوءِ هتان بيهي، اجايا سجايا فائر ڪري، ڍڳ ماڻهو ماري رکان. چوڌاري هر طرف وٺ-پڪڙ لڳي وڃي. ماڻهو رڙيون

ڪن، پڇن ۽ پوءِ سارا رستا سنسان ٿي وڃن - اڪيلا اڪيلا، مون جهڙا.

من نٿو لڳي ويني ويني، گهٽجي، ٻوساٽجي، ڪري پوندس. اندر اچان ٿو. در پوري ٿو ڇڏيان. ڪمري ۾ اوندهه وڌي ويئي آهي. هٿن ۾ جهليل مخزن وٽجي سٽجي نپوڙجي ويئي آهي. آءٌ ويٺو آهيان. بتي ٻارڻ تي ارواهه نٿو وري. پيو ٿئي، پنهنجو پاڻ ڪان. هن اونده ۾ گهران ٿو، در کولي، ليٽو پائي ٻاهر نڪري، وڏي ويڪري روڊ تي، ڪارين، موٽرن، رڪشائن سان گڏ ڊوڙندو رهان- ايستائين جيستائين ٿڪي، ٽٽي چور چور ٿي، ڪنهن موٽر ڪار، بس يا رڪشا جي اڳيان ڪري ڦيٿن جي هيٺان وڃجي، چيپاٽجي نه وڃان. آه... جو ’نه‘ آهي، اُن ’نه‘ جي ايڏي پيڙا ڇو؟ ڪجهه سمجهه ۾ نٿو اچي.. ۽ ڪجهه نه سمجهندي. وڌيڪ پيو پوڳيان ايڏي مونجهه ۽ ٻُوسٽ. اُن کان بچڻ لاءِ هٿ وڌائي، آڱر سان سئيچ آن ڪري ٿو ڇڏيان. سوجهرو اونداهي ڪمري جي هر شي تي پکڙجي ويو آهي. آءٌ هيڏي ساري سوجهري ۾ من جي اونداهيءَ کي مٽائي نه سگهيو آهيان، من جو به ڪو سئيچ ئي هجي ها!

اڄ اجايو ايترو ائبنارمل ڇو ٿي ويو آهيان. ائين اجايو، بنا ڪنهن ڪارڻ جي لڇان ڦٿڪان پيو. هٿن ۾ نپوڙيل مخزن، جا ڪجهه وقت کان منهنجي هٿ جي وچ ۾ آڱرين جي زور سان چيپاٽجي رهي آهي، جا هاڻي هٿ جي پڳهر ڪري آلي ٿي ڦاٽڻ تي اچي ويني آهي، تنهن کي ميز تي اُڇلايان ٿو. مخزن وٽيل سٽيل ميز تي اچي ڦٿڪي، سانت ٿي وڃي ٿي. هينئر سندس پنا هڪٻئي کان ڌار ٿيڻ جي جاکوڙ ڪندي به ڌار نه ٿيا، چنبڙي ويا هوندا.

آءٌ ويٺو آهيان. ويچاريان ٿو. - اڌورو وڃان ڪٽيل، ڇڄي ڌار ٿي ويل پيار مونکي نه مليو آهي، پر جو ڪجهه کهاڻيءَ ۾ آهي، سو جڻ مون سان ئي لاڳو آهي، ۽ اُن جي پيڙا هيٺ پڄري رهيو آهيان. مون ۾، ’لال‘ ۾ وڏي ڌور جي وٿي آهي. آءٌ ’لال‘ جي پيڙا نٿو پوڳيان. مون وٽ پنهنجي پيڙا آهي، جا ’لال‘ جي پيڙا کي ياد ڪري وڌيڪ پوڳيان ٿو. آءٌ پوڳيان پيو، جو نه مليو آهي اُن جي پيڙا. رلي، رلي، اُن کي پائڻ لاءِ جاکوڙ ۽ ايڏي جاکوڙ کان پوءِ به نه پائي، پوڳيان ٿو. ’لال‘ پائي پوڳيو آهي ۽ ان کان وڌيڪ پوڳيو اٿس وڃائي. ’لال‘ گهري ٿو مڪتي، اڪيلاٽپ، آءٌ مڪت، اڪيلو رهندي به ڦٿڪان ٿو. رلي رلي، ڪٿي آءٌ ڪنهن هنڌ ڪنهن نه ڪنهن سان ٻُڌجڻ ٿو گهران. ڪٿي به ڪنهن سان نه ٻُڌجي ۽ پنهنجو پاڻ

سان ٽٽندي، پوڳيان پيو پيڙا. آءٌ .... آءٌ ڪجهه به نه آهيان. ڪنهن به مون کي پاڻ لائق نه سمجهيو آهي. هيڏي ساري ساگر ۾، پاڻيءَ جي رڳي هڪ بوند لاءِ ايڏو لڇڻ، ڦٿڪڻ! هي جيون جو کيل سارو ڊونگ آهي.

بيٺي بيٺي ٽنگن ۾ سور پيو پوي. آءٌ ڪرسي تي ويهي، پير ٽيبل تي رکان ٿو. مٽي کي هٿن ۾ جهليان ٿو- سڄو سور سان ڦاٽي ٿو. ڇا ڪريان، ايڏو سور ڇو پيو آهي. سمهي رهان، پر ننڊ ڪٿي ايندي، وري اکيون کٽي، مخزن کي ڏسان ٿو، مٽي تان هٿ لاهي، مخزن کڻي، بيسود ، اجايا سجايا، ائين پنا اُٿلايان ٿو.

سڄي بڪواس آهي - ’لال‘ ڪوڙو آهي! هن نڳي ڪئي آهي يا نڳجي ويو آهي. پربت نالي ڪا شي هن ڌرتيءَ تي نه آهي. سڀ ايڪٽنگ آهي، ويساهه گهاتي آهي، نڳي آهي. اُن نڳيءَ جي ناهه ۾ ’لال‘ به نڳجي پوڳي پيو، آءٌ نڳجڻ جي چاهه ۾ پوڳيان پيو. ڪجهه ... ڪجهه به ڪونهي، جيون جي ڪابه منزل ڪانهي. سڀ پل آهي، بيوقوفي آهي. ڪنهن کي به منزل جي ڪابه ڳولا ڪانهي. ڪنهن جو به ڪنهن سان، ڪوبه رشتو ناتو ڪونهي، هرڪو اڪيلو آهي، جو ڪجهه آهي، ڪوڙ آهي، من جو آٿت آهي. جو ڪجهه آهي، هن کن ۾ آهي، جو اڳي هو، گذري چڪو آهي، ياد نه رهڻ گهرجي.اُن ياد جي ڪابه گهرج ڪانهي، اڳيان ڪجهه به ڪونهي.....

آءٌ هڪ ڀيرو وري به مخزن ڏانهن ڏسان ٿو، ۽ پوءِ خارن مان سٽ ڏيئي، مخزن ڦاڙي ذرا ذرا ڪري ٿو ڇڏيان. جيون جي ڪابه منزل ڪانهي... هي سڀ ڪوڙ آهي، انسان ڪجهه به ڪونهي..... پنن کي هٿن ۾ جهلي، ٻاهر اُڇلي ٿو ڇڏيان. پنا هڪٻئي کان ڌار ٿي، ٽڙي پکڙي، اچي ڦٿڪي، پٽ تي ڪري، سانت ٿي ٿا وڃن.

آءٌ رلي مٿان وجهي، سمهڻ جي ڪوڙ ٿو ڪريان، سک نٿو اچي، مونجهه پئي ٿئي. اُٿي در کولي، ٻاهر وڏي ويڪري روڊ تي هلڻ ٿو لڳان.....

# مئل ماڻھن جي پومي

دونھون آھي، سچي ڌرتي، سچو وايو منڊل، دونھاٽيل آھي. واٽون، چوواٽا، وڏا ويڪرا رستا - ڇا اھي ڪٿي پورا ٿين ٿا؟ انھن جو ڪٿي ڪو انت آھي يا ٿي سگھي ٿو؟ دونھون، دونھون ۽ دونھون، ڇا دونھين جي تڪي اُبس، ساھ کڻڻ سان اندر ھلي ويل ڪوڙاڻ ۾ جي سگھجي ٿو؟ ڇا اھو دونھون بہ اھو گھٽبو يا ڪا اھڙي وات آھي جو ھن دونھين جي ڪوڙاڻ کان پڇي وڃجي. ڪٿي، ڪنھن جاءِ يا ڪنھن ڪنڊ ۾ لڪي سک جو ساھ کڻجي.

وڏا، ويڪرا، لسا، ترڪڻا روڊ، ڊوڙي رھيون آھن: ڪارون، موٽرون، اسڪوٽر، بسيون. جپاني گڏين جيان، جپاني ڪاريون، اسڪوٽر، ھر ڪا شيءِ جپاني. جپان ۾ وڏو واڌارو ٿيو آھي، ھر ڏس ۾، ڪاريون، موٽرون، رڪشا، اسڪوٽر ڊوڙي رھيا آھن. ڊوڙي نہ رھيا آھن، ترڪڻن رستن تان ترڪي رھيا آھن. تيز رفتار، ھاءِ اسپيڊ جڳ اڳتي ڊوڙي رھيو آھي. جڳ سان گڏ سڀ ڪجھ ڊوڙي رھيو آھي. انھن سان گڏ گھلجي رھيون آھن، انھن ئي رستن تي قتل، ڪتارا، بسيون رڙھي رھيون آھن اڳئين جڳ جيان ڪارو، ڪسارو، ڪوڙو دونھون ڇڏينديون پيون وڃن. ھوا يا آڪسيجن ان دونھي کي، ڊوڙندڙ، پڇندڙ، ھن جڳ سان گڏ ڊوڙڻ وارن يا ان جڳ کان اڳتي وڌي ويلن ۽ جڳ سان گڏ ڊوڙڻ جي اسقل جا کوڙ ڪرڻ وارن گھٽو پنتي رھجي ويلن، ٿڪلن، ھيٺن ۽ نبل ماڻھن جي نڪ جي ناسن ۾ ساھ سان گڏ زوريءَ اُمائي پئي. آڪسيجن تمام ضروري آھي. ماڻھو جي جيئري رھڻ ڪاڻ. ماني بنا پيٽ سان پٿر ٻڌي سگھجي ٿو. آڪسيجن جو ڪوبہ Alternative نہ آھي.

ھي سائنٽفڪ ايج آھي، مشيني جڳ، ڪريا ڪرمن، مھاپرشن، ماڻھن جي وڏن وڏن ڪارنامن، جوڏن جوانن جو جُڳ پورو ٿيو. ويڙھ ٿيندي، پر ماڻھن جي نہ ٿيندي، مشينين جي ٿيندي، بمن جي ٿيندي ۽ ماڻھو مرندا، ھڪ نہ انيڪ، انيڪ ۽ انيڪ.

بم کي ڦاٽڻ کان نٿو جھلي سگھجي. ماڻھو جي ويچار، سمجھ ۾ وڏو واڌارو

ٿيو آهي. هن جڳ ۾ ماڻھوءَ جي جاءِ مشين وٺي رهي آهي، ماڻھو ٿٽي رهيو آهي، ڪٿجي الڳ ٿي رهيو آهي. پنھنجو پاڻ سان، هن جڳ ڪان. اڳتي هلي ماڻھو نہ رهندو، مشينيون رهنديون، ائٽم بم رهندو، هئڊروجن بم رهندو. ڪٿي بہ، ڌرتي جي ڪنھن بہ ڪنڊ پاسي ۾، ماڻھو لڪي جيئي نہ سگھندو، ائٽم ان کي ناس ڪري ڇڏيندو، جي ڪجھہ رهندو، مشينون رهنديون، ماڻھو ڪٿي ڳولھيو بہ نہ لڀندو.

جڳ ڊوڙي رهيو آهي، اڳتي وڌي رهيو آهي، جيئڻ جي آس رکڻ پاپ آهي، اُها آس جا ماڻھون جُڳن کان سانديندو اچي جيئن، اجا بہ گھٽوءِ ان کان بہ گھٽو، سدا جيئڻ لاءِ پتوڙيندو، جتن ڪندوءِ جاکوڙ ڪندو آيو آهي. جُڳن کان، آدجڳاد کان، آب حيات جي ڳولا ۾ پٽڪندو، رلندو رهيو آهي، ان جي سڪيت اچ پوڳي پيو. ائٽم بم کان آب حيات بہ بچائي نہ سگھندو.

تکو هاءِ اسپيڊ جُڳ اڳتي وڌي رهيو آهي. هن تکي وڌندڙ جُڳ جو ماڻھو ڌرتيءَ جي کولي تہ نہ پر ائٽم جي گولي تي بيٺل آهي، چيرڪيل، ڊنل، هيسيل، اهو گولو ڪڏهن بہ ڪنھن بہ مهل، ڪنھن بہ گھڙي يا ان کان بہ وڌيڪ، اڳئين ئي ڪجھہ ڪنن يا هن ئي ڪن ۾ ڦاٽي سگھي ٿو، ءِ پوءِ .. پوءِ... پوءِ.... بدبوءِ، ڌپ، گئس، گئس، هر ڏس موت ءِ موت جي ماٽ، ڪجھہ بہ نہ رهندو.

ننڊ ۾ سُپنا ڇو ايندا آهن؟ ڇا سپني يا ساپيا ۾ ڪائي وٿي آهي؟ هن جُڳ جو ماڻھو جاڳ ۾ سپنا ٿو ڏسي، ڊيڄاريندڙ، پوائتا سُپنا. ننڊ ۾ جو ڪجھہ آهي اهائي ساپيا آهي، پر ڇا هن جُڳ جو ماڻھو سک سان سمهي سگھيو آهي؟ يا سمهي سگھي ٿو؟ ساپيا نہ آهي رڳو سپنا آهن، ننڊ ۾، جاڳ ۾، هي جيون سارو هڪ ڏکھو، ڊيڄاريندڙ ءِ پوائتو سپنو آهي. ماڻھو جيون جي هر وک تي گھيريل آهي، گھريو رهيو آهي، چنتائن ۾.

رستا، وڏا ويڪرا، اٽڪت، ترڪندڙ، ڪارين موٽرن جو ائتت ءِ اٽڪت ڳانديو، ڊوڙي رهيون آهن، هن هاءِ اسپيڊ جُڳ سان گڏ ڊوڙڻ جي جاکوڙ ڪري رهيون آهن. ڇا هي رستو پار ڪري ھُن پير وڃي سگھجي ٿو. پار ڪندي ڇا ڪنھن موٽر، ڪار يا بس جي هيٺان اچي چيپاٽجي نہ پئبو؟ ڪجھہ ڪنن کان پوءِ سامهون سگنل پيلو ءِ ان کان پوءِ ڳاڙهو ٿيندو. هڪ ڏس کان ايندڙ اٽڪت وهڪرو بيهجي ويندو. ڇا اوستائين، جيستائين سگنل، پيلو تي ڳاڙهو ٿئي ءِ تکوءِ اٽڪت وهڪرو

ٻه ھن ھڪ ھنڌ ڄمي وڃي تيستائين اوسيئڙو ڪري سگھجي ٿو؟ جڳ ٻوڙي رهيو آهي، ڪٿي اٿڪي اجهي ٻيهڻ چُڪ آهي.

جڳ ٻوڙي رهيو آهي، هرڪو جڳ سان گڏ ٻوڙڻ گھري ٿو. ڪاريون، موٽرون، اسڪوٽر ٽڙڪڻ رستي تان ٽڙڪي رهيا آهن. رستا وڏا، ويڪرا، ون - وي، ٽو - وي، فٽ پاٿ، ماڻهن جا انبوهه، گهاگيهه ماڻهو، ماڻهو، ماڻهو، هر ڏس ماڻهو، روڊ جي هڪ ڇيڙي کان ٻئي ڇيڙي تائين، سمنڊ اونهو، گهرو، سمنڊ جون ڇوليون، ڪپڙن تي چڙهيل ويل. سمنڊ اندر جهاز، پري پري تائين، ڪنڌيءَ تي رڳو بريزيئر ۽ انڊرويئر پائي. پيٽ پر واريءَ تي هڪ ٽنگ مٿي ڪٽي لوڏي، سٽل ڇوڪريون، اُگهاڙا، اڇا، نوس سخت لڳ، هي انٽرنيشنل مٿي آهي. هر ساموندي بندرگاهه وارو شهر انٽرنيشنل هوندو آهي. لڳ وڪامجن ٿا، ۽ هتي روڊ تي ڊرنڪ ڪري بڪي سگهجي ٿو. پنهنجو پاڻ کي، يا ماڻهن کي گاريون ڏيئي سگهجن ٿيون، ڪير به ڪجھ به نه چوندو. ڪو ڪٽي من ٿي من ۾ گاريون ڏيندو. رستا، موٽرون، روشني، چوڏس روشني ۽ روشني، ريسٽوران، سائن بورڊ، هوٽلس، ڪلب، گهيري ۾ ڪا سهٽي زال، نائيٽ ڪلبس، ڪال گرل، منهن تي، چپن تي، ڏيکاءُ واري موهيندڙ مرڪ. پرسان ويهي، لڳ لڳن سان لڳائي ٻانهن جي گهيري ۾ گهيرجي ڪس ڪرڻ جو ملهه، هڪ پيگ ڪاڪ ٽيل جو. ڪاڪ ٽيل نالي ۾، ڪوڙ، ٺلهي ڪوڪا ڪولا. It is way of business ,It is not Love پريت ڪوڙي، هڪ پيگ هلڻ تائين. It is only business اوندهه، هلڪي، آڪيسٽرا جي هلڪي مڌر سنگيت جي منن سرن ۾ وڪوڙيل، مڌم اوندهه، آرڪيسٽر! ڇا هلڪا هلڪا سُر، ٻن ٻانهن جي گهيري ۾ ڪال گرل، پاڪر سان چڏائڻ لاءِ هلڪي پتوڙ - ڪسنگ، پيار ڪوڪلو، ڪوڙو پيار ڪن لاءِ. ڪوڙي ڪاڪٽيل جي هڪ پيگ هلڻ تائين، اُڃ نه لهندي، آدجڳاد جي اُڃ وڌندي ويندي، لڳن ۾ ڪوساڻ، آرڪيسٽر جا چوٽ چڙهي ويل سُر. اُگهاڙپ اسٽيج تي. مڌم، ٻم لائيٽ ۾، ميوزڪ جي سُرن تان لڳن تان هڪ هڪ ڪري سڀ ڪپڙا لاهي. اُگهاڙيون نچندڙ، ڊانسنگ گرل، ڪلا آهي. ڊانس، ڪلاسيڪل، بيلي، ڪبيري، اسٽپٽيز، مڊ نائيٽ اسٽپٽيز، انٽر ڪورس سين، هلڪيون رڙيون، اسٽيج تي ڦٽڪڻ، لڇڻ، هلڪيون ريهون سور وچان، سڀ ڪلا آهي. ٽڙڪندڙ، گرم لڳ، لڳن جي انگ انگ جو شوو سيڪس سيڪس، نوس، سخت، لسا، ترڪڻا لڳ، لڳن جي وڌندڙ گرمائش، وسڪي، بيئر، رم، جن، رت جي سرڪيوليشن ۾

واڌارو، ڪوساڻ، سامهون لڳ، لڳ، لڪ سهڻا لسا، سخت، لڱن ۾ وڏيل گرمائش.

-بيرو

- ييس سر

- بيرو، ڪال دئت گرل.

ڪال گرل، جي هلڻ جي موهيندڙ چال، چپن تي هلڪي پياري مرڪ، پاسي ۾ وينل ڪال گرل جا ماڻا.

- ڪال گرل جا چپ، لپسٽڪ جي هلڪي تهه، چپن تي پکڙيل ڪوڙي ڏيکاءُ واري مرڪ اکين ۾ ڪوڙي پريت جي ننڊ. پريت ۾ يا واسنا جي بک ۾ اڌ پوريل، اڌ کليل اکيون، ڍرڪيل لڳ هڪ ٻئي جي مٿان، چپ چپن سان مليل. چپ چپن سان ملي پچي ويل. ٻانهون هٿ پنن تي ڦرندڙ، هٿن ۾ پنن جي ماس کي جهلي زور ڏيڻ جي جاکوڙ. وات مان وسڪي، رم يا جن جي ڏپ، ڏپ تيز بڇڙي، ڪراهت نه ايندي، سڌ ئي نه پوندي. ذهن ۾، ويچارن ۾، لڱن جي لڇڻ، ويجهو ۽ اچا به ويجهو اچي لڳ لڱن سان چنبڙائڻ ۾ رڳو واسنا، واسنا ۽ واسنا. پريت نه آهي. گرم، ٿڙڪندڙ، نوس، سخت لڳ آهن. ڪال گرل جو جسم ٻن ٻانهن جي گهيري ۾ جڪڙيل، هٿ لڱن جي انگ انگ جي ماپ وننڌڙ، ڇاتين تي هلڪا زور، هلڪا هلڪا زور سٽرن ۽ ٻانهن تي به: رڳو هڪ پيگ ۾، ڪاڪٽيل جي هڪ پيگ ۾، لڳ، سونهن، سونهن ۽ سونهن.

You can buy beauty in one pag of cocktail سڀ مادرن، نواڻن جڳ جي ٽريڊيشن جي انوسار. نيو ورلڊ، مادرن ورلڊ، سڀ مادرن ازم جي چڪر ۾ مادرن ازم جي نالي ۾ اُکاڙو تي نچي سگهجي ٿو؟ ڇا ڪاڪٽيل جي هڪ پيگ ۾ سچا لڳ ارپي سگهجن ٿا.

Nothing is wrong every thing is Right life is to enjoy

ڪجهه نه آهي، جيون ماڻڻ لاءِ آهي.

جڳ اڳتي وڌي رهيو آهي.پنتي نه موٽندو، ماڻهو هلي رهيا آهن. ماڻهو تکا پڇي رهيا آهن، ماڻهو وات ڦاڙي لڳا گهمڻ ڪتن وانگر هپين جي پويان. (هپي بوائز اينڊ گرلس). هپي: ٻه ڇوڪرا هڪ ڇوڪري، هڪ ٽولي ۾، ڦاٽل ڪپڙا، وڏيل وار، ڏاڙهي، گندو بت، ڪنهن جي پرواهه نه. جڳ ڪان يا پاڻ ڪان آجي ٿيڻ جي جاکوڙ. هلي رهيا آهن رستن تي، بي پرواهه، ماڻهو پونڪي رهيا آهن، اُنهن جي پنيان پنيان ويندي ويندي.

- اڙي يار هڪڙي ڇوري. ٻن ڇڳن کي سيٽسفاءِ ڪري ٿي.

- ٻن جي آهي ڳالهه، هڪ رات ۾ ڏهن ڇڳن کي اهي ڇوريون سيٽسفاءِ ٿيون ڪن. هينئر هو ٻن سان گڏي وڃي.

- اهي ڇوريون چالو هونديون، ٻين وٽ به وينديون هونديون.

- ها، چرس ڏي ته ساري رات مزو وٺ، انڪري ته اهي پاڻ سان ڇوريون وٺيو گهمن. هونئن به هلنديون آهن. سؤ به سؤ ۾.

- هي ته خير، پر آمريڪا، فرانس، سويڊن ۾ رڳو چئين آني واري چرس جي گولي تي واهه جي ناهوڪي ڇوري ملندي.

- اُتي ته هونئن به مزا آهن، هتي ڇا رکيو آهي. هن بکئي پينگي ملڪ ۾.

واٽون، رستا، فوٽ پاٿ، هپي، هپي گرلس، چرس، چرس، چرس، لگ، وڪامجن ٿا. بوءِ ڪنهن به ريت، ڪنهن به روپ ۾ وڪامجن. هپي ازم ڇو پيدا ٿي آهي. ڪهڙو ڪارڻ آهي؟ ڇا جڳ ڪان مڪتي پائڻ ڪاڻ هئڻ ڪوڙين، جڙتو، ڪوڪلين ريتن، رسمن، روايتن ۽ اصولن ڪان مڪت ٿيڻ ڪاڻ يا سيڪشوئل فرسٽريشن متائڻ ڪاڻ ، ڇا ان روپ ۾ سڀ ڪجهه تياڳي انهن کي مڪتي ملندي؟ ڇا سيڪشوئل فرسٽريشن متجي ويندي؟ سيڪس تي پابندي ڇو آهي؟ جنسي جبلت جي پورائي ڪرڻ ڏوهه ڇو آهي؟ ڇا انهن پابندين سان اخلاق رهندو ، يا فري سيڪس هئڻ ڪري اخلاق وڃائجي ويندو. اخلاق ڇا آهي؟ اخلاق ڪا شيءِ ناهي. رڳو هڪ نعرو آهي. ماڻهن جي مڪتي، ذهني آزاديءَ کي دٻائڻ لاءِ . هپي ازم مڪتيءَ جي وات آهي. اهي صحيح آهن. فري ورلڊ، فري سيڪس، مڪتي انسان کي جڳ اڳتي وڌي رهيو آهي، ۽ ڌرتي سڄ جي ڇوڌاري ڦري پئي. جڳ راڪيٽ جي اسپيڊ سان گڏ ڊوڙي پيو. هي ڌرتيءَ جو گولو نه آهي. هئڊروجن بم جو گولو آهي. ماڻهو، ماڻهو نه رهيو آهي. هن ڪان پوءِ ڪوبه ماڻهو نه رهندو، سائنس چوي ٿي، ماڻهو نه رهندو. ماڻهوءَ کي امپارٽنس نه آهي رڳو ماڻيندو رهندو، برين رهندو، باڊي نه رهندي، ماڻهو رڊيوسڊ ٿي رڳو برين وڃي رهندو. آسون جنم نه ونديون، آسون مري وينديون. سيڪس مري ويندو، انجيڪشن ، سيڪس جي پورائي ڪندي. ماڻهوءَ مان ماڻهو جنم نه وٺندو، ٻار شيشي جي ٽيوب ۾ پئدا ٿيندو ۽ لاڳاپا ٽٽي ويندا. ڪجهه به نه رهندو، ڪجهه به نه. ڪجهه رهيو ته مشينون رهنديون، بم رهندا.

جڳ اڳتي وڌي رهيو آهي. ماڻهو ڊوڙي رهيا آهن. فٽ پاٿ، روڊ، بس اسٽئنڊ، ماڻهو، ماڻهو، ماڻهو. پيڙ، پيڙ ۾ پيڙ، هر هنڌ، هر جاءِ بسون سٽيل، ٽرامون سٽيل، ٽيڪسي ۽ رڪشا وارن جا ماڻا، ماڻهن مٿان ماڻهو سٽيل. پيرن مٿان پير. چمپلين وارن جا پير. ٽلهن ۽ ڳرن بوٽن جي هيٺان چلهجي، چيپاٽجي رهيا آهن. ڪاوڙ، گوڙ، بيزاري. ڪڌهن ڪڌهن، ڪٿي نہ ڪٿي هڪبئي جي ڳچين ۾ بہ هٿ. بس هڪ هنڌ جمي ويل. اڳيان ۽ پويان بسيون، بس ۾ ڀڪرن وانگر سٽيل ماڻهو، گپا گيهہ، گهٽ، اُٻس، پگهر جي تيز، تکي ڌپ، ورڻ، ڪنڌ موڙڻ، ٻانهن ڦيرڻ، اڳتي پوئتي ٿيڻ جون واٽون جُڪي ويل ساهہ ۾، من ۾ مونجهہ، لڳن تان پگهر جا ويلا آڪسيجن کان سواءِ نٿو جيئي سگهجي، ڪنڊيڪٽر جا هوڪرا، رڙيون، اُٻس، گهٽ، مونجهہ ڀوسات، پيرن مٿان پير، پير چيپاٽجي رهيا آهن. ورچي ماڻهن ۾ گوڙ.

- سالا، بس وارا هلڻ جو نالو ئي نٿا وٺن.

- اجا هنن ڪُتن جو پيٽ نٿو ڀرجي. ڪٿي رهي آهي جاءِ، جو اجا ماڻهو چاڙهيندا.

- ماڻهن جي مٿن تي ماڻهو چاڙهيندا، حرامخور ڪٿي جا.....

- هڪڙي اهڙي گهٽ ، ڀيو هي گڏهہ جا ڦروڪ وڪ تي بس بيهاريو بيٺا آهن. ڪو مري نہ پل. هنن جي آڱوني مٿي سور. هنن حرامزادن کي تہ رڳو پئسو گهرجي.

- اڙي هلايو بس کي.

- هلايو بس کي. هلايو ، وڏا ڪي ذليل آهن.

- وڏا ذليل تہ اسان آهيون ، جو هنن ذليل جي بسين ۾ ٿا چڙهون.

بس مان جتان ڪٿان هوڪرا، گوڙ، بس تي ڌڪن، مُڪن جا وارا. جيڪي ٻانهون، هٿ چوري نٿا سگهن. من ئي من ۾ لڇي ڪامي رهيا آهن. من جي اڳ اجهائڻ ڪاڻ، گاريون، ڪچيون گاريون ڏين پيا. ڪنڊيڪٽر کي ڊرائيور کي، بس مالڪن کي ۽ گارين جو وسڪارو رستن تي، سرڪار کي بہ، ان کان پوءِ پنهنجو پاڻ کي بہ . ٽئڪسي ۾ چڙهي نٿو سگهيس، اهي ڪٽندا بہ نہ. گاريون، ڪچيون گاريون، جڪ، سڄي ڏينهن باس جي ڏنل دڙڪن جي ڪاوڙ، ڪاوڙ هونئن نہ لهي تہ پاڻ کي گاريون ڏيئي، گهر ۾ ڪاوڙ ڪري يا پاڻ کي هيٺي کان دٻائي لاهي سگهجي ٿي. ان کان بہ وڌيڪ من ئي من ۾ پاڻ کي گاريون ڏيئي هينئون ٺاري سگهجي ٿو. فٽ

بورڊ تي پيرن مٿان پير رکي، هٿ اٿڪائي، لٽڪندڙ ماڻهو، هرڪو ترت ڪٿي نه ڪٿي پهچڻ گهري ٿو.

جڳ ڊوڙي رهيو آهي. ٽائيم اڳتي وڌي رهيو آهي. گهڙين جا ڪانٽا، سيڪنڊ جو ڪانٽو ان جي پويان منٽ جو ڪانٽو ۽ تنهن کان پوءِ ڪلاڪن جو ڪانٽو. هڪ ٻئي پنيان ٽڪو ٽڪو ڊوڙي رهيا آهن. وقت ڪنهن جو اوسيئڙو نه ڪندو، اڳتي وڌندو ويندو.

ڌرتي سج جي چوڌاري ئو ڌرتيءَ جي چوڌاري چنڊ ڦري رهيو آهي. اڄ جو جڳ ۽ وقت سان گڏ هلڻ ٿو گهري.

- ٻائو جي سلاماليڪم (جهڪيل ۽ اڳتي وڌايل ٻه هٿ کيکارڻ لاءِ)

- ٻائو جي ذرا سڻو.

نماڻيون اکيون، هيسيل مهانڊو، ڪراهت تي اچي. پنڻ جا نوان ٽيڪنس. ڪيرٻه نه، ڪوٻه، هڪ اکر ٻه ڳالهائڻ نه گهرندو. وقت جي پويان راڪيٽ پيل آهي. ڪوٻه، ڪٿي ٻه الجهي بيهڻ نٿو گهري. جيئڻو آهي جيئڻ لاءِ ماني گهرجي. جيئڻ جو حق انهن کي ٻه آهي. پر هرڪو پنهنجي جيئڻ لاءِ پاڻ پتوڙي رهيو آهي. ڪنهن کي پئي آهي جو ٻين جا ڏک سور ويهي پوڇي. ايتري مهلت ڪنهن وٽ آهي. ڪي ٻه ناتا نه رهيا آهن.

ڇا جيون ۾، هن ڌرتيءَ تي رهندي ڪنهن جا ٻه، ڪنهن سان ٻه، ڪي ٻه لاڳاپا رهيا آهن؟ ڇا ڪوئي ڪنهنجو ڏک پوڇي ٿو؟ سڀ ڀل آهي، من جي ماليخوليا آهي. جو ٻين جا ڏک پوڇڻ جو ڏيکاءُ ڪري ٿو، اهو ڪوڙو آهي. مڪار آهي، فريبي آهي، پنهنجا ڏک ٻين تي مڙهڻ ٿو گهري. ڪوئي ڪنهنجو نه آهي. ڪي ٻه لاڳاپا نه آهن، رڳي ايڪٽنگ آهي، شو آهي. جڳ اڳتي وڌي ويندو، اهو ٻه نه رهندو. جو آهي، ٿتي رهيو آهي، الڳ تي ويو آهي. ماءُ ۽ پيءُ ٻار کي جڻين ٿا. رڳو جڻين ٿا. ان کان اڳتي ڪوٻه ناتو، ڪوٻه لاڳاپو نه آهي. انهن کي ٻه ڪنهن جڻيو هوندو، ۽ انهن کي ڪنهن نه ڪنهن جاڻو هوندو، انهن جي ٻه ماءُ - پيءُ کي ٻه ڪنهن نه ڪنهن ته جڻيو هوندو ۽ انهن جا ٻه ڪي نه ڪي ماءُ - پيءُ هوندا. اهو نيچرل پراسيس آهي. ماڻهو پنهنجي سيڪس جي گهرجن کي پورو ڪرڻ لاءِ لاچار آهي. ان لاچاريءَ سان ماڻهو جنم وٺي ٿو. ماڻهو لاچاريءَ جي پيداوار آهي، انڪري لاچار آهي، ويچارو آهي. ماڻهو گند مان پيدا ٿيل ذليل ڪيڙو آهي ۽ انهيءَ گند مان ذليل ڪيڙا پيدا ڪندو.

جڳ اڳتي وڌي رهيو آهي. ڪٿي الجهي، لٽڪي نہ بيهندو، ماڻهو هلي رهيا آهن، هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ تائين. رستا، وڏا ويڪرا رستا، فٽ پاٿ، ايلفنسٽنس اسٽريٽ، شهر جي سونهن، دڪان، وڏا دڪان، ڪمپاٽمينٽل شاپس، شوڪيس، سينگاريل شوڪيسن ۾ مجسما، سونهن، سونهن ۽ سونهن. هر پاسي، هر ڏس، هر شاپ ۾ فٽ پاٿ تي، ڪارين ۾ رش، پيڙ، ماڻهو، فارينر ليڊيز، وائيٽ بيوٽي، ماڻهن جا وات، اکيون ڦاٽل، اڌ اگهاڙيون ڇاتيون، مني اسڪرٽس، سٽرن تائين اگهاڙيون، ڪير جهڙيون اڇيون، لسيون، سخت ٽنگن. ڊَ بيوٽي فل انگلش ليگس، بليڪ بيوٽي، ڪاريون ڪرسچن گرلس، اگهاڙيون ٻانهون، ڪلهن تائين، سٽرن تائين اگهاڙيون، ڪاريون ٽنگون، لس، سخت، سيڪسي ڪرسچن گرلس وڏيڪ اٽريڪٽو آهن ۽ فارورڊ بہ.

ماڻهو، هر هنڌ، هر ڏس، نظرون ٽنگن تي، مهاندن تي، ساڙهي ۽ بلائوز جي وچ ۾ اگهاڙي چيلهہ ۽ پيٽ تي. بنا بريزيئر جي اڌ اگهاڙين ڇاتين تي، سوڙهن ڪپڙن ۾ ڦاٽل لڱن جي انگ انگ تي. نظرون، تکيون، تيز نظرون ڪپڙن مان پار ٿي اندرئين جسم تي. ويچارا ۽ ان کان وڌيڪ، ان کان اڳتي من ئي من ۾ سيڪس جي پورائي ذهني مزو.

(اوچتو ۽ آهستي سڏ)

-سر

اڳيان، ٿلهو، ڪوڙ جي اگهاڙي ۾ ورتل جهڙو فارينر پوپان، ٿلهو ڏندو مٺو ڪارو. ڏيان ڇڪجي ويل. فارينر مڙي، ڏسي، ڪنڌ ۽ اک جي اشاري سان پڇي ٿو.

- وات؟

- سر يو وانٽ د گرل، ويري گڊ گرل. ويري ينگ، اونلي نائينٽين پيئرس اولڊ اينڊ ويري بيوٽي فل.

- وات سارٽ آف گرل! از شي اِنڊين؟ (فارينر جون ٽڙيل واڇون).

- نو سر، شي از پاڪستاني. سر پاڪستاني مال از ويري گڊ مال.

- آءِ سي، انڊينس ۽ پاڪستانيز آر سيم. اوڪي، شو مي دَ گرل

- ييس سر، ڪم وٿ مي دس سائيڊ. او ٽيڪسي!

- ويئر؟

- سر اِن - پي - اي-سي-ايچ - سوسائٽي، شي از لونگ ڊيئر.

- .. (مانڊ)

- سر يو ڊونٽ نو پاڪستاني مال، اڙ هاءِ ميچ ٽيسٽي. سر آل فارينرس لائيڪس ويري ويري مچ ٽو پاڪستاني مال.
- پاڪستاني مال (پويان پٽڪو)
- اڙي وٺو سالي کي حرامي غدار آهي.
- اڙي ڇا ٿو چئي حرامي، پاڪستاني مال ! هان ڙي.
- اڙي وٺوس، ماريوس نه ڇڏيوس پيڻ جي ........... ڪي بي غيرت پاڪستاني ڇوڪريون ٿو هلائي
- اڙي حرامي، گڏهه جا ڦر، پنهنجي ماءُ پيڻ ڪونه ٿو هلائين، ڙي! وري پاڪستاني ڇوڪريون ٿو هلائين، هان ڙي بي غيرت.....
هر ڏس ڪان مڙي ويل ماڻهو. فارينر سيڻ کي ڇڏي تڪو تڪو اڳتي وڌي ٿو وڃي ءِ ڪاري تي موچڙن جو، لتن جو، پوندڻ جو، چنبن ءِ ٺڪن جو وارو.
- ڪريو حراميءَ کي پوليس جي حوالي.
- پوليس وري ڇا ڪندي، پوليس جي ته انهن سان منٿلي ٻڌل آهي. هٿ جي صفائي ڪريوس.
- بس بس گهڻو ٿيو. هاڻي ڇڏيوس متان مري نه پوي.
- اي هي ٿو مري، هنن پڙون ۾ ڪتي جو ساهه آهي، سالي ذت ڪيو آهي.اڙي بي غيرت وري هلائيدين پاڪستاني ڇوڪريون هان ... هان ماءُ جا.....
گاريون، ڪڇيون گاريون. موچڙا، ٺڪن جو وسڪارو، پڙوي جي لڳن تان ٽڳڙيون ئي لهي ويل ڪپڙا. اُگهاڙا لڱ، رت نڪري جمي ويل ميڙ ، انبوهه ماڻهو، ماڻهو، تماشو.
پاڪستاني غيرت وارا آهن، نائٽ ڪلبس، اُگهاڙيون ڊانسنگ گرلس، هڪ پيگ ۾ ڪاڪ ٽيل جي رڱي هڪ پيگ ۾ چپن سان مليل چپ، اريپل سڄا لڱ. هوٽلن ۾، بسترن تي فارينرس وٽ ، فارينرس جي هنجن ۾ اگهاڙيون، ٻانهن جي گهيري ۾ وڪوڙيل ڪمرن ۾ هنڌن تي فارينرس جي بار هينان چيپاٽيل، دٻيل، پاڪستاني ڇوڪريون، رستن تي، سمنڊ جا ڪنارا، هاڪس بي جا ڪئبينس، پئراڊائيز پوائينٽ، سينڊ اسپاٽ، ڪارين ۾، بنگلن ۾، گهٽين ۾ هر هنڌ نيلام ٿيندڙ. وڪامجندڙ پاڪستاني ڇوڪريون ءِ غيرت. غيرت ڪڏهن، ڪڏهن جا ڳي پوندي آهي. ڪڏهن، ڪنهن مهل، ڪٿي ڪجهه نه آهي. غيرت نه آهي. ايڪٽنگ آهي شو آهي.

جڳ اڳتي وڌي رهيو آهي. ٽائيم وڌي رهيو آهي، ڪوئي ڪنهنجو نہ رهيو آهي، اڳتي هلي اهي هٿ نوڪيا لاڳاپا بہ ٽٽي ويندا. سهٽا، وڏا، ويڪرا رستا، سهٽيون ڪاريون، هر ڏس سونهن، سونهن ۽ سونهن.

هر ڪا ڳالهہ پئسي سان آهي. هتي سونهن بہ ڳنهي سگهجي ٿي ۽ پريت بہ. سهٽيون جوان ڇوڪريون، ماڻهن ڪُتن جيان انهن جي پويان. پيٽ ڪتو آهي. جيئڻ لاءِ ماني گهرجي. ڇوڪريون هلي رهيون آهن، هر نئين آيل ٽو اسٽارٽ ٽيندڙ ڪار وارن جون تکيون ، تيز ڪائي ويندڙ نظرون، بکئي پيٽ لاءِ جاکوڙ. بکيا ماڻهو، لڱن جي بک لاهڻ ڪاڻ انهن جي پنيان پنيان ڏگهيرل هٿ.

- چا ڪپيئي.
- هڪ آنڪ ڏي، الا وڏي ڇمار ڏيندءِ.
- ٻڌاءِ نہ پيلا گهٽوونندينءَ. (اکيون واسنا جي بک ۾ ڳاڙهيون. ڳروواسنا پريل آواز.)
- ٻار بکيو آهي، کير لاءِ آنڪ ڏي. ڏٽيءَ جي نالي.
- پيلا ڏهہ روپيا ونندينءَ.
- الا جي نالي آنڪ.
- ڏهہ رپيا وٺ، گڏجي هل.
- آنڪ جو سوال آهي. الا لک ڏيندءِ.
- چڱو پيلا پندرهن رپيا ڏيانءِ، هاڻي پيلا هل.
- بس ڇتي ويندي، دير ٿي وئي آهي، گهر ڇا چونديس.
- رڪشا ۾ چڙهي ويندوسين. هل تہ سهين ڪلاڪ ۾ موٽج.
- نہ اڄ نہ سياڻي، اڄ آنڪ تہ ڏي.

مات، ٻنهي پاسن کان اکيون ، اکين ۾ ، ڪيسي ۾ هٿ، نوان ڏهہ پئسا، هٿ تي رکڻ کان اڳ ۾، هٿ هٿ ۾ وني هلڪا زور، ٻئي پاسي کان مات، ماڻهن جون تکيون نظرون. چرڪ، هٿ مان ڇڏائجي ويل هٿ.

وري پويان. وکون هڪ ٻئي پنيان. ڇوڪريءَ جي پويان. ان جي وک کڻڻ جي ماپ تي وکون. ڪجهہ پنڌ اڳتي هلي، الڳہ الڳہ ٿي ويل واٽون.

جڳ اڳتي وڌي رهيو آهي. هو ٽاور تي لڳل گهڙيال ، اڌ ڪلاڪ کان پوءِ نڪاءُ ڪري ٿو. اڌ ڪلاڪ گذرندي ويرم نٿي لڳي. ٽائيم ڊوڙندو ٿو رهي. ماڻهو ڊوڙي رهيا آهن، هلي رهيا آهن. ميڙ، ميڙ ۽ ميڙ. قطار، ڊگهي قطار ۽ ماڻهن جي هلچل. ٽائيم نٿو گذري، ڪيڏي مهل بُڪنگ آفيس کلندي، ٽائيم جي پيرن ۾ ڏاوڻ پئجي ويا آهن. بيني بيني پيرن ۾ سور، چوپچو بيڪار ٽلهي بيهڻ کان ڪجهہ ڳالهائڻ ۽

سئنيما جي بُڪنگ ڪلارڪ ۾ مڪراني غنڊن کي گاريون ڏيئي وقت گذارڻ ئي چڱو آهي. نظرون هر هر سامهون لڳل پوسٽر تي، اُگهاڙا پوسٽر، نئڪيڊ گرلس سيڪس، اخبارن ۾ ائڊورٽائيزمينٽ One on the top of the others رستن تي، وٽن ۾، چوڪن تي، روڊس ليمپ جي ٿنڀن تي لڳل پوسٽر: سيڪسي، اُگهاڙا، ائڊورٽائيزمينٽ جا ٽيڪٽس، لفظن جا چار، بمباسٽڪ ورڊس. نظرون هر هر لفظن تي ڦرندڙ

The movie that makes you feel young, an unforgettable sexy excitement full of sex and burning beauties

وقت نٿو گذري، پڙهي وري ۾ انيڪ ڀيرا اکيون لفظن مٿان ترڪنديون ٿيون رهن. بُڪنگ آفيس ناهي کلي، کلندي تہ ٽڪيٽ نہ ملندي. سپاٽي رش ۾ تڪليف ڪان بچڻ لاءِ ڪوپن ملندو. ڪوپن ڏيکاري سپاٽي ڪنهن شو لاءِ ٽڪيٽ ملندي. اڄ جي ٽڪيٽ لاءِ ڪالهہ ڪوپن ورهائجي ويا آهن. ماڻهو ۾ ماڻهون، چانهہ، چپ، ڪوپن تي ٽڪيٽ، بليڪ، ٻن روپين جي ٽڪيٽ پندرهن روپيا. فلم ڏسڻي آهي. انگلش، ڪير جهڙا اچا اُگهاڙا، سيڪسي لڳ ڏسڻا آهن. جي ماڻي نٿو سگهجي تہ ڪجهہ ڏسي، من ئي من ۾ مزو وٺي سگهجي ٿو.

- فلم تي ڏاڍي رش آهي بيو.

- ها سيڪسي پڪچر آهي تہ، اڳي ڪونہ فلاڻي فلم لڳي هئي تہ ٻن مهينن جي بُڪنگ اڳوات ٿي ويئي ۾ ٽڪيٽ ۲۵ روپيا.

-سينسر وارا سالا سڄي فلم ڪٽيو ڇڏين ڇڻ حرامين جي گهران ٿو وڃي.

- يار هيءَ فلم ڪٽيل تہ آهي، پر پوءِ بہ بئوزم ۾ هپس تہ صفا اگهاڙا ٿا ڏيکارين.

- نہ نہ، سچ ٻڌاءِ.؟

- سچي ، بہ ڀيرا انٽر ڪورس جي سين بہ ڏيکارين ٿا. پر ڪئميرا چيلهہ ڪان اڳتي وڏائين ئي ڪونہ ٿا.

- اڙي يار حرامي سينسر وارن ڪٽي ڇڏي هوندي، وڏا حرامي آهن، ڇڻ انهن سالن جون ڪي مائر ڀينر آهن اُهي چوريون.

- پر يار فلم فس - ڪلاس آهي، آءُ ٿيون ڀيرو پيو ڏسان.

رش، ڀيڙ، ماڻهن جا ميڙ، ڏڪ ڏڪان، سيڪسي پڪچر تي گهٽي رش ٿيندي آهي. سيڪشوئل فرسٽريشن، اهي پڪچرس ڏسي فرسٽريشن ۾ ٿاپڙ آٽي سگهجي. ٿاپڙ نہ ايندي ، فرسٽريشن وڌي ويندي. سيڪس هر ماڻهو لاءِ تمام وڏو پرابلم آهي.

Sex is something , which can not be avoided.

جڳ ڊوڙي رهيو آهي. ، ٽائيم اڳتي وڌي رهيو آهي. تمام تکو ۽ ان کان به وڌيڪ تکو. بک، ٽائيم بيهندا نه. اوسيڙو نه ڪندا.. پنتي نه موٽندا. ماڻهو ائٽم جي ڇاتيءَ تي آهي. هئڊروجن جي منهن ۾ آهي. شانتي نه آهي، سک نه آهي. سئٽسفڪيشن ناهي. جيون ۾ ولوڙ آهي. ڪنفيوزين آهي، سفوڪيشن آهي.

سفوڪيشن، فرسٽريشن، سيڪسوئل فرسٽريشن، لڱن جي بک، واجهه وجهڻ، رولو، جاکوڙ، اسڦلتا ۽ پوءِ ويچاري من ئي من ۾ سيڪس جي پورائي، جيون بيڪار آهي. ڪجهه ڪنن لاءِ ڪوڙو پيار به ماڻي نٿو سگهجي. جڳ وڌي رهيو آهي. ڪجهه به نه رهندو.

- جڳ اڳتي وڌي رهيو آهي. هن جڳ جو ماڻهو گهريل آهي. وڪوڙيل آهي، گهٽنائن ۾، مڪت نه آهي، هن جڳ ۾ مڪتيءَ لاءِ ويچاري به نٿو سگجهي. پرابلمس، مسئلن جا جار، جار ۾ قاتل اڄ جو ماڻهو. ڪنڊيشن، پرابلمس ۾ گهيريل، پرابلمس آهن . سوليوشين ڪو به نه آهي، جڙتو، هٺ ادي سوسائٽي، هٺ ٺوڪيل لال، بندشون، اخلاق جا گهيرا، جڳت ۾ ماڻهن سان رهڻو آهي، سهڻو پوندو. اهو به جڳ اڳتي وڌي رهيو آهي، ماڻهو وڌيڪ گهيرجي، جڪڙجي، وڪوڙجي رهيو آهي. ماڻهوءَ لاچاري مان جنم ورتي ٿو، لاچار آهي، سندس وس ۾ ڪجهه ڪونهي. ڪجهه نه رهيو آهي. وس پنهنجي شڪتي وڃائي چڪو آهي. ۽ ماڻهو ٽٽي رهيو آهي، پنهنجو پاڻ مان، الڳ ٿي رهيو آهي جڳ کان، جڳ جي هٺ ٺوڪين قاعدن قانون ۽ ريتن روايتن کان، اڪيلو آهي. ڪنهن سان ڪو به لاڳاپو نه رهيو آهي.

جڳ ڊوڙي رهيو آهي، هاءِ اسپيڊ سان جڳ، راڪيٽ جي اسپيڊ ۽ لائيٽ جي اسپيڊ کان به تکو. ماڻهو جڳ سان گڏ ڊوڙڻ جي جاکوڙ ۾ نستو، نبل، هيڻو ٿي هار مڃي وينو آهي. جڳ اوسيئڙو نه ڪندو، بيهندو نه، اڳتي وڌي ويندو، جڳ سان گڏ سڀ بدلجي ويندو. ڪجهه به نه رهندو. ڪجهه به: نه. ماڻهو پنهنجي وس ۾ ناهي، جڳ بدلجڻ جي انوسار ماڻهو نه رهندو، مشينون رهنديون. بادي نه رهندي، برين رهندو، بم رهندا ۽ ماڻهو، ماڻهو مان جنم نه وٺندو، ان گند مان ڪيڙا پيدا ڪونه ٿيندا. سڄ نري ويندو. ڌرتي نه رهندي، ڪجهه به نه رهندو، ڪجهه به نه بم، نڪاءُ، بدبوءِ، گئس، گئس هيڊائڻ ۽ موت جي ماٺ هر ڏس.